# سنڌ جي جان
# ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان
# (سوانح ۽ خدمتون)

تحرير ۽ ترتيب
خضرحيات ع. قاضي

سڪندر آرٽ گئلري
نواب شاهه، سنڌ
2013ع

(هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان جي 22 ورسيءَ جي موقعي تي پڌرو ڪيو ويو.)

حق ۽ واسطا محفوظ

سنڌ جي جان: ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان
موضوع: سوانح ۽ خدمتون
تحرير ۽ ترتيب: خضر حيات ع. قاضي
ڇاپو: پهريون، اپريل 2013ع
ڪمپوزنگ: راڻو خان ميگهواڙ
سُورج پرنٽرس، حيدرآباد، سنڌ
قيمت: -/300 روپيا

ملڻ جو هنڌ
سڪندر آرٽ گئلري
13/A، نواب شاهه ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ،
نواب شاهه سنڌ
موبائيل نمبر: 03003225288

# ارپنا

پنهنجي دؤر جي نامور تعليمي ماهر ۽ درسي ڪتابن جي ليکڪ، محترم قادر داد خان افغان ۽ سندس شريڪِ حيات محترمه وزير بيگم جي نالي، جن جي ڪُک مان ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان سميت ڇهن سپوتن جنم ورتو ۽ انهن پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ بي بها خدمتون سرانجام ڏنيون.

**ـ خضر حيات ع. قاضي**

# فهرست


| | |
|---|---|
| * عرض حال | خضر حيات ع. قاضي |
| * مهاڳ | ڊاڪٽر حبيب الله صديقي |


## ڀاڱو پهريون: سڄڻ سفر هليا


| | |
|---|---|
| * خط ۽ پيغام: | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| | ڊاڪٽر سليمان شيخ |
| | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو |
| | پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ |
| | الطاف اثيم |
| | آغا نور محمد پٺاڻ |
| | مختار گهمرو |
| * منشور (انمول اصول) | ڊاڪٽر عبدالقدير افغان |
| * اسان جو بابا | ڊاڪٽر صفي الله افغان |
| * ڊاڪٽر افغان جي ڪهاڻي: سندس ڌيءُ جي زباني | ڊاڪٽر ثمينہ افغان |
| * سچو ۽ ڪرو ماڻهو | ڊاڪٽر رافعہ افغان |
| * ڊاڪٽر عبدالقدير خان افغان | علي احمد بروهي |
| * رتيءَ جي رهاڻ | سراج |
| * دفن ٿيا زمين ۾ سڄڻ ڪهڙا ڪهڙا | پروانو ڀٽي |
| * ڊاڪٽر افغان: هڪ باهمت انسان | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو |
| * ڊاڪٽر افغان: هڪ دلير انسان | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو |
| * سپ ڪوڙ | امر جليل |
| * ڊاڪٽر افغان جون يادگيريون | انور الدين قريشي |
| * ڊاڪٽر افغان جي ياد ۾ | ڊاڪٽر حيدر سنڌي |
| * سنڌ جو هڪ اهم ڪردار | پروفيسر اعجاز قريشي |
| * افغان صاحب جا سونهري عملي اصول | مقصود گُل |
| * آه! ڊاڪٽر افغان | آغا نور محمد پٺاڻ |

| | |
|---|---|
| * سائين افغان | محمد حاڪم خاصخيلي |
| * سنڌ پرست ۽ سچ سهڪاري | حميده قاضي |
| * افغان صاحب ياد جو محتاج ناهي | وحيده خضر |
| * ڊاڪٽر عبدالقدير افغان جو آدرش | وحيده خضر |
| * هڪ مثالي ماڻهو | وحيده خضر |

## ياڳو پيو: هينئڙي سڄڻ ساريا
(ليکڪ: خضر حيات ع. قاضي)

* آغا، پناڻ ۽ لالا (جيون ڪٿا)
* سنڌ جي جان ـ ڊاڪٽر افغان: (هڪ تعارف)
* بيواهن جو پرجهلو
* سنڌ جي جان (تاثر)
* هڪ تعليمي ماهر، هڏڏوکي ۽ سچو انسان
* الوداع! افغان صاحب الوداع!
* هاءِ افغان
* هڪ انمول انسان
* ياد تنهنجي وري آئي
* ڊاڪٽر افغان جو آخري سفر
* هڪ اڏول انسان
* هڪ عظيم انسان
* موج پريو مهراڻ
* هڪ دفعو وري ياد آئي
* علم جو اُهڃاڻ
* وسريل نعرو
* ڪو ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو
* هڪ مثالي ماڻهو
* هڪ اصول پرست انسان

* سڪائتي سار ۽ يادن جي پيٽا

* افغان صاحب جي اميري ۽ فقيري

* هڪ تاريخ جو باب ختم ٿيو
* سُونهن بہ هئو، سُرهاڻ بہ هئو
* استقامت وارو دلير انسان

## ياڳو ٽيون: منظوم پيٽا

| | |
|---|---|
| * ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان جي نانءُ | مقصود گل |
| * تاريخ ساز شخصيت | مقصود گل |
| * هڪڙو ماڻهو مرد مهان | قاضي منظر حيات |
| * مانجهي مرد مهان | قاضي منظر حيات |
| * موتيو، ماڪي مرد مهان | قاضي منظر حيات |
| * موت پچاڻان جيئرا جيڪي | قاضي منظر حيات |
| * موج پريو مهراڻ | وسيم سومرو |
| * ڪاش آيل جي اهڙا ڇٽين ها پہ ٽي! | منور ابڙو |
| * سچو انسان | امين زرداري |
| * ديوانو ماڻهو | وحيده خضر |
| * پيارو سائين، سائين افغان | پريتم قاضي |
| * هاءِ! وڇڙيو سائين افغان | پريتم قاضي |

# عرض حال

ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان پاران پنهنجي وقت ۾ سنڌ ۽ سنڌ واسين جي ڪيل خدمتن کان ڪير واقف ڪونهي. هُن هڪ تعليمي ماهر ۽ عالم فاضل انجنيئر جي حيثيت سان پاڻُ مڃائي، سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪال      يج جي تعليمي ميدان ۾ عظيم انقلاب آڻي، سڄيءَ سنڌ جي قسمت بدلائي ڇڏي. هُن هڪ اداري جو اڳواڻ بڻجي نہ صرف اداري کي وڌايو، ويجهايو ۽ سڌاريو، پر ان اداري کي ڪاليج مان ”مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ“ جي نالي سان دنيا ۾ روشناس ڪرائڻ لاءِ ابتدائي انتظامات اعليٰ ۽ آدرشي نموني ۾ طيءِ ڪري، هڪ شاندار مستقبل جو بنياد رکيو، جيڪو اڄ سوڌو وڌندو ۽ ويجهندو رهي ٿو. اهڙيءَ طرح، هڪ مان ٻي يونيورسٽي ”قائدِ عوام انجنيئرنگ يونيورسٽي آف سائنس ائنڊ ٽيڪنالاجي“، نواب شاهہ جي صورت ۾ نمودار ٿئي ٿي. اهو سڀ، ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان پنهنجي اڳواڻ جي ياد ڏياري ٿو. سندس ڪيل خدمتن ۽ ماڻيل مڃتا جو حساب ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اهڙا مثالي انسان دنياداريءَ کان بي نياز ٿي، انسان ذات جي خدمت ڪندي، انسانيت جو معراج ماڻن ٿا.

ڊاڪٽر افغان صاحب جي وفات کان پوءِ، ”سڪندر آرٽ گئلري، نواب شاهہ“ جي پليٽ فارم تان هر سال سندن ورسي ملهائي ويندي آهي، جنهن ۾ سندس شاگرد ۽ عقيدت مند وڏي جوش ۽ جذبي سان شريڪ ٿي، کيس سندس ڪيل اعليٰ خدمتن تي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪندا آهن. انهيءَ نوعيت جون ڪجهہ ورسيون ڊاڪٽر صاحب جي پرستارن جي اسرار تي حيدرآباد، ڄامشوري ۽ ڪراچيءَ ۾ پڻ منعقد ڪيون ويون آهن. انهن ورسين جي موقعن تي ڊاڪٽر افغان صاحب جي ياد ۾ اسان پنهنجي حال آهر ”سووينيئر“ بہ ڇپرائي پڌرا ڪندا رهيا آهيون. ساڳئي وقت، ڊاڪٽر صاحب جي ورسيءَ جي حوالي جي مناسبت سان ڪوشش ڪري مختلف اخبارن ۾ خصوصي ايڊيشن شايع ڪرائڻ جو بہ اهتمام ڪندا رهندا آهيون.

ڊاڪٽر افغان صاحب جي مختلف ورسين دوران سندن ڪيل جدوجهد ۽ خدمتن جي حوالي سان سنڌ جي عالمن، اديبن خواه عقيدتمندن جو لکيل چڱو خاصو موادُ مختلف اخبارن، رسالن ۽ سووينئرن ۾ شايع ٿي چڪو آهي. اسان هتي انهيءَ سموري مواد کي گڏ ڪري، چندي ڦُوڪي، هڪ خوبصورت گلدستي جي صورت ۾ ڪتابي شڪل ۾ پڌرو ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهيون. هن ڪتاب ۾ آيل سموري مواد کي ٽئن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ سنڌ جي نامور عالمن، اديبن ۽ ڊاڪٽر افغان صاحب جي گهر ڀاتين جا خط ۽ پيغام، مضمون ۽ مقالا ڏنا ويا آهن. ٻئي ڀاڱي ۾ بنده راقم الحروف جا مختلف وقتن تي لکيل مضمون شامل ڪيا ويا آهن. ٽئين ڀاڱي ۾ سنڌ جي مختلف شاعرن ڊاڪٽر افغان صاحب کي منظوم

عقيدت جا گل پيش ڪيا آهن. جڏهن ته ڇوٽون ۾ آخري ڀاڱو انگريزيءَ ۾ آهي، جنهن ۾ سندن ساٿين، شاگردن، عقيدت مندن ۽ گهر ڀاتين جا پيغام ۽ مضمون اچي وڃن ٿا.

هن ڪتاب جي مطالعي سان هڪ ته ان عظيم انسانَ ڊاڪٽر افغان جي ياد تازي ڪري سگهجي ٿي. ٻيو ته اسان جي آئيندي جو نسلُ ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت کي مشعلِ راهه بڻائي، سنڌ جي مستقبل لاءِ تعليمي ميدان ۾ پنهنجي مادرِ وطن لاءِ سُٺيون راهون تلاش ڪري، سُک ۽ سلامتي حاصل ڪري سگهن ٿا.

آءٌ ڊاڪٽر افغان صاحب جي انهن عقيدت مندن ۽ پرستارن جو دل جي خلوص سان شڪرگذار آهيان، جن وقت بوقت پنهنجا پيغام ۽ مضمون موڪليا ۽ سندن انهن تحريرن جي ڪري هن گلدستي جي خوبصورتيءَ ۾ اضافو ٿيو آهي. آخر ۾ آءٌ پنهنجي مانَ واري دوست بشير احمد هيسباڻيءَ جو پڻ ٿورائتو آهيان، جنهن هن سموري مواد کي ترتيب ڏيڻ سان گڏ نهايت مُستعديءَ سان ڇپائيءَ جي ڪم جي نگراني ڪري، ٿورڙي وقت ۾ هن ڪتاب کي سهڻي نموني ۾ شايع ڪرائي، اسان ۽ اوهان جي هٿن جي زينت بڻايو آهي.

13/A، نواب شاهه ڪوآپريٽو
هائوسنگ سوسائٽي لميٽيڊ،
نواب شاهه سنڌ.

31 مارچ 2013ع

خلوص مان

خضر حيات ع. قاضي

# مهاڳ

جديد سنڌ جو مَهانُ اُستاد، مُنتظم ۽ سَماج سُڌارڪ انجنيئر، مرحوم ڊاڪٽر عبدالقدير خان افغان (ولادت: 22 جولاءِ 1926ع ـ وفات: 19 اپريل 1991ع) هڪ تاريخي ڪردار آهي، جنهن کي سنڌس لائق فائق شاگرد، انجنيئر قاضي خضر حيات پهرئين ورسيءَ کان وٺي ، هر سال نمايان ڪندو رهيو آهي. زيرِ نظر ڪتاب انهيءَ ڪاوش جي هڪ ڪَڙي آهي.
ڪتاب ۾ قاضي خضر حيات کان علاوه، ٻين سڄاڻ چاڻن سُڄاڻن جا لکيل مضمون ڪٺا ڪري، هڪ گلدستو ٺاهيو ويو آهي. ڊاڪٽر افغان جهڙي آدرشي انسان جي مڪمل سوانح حيات لکڻ گهرجي. اُميد ته قاضي خضر حيات جي ٻي ڪاوش انهيءَ ضرورت کي پورو ڪندي.
مضمونن جي مطالعي مان معلوم ٿيندو ته هڪ ڳوٺڙي ”قاضي واهڻ“ (لکي غلام شاهه، ضلعي شڪارپور) ۾ اُستاد قادر داد خان پٺاڻ جي گهر ۾ ڊاڪٽر عبدالقدير خان جو جنم تاريخ 22 جولاءِ 1926ع ۾ ٿيو.
سٺيهه سالن جي ناڪافي عمر ۾ هن عظيم انسان ڪافي ڪارناما سرانجام ڏنا، جيڪي سچائيءَ، اورچائيءَ ۽ اصول پرستيءَ جا آئينه دار آهن. سندس مثالي حياتي، هلندڙ ۽ ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه آهي.
امپيريل ڪاليج لنڊن مان فئڪلٽي آف انجنيئرنگ ۾ پي ايڇ. ڊي. ڪرڻ واري ڊاڪٽر عبدالقدير افغان پنهنجي ڳوٺ مان پرائمري تعليم شروع ڪئي ۽ منهنجي ديس جي اين. اي. ڊي. انجنيئرنگ ڪاليج، ڪراچيءَ مان بي. اِي (سول) جي ڊگري حاصل ڪئي. ٿوري عرصي ۾ بين الاقوامي انجنيئرنگ سوسائٽيز جو فيلو ۽ ميمبر بڻيو. اهو سمورو اٽڪ تعليمي سفر سندس روايت آهي، جنهن کي نوجوان نسل اختيار ڪري، ته اسان جو ملڪ دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ شمار ٿي وڃي.
تعليمي قابليت سان گڏ، ڊاڪٽر افغان جي ذاتي زندگي، اصول پرستي ۽ اخلاق قابل تقليد آهن.
هُن نه صرف پنهنجي اولاد کي اعليٰ تعليم ڏياري، ميڊيڪل پروفيشن کي قابل قدر افراد مهيا ڪيا، پر ٻين جي اولاد کي همٿائي، عملي طور مدد فراهم ڪرائي، فارين ايڊيوڪيشن حاصل ڪرائي، جيڪو هڪ عمدو مثال آهي انهيءَ اُستاد جو، جنهن جي دل ۾ قوم جو درد ۽ انسانيت جو جذبو هو.
هن ڪتاب پڙهڻ سان تفصيلي معلومات ملندي. هيءُ هڪ ڪامياب انسانَ جو احوال آهي، جنهن پنهنجي مختصر زندگي بيحد سَجائي ڪئي ۽ ٻين لاءِ مثال قائم ڪيو. (جذاڪ الله خیرا)

B-27، سنڌ يونيورسٽي
ايمپلائيز ڪوآپريٽو
هائوسنگ سوسائٽي،
ڄامشورو، سنڌ.
20 مارچ 2013ع

**حبيب الله صديقي عفي عنہ**



بسم الله الرحمٰن الرحيم

**Dr. N. A. Baloch**

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Quarter No. 12
Sind University (Old Campus)
Hyderabad Sind.

*Dated* 11.5.91

ادا قاضي خضر حيات،

السلام عليڪم!

اوهان نواب شاهه پهچي پنهنجي خط مؤرخ 9 مئي 1991ع ذريعي احوال ڏنو، تنهن لاءِ مهرباني. ڊاڪٽر افغان مرحوم بابت سيمينار ڪرڻ وارو اوهان جو خيال قابل تعريف آهي. فن مصوري ۽ فن ڪاشيگري کي يڪجاءِ هڪ گئلري ذريعي نمايان ڪرڻ تي مبارڪ. نواب شاهه اچڻ ٿيو ته آءٌ وڏي ذوق سان اچي اوهان جي تيار ڪيل گئلريءَ کي ڏسندس.
اميد ته بخير و عافيت هوندا.

مخلص

DR. MOHAMMAD SULEMAN SHAIKH
M.B.B.S. (Sind). D.A. (Pb). M.C.P.S. (Pak)
Diploma Acupuncture (Peking)
M D. (Colombo) Ph. D (Copenhagen)

Phones: Off: 52003374
Res: 52003315
Assistant Professor
Anaesthesiology
JPMC. Karachi-75510

17-6-1991

محترم قاضي خضر حيات صاحب،

السلام عليڪم!

اوهان جو خط پهتو. مرحوم اي. ڪيو. ڪي. افغان جي ياد ۾ ٿيندڙ سيمينار ۾ مون ڪي پاڻ سان گڏ سمجهندا.

افسوس اهو اٿم جو افغان صاحب متعلق گهڻي ڄاڻ نہ اٿم ۽ نہ ئي سندس حياتيءَ ۾ هن عظيم ماڻهوءَ سان مُڪاميلي جو شرف حاصل ٿيو.

ان هوندي بہ هن يادگار ميڙ ۾ شرڪت ڪرڻ منهن جي لاءِ وڏي فخر جي ڳالهہ ٿيندي.

بيحد خلوص مان

**PROF. DR. ABDUL JABBAR JUNEJO**

B.A. Hons (Sindh) Dip: Chinese (Peking)
M.A., Ph.D (Sindh)
Former Dean Faculty of Arts, University of Sindh.
Former Chairman Sindhi Adabi Board.

Date: 28_3_2001

ڊاڪٽر افغان هڪ غير معمولي ۽ اهم شخصيت جو مالڪ هو. هُو هڪ باهمت ۽ اهل انسان هو. ڊاڪٽر افغان بيمثال اُستاد ۽ سچو دوست هو. هُو سنڌ پرست هو. هُن جي ڳالهين کي ڳڻڻ ۽ ڪيس ياد رکڻ اسان جو فرض آهي. هُن جو قرض اسين لاهي نہ ٿا سگهون، پر ڪيس ياد ڪري نئين نسل سان سندس تعارف ڪرائي سگهون ٿا.

ههڙا سُورهيہ ۽ سچار صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن ۽ مادرِ وطن جو مانُ هميشہ لاءِ مٿانهون ڪري ويندا آهن. آءٌ هن موقعي تي ڊاڪٽر افغان کي دل جي گهراين سان عقيدت جا گُل پيش ڪريان ٿو.

# پيغام

مون لاءِ اها خبر دلي اطمينان جو سبب آهي ته، ”سڪندر آرٽ ۽ ايڊيوڪيشنل سوسائٽي، نواب شاهه“ پاران سنڌ جي هڪ علم دوست انسان ”مرحوم ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان“ جي ڏهين ورسيءَ ڪي شاندار نموني سان ملهايو پيو وڃي ۽ ان موقعي تي هڪ يادگار ”سووينيئر“ پڻ جاري ٿيو آهي. هن سموري ڪارج ۾ سنڌ جي معروف فن ۽ ثقافت شناس شخصيت، انجنيئر قاضي خضر حيات جون ڪوششون گهڻيون ساراهڻ جوڳيون آهن.
زنده قومون پنهنجي سچاڻ ۽ آدرشي انسانن جي ڪارنامن تي ڪڏهن به پردي پوشي نه ڪنديون آهن. ايندڙ نسلن لاءِ سندن قول ۽ فعل جو پرچار ئي رهنمائيءَ جو رستو هوندو آهي. مرحوم ڊاڪٽر افغان اسان جي تعليمي، ثقافتي ۽ تهذيبي تاريخ جو هڪ معتبر حوالو آهي. سندس ياد ۾ ميڙاڪا ۽ ڀيو اشاعتي ڪم ڪيس شايانِ شان خراج تحسين پيش ڪرڻ جو ذريعو آهن. مون کي يقين آهي ته هيءَ تنظيم ان ڏس ۾ پنهنجي وڙئون ۽ وسئون ڪين گهٽائيندي.

خلوص سان

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ

194-Shehryar Manzil, Shah Latif Road, Badin. Tel: 0227 - 61864

SACHAL CHAIR
SHAH ABDUL LATIF UNIVERSITY, KHAIRPUR; SINDH, PAK.
PH: (0792) 551335 - 553801 - 4

Ref: ________________

Date ________________

## ڊاڪٽر افغان، اداره ساز انسان

مون کي اهو چاڻيندي تمام گھڻو آٿت مليو ته ”سڪندر آرٽ گئلري ۽ ايڊيوڪيشنل سوسائٽي، نواب شاهه“ پاران پنهنجي وقت جي هر دل عزيز ۽ نامور هستي ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان جي ڏهين ورسي ملهائي پئي وڃي ۽ موقعي جي مناسبت سان ”سوونئر“ پڻ جاري ٿي رهيو آهي. هي نهايت ساراهه جوڳو عمل آهي.

سائين، زمانو دستور موجب پنهنجا رنگ مٽائيندو رهندو، پر هڪ شاعر دوست چواٽي ته:

نانءُ تعريف نه ٿئي، واهه واهه نه ٿئي،
مون سان ڪنهن جو پلي نباهه نه ٿئي.
قافلو راهه ۾ لُٽيو ٻه ته چا،
تاريخ شل منهنجي تباهه نه ٿئي.

ڊاڪٽر افغان سنڌ جي سماجي ۽ تعليمي تاريخ جو اهم نالو آهي. چڙهندڙ سجن جا پوچاري ۽ غرضن جا غلام ماڻهو سندس نشان ميسارڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا، پر ڪاميابي ماڻي نه سگھيا، جو ته ڊاڪٽر افغان جهڙن آدرشي انسانن پنهنجو نور نچوئي، پين لاءِ جوت جلائي ۽ سنڌ مٿان ساهه گھوريندي، نئين نسل جو ذرتيءَ ۾ ويساهه پختو ڪيو. جنهن دؤر ۾ ڊاڪٽر افغان

انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جو پرنسپال هو، آءٌ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هوس. منهنجين ساروڻين موجب، ڄام شوري جي پهاڙي سلسلي ۾ گونجندڙ نوجوانن جا اهي نعرا ”سنڌ جي جان، سنڌ جو شان ـ ڊاڪٽر افغان، ڊاڪٽر افغان“ پڙاڏي ۽ پڙلاءَ جي صورت ۾ اڃا ٻه سلامت هوندا.
هن حقيقت کان انڪار ممڪن ناهي، ته ڪن ماڻهن کي تاريخ ٺاهيندي آهي ۽ ڪي پاڻ تاريخ کي ٺاهيندا آهن. اهڙيءَ ريت، ڪي انتظامي سربراهه ادارن پاران ٺاهيا ويندا آهن، ته ڪجهه سربراهه ادارن کي ٺاهيندا آهن. منهنجي ملڪ ۾ ڪي ٿوريون تاريخ ساز ۽ اداره ساز شخصيتون ٿي گذريون آهن ۽ انهن مان ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان ٻه آهي. ضرورت آهي ته سندس ياد کي ايندڙ نسلن تائين سنڀالي رکڻ جا ڪي سانباها ڪيا وڃن.



الطاف اثيم
ايڊيشنل ڊائريڪٽر
سچل چيئر
شاهه عبداللطيف يونيورسٽي
خيرپور ميرس

اڪادمي ادبيات پاڪستان
Pakistan Academy of letters
Ministry of Education government of Pakistan

80-A, Block-2
P.E.C.H.S.karachi
Ph: 4531588

تاريخ : 19-04-2001

انيڪ ماڻهن جي دلين ۾
ياد سدائين رهندا آهن.
ياد سدائين رهندا آهن.

ڊاڪٽر افغان هڪ قوم دوست، اصول پسند، سچ جو ساٿي، همت، بهادري ۽ مسلسل جدوجهد جو پيڪر هيو. هن جي سنڌ جي اٻوجهه ماڻهن سان پڪي ياري هئي. هن انهن جي قسمت بدلائڻ لاءِ نہ صرف پنهنجي زنده هوندي جدوجهد ڪئي، پر ٻهراڙيءَ جي شاگردن لاءِ ڪوٽا سسٽم ۽ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جي شڪل ۾ سنڌ ۽ سنڌواسين لاءِ ”محبت جاريہ“ جو ثبوت ڏنو. هن عام تعليم ۾ صرف ٿيوريءَ تي ڀاڙڻ بدران پريڪٽيڪل ۽ سائنسي علم حاصل ڪرڻ تي زور ڀريو. اسان ڪيس اڄ ياد ڪريون ٿا.

اوهان سندس ورسيءَ جي موقعي تي سووينيئر شايع ڪرائي، هڪ ڏاڍو سٺو ڪم ڪيو. پر، جيڪڏهن سووينيئر ۾ صرف خاص شخصيتن جي تاثرن بجاءِ، مرحوم اي. ڪيو. ڪي. افغان

صاحب جن جي زندگيءَ ۽ سندن جدوجهد بابت مڪمل مضمون ۽ سندن ليکن جو ڪجھ حصو به شايع ڪيو وڃي ها، ته جيڪر ڏاڍو سٺو ٿئي ها. پر، هاڻي ته وقت وهامي چڪو آهي. بهرحال، اها به هڪ سٺي ڳالهه آهي، جو اوهان سنڌ جي ان عظيم سپوت کي وساريو ناهي. خدا توهان جون نيڪ ڪاوشون منزل تي پهچائي.

مخلص



آغا نور محمد پٺاڻ
ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر

# مختار گهمرو

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، رتوديرو.

محترم سائين قاضي خضر حيات.
اهو معلوم ڪري تمام گهڻي خوشي ٿي، ته اوهان گذريل سال وانگر هن سال به ڊاڪٽر افغان صاحب جي ورسيءَ جي موقعي تي سووينيئر شايع ڪري رهيا هيو.
مون ڊاڪٽر افغان صاحب کي ته ڪونه ڏٺو هو، تنهن ڪري مان ته سندس شخصيت جو ذاتي طور نه مشاهدو ماڻي سگهيس، نه وري سندس پُر تاثير شخصيت کان سڌو سنئون ڪو فيض حاصل ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيو. پر، اوهان جو والد محترم قاضي عبدالحئي ”قائل“ صاحب اڪثر افغان صاحب جن جي تعريف جا ڍُڪ پريندو رهندو هو. تنهن مان منهنجو اندازو آهي ته جنهن جي تعريف سائين قاضيءَ جهڙو مهان ماڻهو ڪري، اها ڪيڏي نه وڏي مرتبي واري شخصيت هوندي.
جنهن شخص هارين نارين، ماسترن ۽ مزدور جي ٻارن کي علم جي روشنيءَ سان پرپور ڪرڻ لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي. جنهن ماڻهوءَ جو هر پل رڳو علم جي شيوا ڪندي ۽ غريبن جي ٻچڙن جي خدمت ڪندي گذريو هجي، اهڙي آدرشي انسان جي جُتيءَ ۾ ڪنهن جو پير پوندو!؟
اوهان کي جس هجي، جو هر سال ورسيءَ جي موقعي تي ڊاڪٽر افغان صاحب جهڙي عظيم هستيءَ جي ياد ڏياري، ڪيترن ئي ڪمزور ايمان وارن سندس شاگردن جو ايمان تازو ڪري ڇڏيو ٿا. حقيقت ۾ اوهان هر سال جي 9 اپريل تي محترم ڊاڪٽر افغان صاحب جي شاگردن ۽ محبت ڪرڻ وارن کي پنهنجي محسن سان تجديدِ عهد جو موقعو فراهم ڪريو ٿا. خدا توهان کي انهيءَ عظيم نيڪيءَ جو اجر پاڻ ئي عطا ڪندو.

اوهان جو گهڻگهرو
مختار گهمرو

## منشور
## (انمول اصول)

[ڊاڪٽر افغان صاحب سنڌ ۽ سنڌي قوم جي خدمت ڪرڻ لاءِ سينيٽ جي سيٽ تي ٽيڪنوڪريٽ سيٽ لاءِ ان وقت جي پارليامينٽ جي ميمبرن کي تعارفي خط لکيو. ان خط ۾ نه صرف ڊاڪٽر صاحب پنهنجو منشور بيان ڪيو آهي، پر سنڌ کي 10 سال اڳ ڪالاباغ ڊيم، پاڻيءَ جي کوٽ ۽ آبادڪاريءَ جي مسئلن کان آگاهه ڪيو، جنهن لاءِ تمام گهٽ ماڻهن کي ڪا خبر هئي. اهي هئا سچا ماڻهو. اڄ تہ هاڻي ان منشور ۽ اصول وارا ماڻهو ڳولهيون، جن جي طفيل راهہ نجات ملندي ۽ انهن جا ئي هٿ مضبوط ڪرڻ اسان سڀني جو فرض آهي.]

ڊاڪٽر عبدالقدير خان افغان
B_20، محمد علي مسلم ڪوآپريٽو سوسائٽي
سيد ميران محمد شاهہ روڊ، ڪراچي.
ٽيليفون ڪراچي: 447285

# جناب معزز ميمبر صاحب،

السلام عليڪم!

جيئن تہ توهان ڄاڻو ٿا تہ سينيٽ جي اليڪشن لاءِ اڄڪلھ فارم ڀرجي رهيا آهن ۽ توهان ڪي هيءُ سونهري موقعو فراهم ڪيو ويو آهي، تہ توهين هڪ لائق، قابل ۽ ايماندار اميدوار کي پنهنجو قيمتي ووٽ ڏئي سينيٽ ۾ چونڊيو.

سينيٽ ۾ ست جنرل ميمبر ۽ ٽي ٽيڪنوڪريٽ جا ميمبر چونڊڻا آهن. اوهان جو ووٽ توهان وٽ امانت آهي. اوهان هڪ سچي ۽ مخلص ميمبر کي چونڊي سينيٽ ۾ آڻيو، جيڪو توهان جي ڏکويل سنڌ جي سينيٽ جي ايوان ۾ صحيح ترجماني ڪري سگهي. اوهان کي نيڪ روشن آهي تہ هينئر سنڌ مَچَن منجھ ٻري رهي آهي. سنڌ ويچاري، هزارين نازڪ مسئلن ۾ ڦاٿل آهي.

جھڙوڪ: سنڌ جي پاڻيءَ جي ورهاست، جيڪو سنڌ جي زندگيءَ ۽ موت جو مسئلو آهي. ڪالاباغ ڊيم جو مسئلو، ڌارين ماڻهن جي سنڌ ۾ آمد ۽ سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ۽ سنڌين جي آبادڪاري ۽ معاشي مسئلا وغيره. انهن سيني مسئلن کي سورهيائيءَ ۽ دليريءَ سان ايوان ۾ ڳالهائڻ لاءِ حل تلاش ڪرڻ سوڙن، ڪونڌرن ۽ دلير جوان ميمبرن جو ڪم آهي. تنهن ڪري، عرض آهي تہ توهان سينيٽ لاءِ اهڙن اميدوارن کي چونڊي سينيٽ ۾ آڻيو، جيڪي مظلوم سنڌ جي حقن لاءِ ايوان ۾ ديده دليريءَ سان ڳالهائي سگهن، ڏتڙيل سنڌ جي صحيح ترجماني ڪري سگهن. سينيٽ جي ميمبرن لاءِ آءٌ خود ان قيمتي ووٽ جو حقدار اميدوار آهيان. توهان کي نماڻو عرض آهي تہ مون کي سينيٽ لاءِ ووٽ ڏيندا ۽ ٻين کان بہ ڏياريندا ۽ سنڌ جي خدمت لاءِ موقعو فراهم ڪندا. هن سان گڏ مان پنهنجا ڪوائف موڪليان ٿو. مان هڪ ماهر انجنيئر، سنڌ يونيورسٽيءَ جو استاد ۽ محقق بہ رهيو آهيان. ان کان علاوہ سماجي ڪارڪن جي حيثيت سان سچيءَ سنڌ جي مظلوم عوام جي خدمت ڪندو رهيو آهيان ۽ انهن جي اُٿي ويٺي مدد ڪندو رهيو آهيان. ماضيءَ ۾ مون سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌ جي انجنيئرنگ ڪاليجن ۾ سنڌي مظلوم شاگردن جي کسيل تعليمي حقن کي بحال ڪرايو ۽ انهن کي داخلائون وٺي ڏنم. سنڌ جي ملازمن جي ڪوٽا لاءِ اسلام آباد ۾ سيڪريٽريءَ جي حيثيت سان وڙهيم ۽ انهيءَ مقصد ۾ بہ ڪاميابي حاصل ڪيم. ان لاءِ منهنجو ماضي ۽ سنڌ جي تاريخ شاهد آهي. ماضيءَ ۾ هميشہ سنڌ جي حقن لاءِ منهنجي جوٽيل جهاد کان سنڌ جو شاگرد طبقو ۽ عوام باخبر آهي. سنڌ جي شاگرد طبقي ۾ سنڌ جو حقن لاءِ سجاڳي آڻڻ ۾ منهنجو وڏو حصو رهيو آهي. منهنجا هزارين انجنيئر ۽ ٻيا شاگرد سنڌ جي ڪنبڪرڙ ۾ ڦهليل آهن ۽ هن وقت ملڪ جي مختلف آفيسن ۽ ڪاتن ۾ پنهنجي ديس جي خدمت ڪري رهيا آهن. سنڌ جي خدمت جي لاءِ جيڪا مون لاٽ ٻاري آهي، سا اڄان ٻري رهي آهي ۽ ٻرندي رهندي ۽ سنڌ جي مستقبل کي روشن ڪندي رهندي. آمين!

آخر ۾ مان هڪ دفعو وري مظلوم سنڌ جي نالي اپيل ڪريان ٿو تہ توهان پنهنجو قيمتي ووٽ مون کي ڏئي ۽ ٻين کان بہ ڏياري، سينيٽ جو ميمبر چونڊيندا ۽ خدمت جو موقعو ڏيندا ۽ مظلوم سنڌ کي بچائڻ

واري تحريڪ ۾ اهم حصو ورتي، سنڌ جي تاريخ ۾ پنهنجو نالو روشن ڪندا ۽ سنڌ جي مدد لاءِ وچن ڪندا.

"مان ڪيئن ڪلندي ڪير پيان، منهنجي سنڌڙي آ سڏڪن ۾."

تاريخ: 20 فيبروري
توهان جو مخلص ڪارڪن سينيٽ اميدوار
(ڊاڪٽر عبدالقدير خان افغان)

# اسان جو بابا

ڊاڪٽر صفي الله افغان

سنڌ جي مردم خيز زمين، جتي اهل الله انسانن کي جنم ڏنو آهي، اتي جڳ مشهور عالمن، فاضلن ۽ حاڪمن جي بہ هڪ ڊگهي فهرست پنهنجي سيني ۾ سانديو ويٺي آهي.

مون جڏهن ڊاڪٽر عبدالقدير خان افغان (ولادت: 1926ع ـ وفات: 1991ع) جي شخصيت تي قلم کڻڻ جو فيصلو ڪيو، تہ هڪ طرف اهي اڻمٽ سوچون هيون، جن جي سهاري سندس وفات کان پوءِ جا سال گذرندا رهيا، تہ ٻئي طرف پنهنجي عظيم پيءُ لاءِ جذبات سان ڀريل احساس يقيناً انهن ٻنهي جي وچ ۾ توازن ۽ انصاف ڪرڻ نہ صرف مشڪل هو، بلڪ ناممڪن. پر، اهو يقيناً منهنجي لاءِ هڪ اوکو، پر للڪاريندڙ ڪم هو، تہ هڪ عظيم انسان لاءِ اهڙا لفظ ڳوليان، جيڪي هن جي شخصيت ۽ زندگيءَ سان پورو پورو انصاف ڪري سگهن. منهنجيءَ نظر ۾، ڊاڪٽر افغان هڪ متوازن شخصيت جو مالڪ هو. مون کي اهو چوندي ڪڏهن بہ جهجهڪ محسوس نہ ٿي ٿئي، تہ هو اهڙن تہ انفرادي ۽ اعليٰ گڻن جو مالڪ هو، جن هن کي سيني ۾ چڻ تہ ممتاز ۽ منفرد ڪري ٿي بيهاريو. سندس ڪنهن بہ محفل ۾ موجودگي، هميشہ ٻين جي توجهہ جو مرڪز بڻيل رهندي هئي. اهو شايد سندس نياز، نوڙت ۽ اخلاقي قدرن تي عمل ڪرڻ جو ئي سبب هو.

اهو 1965ع جو سال هو، جو ڊاڪٽر افغان ڪجهہ قابل استادن سان گڏجي، سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جي ڪم کي شروع ڪيو. ڪنهن نئين اداري کي ٺاهڻ ۽ هلائڻ جوکم جو ڪم هوندو آهي. هيءُ اهو زمانو هو، جڏهن هڪ نئين رخ مُتعين ڪرڻ جو بنياد وڌو پئي ويو. ان سچيءَ ڪاوش جو بنياد، انصاف ۽ هڪجهڙائيءَ جي اصولن جي آڌار تي انجنيئرنگ ۽ فني تعليم جي راهہ مُتعين ڪرڻ هو. ان قافلي جي رهنمائي ڪندڙن ۾ ڊاڪٽر افغان اهم ڪردار ادا ڪري رهيو هو. سندس رهنمائيءَ ۾ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پوئتي پيل علائقن مان آيل لائق شاگردن کي سندن حق ڏيارڻ ۽ ان ڳالهہ تي ڪَڙي نظر رکڻ هو، تہ ڪوٽا سسٽم تي مڪمل عمل ٿي رهيو آهي، يا نہ؟ ان سان گڏ بحث مباحثي جو بہ ماحول پيدا ڪيو ويو، تہ جيئن شاگردن ۾ هڪ قسم جو اعتماد پيدا ٿئي. ان ڳالهہ سان استادن ۽ تعليم جي ماهرن لاءِ هڪ طرف ادب ۽ تعظيم کي اُڀاريو، تہ ٻئي طرف شاگردن ۾ خود اعتماديءَ جو احساس پيدا ڪيو ويو. ان طرز، هڪ لحاظ کان نمونو بڻجي، ٻين ادارن ۾ پڻ ساڳئي طور تي ملازمن کي عمل ڪرڻ جو درس ڏنو، جنهن سان سنڌ جي پوئتي پيل علائقن مان آيل شاگردن وڌو لاڀ پرايو ۽ ان ڳالهہ سنڌ جي سماجي ۽ اقتصادي سڌارن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ڊاڪٽر افغان جي انهيءَ ڪردار، مختلف اختيارين لاءِ چئلينج جو رُخ ورتو ۽ کيس ان جي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي. آخرڪار، 1970ع ۾ کيس مارشل لا حڪومت، حيدرآباد جيل ۾

نظربند ڪيو. ان سان سندس شهرت ۾ غير معمولي اضافو ٿيو ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ اهو نعرو گونجي اُٿيو ته ”سنڌ جي جان ـ ڊاڪٽر افغان.“
آخر عوام جي فيصلي آڏو جُهڪنديءَ، ٽن مهينن کان پوءِ کيس آزاد ڪيو ويو. دراصل، جيڪي انسان پنهنجي مقصدِ حيات سان سچا هوندا آهن، اهي ڪڏهن به اهڙين سختين ۽ تڪليفن جو اثر نه وٺندا آهن.
ڊاڪٽر افغان به پيهر پنهنجي مشن کي جاري رکيو ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ اهڙن ادارن جي ڄار وڇائڻ لاءِ ڪوششون ورتائين، جن سان فني تعليم فروغ وٺي. مستقبل ۾ قائم ٿيندڙ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جو هڪ اهم ۽ بنيادي مقصد اهو ئي هو، ته هُو فني تعليم لاءِ مرڪزي ڪردار ادا ڪري ۽ ٻهراڙيءَ جي انهن شاگردن لاءِ فني سکيا ۽ تعليم جو بندوبست ڪري، جن جي پهچ کان اها تصوراتي حد تائين دُور هئي.
ڊاڪٽر افغان صاحب کي اهڙو رول ادا ڪرڻ لاءِ گهڻي وقت تائين انجنيئرنگ ڪاليج ۾ نه ڇڏيو ويو ۽ 1971ع ۾ کيس اتان هٽايو ويو. 1972ع ۾ کيس وفاقي حڪومت ۾ وزارتِ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ ڪم ڪرڻ جي آڇ ٿي. ڊاڪٽر صاحب وفاقي حڪومت ۾ 1972ع کان 1982ع تائين تقريباً ڏهه سال اهم ڪردار ادا ڪيو. جيتري قدر منهنجو ذاتي تجربو آهي، ته هن ڪڏهن به پاڻ کي ڪنهن پارٽيءَ سان منسلڪ نه ڪيو ۽ هميشه پاڻ کي پبلڪ سرونٽ جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو رهيو. هن جي خيال ۾ هڪ پبلڪ سرونٽ کي وقت جي حڪومت سان وفادار رهڻ کان وڌيڪ عوام جو حقيقي خادم هئڻ گهرجي. هن هميشه سول سرونٽ جي انهيءَ نظام کي، جيڪو برطانيه کان ميراث ۾ مليو هو، عوام لاءِ هاڃيڪار سمجهيو. ڇاڪاڻ ته هُن ڄاتو ٿي، ته انهيءَ نظام جو مقصد، فقط مخصوص طبقي جي خدمت ۽ عام ماڻهن جي حق تلفي آهي. انهن خيالن جي ڪري ئي وفاقي حڪومت ۾ رهندي، پاڻ ڪڏهن به اسٽيبلشمينٽ جو حصو بڻجي نه سگهيو.
ڊاڪٽر افغان 1978ع کان 1981ع تائين ميمبر فيڊرل سروس ٽربيونل رهيو ۽ اتي پڻ ڪيترائي حقيقت پسندانه فيصلا ڏنائين، جن سان ڪيترن ئي مجبور ۽ مظلوم سرڪاري ملازمن کي انصاف پلئه پيو. سچ جو ساٿ ڏيندي، هن ڪڏهن به ان ڳالهه کي نه ڏٺو، ته فيصلو ڪنهن جي خلاف يا ڪنهن جي حق ۾ آهي؟ هڪ اهڙي ئي ڪيس ۾، جج جي حيثيت سان هُن وقت جي اسٽيبلشمينٽ سيڪريٽريءَ خلاف ڪنٽيمپٽ آف ڪورٽ جو نوٽيس ڪڍيو، جنهن جي پاداش ۾ وقت جي حڪمرانن حيلا بهانا ڪري، کيس ان مَنصب تان هٽائي ڇڏيو.
ڊاڪٽر افغان جا جيڪي به ساٿي رهيا آهن، اهي انهيءَ حقيقت کان چڱيءَ طرح واقف آهن، ته هُو هڪ بهترين دوست ۽ ضرورت مندن جو هڏڏوکي ۽ سهاجهڙي طبيعت رکندڙ انسان هو. هُو جتي وطن جي حُب رکندڙ هو، اُتي انسان ۽ انسانيت لاءِ پڻ سندس احساس اوترا ئي پوتر هئا. انهيءَ ڏس ۾، سندس دَرُ هميشه پنهنجن ۽ پراون لاءِ کُليل رهيو. هُن مختلف حيثيتن ۾ سرڪاري ملازمت ته ڪئي، مگر سندس آفيس، پوءِ اها اسلام آباد ۾ هجي يا ڪنهن ٻئي

هنڌ همیشہ ضرورتمند ماڻهن سان پريل رهندي هئي. انهن مان ڪيترا تہ اهڙا بہ هوندا هئا جن کي هُو سڃاڻندو بہ نہ هو. ايتري قدر جو جڏهن 1982ع ۾ ڪيس سرڪاري نوڪريءَ تان هٽايو ويو تڏهن بہ هن پنهنجي اندر جي احساس کي انهيءَ انداز سان زنده رکيو.
مون کي سندس ڪيترن ئي واقعن کي دل تي نقش ڪرڻ جو موقعو مليو. هن زندگيءَ جي تلخ ترين ۽ آؤکن سؤکن گهڙين ۾ پنهنجو پاڻ کي توازن ۾ رکڻ جو سبق ڏنو. وڏي کان وڏو سرڪاري عهدو هجي يا جيل جون سلاخون، سندس چپن تي هميشہ مرڪ قائم رهندي هئي.

# ڊاڪٽر افغان جي ڪهاڻي:
# سندس ڌيءَ جي زباني

ڊاڪٽر ثمينہ افغان

اڄ رمضان شريف جي ٻاويهين تاريخ آهي ۽ شمسي ڪيلنڊر جي مطابق 18 نومبر 2003ع. اڄ کان تيرهن سال اڳ وارو اِهو ڏينهن ”8 اپريل 1991ع“ هو. اُهو ڏينهن ڊاڪٽر عبدالقدير قادر داد افغان (Dr. A. Q. K. Afghan) جي ڪتنب لاءِ هڪ اڻ وسرندڙ ڏينهن آهي. هِڪُ اِهڙو ڏينهن، جڏهن هڪ اهم دؤر اختتام پذير ٿيو ۽ خاندان هڪ اڪائيءَ مان نڪري، ننڍڙن ننڍڙن خاندانن ۾ ورهائجي ويو. اِهو ڏينهن جڏهن بہ ايندو آهي، تہ مان ماضيءَ کي دل جي دنيا ۾ ورجائيندي، پنهنجي پوئين جنم ۾ گم ٿي، انهن ڏينهن کي ياد ڪندي آهيان، جڏهن اسان سڀ ڀيڻ ڀائر ـ بابا ۽ امان جي ڇانوَ ۾ هڪ آکيري ۾ هئاسين.

مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي تہ ان ڏينهن مان اسپتال مان نڪري رهي هئس، تہ خبر پئي تہ بابا جن صبح جو ڏهين وڳي واري جهاز ذريعي اسلام آباد اچي رهيا آهن. بابا جن 3 ڏينهن اڳ ڪراچي ويا هئا.

مون 1986ع ۾ ڊاڪٽري پاس ڪئي ۽ 1988ع ۾ مون کي اسلام آباد ۾ ٻارن جي اسپتال ۾ نوڪري ملي هئي. اولاد مان سڀني کان وڏي هجڻ جي ناتي مون کي شروع کان بلڪ اڄ بہ دل ۾ هڪ ئي اڻ وڻندڙ تاثر سمايل رهيو آهي، تہ بابا جن پنهنجي زندگيءَ ۾ انهن راهن تان سفر ڪيو هو، جيڪي هنن لاءِ هميشہ کان دردن سان ڀريل رهيون.

هنن لاءِ شايد قدرت ئي مشڪل رستا چونڊيا هئا. هنن جي طبيعت ۾ اهو عنصر خاص طرح نمايان هو، جنهن ڪري هر دفعي پنهنجي ردِعمل سان ڀرپور جدوجهد ڪندا هئا. اهو سڀ ڪجهه هُو پنهنجي فائدي لاءِ نہ، پر عام ڀلائيءَ لاءِ ڪندا هئا. اهڙي طبقي يا گروهہ لاءِ ڪندا هئا، جنهن مان هنن موٽ ۾ ڪجهہ حاصل ڪرڻ جو ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو. شايد، هُو صرف ڏيڻ لاءِ آيا هئا ۽ ڪجهہ وٺڻ بنا هن سنسار مان هميشہ لاءِ واپس هليا ويا.

جڏهن مان ننڍڙي هئس تہ هر وقت اهو سوچيندي رهندي هئس، تہ مان اهو ڇا ڪري ٿي سگهان، جنهن سان بابا جن جي مشڪلات ۾ آساني ٿي سگهي! ۽ موٽ ۾ مون کي سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح بابا جن کان يا امان جن وٽان اهو ئي اشارو ملندو رهيو، تہ اسان سڀني ڀيڻ ڀائرن کي پڙهائيءَ ڏانهن مڪمل ڌيان ڏئي، ايمانداريءَ سان پنهنجي ڪردار جي پختگيءَ ڏانهن وڌڻو آهي. اسان شايد ائين ڪري بابا جن کي خوشي ڏئي سگهون ٿا. جيڪڏهن سچ پڇو، تہ منهنجي طبيعت اهڙي سنجيدگيءَ سان پڙهائي ڪرڻ، خاص ڪري ايتري ڊگهي عرصي واري سنجيدگيءَ واري ميڊيڪل جي تعليم واري ڪورس جي طرف بلڪل مائل نہ هئي. اهو تہ مون بابا جن کي هڪ دفعي چيو بہ هو تہ مان ڊاڪٽر ٿي آهيان، تہ صرف اوهان جي خوشيءَ لاءِ. نہ تہ مان ٿانو ڌوئي، آرام سان زندگي گذاري سگهيس پئي. مون کي ياد آهي تہ بابا جن پنهنجي مخصوص انداز

۾، پنهنجي مڪسراهٽ لڪائيندي، مون کي غُور سان ڏسندي چيو هو ته، ”وقت اچڻ تي مون کي ضرور ياد ڪندين.“ ۽ واقعي گذريل حياتيءَ جي هر موڙ تي جيڪو منهنجي پيشه ورانه زندگيءَ ۾ آيو آهي، پنهنجي خدمت واري پيشي کي ورجائيندي، هر مريض جي محبت ڀرين نگاهن ۾ ۽ اڳتي هلي، طب جي پيشي کي سيڪريٽريٽ ۾ نمائندگي ڏيندي، ٽيڪنيڪل آفيسر جي حيثيت سان جڏهن به مون کي عزت ۽ احترام مليو، ته مون نه صرف بابا ۽ امان کي ياد ڪيو آهي، پر کين مسلسل دعائون ڏنيون آهن.

مان بابا جن جي خوشيءَ لاءِ ڊاڪٽر ٿي هئس. پر اڄ مون کي خوشي به آهي ۽ اهو اعزاز به، ته مان خدمت جي هن پيشي سان منسلڪ ٿي، نه صرف بابا جن جي خواهش پوري ڪئي، پر سندس خدمتِ خلق جي جذبي وارين تمام خواهشن ۽ خوابن کي تعبير ڏيڻ جي سگهه رکان ٿي. مان ڊاڪٽر نه هجان ها، ته ادب جي دنيا ۾ گم ٿي وڃان ها. منهنجي اندر ۾ هڪ ننڍڙو اديبُ وڏو ٿيڻ لاءِ مسلسل هٿ پير هڻندو رهندو آهي ۽ جڏهن به وقت ۽ حالات اجازت ڏيندا آهن، ته ادب جي ساگر مان اظهار جي روين سان روح رهاڻ ڪري، نئين سر حياتيءَ جي جدوجهد کي مُنهن ڏيڻ لاءِ آبِ حيات حاصل ڪري وٺندي آهيان.

مون ڳالهه پئي ڪئي بابا جي خوشيءَ ۽ اسان سيني ڀينرن ۽ ڀائرن جو خدمت جي پيشي سان منسلڪ ٿي وڃڻ جي. اِهو سڀ ڪجهه حادثاتي نه هو. ان سچي واقعي ۾ اڻ پورين خواهشن کان وٺي زندگيءَ جي مشڪل مرحلن مان گذرڻ، ۽ حياتيءَ ۾ مقصد جي آگاهي ۽ دنيا ۾ مسلسل خير ورهائڻ واري خواب جي تعبير کان وٺي، هن جهان کان گهڻو اڳتي نئين جهانن ۾ پنهنجي لاءِ مقام پيدا ڪرڻ تائين جي اڳڪٿي (Vision) سمايل نظر ايندي.

ڳالهه پئي ڪيم ان تاريخي ڏينهن جي، ان ڀاويهين رمضان جي، يا ائين اپريل 1991ع جي. منجهند جو جڏهن اسان سڀ اسپتالن کان گهر آيا هئاسين، ته بابا جن گهر ۾ موجود هئا ۽ ٻاهر ڏاڍي تيز برسات وَسِي رهي هئي. اهو عجيب ڏينهن هو. ڏاڍو وڏو ڏينهن هو. ان ڏينهن بابا جن اسان سيني کي پنهنجي ڪمري ۾ ويهاري، ڪوڙ ساريون ڳالهيون ٻڌايون. پنهنجي ننڍپڻ جي يادگيرين کان وٺي اُنهن ڏينهن جي تازين خبرن تائين. بابا جن ان ڏينهن، اينڊڙ ڏينهن ۾ به جهاتي پائيندي، ڳالهين ئي ڳالهين ۾ اسان سيني کي سمجهاڻيون به ڏنيون. ان ڏينهن بابا ڏاڍو عجيب طرح سان ۽ ڪجهه وڌيڪ غور سان سيني کي ڏسي رهيو هو، جنهن کي Penetrating Look چئجي، يعني: مسلسل اک ڇمائي، ائين پئي نهاريائين، جو بابا جي نظرن کي محسوس ڪري سگهجي پيو. اُن ڏينهن بابا عام ڏينهن کان هٽي، ڏاڍي وڏي ڪچهري ڪئي هئي، جيڪا بابا جن عام طرح ڪڏهن ورلي ئي ڪندا هئا. بابا جن مجموعي طرح خاموش طبيعت جا مالڪ هئا ۽ ٻين جي گفتگو غور سان ٻڌندا هئا ۽ پاڻ اڪثر خيالن ۾ گم نظر ايندا هئا.

عام طرح، گهر ۾ اسان سڀ ڀيڻ ڀائر پنهنجن پنهنجن اسپتالن جا قصا Discuss ڪندا رهندا هئاسين ۽ بابا ۽ امان جن اسان جون اُهي ڳالهيون، جيڪي عام طرح مريضن ۽ بيمارين کان ٿينديون، نرسن ۽ ڊاڪٽرن کي ولوڙينديون نظر اينديون هيون، تن مان بيزار ٿيڻ بدران انهن کي Enjoy ڪندا هئا.

بابا جن جي سُٺي سوانح حيات منهنجا وڏا بهتر نموني ۾ لکندا. مختصراً منهنجي علم مطابق 1926ع جي جولاءِ جي پاويهين تاريخ، جيڪا ان وقت محرم الحرام جي ڏهين تاريخ (1345هه) مطابق هئي، ان ڏينهن قادر داد خان افغان جي گهر ٻئي نمبر فرزند جنم ورتو. سندس نالو عبدالقدير رکيو ويو هو. قادر داد افغان، سيد سيف الله جي پيڙهيءَ مان هو، جيڪو قنڌار جي علائقي کان احمد شاهه ابداليءَ جي دؤر ۾ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيو. قادر داد افغان پنهنجي وڏن جي زميندارانه روايتن کان اڳتي وڌي، تعليم حاصل ڪئي ۽ درس و تدريس جي شعبي سان منسلڪ ٿي ويو. هن سنڌ ۽ هندستان جي مجموعي تاريخ جي مطالعي مان ”سيد“ جو ڪجهه اهڙو تاثر ورتو، جيڪو نه صرف اڻ وڻندڙ هو، بلڪ اخلاقي حساب سان پنهنجي عزت افزائيءَ جي غلط استعمال جي مترادف هو. سيد گهراڻا پنهنجو نسلي لاڳاپو اسان جي نبي ڪريم ﷺ جن جي ذات سان رکندي، معاشري ۾ عزت جي نگاهه سان ڏٺا ويندا آهن. ان عزت ۽ احترام جو غلط فائدو وٺندي، اسان جو ڏاڏا بابا ٻڌائيندو هو ته ڪجهه سيد سادات زميندارن کان ڏنُ وٺندا هئا، جيڪو بابا وڏي جن جي حساب سان ناجائز ۽ غندبه ٽيڪس هو.

ڏاڏا بابا جن پنهنجي سڃاڻپ لاءِ بجاءِ پاڻ کي ”سيد“ چورائڻ جي، ”افغان“ سڏرائڻ پسند ڪيو. جڏهن ته اسان جي ڏاڏاڻن مان ڪافي گهراڻا اڄ به ”شاهه“ يا ”سيد“ سڏائيندا آهن. اهو تفصيلُ بيان ڪرڻ جو مقصد صرف اهو هو، ته ڪجهه سوالن جي وضاحت ٿي سگهي ته اسان ”سيد“ ڪيئن ٿياسين.

عبدالقدير افغان پنهنجي شروعاتي زندگي ”قاضي ڳوٺ“ يا ”قاضي واهڻ“ ۾ گذاري، جيڪو لکي غلام شاهه سان لڳ، تعلقي ڳڙهي ياسين، ضلعي شڪارپور ۾ آهي.

اوائلي تعليم ڳوٺ ۾ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ سندس خاندان شڪارپور منتقل ٿي ويو. قادر داد افغان ان وقت ڊپٽي انسپيڪٽر آف اسڪولس هو. ان وقت، انگريزن جي دؤر ۾ اسڪولن جي پرگهور يا Monitoring جي ذميداري قادر داد افغان جي سپرد هئي. بابا وڏي جن اسان کي پنهنجي زندگيءَ جي قصن مان ڏاڍي خوشيءَ ۽ فخر سان اهو ٻڌائيندا هئا، ته پاڻ ڪيئن پنهنجي ترَ جي اسڪولن جو دورو ڪندا هئا ۽ انهن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر ڪرڻ لاءِ پنهنجو فرض نڀائيندا هئا.

ڏاڏا بابا جن ۽ خود بابا جن ٻڌائيندا هئا ته اِهو اُهو دؤر هو، جڏهن سنڌ جو تعليمي معيار ايترو ته بلند هو، جو جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ کان امتحان پاس ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيندو هو، سو وڃي پنجاب يونيورسٽيءَ مان پاس ڪري ايندو هو. سنڌ جي تعليمي استطاعت سڄي ملڪ ۾ بُلند هئي. سنڌ جي Literacy Level پاڪستان جي سڀني صوبن کان مٿانهين رهي آهي. سنڌي واحد پاڪستاني زبان هئي، جيڪا لکي، پڙهي ۽ ڳالهائي ويندي هئي. پر اڄ اسان جي پرائمري تعليم کان وٺي هر سطح جي تعليم جو معيارُ ۽ تعليم ڪاتي جي بي راهه روي ڏسي ۽ پنهنجن ماٺهن کي برباد ٿيندو ڏسي، اڄ جو هر محب وطن ضرور وياڪل ۽ ويڳاڻو هوندو. تعليمي بي راهه رويءَ جي ان صورتحال جي ازالي لاءِ اسان جيڪر متحد ٿي ڪجهه ڪرڻ چاهينداسين، ته حالات ۾ بهتريءَ ڏانهن تبديلي ضرور محسوس ڪري سگهبي.

ڳالهہ پئي ڪيم بابا جن جي مئٽرڪ پاس ڪرڻ جي. ان وقت، مئٽرڪ جو امتحان بمبئي يونيورسٽي وٺندي هئي ۽ چٽا پيٽي، يعني: Competition انتهائي هوشيار ۽ محنتي هندو شاگردن سان هوندي هئي، جنهن ۾ عبدالقدير افغان نہ صرف نمايان نمبرن سان مئٽرڪ پاس ڪئي، بلڪ پوزيشن بہ ڪنيائين.

بابا جن پڌائيندا هئا تہ هُو پاڻ ۾ ڇهہ ڀائر ۽ ٻي ڀينر هئا. هنن جو والد درس ۽ تدريس جي شعبي سان لاڳاپيل هو. جڏهن پروفيشنل، يعني: پيشہ ورانہ تعليم جو وارو آيو تہ جيئن تہ گل محمد افغان، جيڪو وڏو ڀاءُ هو ۽ هُو انجنيئرنگ جي تعليم لاءِ NED ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو، تہ عبدالقدير افغان کي بہ ساڳئي پيشي ۽ ساڳئي ڪاليج ۾ داخل ڪرايو ويو. ان ڪري، جو سندس والد پنهنجي ٻنهي فرزندن لاءِ الڳ الڳ پيشي جي تعليم جو خرچ برداشت ڪري نہ ٿي سگهيو. بابا جن جي دل ۾ ڊاڪٽر ٿيڻ جي جيڪا خواهش اڻپوري رهي، شايد ان ڪري هنن اهو ڪجهہ پنهنجي اولاد ۾ ڏسڻ ٿي چاهيو. ان خواب جي تڪميل هنن پنهنجي ٻارن ۾ ڏٺي، جيڪو ڪجهہ ڪرڻ هنن لاءِ وقت ۽ انهن حالات ۾ ممڪن نہ هو. انجنيئر ٿيڻ کان پوءِ، عبدالقدير افغان اسسٽنٽ انجنيئر جي حيثيت سان پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ (PWD) سان منسلڪ ٿي ويو.

1954ع ڌاري عبدالقدير افغان کي اسڪالرشپ ڏني Ph.D يعني: اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو ۽ هُو ڊاڪٽريٽ ڪرڻ لاءِ برطانيہ وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. اُن دوران، سندس والدين هُن جي شادي شڪارپور ۾ ئي سندن برادريءَ جي پٺاڻ ۽ سيد گهراڻي ۾ طئي ڪري ورتي. عبدالقدير افغان 1958ع ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري امپيريل ڪاليج، لنڊن مان حاصل ڪري، وطن واپس وريو. وطن واپس پهچڻ تي هن کي پنهنجي امڙ جي انتقال جي افسوسناڪ خبر ملي. شايد اهو بہ هڪ ڏکوئيندڙ سچ آهي، تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ڏاڍيون قيمتي قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن. بابا جن جي پرڏيهہ ۾ تعليم جي دوران سندن امان بيمار ٿي پئي هئي. چون ٿا تہ ڪيس پِتي ۾ پٿري هئي، پر هُوءَ آپريشن ڪرائڻ لاءِ راضي نہ هئي. هُن جو ان بيماريءَ ۾ ئي انتقال ٿي ويو. ان وقت، جيئن تہ بابا جن آخري سال Ph.D ۾ هئا، تنهنڪري اها خبر کين نہ ڏني وئي هئي.

ان ڳالهہ جو بابا جن کي ڏاڍو افسوس رهيو. مون کي ياد آهي تہ 68-1967ع ۾ اِقا لالا جن (اقبال ترين) اسان جي ڏاڏي امان جو هڪ enlarge ٿيل فوٽو بابا جن کي ڏيکارڻ لاءِ ڇام شوري واري گهر ۾ کڻي آيا هئا، تہ مون بابا جن کي پهريون دفعو تڪليف سان روئندي ڏٺو هو. بابا پنهنجي امان کي ڏاڍي پيار سان ۽ ڏک سان هميشہ ياد ڪندو رهندو هو.

بابا جو خيال هو تہ جيڪر هُو هتي هجي ها، تہ پنهنجي امان کي زبردستيءَ ڊاڪٽر ڏانهن وٺي وڃي ها ۽ اها معمولي آپريشن ڪرائي، سندس زندگي ضايع ٿيڻ کان بچائي وٺي ها. ان نقصان لاءِ پاڻ هميشہ پنهنجي غير موجودگيءَ کي ذميدار سمجهندو هو.

بابا جن ڊاڪٽريٽ ڪرڻ کان پوءِ وطن واپس اچي پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ سان منسلڪ ٿي ويا ۽ سال کن ڪم ڪرڻ کان پوءِ وري انگلينڊ واپس هليا ويا. هُوءِ جيڪو پنهنجي ملڪ کي پنهنجي اعليٰ تعليم جو فرض ڏيڻ لاءِ آيو هو، هتي اچي هُن محسوس ڪيو ته سسٽم ايترو ته ڏکوئيندڙ هو، جنهن ۾ رهي، هُو پنهنجو پاڻ کي صرف نقصان ئي ڏئي پئي سگهيو. ملڪ کي فائدو ڏيڻ تڏهن ممڪن ٿي سگهي ها، جڏهن کو فائدو وٺڻ گهري. اڄ به اسان جي تباهي ۽ ادارن جي زوال جي وجوهات ۾ اهو سچ سمايل نظر ايندو، ته ايماندار ۽ ڪري آفيسر جي پنهنجي زندگي مشڪل ٿي پوندي آهي. اهو اهڙي سسٽم کي ڇا ڏئي سگهندو، جيڪو ڪا چڱائي وٺڻ جي قابليت ئي نه رکندو هجي. اسان کي اڄ سنجيدگيءَ سان سوچڻو پوندو، ته جيڪر اسان جي معاشري جي اڪثريت واقعي ڀلائي ۽ سڌارو چاهي ٿي، ته پوءِ سسٽم ۾ بنيادي تبديلين کان وٺي سماجي ۽ ڳهربل تبديليون ۽ تبليغي بنيادن تي آگاهي ۽ غلط روين کي بدلائڻ لاءِ انقلابي سڌارا ئي اسان جي نه صرف ڇوٽڪاري لاءِ تمام ضروري آهن، بلڪ اسان جي بقا ۽ ترقيءَ جي ضمانت به ڏئي سگهن ٿا.

اسان کي سڀ کان پهريائين تعليم ڪاتي جي سڌاري لاءِ هنگامي بنيادن تي محنت ڪرڻي پوندي. ٻيءَ صورت ۾ سياڻي هن ڌرتيءَ تي اسان جي صرف تاريخ ئي ملندي. قومون جڏهن اخلاقي طور تي مفلوج ٿي وڃن، ته پوءِ آهستي آهستي انهن مان زندگي پنهنجون راهون بدلائي ويندي آهي. مون کي ڏاڍي تڪليف سان چوڻو پوي ٿو ته سنڌ جي اندرين علائقن ۾ مُردگيءَ جون نشانيون اسان کي ملڻ شروع ٿي ويون آهن. تعليمي ميدان ۾ اهڙي شڪست کي مُنهن ڏيڻ لاءِ اسان کي اڄ ئي بلڪ هاڻي ئي هوشيار ٿي، وقت جي سڏ کي لبيڪ چوڻو پوندو. هاڻي ۽ هن ئي وقت سندرو ٻڌڻو پوندو، نه ته اسان لاءِ سياڻي نه ايندي. سياڻي اسان کي وقت معاف نه ڪندو.

1960ع کان وٺي 1965ع تائين انگلينڊ ۾ رهڻ کان پوءِ ڊاڪٽر افغان پنهنجي بابا جي حڪم تي ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جو قرض لاهڻ لاءِ هڪ دفعو وري واپس اچي ويو. هن دفعي سنڌ يونيورسٽيءَ جي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پروفيسر جي حيثيت سان سائين محمد سليمان لاڙڪ جي سرپرستيءَ ۾ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ درس ۽ تدريس سان منسلڪ ٿيو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ انجنيئرنگ ڪاليج جي پرنسپال جي عهدي تي پنهنجين ذميدارين کي نڀائڻ لڳو.

1965ع کان 1972ع تائين مجموعي طرح سَتَ سال کن مڪمل طرح اداري سان وابسته رهيو ۽ ان کان پوءِ سينڊيڪيٽ جو ميمبر هئڻ جي ناتي، اڻ سڌيءَ طرح اداري جي ترقيءَ ۽ واڌاري ۾ پنهنجو فرض نڀائڻ جي ذميداري پوري ڪندو رهيو. ان ئي دوران انجنيئرنگ ڪاليجُ، مهراڻ يونيورسٽيءَ جي حيثيت سان اُڀريو، ته ڊاڪٽر افغان ان کي پنهنجن ڪوشش ۽ خوابن جي عملي تعبير ڪري ڏٺو. سندس پوري زندگيءَ جو حاصل اِهي ست سال هئا، جيڪي هُن درس ۽ تدريس جي حوالي سان سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ گذاريا هئا. هن کي سڀ کان وڌي خوشي ان ارادي جي تڪميل سان ئي ٿي هئي، ته هُن انجنيئرنگ جي تعليم غريب سنڌي نوجوانن ۾ عام ڪئي هئي. ان مقصد جي تڪميل لاءِ ڪوتا سسٽم جو هجڻ ضروري هو. هُن جو خيال هو ته جڏهن نظامُ ڳوٺن ۽ شهرن جي شاگردن کي هڪجهڙا تعليمي موقعا ڏيڻ ۾

ناڪام رهيو آهي، ته پوءِ هميشه پيشه ورانه تعليمي چٽاپيٽيءَ ۾ داخلا جي نظام ۾ پنهي طرح جي اميدوارن کي هڪ ئي معيار تي پرکڻ انصاف جي تقاضائون پوريون نه ڪرڻ جي مترادف هوندو. اها وڏي بي انصافي بلڪه انڌير نگري هوندي. جيڪر شهري ۽ ڳوٺاڻا شاگرد هڪ ئي معيار تي پرکيا وڃن. ڊاڪٽر افغان ڪوٽا سسٽم کي لاڳو ڪرائي، سنڌ ۾ نه صرف غريب ۽ بي پهچ شاگردن کي اعليٰ تعليم جا موقعا فراهم ڪيا، بلڪ بي شمار ڳهراڻا علم جي روشنيءَ سان مُنور تي پيا. هُو پنهنجي ان ڪاميابيءَ تي سچي حياتي فخر ڪندو رهيو. هن جي زندگيءَ جي اها هڪ وڏي خوشي هئي، جنهن لاءِ سنڌ واسي اڄ به هن کي پيار سان ياد ڪندا آهن. هِن دنيا مان پنهنجا ٽڪاڻا بدلائڻ جي باوجود، اڄ به هُو بي شمار دلين ۾ آباد آهي.

خدا ڪري، علم جي روشنيءَ جي جيڪا شمع هُن مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ کان روشن ڪئي، سا تا ابد سلامت رهي ۽ اهو فيض مسلسل غريبن ۽ اميرن کي، شهرن ۽ ڳوٺن کي مالا مال ڪندو رهي! سنڌ، تعليم جي ميدان ۾ زوال بدران عروج ڏانهن سفر شروع ڪري! اسان سڀ سنڌي پنهنجي مٿان غم پسنديءَ جو خول چاڙهي، درديلا انقلابي نغما ڳائڻ وڃائڻ بدران جيڪر حقيقت پسند ٿي، پنهنجين صلاحيتن کي پوري يقين سان استعمال ڪري، پاڻ کي ۽ پنهنجن خاندانن کي بهتر ڪرڻ جو عزم ڪري ته ڏسون. مون کي يقين آهي ته ڪنهن جي مجال ناهي، ته اسان جا حق غضب ڪري وڃي. اسان پنهنجي اندر حقن کي حاصل ڪرڻ جي وقعت ۽ اهليت پيدا ڪرڻ بدران هاءِ گهوڙا ڪري ملڪ ڪائي ڏنو آهي. اهو رويو اسان کي گهڻي دير تائين ڪامياب ٿيڻ ۾ مدد نه ٿو ڪري سگهي.

ڊاڪٽر عبدالقدير افغان کي اسان پيءُ جي مقام تي اولاد جي نظر سان ڪيئن ڏٺو هو؟ ان لاءِ مان بابا سان گذاريل پوئين جنم تي جيئن ئي نظر وجهان ٿي، ته اهو ٿن حصن ۾ ورهايل نظر اچي ٿو.

هُو مجموعي طرح بي انتها پيار ڪرڻ وارو پيءُ هو. هُو انگريزي اصطلاح مطابق Family Man هو، يعني: هُو پنهنجي گهر ۽ ٻارن کان سواءِ اڪيلو رهي نه سگهندو هو. پر، مٿان ظاهريءَ طرح ڏاڍو سخت ۽ اصولن جو پڪو نظر ايندو هو. بابا جن هڪ موقعي تي پنهنجي باري ۾ اسان ڏانهن هيءُ لکي موڪليو هو ته:

"I am a sweet tablet with a bitter coating."

يعني: "مان اهڙي مِٺي ٽِڪي آهيان، جنهن مٿان ڪوڙاڻ جو تهه چڙهيل آهي." (عام طرح، ڪَڙيون گوريون مٺاڻ سان ڍَڪيل، يعني: Sugar coated هونديون آهن.)

هُو ڏاڍي نفيس طبيعت جو مالڪ هو. انتهائي سليقي سان پنهنجون شيون ڏاڍيءَ ترتيب سان رکندو هو. ايتري قدر جو جيڪر انهن شين جي جوڙجڪ مان هڪ شيءِ به پنهنجيءَ جاءِ تان هيٺ مٿي ٿيل هوندي هئي، ته بابا جن کي خبر پئجي ويندي هئي ته ڪنهن هتي هٿ چراند ڪئي آهي ۽ بابا جن اهو چوندا هئا ته: "ڪنهن منهنجين شين سان ڪُونس ڪئي آهي." ايترو Systematic مون عورتن کي به نه ڏٺو آهي.

بابا جن هميشہ اسان کي بہ اهڙي عادت لاءِ نہ صرف تاڪيد پر ٺيڪ ٺاڪ حساب ڪتاب ڪري سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. بابا جن اڪثر چوندا هئا تہ: ”بابا! هر ڪم ۾ Methodical هجڻ يعني: ترتيب جو هجڻ تمام ضروري آهي.“ اسان کي ياد آهي تہ جڏهن بہ بابا جن اسان جي ڪمري ۾ ايندا هئا تہ ڪافي Stress يا گنڀيرتا واري صورتحال مان گذرڻو پوندو هو. ان ڪري تہ اڪثر ڪمرو مڪمل ترتيب کان عاري هئڻ ڪري، يا شين جي پَٽريل هئڻ ڪري، ٺيڪ ٺاڪ ڀُڏڻو پوندو هو. دڙڪا ملندا هئا ۽ ڪافي عرصي تائين حالات اهڙا Order ۾ اچي ويندا هئا، جڻ فوجي ڇاپو لڳو هجي ۽ اعليٰ عملدار سيني جي سُترائي ڪري ويا هجن ۽ ماحول ۾ سانت ڇانئجي ويئي آهي. اڄ جيڪر اسان ٿورا گهڻا آرڊر ۾ آهيون، يا جيڪر ڪجهہ Organized آهيون، تہ صرف امان ۽ بابا جن جي مهربانين جي ڪري.

بابا جن جي سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ صورتخطي ڏاڍي سهڻي هئي. مون جڏهن مئٽرڪ جو امتحان ڏئي ورتو هو، تہ ڪاليج ۾ داخلا ملڻ تائين بہ ٽي مهينا گهر ۾ بابا جي انگريزيءَ جي Writing کان متاثر ٿي، لکڻ جي مشق ڪندي هئس ۽ بعد ۾ ڪنهن حد تائين مان ان ڪوشش ۾ ڪامياب بہ ٿي هئس ۽ منهنجو لکڻ جو انداز ڪجهہ ڪجهہ بابا جي لکڻ جي طريقي سان ملڻ لڳو هو. نفسياتي ماهرن جي خيال ۾، اولاد پنهنجي ماءُ پيءُ جي تقليد غير ارادي طور تي محسوس طريقي سان ڪندي رهندي آهي. پر اسان مان ڪوبہ پيڻ ياءُ نفاست ۽ سليقي جي ان مقام تائين پهچي نہ سگهيو آهي، جنهن تي اسان بابا جن کي ڏٺو هو. منهنجي يادگيريءَ جي حساب سان منهنجي زندگيءَ جو پهريون حصو بابا جن سان گڏ اِهو هو، جڏهن منهنجي عمر ڇئن پنجن سالن کان ڪا ڏهن ٻارهن سالن تائين هئي. اسان شروع ۾ انگلينڊ ۾ هئاسين ۽ پوءِ ڄام شوري ۾ اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين ۽ يونيورسٽيءَ جي Grey بس ۾ حيدرآباد ويندا ۽ ايندا رهندا هئاسين. ڇاڇي ٻچل سان گڏ اِهي اُهي ڏينهن هئا، جڏهن اسان بابا جن کي صرف پريان ڏسندا رهندا هئاسين. اسان سيني ٻارن جي بابا جن سان Interaction يعني: لهہ وچڙ نہ هئڻ جي برابر هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍي همت جمع ڪري، مون بابا سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي بہ هوندي، تہ جواب ۾ بابا جن خاموش خيالن ۾ گم نظر ايندا هئا. وري ٻيهر ڳالهائڻ يا ڪوبہ سوال پڇڻ جي نہ همت ٿيندي هئي، نہ وري حوصلو ئي هوندو هو ۽ اتان خاموشيءَ سان غائب ٿي ويندي هئس. اسان سڀ پنهنجي ڏاڏا بابا جن سان ۽ ڀين ڇاڇن سان وڌيڪ سهولت سان ڳالهائي ٻولهائي سگهندا هئاسين. هاڻي جڏهن سوچيندي آهيان، تہ لڳندو آهي تہ اهو ائين شايد ان ڪري ٿيندو هو، جو مان ڏاڍو آهستي ڳالهائيندي هئس. ان ڪري جو بابا جن کان اسان ڊڄندا گهڻو هئاسين، ۽ پوءِ ايترو آهستي آواز شايد بابا جن ٻڌندا ئي ڪونہ هئا. يا وري شايد هُو ٻاڻ ايترو تہ گُوڙهن يا اونهن خيالن ۾ مشغول رهندا هئا، جو پنهنجي آس پاس کان پوريءَ طرح بي نياز ٿي ويندا هئا.

ڄام شوري وارا اُهي ڏينهن، مون کي بابا جن جي حوالي سان ڏاڍا ئي Tense ڏينهن لڳندا آهن. بابا جن هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن پريشانيءَ ۾ هوندا هئا. يونيورسٽيءَ جا خبر ناهي ڪهڙا

مسئلا هوندا هئا. امتحانن جو Post pone ڪرائڻ، مارڪن ۾ گهٽ وڌائيءَ جا درد، شاگردن جون بک هڙتالون ۽ بابا جن گهر مان ڪير جا ڏيا ڪٽي، انهن کي زبردستيءَ روزو کولرائڻ کان وٺي خبر ناهي ڇا ڇا ڪرڻ ۾ رڌل نظر ايندا هئا. بهرحال، overall محسوس ٿيندو هو، ته بابا جن هر وقت شاگردن يا ادارن جي ٻين انتظامي مسئلن ۾ ڏاڍو ڳوڙهيءَ طرح ڦاٿل آهن. مون کي اهو به ڏاڍيءَ تڪليف سان ياد ايندو آهي ته ڪنهن به تقريب ۾، يا گهر جي ڪنهن به Relaxed gathering يا فنڪشن ۾، بابا جن گهر وارن سان گڏ شامل ٿي نه سگهندا هئا.

اهي ئي ڏينهن هئا، جڏهن 1971ع واري جنگ لڳي هئي ۽ انهن ڏينهن ۾ رات جو Black out هوندو هو. جيئن ئي خطري وارو سائرن وڄندو هو، ته اسان سڀني ٻارن کي بابا جن لائين ۾ زمين تي اونڌو ليٽائي، پاڻ ڪوٽ پائي ۽ هڪ ڇڙي (Stick) هٿ ۾ کڻي، گهر کان ٻاهر يونيورسٽيءَ جي هاسٽلن جي طرف نڪري ويندا هئا. دراصل، Hotels کي ۽ شاگردن کي Check ڪرڻ ۽ اُتي حفاظتي حالات کي ڏسڻ هنن لاءِ ضروري هو. پر مون کي بابا جن جي ائين ٻاهر نڪري وڃڻ سان ڏاڍي ڳڻتي، Insecurity محسوس ٿيندي هئي. بيحد غير محفوظ سمجهڻ لڳندي هئس، بابا جو ائين اونده ۾ اڪيلو ٻاهر خطرناڪ حالات ۾ نڪري وڃڻ کي.

اِهي اُهي ساڳيا ڏينهن هئا، جڏهن بابا جن کي ڪرپشن جي ڪيسن ۾ ملوث ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي وئي هئي ۽ ڪجهه مهينا بابا حيدرآباد جي سينٽرل جيل ۾ به هئا. ان سچي واقعي جو اسان سڀني ڏاڍو ڏکيو اثرورتو هو ۽ هر وقت لڳندو هو، ته خبر ناهي ته ايندڙ گهڙيءَ ۾ ڇا ٿيڻ وارو آهي ۽ هر وقت بابا جن جي صحت ۽ حياتيءَ لاءِ مان پريشان ئي رهندي هئس. انهن ئي ڏينهن ۾ بابا جن جي Hypertension يعني: بلڊ پريشر جي تشخيص ٿي هئي ۽ ان وقت بابا جن جي عمر 43 سال کن هئي. ڪافي سالن کان پوءِ، جڏهن مون ميڊيڪل ڪاليج ۾ Hypertension جي باري ۾ پڙهيو، ته ڪتابن ۾ لکيل هو ته اها بيماري عام طرح پنجاهه يا سٺ سالن جي عمر ۾ ٿيڻ سان ايتري خطرناڪ نه هوندي آهي. ان جي برعڪس، 30 يا 40 سالن ۾ تشخيص ٿيڻ سان ان بيماري جي Risk ۽ Heart attack لاءِ امڪان وڌيل رهندا آهن.
بابا جن جي طبيعت ۾ جوش ۽ گرمي قدرتي طرح گهٽي هئي. شايد ان طبيعت جي ڪري يا ائين ئي حالات اهڙيءَ طرح متصادم رهيا، جو اهو پنهنجي زندگيءَ جو بابا سان گذاريل ڦهريون حصو مون کي هِڪ ڀوائتي خواب وانگر هميشه ياد رهندو.
بابا جن سان منهنجي زندگيءَ جو ٻيو گُذاريل حصو منهنجي عمر، يعني: ٻارنهن سالن کان وٺي شايد سترهن ارڙهن سالن واري وچوٽيءَ تي مبني آهي. اِهي اُهي ڏينهن هئا، جڏهن مان ڦهريائين هاءِ اسڪول ۾ هئس ۽ آخر ۾ ميڊيڪل ڪاليج ۾ هلي وئي هئس. اِهو اُهو زمانو هو، جڏهن 74-1973ع ۾ بابا جن اسلام آباد ۾ منسٽري آف ايجوڪيشن کان ٿيندا، منسٽري آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجيءَ ۾ ڦهريائين جوائنٽ ۽ پوءِ ايڊيشنل سيڪريٽريءَ جي حيثيت سان پوسٽ ٿيا هئا.

هتي هڪ ته اسان سيني ماحول جو ڏاڍو وڏو فرق محسوس ڪيو. 1970ع ۾ ان وقت اسلام آباد اڄ کان به وڌيڪ صاف سٿرو، سائو ۽ سهڻو شهر هو. هتي ائين ئي طبيعت تي Relaxed اثر پوندو آهي. هاڻي ته وري به وٽ پڪڙ جي بيماريءَ ۾ هيءُ شهر به لپيٽجي رهيو آهي. پر مجموعي طرح وڏن شهرن ۾ جيڪا روڊ تي Stress محسوس ڪري سگهبي آهي، ان ڏس ۾ هتي اسلام آباد ۾ سڪون ۽ آرام آهي. ڪراچي ۽ لاهور جي Fast Track تي رهڻ وارا هن شهر کي "مُردن جو شهر" چوندا آهن. پر هيءُ مون کي قدرت جي نظارن جي ويجهو ۽ سُڪون ۽ شانتيءَ وارو شهر لڳو ۽ هتي بابا جن جي طبيعت ۾ ڪافي نرمي ۽ سانت نظر اچڻ لڳي. بابا جن روز شام جو پنهنجي Stick يعني: لڪڻ کڻي، جيڪٽ پائي، Walk ڪرڻ لاءِ هليا ويندا هئا. هاڻي، بابا جن کي اسان تي نظر وجهڻ جو به ٽائيم ملندو هو ۽ اسان کي سٺيءَ طرح پڙهائي ڪرڻ لاءِ ليڪچر ۽ دڙڪا داڀ به ملڻ لڳا. اهو به ماءُ پيءُ جو پنهنجن ٻارن ۾ Interest وٺڻ جو طريقو آهي ۽ اسان اُن لاءِ سندن تاحيات ٿورائتا آهيون. پر اسان سڀ اڃان به بابا جن سان براهِ راست لهه وچڙ ۾ نه ايندا هئاسين. پر هاڻي حالات ايترا ڳنڀير نه هئا، جيترا ڄام شوري ۾ ڇڏي آيا هئاسين. هاڻي، اسان کي بابا جن وڌيڪ وقت لاءِ نه صرف نظر ايندا هئا، پر گڏوگڏ چڱي موڊ ۾ به هوندا هئا. مانيءَ جي ٽيبل تي T.V ڏسڻ مهل به بابا جن اسان سان گڏ هوندا هئا.

اسان کي بابا جن سان ڪجهه ڳالهائڻو هوندو هو، ڪجهه پڇڻو هوندو هو، يا ٻڌائڻو هوندو هو، ته امان کي چوندا هئاسين. ساڳئي وقت، بابا جن به اتي موجود هوندا هئا ۽ بابا جن امان جن کان پڇندا هئا ته: "ٻار ڇا ٿا چون!" امان کين اُهو ٻڌائيندي هئي ۽ جواب ۾ بابا جن امان کي چوندا هئا ته: "ٻارن کي ٻڌائي ڇڏ ته...."

هاڻي، جڏهن مان اهي ڳالهيون پنهنجن ٻارن کي ٻڌائيندي آهيان، ته اسان سڀ اُنهن ڏينهن جي پروٽوڪال (Protocol) ۽ Through proper channel واري باضابطه روين کي enjoy ڪندا آهيون. مان ٻارن کي چوندي آهيان ته توهان خوشقسمت آهيو، جو توهان کي ماءُ پيءُ سان وڌيڪ Interacting زندگي ملي آهي. اسان ته سڄي زندگي ماءُ پيءُ کي پريان ئي پريان، دل ئي دل ۾ چاهيندي گذاري ڇڏي ۽ اهو خلا ائين ئي رهجي ويو ۽ اسان جي وڇوڙي جو وقت اچي ويو.

منهنجي زندگيءَ جو ٽيون حصو جيڪو بابا جن سان گذريو، اهو ميڊيڪل ڪاليج وارن ڏينهن کان شروع ٿي، منهنجي پروفيشنل زندگيءَ تائين، يعني: 1980ع کان 1991ع تائين هو. هيءُ حصو سيني کان وڌيڪ Interacting هو. اسان Physically گهر کان ڪافي پري، نواب شاهه ميڊيڪل ڪاليج ۾ هئاسين. اسان مان مراد، مان ۽ منهنجي ڀيڻ. پر بابا ۽ امان جن سان هر ٻئي ٽئين ڏينهن تي فون تي ڳالهائيندا هئاسين. زندگيءَ ۾ ايترا خط مون نه لکيا، جيترا ميڊيڪل ڪاليج ۾ مشڪل پڙهائي ۽ هر ٽئين ڏينهن ٽيندڙ ٽيسٽن ۽ امتحانن جي دوران مون اسلام آباد ۾ امان ۽ بابا جن کي موڪليا هوندا. خط لکڻ هوئنن به منهنجو محبوب مشغلو رهيو آهي. اظهار کي زبان ڏيڻ لاءِ عام طرح سان خط ئي لکندي آهيان. جڏهن ننڍڙي هوندي

هئس، ته پنهنجي ماما جن کي شڪارپور ڏانهن خط لکندي هئس. هُو ڏاڍي پيار سان مون وارو خط سڄي محلي ۾ پڙهي ٻڌائيندو هو ۽ فائيل ۾ لڪائي رکندو هو.

نواب شاهه وارن ڏينهن ۾ جڏهن بابا ڪراچي ايندا هئا ته اسان کي چوندا هئا، ته جيڪر موڪل وٺي سگهو ته ڪراچي اچجو. اتي چاچا گل محمد جن جي گهر D_20 ۾ اسان نواب شاهه کان ايندا هئاسين ۽ ائين اسان هاڻي بابا جن سان ڊائريڪٽ (Direct) ڳالهائڻ به شروع ڪيو، چو ته Mediator يعني: امان جن ته اسلام آباد ۾ رهجي ويا هئا ۽ پيو منهنجو خيال آهي ته جيڪو پنهنجي شروع واري زندگيءَ ۾ سخت طبيعت جو هوندو آهي، اُهو اڳتي هلي نرم طبيعت اختيار ڪري وٺندو آهي. بابا جن سان به اُهو ئي ٿيو هو. بابا جن به پنهنجي پوءِ واري زماني ۾ ڏاڍا Cool، ٿڌي سيني سان ڳالهه ٻڌڻ لڳا هئا. ڏاڍو پيار ڪرڻ وارا ۽ اسان سيني جي Activities کي Enjoy ڪندي نظر ايندا هئا. اسان جا جيڪي آخري ٽي پيٽ پائر آهن، اهي ته بابا جن سان ڊائريڪٽ مشڪريون، سياست وغيره تي بحث مباحثو ڪري به سگهندا هئا، جيڪو اسان وڏن ٻارن ڪڏهن سوچيو به نه هو ۽ نه ئي اسان کي ايتري مهلت يا Liberty ڏني وئي هئي. ضياءُ الله (منهنجو ڀاءُ) کي ڪجهه خداداد صلاحيت به آهي ته هُو ڏاڍي ڪاميابيءَ سان هر ڪنهن جي ڪاپي ڪري سگهندو آهي ۽ مزي جي ڳالهه اها هوندي هئي ته ضياءُ الله بابا جن ۽ چاچا جن جي سامهون انهن کي Copy ڪندو هو ۽ بابا جن پنهنجي مخصوص انداز ۾ پنهنجي مسڪراهٽ لڪائيندي، هن کي چوندا هئا ته: ”وڏو ڪو ڪُتي جو پٽ آهين.“

اسان ميڊيڪل ڪاليج وارن ڏينهن ۾ بابا جن کان پري رهي به ڏاڍا ويجها ٿي وياسين. انهن ڏينهن ۾ مان نواب شاهه کان اچي بابا جن جا ڪپڙا وغيره ڌوئي ۽ جُوتا پالش ڪري رکي ويندي هئس. اسان سڀ بابا جن سان هندستاني فلمون به ڏسندا هئاسين. ذڪاءُ الله چاچا جن جو پٽ ان وقت اسڪول يا ڪاليج ۾ هوندو هو. هن کي اميتاب بچن سان حد کان وڌيڪ محبت اچي ورايو هو ۽ سڄو وقت هُو نه صرف اهي گانا بابا جن کي ڳائي ٻڌائيندو هو، جيڪي اميتاب تي Picturize ٿيل هئا. پر اهي سڀ ڊائلاگ به بابا جن ڏاڍي صبر سان ٻڌندا هئا، جيڪي اميتاب ادا ڪيا هوندا هئا.

انهن ئي ڏينهن ۾ شايد ڪنهن فلم جي شوٽنگ دوران اميتاب کي ڪا ڪُرسي پُرسي لڳي وئي ۽ پوءِ ٺيڪ ٿاڪ Tension شروع ٿي ويو. ذڪاءُ الله سخت پريشان، برو حال. بابا جن ذڪيءَ کي ڏاڍي پيار سان سمجهائيندا هئا ته: ”بابا! ايترو پريشان نه ٿبو آهي. الله ڪندو ته ’يوشي يون‘ ٺيڪ ٿي ويندو.“ بابا جن، اميتاب بچن کي ”يوشي يون“ چوندا هئا. بابا جن کي به ذڪيءَ سان گڏوگڏ فلمون ڏسندي ڏسندي، ڪيس به اميتاب بچن وٽڻ شروع ٿي ويو هو ۽ چوندا هئا ته اقوءَ جهڙو آهي (يعني: اقبال ترين جهڙو). اِقا لالا، بابا جن جو ڏاڍو پيارو ڀاڻيجو آهي. اِقا لالا جن به اڪثر اسان کي تنگ ڪرڻ لاءِ چوندا هئا ته: ”توهان سڀ آخر پاڻ کي سمجهو ڇا ٿا؟ ماما کي مان توهان سيني کان وڌيڪ پيارو آهيان.“ ۽ واقعي ان ۾ ڪو شڪ به نه هو. ان ڪري ته اِقا لالا کي اسان سيني ڏاڍي پيار سان دلين ۾ سنڀالي رکيو آهي.

نواب شاهه ۾ چار سال پڙهڻ کان پوءِ، جڏهن اسان اتي پوريءَ طرح هري وياسين ۽ مائگريشن (Migration) کان نااميد ٿي چڪاسين، ته خبر پئي ته اسان جي مائگريشن ايوب ميڊيڪل ڪاليج، ايبٽ آباد ٿي وئي آهي. ايبٽ آباد، اسلام آباد کان ٻن ڪلاڪن جي رستي تي آهي. اتان 1986ع جي مارچ ۾ امتحان ڏيڻ کان پوءِ، هڪ سال هائوس جاب (House Job) ميڊيسن ۽ گائني ۾ مڪمل ڪري، گهر اسلام آباد اچي ويس ۽ هڪ سال اسلام آباد ۾ پولي ڪلينڪ ۾ ٻارن جي شعبي ۾ Honorary ڪم ڪيم. ان کان پوءِ 1988ع ۾ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (PIMS) ۾ ٻارن جي اسپتال ۾ مون کي نوڪري ملي.

مون کي اڄ به هڪ ڪمي محسوس ٿيندي آهي ۽ لڳندو آهي، ته اسان جي قسمت ۾ والدين جي خدمت لکيل نه هئي. اسان انهن کي ڪجهه به ڏئي نه سگهياسين. شايد اسان ان قابل نه هئاسين يا شايد هنن جي عزتِ نفس ايتري بلند هئي، جو اهو ڪجهه هنن کي منظور نه هو. بابا جن کي اسان سڀني عمر صرف ڏيڻ واري مقام تي ڏٺو هو. هُو ايتري گهٽي انا ۽ غيرت جا مالڪ هئا، جو اُهو هنن جي شان جي حساب سان ڏاڍو مشڪل ٿي پوي ها. شايد جيڪر هُو هڪ ڏينهن به بيمار ٿي ڪنهن کان خدمت ڪرائن ها! اهو هُنن جو پورو پورو حق به هو. شايد خدا به هُنن جي اهڙي خودداريءَ ۽ انا پسنديءَ جو مانُ رکيو. هُو ڪراچيءَ کان ائين اپريل 1991ع تي گهمندا ڦرندا آيا هئا. سڀو ڏينهن اسان سان ڪچهري ڪيائون. رات جو روزي رکڻ لاءِ ڪارڪون ۽ ڪيڙُ بيڊ سائيڊ ٽيبل تي رکي سمهيا هئا ۽ امان ٻڌائيندي آهي ته: اڌ رات جو ٻين وڳي ڪن هُو اُٿي Wash room ويا ۽ بستري تي ويهي دوا کائي رهيا هئا. ايتري ۾ امان جاڳي ۽ Torch ٻاري، بابا ڏانهن روشني ڪري پڇڻ لڳي ته: ”ڇا ٿا ڪيو؟“ بابا جن گوري کائڻ کان پوءِ ليٽي پيا. امان وري پڇيو ته هاڻ ڪيئن ٿا محسوس ڪيو، ته بابا جن چيو ته: ”هاڻي بلڪل ٺيڪ آهيان.“ اهي بابا جن جا آخري لفظ هئا ۽ ائين ئي چوندي، جهٽڪي سان سندن مُنهن هڪ طرف ٿي ويو. امان اسان سڀني کي جاڳايو. گهر ۾ به ابتدائي طبي امداد اسان جيتري ڏيئي سگهياسين ۽ اسپتال به کڻي وياسين، پر اهو دل جو دورو ڏاڍو سخت هو. گهر ۾ ئي بابا جن جو انتقال ٿي ويو هو. نفسيات جي ڪتابن ۾ آهي ته ويجها عزيز ۽ رشتيدار ڪجهه وقت کان پوءِ ئي ان حقيقت کي تسليم ڪري سگهڻ ۾ ڪامياب ٿيندا آهن. شايد ان ڪري ئي هر ڪو پنهنجن لاءِ آخري حدن تائين وڃڻ چاهيندو آهي.

بابا جن اڪثر چوندا هئا ته خدا ڪنهن جو محتاج نه ڪري ۽ ائين وڃڻ گهرجي، جيئن بلب فيوز (Fuse) ٿي وڃي. بابا جن جي اهڙي انداز ۾ وڃڻ سان مون کي بابا جن جا لفظ ياد آيا هئا. اسان جي گهر جي محور ۽ اسان سڀني جي ڪوششن ۽ ڪاوشن جو واحد رهبر ۽ رهنما، اسان سڀني جي تمام تر ڪوششن ۽ خواهشن جي باوجود، اسان جي وچان نڪري هليو ويو... ۽ پوءِ جڏهن اسان مٽي نهاريو، ته اسان جي مٿان ڇپر ۽ ڇانو ڪرڻ لاءِ اسان جا چاچا گل محمد، نور الدين،

قمر الدين، بدر الدين ۽ ظهور افغان موجود هئا. خاندانن ۾ پيار ۽ محبت جي ميراث موجود هجي، تہ هُو زندگيءَ جي هر مرحلي کي مُنهن ڏيڻ لاءِ سگهارا هوندا آهن.

جڏهن بابا جن جو هجڻ بيحد ضروري هو ۽ اسان سڀني جي زندگين کي پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ تقسيم ٿيڻو هو، تہ اسان جي چاچن بابا جن جي ڪميءَ کي گهٽ ۾ گهٽ محسوس ٿيڻ نہ ڏنو ۽ ڪاڪا نندي تہ امان سان پوريءَ طرح ٻانهہ ٻيلي ٿي، اسان مٿان پنهنجو ڇپر ۽ ڇانوَ قائم رکي هئي ۽ آهي. خدا کين سلامت، شاد ۽ آباد رکندو!

هن وقت بابا جن جي اولاد مان ست ٻارَ طب جي مختلف شعبن ۾ دنيا جي مختلف حصن ۾ يعني: انگلينڊ، آئرلينڊ، سعوي عرب، قطر ۽ پاڪستان ۾ خدمت جي پيشي سان منسلڪ آهن.

انسانُ حياتيات جي سائنس جي حساب سان Genetically جينياتي طور تي پنهنجي اولاد ۾ زنده رهندو آهي. شايد، ان ڪري ئي ديني حساب سان بہ اولاد جي نيڪي بہ والدين جي کاتي ۾ صدقہ جاريہ جي طور تي مالڪِ ڪائنات قبول فرمائيندو آهي. ڊاڪٽر افغان جتي ست ڊاڪٽر پويان ڇڏيا آهن، اُتي بي شمار انجنيئر شاگرد بہ پنهنجي نصب العين جي تڪميل لاءِ ڇڏيا آهن. ڊاڪٽر افغان پنهنجي زندگيءَ ۾ هر ضرورتمند ۽ حقدار جي مدد ڪرڻ چاهي هئي. ان ۾ ڪوبہ خاص طبقو يا لساني گروهہ مخصوص نہ هو. جيڪو بہ مدد لاءِ درخواست ڪندو هو، هُو هر جائز ڪم لاءِ پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪري، مسئلو حل ڪرڻ لاءِ پوري ڪوشش ڪندو هو. سندس اولاد بہ پنهنجي پنهنجي دائره اختيار ۾ ساڳئي نقش قدم تي سندس ڏيکاريل راهہ تي ثابت قدم آهي.

اسان سڀني کي اهو يقين بہ آهي ۽ دعا بہ، تہ اسان مان وڏ ۾ وڏ انسان ذات کي فائدو پهچي، تہ جيئن اسان بابا جي هن درجات جي بلنديءَ جي طرف پنهنجو حق ادا ڪري، سرخرو ٿي سگهون!

# سچو ۽ کرو ماڻهو

ڊاڪٽر رافعہ افغان

هُو هڪ پرائمري اسڪول ماستر قادر داد افغان جي گهر ”قاضي واهڻ“ تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ 22 جولاءِ 1926ع تي ڄائو هو. سندس نالو عبدالقدير افغان رکيائون. شروعاتي تعليم ڳوٺ ۾ ئي پرايائين ۽ جيئن ئي سندس خاندان تعليم خاطر شڪارپور منتقل ٿيو، تہ هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج جي تعليم شڪارپور مان مڪمل ڪيائين ۽ پوءِ ڪراچيءَ ۾ NED يونيورسٽيءَ مان انجنيئرنگ جي ڊگري وٺي، سنڌ ۾ پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ سان منسلڪ ٿي ويو. ڪيس جلد ئي اسڪالرشپ ملي ۽ اعليٰ تعليم لاءِ انگلينڊ روانو ٿي ويو. 1958ع ۾ پي ايڇ. ڊي. (ڊاڪٽريٽ) جي ڊگري وٺي واپس وطن وريو ۽ ٻيهر پبلڪ ورڪس ڊپارٽمينٽ ۾ دخلڪار ٿيو. اها قدرت جي مٿانئس آزمائش هئي يا خاص عنايت هئي، جو هُو هڪ اهڙي شخصيت ۽ طبيعت جي جوڙجڪ ڪٽي هن جهان جي پاتال ۾ لٿو هو، جنهن ۾ حالتن سان ٺاهہ ڪرڻ جي کوٽ هئي. هن جي مٽيءَ ۾ ’سچ‘ ڪجهہ اهڙي انداز ۾ شامل هو، جو هُو عام طرح پنهنجون مشڪل راهون ڳولهي وٺندو هو. اهڙي ئي طبيعت هن کي هر قدم تي آزمائش، ڏکيائُن ۽ مشڪلاتن جي مُنهن ۾ رکيو هو. هڪ رحمدل، دردمند ۽ بي اِنتها مٺو ماڻهو هوندي بہ، بظاهر سخت، بيحد اصول پسند ۽ حالتن سان هر وقت ”Conferonation“ ۾ رهيو. سندس اهڙي ئي طبيعت کيس هڪ دفعو ٻيهر ملڪ ڇڏي، ڏيساور وڃڻ تي مجبور ڪيو. آخرڪار، هُو انگلينڊ هليو ويو.

هڪ درد وچان هڪ ڏک سان هُو پنهنجي لياقتن ۽ قابليتن سان پنهنجي ڌرتيءَ جو قرض ۽ فرض لاهي نہ سگهيو. شايد، اهو ئي قدرت جو ڏکوئيندڙ قانون آهي ۽ ائين ئي ڏنو ويو آهي تہ هر سچائي پنهنجي راهن کي پيچيده ڏسندي ۽ محسوس ڪندي آئي آهي.

ڊاڪٽر افغان کي گهڻن سالن کان پوءِ، جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ کيس خدمت جو موقعو ڏنو ويو، تہ هُو سڀ ڪجهہ ڇڏي، پنهنجو بهتر مستقبل، پنهنجين قابليتن لاءِ قدر ۽ پنهنجو سُکُ وساري، پنهنجي ڌرتيءَ جي سڏ تي لبيڪ چئي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ استاد جي حيثيت سان خدمت لاءِ اچي حاضر ٿيو.

اُهي سال، جيڪي هن انجنيئرنگ ڪاليج کي ڏنا هئا يا انجنيئرنگ ڪاليج هِن کي ڏنا هئا، اِهي ئي سال هن جي زندگيءَ جا سونهري سال هئا. اهي ئي سال هن جي حياتيءَ جو ڪُل سرمايو هئا. هن ڪاليج کي نہ صرف هڪ پُرخلوص استاد ڏنو هو، پر هُن پنهنجن شاگردن کي هڪ بااصول ۽ شفيق پيءُ بہ ڏنو هو. هُن پوريءَ ايمانداريءَ سان پنهنجي ڌرتيءَ جي اولاد کي پنهنجو اولاد سجهي، اُن کي بهتر کان بهتر تعليم، تربيت ۽ حياتيءَ ۾ اصولن لاءِ جاکوڙ جو درس ڏنو. موٽ ۾ هن کي جيڪو مانُ، جيڪا عزت ۽ جيڪو پيار پنهنجي اولاد کي مليو، اها ئي سندس ڪُل ميراث هئي. هُو جيترو عرصو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ استاد جي حيثيت سان رهيو،

مسلسل مشڪلاتن جي مُنهن ۾ رهيو. هُو پنهنجن اصولن جي دفاع لاءِ تعليم جي بلند معيارن کي برقرار رکڻ جي ڪوشش لاءِ، پنهنجن شاگردن جي اعليٰ لياقتن ۽ سنڌن ٻين سان مقابلي ۾ صلاحيتن لاءِ هر مرحلي تي هڪ مسلسل جنگ ڪندو رهيو. اها هڪ ڏکوئيندڙ حقيقت صحيح، پر هڪ اٽل ۽ مجيل حقيقت ضرور آهي ته هر اهڙي شخصيت، جيڪا پنهنجي اندر حالتن سان ٽاهه ڪرڻ جي اٽاٽ تي رکي، هر اها سچائي جيڪا مشڪل حد تائين ناقابل برداشت هجي، اها هن معاشري جي آسان پسنديءَ، آرام طلبيءَ ۽ ڪوڙ جي اڳيان گهڻي دير تائين Survive ڪري نه ٿي سگهي ۽ اهو ئي ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هن کي گهڻو برداشت نه ڪيو ويو. هن کي اسلام آباد گهرايو ويو، ته جيئن ان دؤر جا حڪمران پنهنجا مقصد آزاديءَ سان پورا ڪري سگهن. 1973ع ۾ هن کي اسلام آباد ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي شعبي ۾ سيڪريٽريءَ جو عهدو ڏنو ويو. ڪجهه سال ان عهدي تي رهيو، پر وري پنهنجي پراڻي رويي جي ڪري، پنهنجي کري طبيعت جي ڪري، هڪ ٽيڪنوڪريٽ جي حيثيت سان پاڻ کي بيوروڪريسيءَ جي ماحول ۾ هڪ دفعو ٻيهر اڻ جائيتو misfit محسوس ڪرڻ لڳو. هن پنهنجن رستن کي ۽ پنهنجي مقصدن جي حصول کي وري ڏکيائين جي منهن ۾ محسوس ڪيو.

مجموعي طرح، هن ملڪ جي تقدير ڪجهه اهڙي طور لکيل آهي، ته هتي هر سچو ماڻهو، جيڪو عام ڀلائيءَ جي ڳالهه ڪندو هجي، جيڪو سڌو رستو وٺي بلنديءَ ڏانهن سفر ڪندڙ هجي، ان جي رستن کي ڪجهه اهڙو پيچيده ڪيو ويندو آهي ته پوري حياتي سفر ۾ رهڻ کان پوءِ به ائين محسوس ٿئي، ڄڻ سفر ته اڃان شروع ئي نه ٿيو هجي. ان جو ثبوت اهو آهي ته اڄ پنجاهه سال گذرڻ کان پوءِ به هن ملڪ ۾ اهي ڳالهيون پيون هلن، ڄڻ اڄ آزاد ٿيا هجون. سو، ڊاڪٽر افغان کي OSD طور مقرر ڪري، کيس ڪجهه سالن تائين براهِ راست معاملن کان پاسيرو رکيو ويو. 1978ع ۾ کيس فيڊرل سروس ٽربيونل ۾ ميمبر جو عهدو مليو، جيڪو هن لاءِ نئين سر هڪ چئلينج هو.ان تقرريءَ ۾ هُن کي اهڙي ذميداري ملي هئي، جيڪا هُن لاءِ آزمائش هئي. هُو جيڪو پنهنجي تعليمي قابليت جي لحاظ کان انجنيئر هو ۽ استاد جي ذميداري نڀائي چڪو هو. هُو جنهن کي هن نوڪر شاهيءَ جي دؤر ۾ ذميداري ڏني وئي ۽ واپس به ورتي وئي هئي. هاڻي، هن کي هڪ منصف، هڪ جج جو عهدو ڏنو ويو هو. هُن کان اميد ڪئي وئي هئي ته هُو قانون دان جا فرض نڀائي. اها ئي ته هِن ملڪ جي نرالي ۽ معصوم ريت آ شايد. سو، هُن ان فرض کي به ڪجهه حد کان وڌيڪ سچائيءَ سان نڀائڻ گهريو هو ۽ هڪ دفعو وري وقت جي حڪمرانن جي نظرن ۾ ناپسنديده ۽ ناقابل برداشت ٿي ويو ۽ آخر اهو ٿي ويو، جيڪو ڪافي عرصي کان نه پئي ٿيو، يا ڪافي وقت کان رڪيل فيصلو هو. آخر، سيپٽمبر 1980ع ۾ صدر جي فيصلي تحت هُن کي نوڪريءَ کان برخواست ڪيو ويو.

اهڙيءَ ريت، هن ڌرتيءَ جو هڪ اهڙو سپوت، جنهن کي قدرت ذهانت ۽ علم و فراست، ايمانداري ۽ خدمت جي بي انتها جذبي سان نوازيو هو، اهو واندو ٿي ويو. هُن جي قابليت مان

فائدو نہ ورتو ويو، هُن جو قدر نہ سڃاتو ويو. هُن جي علمي ۽ ٽيڪنيڪي صلاحيتن ڪي اظهار نہ ملي سگهيو. هُو اڪيلو حياتيءَ جي اهڙن روين جو شڪار ناهي ٿيو. اهڙا مثال هِن ڌرتيءَ تي آسانيءَ سان ڳولي سگهجن ٿا.

هُن جا رستا مشڪل گذر گاهن جي حوالي رهيا ۽ هُو اهو ڪجهہ پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو، جنهن لاءِ هُن حياتيءَ جو گهڻو حصو جدوجهد ڪئي هئي. هُو جيڪو پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ خدمت جو جيڪو اٿاهہ جذبو ڪٺي مسلسل جُهد ۾ رهيو، سو پنهنجي ماڻهن جو قرض لاهڻ ۾ ناڪام رهيو. آخر نائين اپريل 1991ع تي رات جو ٽين وڳي هُو هيءُ جهان ڇڏي ويو. اڄ وري اسان ڪيس آلين اکين ۽ هڪ نہ وسرندڙ ڏک وچان ياد ڪيو آهي.

# ڊاڪٽر عبدالقدير خان افغان

علي احمد بروهي

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

(شاهہ)

ماهہ اپريل ۾ ڪهڙو جوهر ۽ جادو سمايل آهي؟ ڪا ڄاڻ نہ آهي. ليڪن، سنڌ جي حوالي سان ماهہ اپريل انساني لاباري جو مهينو ٿو ڏسجي، ڇاڪاڻ تہ هيءُ سدورو مهينو هر سال سنڌ جو ڪو نہ ڪو سپوت ”ڪوهِ ندا“ جي سڏ جيان پاڻ سان گڏ ٻيلهہ سلهاڙي ويندو آهي. اپريل جي اهڙن هاجن هٽڻ جو اندازو انهن ورسين مان بخوبيءَ لڳائي ٿو سگهجي، جي هن مهيني ۾ ملهايون ٿيون وڃن. مثال طور: هن مهيني جي الاهہ توهار ئي اسان جي سنڌ جي سدا بهار شخصيت مرحوم حسام الدين شاهہ راشديءَ جي لاڏاڻي سان ٿي. 4 اپريل تي مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو، 9 اپريل تي مرحوم ڊاڪٽر افغان، 9 اپريل تي مولانا دين محمد وفائي ۽ 13 اپريل تي علامہ آءِ. آءِ. قاضي دارالفنا ڏانهن راهي ٿيا. اهي سڀئي چوندې شخصيتون ۽ قد آور هستيون هيون. مطلب تہ ڪهڙا نالا وٺي ڪهڙا وٺجن.

9 اپريل تي اسان هڪ اهڙي سورهيہ سرواڻ جي ياد تازي ڪريون ٿا، جيڪو نہ فقط علمي اداري جو استاد، ماهر انجنيئر ۽ سماج سڌارڪ ۽ مدبر شخص هئو، پر سنڌ جو سچو هڏ ڏوکي ۽ همدرد سپوت پڻ هو. هيءُ هئو ڊاڪٽر عبدالقدير افغان، جنهن سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج کي ارتقائي منزلن مان پار اُڪاري، ڪيس مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جي درجي تي پهچايو . اڄ مهراڻ يونيورسٽي سنڌ جي واهڻن ۽ واندين واري نوجوان نسل کي انجنيئري جي تعليم و تربيت ۽ ترغيب سان روشن خيال ڪندي ٿي رهي، جيئن مهراڻ ندي سنڌ جي ڪنڌ ڪڙڇ کي پنهنجي آبحيات سان سيراب ڪندي ٿي رهي. هيءُ ڪمال ۽ ڪرشمو عبدالقدير خان افغان جي اڻٿڪ جاکوڙ ۽ جدوجهد جو آهي، جو اڄ سنڌ جا انجنيئر نہ فقط پنهنجي اباڻي ديس اندر، پر دنيا جي ڏورانهن ڏيهن ۾ پڪڙجي ۽ ڦهلجي خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن. هيءُ سلسلو اڄ بہ جاري آهي.

ڊاڪٽر افغان شڪارپور لڳ ”لکي“ نالي هڪ ڳوٺ جو ڳوٺاڻو هو. سندس والد ماجد، مرحوم قادر داد خان پٺاڻ سنڌي اسڪول جو اُستاد هو. جنهن پنهنجي سَڪٽَن هٿن تي سيني ٻارڙن کي تعليم ڏني ۽ هر هڪ کي اسڪول کان اڳيرو ڪري، ڪاليج تائين رَسائيندو رهيو. ڪائنس پوءِ ٻئي نمبر ۾ سندس مربي فرزند گل محمد افغان، جو پڻ انجنيئر هو، تنهن سيني ٻائرن کي اعليٰ تعليم جي زيور سان آراستہ ڪرڻ جو ذمو کنيو ۽ واهہ جو ناتو نباهيو. پاڻ سموري عمر فقير ۽

درويش ٿي رهيو. پر، مڙني پاڻرن ڪي پڙهائي، وڏن عهدن تي رسايائين. ڊاڪٽر افغان دلير ۽ دلبر انسان هو. سنڌ ۽ سنڌين سان سندس نہ فقط اُنس يا اُلفت هئي، بلڪ اٿاهہ عشق هو. اسان وٽ اڄ ڪلهہ قوميت جي فيشن ۽ نعره بازيءَ ڪري اڪثر ماڻهن جي قومي تشخص ۽ بناوٽ ۾ ڏيکاءُ جو پاڇو نظر اچي ٿو. پر، ڊاڪٽر افغان واري وطني حب ۾ سڪ ۽ سچائي سئو سيڪڙو سمايل هئي. هن سنڌين، خاص طور نئين ٽهيءَ جي نوجوانن جي ڏکن سورن کي محسوس ڪيو ۽ ڪين سُکيو سَتابو ڏسڻ تي گهريائين. بلڪ منهنجو ذاتي مشاهدو آهي تہ نماز پڙهڻ کان پوءِ پنهنجيءَ ذات بجاءِ سنڌ ۽ سنڌين جي خوشحاليءَ ۽ آسودگيءَ لاءِ دعائون گهرندو رهندو هو.

بيحد حساس، خوددار، سچار ۽ مست توڪلي هئڻ ڪري، هڪ تہ ڪنهن بہ آمر يا جابر حاڪم کي مُنهن تي اُڪَٽ سچ چوڻ کان هٽر نہ ڪندو هو ۽ ٻيو وري ڪنهن وڏ وڏيري جي ڪاڻ ڪانہ ڪڍندو هو. بلڪ ڪين سَٽ سُريون ٻڌائيندي هيءُ خيال هرگز نہ ڪندو هو، تہ اڳتي هلي سندس سچ ڪهڙو نہ ممڻ مچائيندو! اهو ئي ڪارڻ هو، جو ٻاهرين دشمنن جي سازشن جو شڪار رهيو. جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس پنهنجي نوڪريءَ کان بہ هٿ ڌوئڻا پيا.

آخري ايام ۾، اسلام آباد وچي لڏي پلاٽي قيام ڪيائين. سندس ارادو هو تہ مريءَ لڳ زمين وٺي، سنڌين لاءِ هڪ هائوسنگ ڪالوني قائم ڪري. انهيءَ سلسلي ۾، ابتدائي تياريون بہ مڪمل ڪيون هئائين. سندس چوڻ هو تہ سنڌي انتهائي سست قوم آهي. خاص طور، پنهنجو ذاتي فائدو وٺڻ ۾ بہ نااهل ۽ نالائق ثابت ٿيا آهن. جيسين ڪا رٿابندي ڪري، ريڊيميڊ اسڪيم سندن حوالي نہ ڪئي ويندي، تيسين هُو ان ڏس ۾ ڪابہ پيش قدمي ڪرڻ کان پيا ڪيٻائيندا.

مون کي ياد نہ آهي تہ ڊاڪٽر افغان ڪڏهن بہ مايوسيءَ جو اظهار ڪيو ۽ نہ وري پُلجي بہ ڪنهنجي شڪايت يا شڪوو ڪيائين، بلڪ سسئيءَ جيان سدائين ائين چوندو هيو تہ:

چا جا ڏنگا ڏير، منهنجو ڏينهن ڏنگو نہ ٿئي!
اُتن اوٺيئڙن ڪهڙو هاڻو وير،
هيءَ ڪميٽي ڪير، جا امر کي آڏو اچي!

(شاهہ)

# رتيءَ جي رهاڻ

سراج

ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي ته صبح جو ننڊ مان جاڳ سان گڏ ڪنهن شعر جي مصرع يا بيت چپن ۾ هُرڻ لڳندو آهي ۽ پوءِ سڄو ڏينهن ماڻهو اُن سِٽَ کي ورجائيندو جهونگاريندو رهندو آهي. اڄ به ننڊ مان اٿڻ شرط پٺائيءَ جي هيءَ سِٽَ هُرڻ لڳي هئي:

”مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي!“

سوچيم، ان سٽ جي هورا ڪورا جي پس منظر ۾ الائجي ڪهڙا خواب هئا، ڪهڙا اوٿارا هئا. انهن کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم!

آفيس ۾ ويٺو هوس. پروف پڙهي، ڪمپازيٽرن کي ڏيڻ اُٿيس پئي، ته هُو اندر لنگهي آيو. پنهنجي واقفيت ڪرائڻ کان پوءِ چيائين: ”توهان مصروف ته ضرور هوندا. پر، اوهان سڌ ڪيو، ته پاڻ جَهلي نه سگهيس ۽ هليو آيس!“

مون ڪجهه نه سمجهيو. هُن ڏانهن سوالي نظرون ڪنيم!

”توهان کي سنڌي ماڻهن جي جذبن ۽ احساسن کي چُهڻ جو حق ڪنهن ڏنو آهي؟ اوهان کان اهو شايد وسري ويو هجي ته سنڌين جو اندر ايترو ڏکويل آهي، ايترو زخمي آهي، جو اُن تي ڪا مرهم رکڻ جي ضرورت آهي، نه انهن زخمن کي چُهڻ ۽ اُنهن جون ڪَڙيُون لاهي، انهن کي اگهاڙو ڪرڻ جي!“

آءُ چپ. هن جي آواز ۾ ڪا اَڇاتي ڏيا به هئي، ته درد به؛ تنبيهه به هئي، ته پهنجائپ به!

”اوهان ته رکو پنهنجو قلم وهائي، ’سوڍا سڌ ته ڏيو!‘ لکي، ڪمپازيٽرن جي حوالي ڪري، آرام سان وڃي سمهي رهيا هوندا! اهو به ڪونه سوچيو هوندو ته جنهن به سنڌيءَ اهو پڙهيو هوندو، ان جي دل تي ڇا وهيو واپريو هوندو، ڪهڙو قهرام مَتو هوندو، ڪيترو رنو هوندو! وڏا ظالم آهيو!“

آءُ وري به چپ. هن جي اکين ۾ لُڙڪ هئا، مُنهن ڳاڙهو ۽ چَپَ پئي ڦڙڪيس. الائي مون هن کي ۽ الائي ڪيترن کي، اهو ڪالم لکي ڏکويو هوندو! ۽ زخمن کي چُهڻ واري ڳالهه ته مون کي به جهوري وڌو، ۽ منهنجي اکين ۾ به ڳوڙها پرجي آيا!

هُو ڪا گهڙي پنهنجي لڙڪن سان منهنجي لڙڪن کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ وڌي اچي ڀاڪر وڌائين. ڪيترو وقت ائين ڀاڪر ۾ ٻيٺا رهياسون ۽ پوءِ سُڏڪندي چيائين:

”اسين ڪامورا ضرور آهيون، پر سنڌي به ته آهيون. اسين سنڌي ڪيترا به ڏکويل آهيون... پر تو سان هڪڙو وچن ڪري ٿو وڃان، ته آئيندي ٿلهو ڪامورو ڪونه هوندس؛ سنڌي به هوندس!“

هُو هليو ويو. ان کي ورهيه گذري ويا. هن بابت خبرون پونديون هيون. هن تي اهو الزام به لڳو ته هُو ڪامورو هجڻ جي باوجود سنڌي هو.

پر، اڄ اها سِٽَ، صبح لاڪون چو پئي سَتائي:

”مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي!“

انهيءَ مونجهه کي ڪورٽ جي ڪمن ڪارن ۾ به وساري نہ سگهيس. بار روم ۾ آيس ۽ اها سٽ پئي جهونگاريم!
هڪڙي دوست، جي. ايم. قريشيءَ ڪلهي تي هٿ رکي چيو:
"يار ڊاڪٽر افغان گذاري ويو!"
۽ منهنجي چپن ۾ اها سِٽَ سُڏڪو بڻجي ويئي:
"مون سي ڏٺي ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي!"

# دفن ٿيا زمين ۾ سچڻ ڪهڙا ڪهڙا

## پروانو ڀٽي

گذريل ڪجھ ڏينھن اندر ٻن اهڙن ڏک ڀَرين واقعن سان واسطو پيو اٿم، جنھن جيءَ کي جھوري وڌو آهي. نہ ڊاڪٽر عبدالقدير افغان (اي. ڪيو. ڪي. افغان) کي وساري ٿو سگھجي ۽ نہ شفيع جوڻيجو ڪا نظر انداز ڪرڻ جھڙي شخصيت هئي.

سال گذريا، جنھن درياءِ سنڌ جي ساڄي ڪپ تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي پر ۾ هڪ انجنيئرنگ ڪاليج قائم ٿيو ۽ ان جو هڪ پرنسپال هوندو هو ڊاڪٽر افغان. قد آور، ڳالهائڻ جو مٺو ۽ ڪچهريءَ جو مور. هيءُ اهو زمانو هو، جڏهن سنڌ جو نئون نسل ون يونٽ جي لعنتي ڪوٽ کي ڀڃيءَ مان لاهي، اُڇلائڻ لاءِ جاکوڙ ڪري رهيو هو ۽ حڪومت پنھنجي روايتي هٿيارن سان ليس انھن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف!! اڃان اها جدوجھد جاري هئي، تہ مٿان ايوب خان جي مارشل لا اچي ديرو ڄمايو. سنڌ جو شاگرد بنھہ باھہ ٿي ويو ۽ هُن هر محاذ تي حڪومت جي خلاف تحريڪ هلائڻ شروع ڪئي. اهي نظارا هن وقت بہ اکين اڳيان هڪ فلم جيان هلي رهيا آهن. آءٌ ڏسان پيو تہ مسعود نوراني، اقبال ترين، ظهور افغان، دوست چانڊيو، غلام نبي مورائي ۽ ٻيا دوست نعرا هڻي رهيا آهن ۽ ڪي دوست بجليءَ جي ٿنڀن تي چڙهي لائيٽ کي دُرست ڪري رهيا آهن، چاڪاڻ تہ 'جشنِ لطيف' جي تقريب ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مولانا غلام محمد گرامي، حفيظ قريشي، رسول بخش پليجو ۽ ٻيا بزرگ پهچي چڪا آهن ۽ ڊاڪٽر افغان سندن آجيان ڪري رهيو آهي. ڊاڪٽر افغان سان ڏاڍيون سھڻيون رهاڻيون ٿينديون هيون. سينٽ بونا وينچر ڪاليج سامھون سائين احمد خان بارڪزئي، رٽائرڊ سيشن جج جي رهائشگاھہ تي مرحوم سائين ڏاڏا شاھہ، پرويز شاھہ جيلاني ۽ ٻيا دوست گڏ ٿيندا هئا. 'مومل راڻي' فلم جا ڊائلاگ ڳالهائبا هئا ۽ پوءِ ڏاڍو ٽيبل سيري وڏي درد ڀري آواز ۾ چوندو هو: "مون پيار ڪيو، سنسار ڇڏيو" ۽ سيني کان داد وٺندو هو. ڊاڪٽر پيو ٽڙندو هو.

مار! ڪيترن سالن کان ملاقات نہ ٿي هئي. اوچتو خبر پئي تہ سنڌ جو هيءُ سُڄاڻ ۽ نامور انسانُ وڃي حقيقي رب سان مليو ۽ اسلام آباد ۾ ئي پنھنجي جسمِ خاڪيءَ کي دفن ڪرائي ڇڏيائين. بس رهي نالو سائين جو!

اڄ کان 20–25 سال اڳ، "عبرت" اخبار ۾ هڪ وضعدار انسان ايندو رهندو هو ۽ دادو ضلعي، خاص ڪري سنڌ جي آبادگارن جي مسئلن تي هر طرح جا لکيل مضمون کڻي ايندو هو. سندس مضمونن ۾ عام طرح سنڌ جا مسئلا بيان ٿيل هوندا هئا. روبرو ملاقات ۾ بہ انھن حالتن تي تفصيل سان ڳالهائيندو هو. اهو وضعدار، سمجھدار ۽ سنڌ جي مسئلن سان ڄاڻ رکندڙ انسانُ هو محمد شفيع جوڻيجو، جيڪو ان وقت آبپاشي کاتي ۾ انجنيئر هو. "عبرت" اخبار جي ذريعي ۽ سندس مضمونن جي وسيلي ملاقات پئي ٿيندي هئي، ۽ ملاقاتون مسلسل هلنديون رهيون.

جوڻيجو صاحب وڏي ظرف وارو انسان هو. ٺڏو ۽ مٺو لهجو. سندس گفتگوءَ مان گهڻو ڪري سائين عبدالرحيم جوڻيجي جون سِڪُون لهنديون هيون, جيڪو سنڌ جو ناميارو صاحبِ طرز افسانہ نگار ۽ "پچاڙي چهبڪ" جو مصنف هو. شفيع جوڻيجو انسان هو ۽ انسان جي حيثيت ۾ سيني کي راضي رکڻ سندس وس ۾ نہ هوندو هو. مگر اهو ضرور ڏٺو هئم تہ هُن پنهنجي هٿان ڪنهن کي تڪليف نہ ڏني.

ڏاڙيل, سنڌ جي ڳوٺن ۽ واهڻن کي تباهہ ڪرڻ لاءِ چڻ تہ ڪنهن جي هُشيءَ تي سندرو ٻڌي بيٺا آهن. مگر اُهي ڏاڙيل بہ هِن فقير صفت انسان کي مارڻ کان پوءِ پنهنجي زندگيءَ جي عرصي کي طويل وقت هلائي نہ سگهيا ۽ ائين تو لڳي تہ جنهن ڏاڙيل گوليءَ سان هن شريف انسان, غريبن جي دوست ۽ همدرد, سنڌ جي درد کي محسوس ڪندڙ فقير شفيع جوڻيجو کي ماريو, اهو بہ چند لمحا زنده رهيو هوندو ۽ پوءِ پاڻ بہ پورو ٿي ويو.

# اڪٽر افغان: هڪ باهمت انسان

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

هڪ انسان کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي انسانن سان واسطو پوي ٿو. انهن مان ڪي ته رُڳا ماڻهو هوندا آهن، فقط ڪرسين ۽ ڪتن تي بارُ هوندا آهن: پر ڪي سچ پچ ته انسانَ بلڪ اعليٰ انسان هوندا آهن. اهڙا اڙٻنگ، همت ۽ جرئت وارا ڪي مون به ڏٺا، جن ۾ ڊاڪٽر عبدالقدير افغان هڪ هو، يا ائين سمجهو ته ”هڪوئي رانجها، لکان دا مٺ.“ اڄ به اکين جي اڳيان سندس با رعب ۽ معصوم صورت پئي ڦري.
شايد ڪنهن موقعي تي مون ساڻس ٻه اکر ڳالهايا هجن ۽ هٿ ملايو هجي. هڪ دوست وانگر هُو منهنجي قريب نه هو. پر ڪيس ڏٺم ۽ ٻُڌم. هڪ موقعو مون کي ياد پوي ٿو. ٽيچرس ائسوسيئيشن جي ساليانې ڊنر هئي. استاد، آفيسر، وائيس چانسلر ۽ ڪي ٻيا مهمان موجود هئا. ماڻهو ڪي ڪرسين تي ويٺل هئا، ته ڪي ٽولا ٽولا ٿي لان تي چهل قدمي ڪندا، پاڻ ۾ ڪچهريءَ ۾ مشغول هئا. آءٌ به ڪنهن گروپ ۾ بيٺو هوس، ته پر واري گروپ ۾ گوڙ پئجي ويو. ڊاڪٽر افغان هڪ ٽيچر کي تلخيءَ سان چيو ته، ”منهنجي دوست جي خلاف تو ڳالهائين!“ معاملو وڌي، تنهن کان اڳ ٽئين دوست وچ ۾ پئي، ڊاڪٽر افغان کي ٿڌو ڪيو. خبر پئي ته جنهن ڊاڪٽر افغان جي دوست جي خلاف ڪجهه چيو هو، سو ائين ئي ڪل پوڳ طور هو. دوست جي خلاف نه ٻُڌڻ هڪ سچي انسان جو ئي ڪردار هوندو آهي. نه ته اسان اوهان اهو ڏٺو هوندو ته دوست خلاف پيا ٻُڌندا آهيون، جيئن ڳالهائيندڙ خوش ٿئي ۽ داد به ملي.
ڊاڪٽر افغان زود رنج نه هو. هڪ رلڻو ملڻو، ملنسار ۽ همدرد انسان هو. شاگردن جي مفاد خاطر هن جا عمل ۽ ارادا هر ڪنهن جي اڳيان سج وانگر روشن آهن. ڊاڪٽر افغان زيادتي ۽ بدڪرداري ڪڏهن به برداشت نه ڪندو هو. اهڙا به ڪي مثال موجود آهن. هڪڙو عرب شاگرد شايد جبرئيل نالو هوس، انجنيئرنگ ڪاليج کان روز بس ۾ هلندو هو ۽ حيدرآباد ۾ فردوس سئنيما جي سامهون واري ”ڪيفي فرحت“ ۾ آءٌ ڪيس روز ڏسندو هوس. چانهه تي چانهه ۽ سگريٽ تي سگريٽ هُن جو معمول هو. پنهنجي ڌُن ۾ ويٺو هوندو هو. اُن بابت ٻڌم ته هن هاسٽل ۾ ڪنهن سان زيادتي ڪئي. ڊاڪٽر افغان ڪيس گهرايو. جبرئيل ڏوهه به ٻاسيو. ڊاڪٽر افغان ڪيس ٿقڙ هڻڻ لاءِ اٿيو. ڇوڪرو اُٿي ڀڳو. ڪيس اهڙو خيال ئي ڪونه هو. ڀڄندو ويو ۽ چوندو ويو:

“Sir! You are Ph. D. and yet you are running after me!”

ايتري ۾ ڊاڪٽر افغان ڪيس پڪڙي ٿقڙ هڻي ورتو. ڇوڪري وري رڙ ڪئي:

“Sir! You are Ph.D. and your are beating me.”

هن جا اهي لفظ ڪو وقت ڇرچن ۾ ڪم ايندا رهيا. خاص طور پهرئين جملي ۾ ’آفٽر‘ ۽ ٻئي ۾ ۾ ’بيٽنگ‘ جو حوالو ايندو رهيو. جبرئيل کي آءٌ ڏسندو هوس ۽ ڪڏهن عليڪ سليڪ به ٿيندي هئي، پر هيءُ واقعو مون ٻين کان ٻڌو آهي. اِهو به ٻڌڻ ۾ آيو ته هُن عرب ڇوڪري

جي تعليم ۽ رهائش ۾ ڪوبہ رخنو نہ پيو ۽ ڊاڪٽر صاحب هُن جو ڪو نقصان نہ ڪيو، جو پاڻ هڪ اعليٰ انسان ۽ سچو اُستاد هو.

مون جيڪي ڊاڪٽر افغان بابت سندس دوستن کان ڪي ڳالهيون هُن جي اعليٰ ظرف جون ٻڌيون تہ مون کي افسوس ٿيو، تہ ههڙي باهمت انسان سان مون کي وڌيڪ قربت چو حاصل نہ ٿي؟ پنهنجي ڪوتاهيءَ تي اڄ بہ پڇتائيندو آهيان. بقول شاعر "اب ڪيا هوءِ جب چڙيان چُگ گئين کيت." هڪ همدرد انسان پنهنجي سماج لاءِ سايہ دار وڻ مثل هوندو آهي. اُن کي هيءُ درجو بي لوث خدمت ۽ قرباني ڏيڻ سبب حاصل ٿيندو آهي. ڪجهہ بہ نہ ڪرڻ، ڪجهہ بہ نہ ڏيڻ سان، ڪجهہ بہ پلئہ نہ پوندو آهي. هن پَدَ جي حاصلات لاءِ شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري خوب چيو آهي تہ:

"نينهن نياپي نہ ٿئي، سڏين سيڻ نہ هون،
ڪارين راتين رت ڦڙا، جان جان تيڻ نہ رون."

هيءَ سعادت زورِ بازوءَ سان حاصل نہ ٿيندي آهي، بلڪ هن سعادت لاءِ ڳالهہ ڳچ تي گهرجي. هڪ امانت آهي، جا سنڀالڻي آهي. بقول شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي:

سَتي تنهنجي ست ۾، ڳالهہ گهرجي ڳچ،
وڏيو چيريو چچريو، پَرَ ۾ اُپي پچ،
ساڻ امانت اڄ، تہ ٿئين سماني ساٿيهہ ۾.

دنيا ۾ رهي، ان ڪان پوءِ هر ڪو هليو تو وڃي. ڪو ڪو ياد رهي ٿو، وسريو گهڻا وڃن. هڪ بامقصد موت ۽ اُن کان اڳ سڦل زندگيءَ بابت چيئرمين مائوزي تنگ ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي. هت سندس بہ مقولا ڏيڻ چاهيان ٿو. اُنهن مان هڪ مقولو هُن هڪ سورميءَ ليو خُولان جي موت تي چيو، جنهن کي جپاني حملہ آورن قتل ڪيو. هُن کي پڪڙي ورتائون ۽ ڳوٺ ۾ ٻين ڪميونسٽن بابت پڇيائون. ليو خولان هڪ ئي جواب ڏنو: فقط آءٌ آهيان! حملي آور بيزار ٿي پيا. نيٺ کيس اَڏِيءَ تي ڪاتيءَ سان ڪُٺائون. سندس باري ۾ گيت، ڊراما، آپيرا ۽ ناول لکيا ويا.

1948ع ۾ 16 سالن جي هن سورميءَ جي شهادت ٿي. مون بہ سندس باري ۾ هڪ ناولٽ ۽ نظم "ڪاتيءَ ڪُٺي" لکيو آهي. چيئرمين مائوءَ چيو: "هُن جي زندگي عظمت واري ۽ موت شاندار آهي." اهڙيءَ طرح، هڪ ڪامريڊ جي بامقصد زندگيءَ بابت چيئرمين مائوءَ چيو تہ:

"جيڪو هڪ اعليٰ مقصد لاءِ جيئي ٿو، اُن جي زندگي جبل کان بہ وڌيڪ وزني آهي ۽ جيڪو سکٽي زندگي جيئي ٿو، اُن جي زندگي هڪ ڪنپ کان بہ هلڪي آهي."

ڊاڪٽر افغان جي زندگي هڪ اعليٰ مقصد خاطر هئي. اُن مقصد جي حاصلات لاءِ زنده رهيو. ڪنهن دٻاءَ ۾ اچي، ڪنهن مصلحت خاطر ٽاهہ نہ ڪيائين. فائدي لاءِ نہ جُهڪيو ۽ اصولن تي ڪاربند رهيو. اُن ڪري تڪليفون آيون، تہ برداشت ڪيائين. شاهہ عبداللطيف چيو آهي تہ:

"وڏا طالع تن جا، مارڳ منجهہ مرن"

اهڙن ارڏن انسانن کي حياتِ جاويد حاصل آهي. ڪين هزارين ماڻهو ياد ڪن ٿا. سندن ڳڻ ڳائين ٿا. اسان جو هيءُ سورمو حق جي جنگ جو جوڌو آهي. هڪ بااصول ۽ باهمت انسان آهي. هُو جاڳيل دلين ۾ موجود آهي. جسماني طور نه، ته روحاني طور دلين کي ويجهو آهي. انهن جا به وڏا ڀاڳ آهن، جيڪي سندس شاگرد هئا ۽ اُهي به خوش نصيب آهن، جن ڪيس ڏٺو. ههڙا اڙٻنگ وري وري نه ايندا آهن.

مطلب پرست ڪيتري به مخالفت ڪن، پر هيرن جي جوت جرڪندي رهندي. بقول اياز:

هيرا ته ڏسو، ڪنڪر نه هٽو، ايندو نه وري هي وڻجارو،
ڪجهه ڏات ڏسو، پوءِ بات ڪريو، هي شور اجايو آ پيارا.

اها حقيقت آهي ته ههڙا باهمت انسان ۽ جُنگ جوڳي سنڌ جي ڌرتيءَ لاءِ هميشه ناز ۽ فخر جو باعث آهن. ڪين ڪيترو به لفظن جي تارازيءَ ۾ توريون، هُو اجان به ڳرا آهن. هنن جي ساراهه لفظن جي ساهميءَ کان بالاتر، اعليٰ ۽ ارفع آهي. شاهه جي رسالي ۾ اهڙا ڪيترا بيت آهن، جي جيڪر ڊاڪٽر افغان کي ڀيٽا طور پيش ڪريان. فقط ڪاهوڙي ۽ ديسيءَ جا هي ٻه بيت آخر ۾:

مون ڪاهوڙي لکيا، آين نه آرام،
ڪيائون تن تمام، جه ڏوٿي ڏٽ ڳڏ ڪيا.

*

ڪيچان آيو قافلو، عطر آندائون،
ڪٿوريءَ خوشبوءِ سين، وڻ ٽڻ واسيائون،
پسنديئي پنهون جام کي، وسريون وِچائون،
خيما کوڙيائون، وريو بخت ڀنڀور جو.

# ڊاڪٽر افغان: هڪ دلير انسان

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

هن ڌرتيءَ ڪئين بهادر ۽ اَرڏن انسانن کي جنم ڏنو آهي. ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان انهن مان هڪ آهي. هُن پنهنجي زندگيءَ کي پنهنجن هم وطن ماڻهن، خاص طور نوجوانن لاءِ وقف ڪيو. هُو ڪڏهن بہ مصلحت پسنديءَ جو شڪار نہ ٿيو. هڪ پل بہ پنهنجي مفاد لاءِ نہ سوچيائين. شاگرد جي مقابلي ۾ ڪڏهن بہ سرڪار ڏانهن نہ جهڪيو. مون اُن دلير انسان کي ڏٺو ۽ ڪنهن تقريب ۾ ڪيس ٻُڌم ۽ شايد هڪ يا ٻہ دفعا ساڻس هٿ ملائڻ جو شرف حاصل ڪيم. پر اڄ ڏسان ٿو تہ ڊاڪٽر افغان جون ڳالهيون ڳڻڻ جهڙيون آهن. هُن جي ذات ڪنهن انفرادي واسطي سان نہ ٿي ليکجي، بلڪ هُو تہ قوم جي اجتماعي مفاد لاءِ ڪم ڪندڙ هڪ سچار ۽ دلير انسان هو.

هڪڙا ماڻهو فقط پنهنجي مفاد لاءِ جيئندا آهن. فقط پنهنجو پيٽ پرڻ لاءِ هٿ پير هڻندا آهن. ڪو مري يا جيئي ـ قوم اڳتي وڃي يا پوئتي، هُنن کي ڪا پرواهہ نہ هوندي آهي. ڊاڪٽر افغان جي مرتبي جا ماڻهو ٿهيل ئي اهڙيءَ مٽيءَ مان هوندا آهن، جن وٽ ذاتي مفاد، پاڻ پٽو ۽ پئسي جي ٻک نہ هوندي آهي. ڊاڪٽر افغان جڏهن ڄام شوري جي فضائن ۾ آيو، تہ هُن دليون موهي وڌيون. آءٌ انهن ڏينهن ۾ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار هوس، جو ڊاڪٽر افغان جي بحيثيت انجنيئرنگ ڪاليج جي پرنسپال جي ساکَ ٻُڌم. منهنجن دوستن مان انورالدين اُچڻ (فزڪس شعبو) تہ ڊاڪٽر افغان جي واکاڻ ڪندي نہ ڍاپندو هو. ڊاڪٽر افغان دوستن جو دوست هو. شاگردن جي چپر ڇانوَ هو. خاص طور، بقول شاهہ عبداللطيف جي "سمر نہ جنين ساڻ، هوت حمايتي تن جو." اها ڳالهہ هرڪو محسوس ڪندو هو، تہ ڊاڪٽر صاحب بيواهن جو همدرد ۽ حمايتي هو.

مفاد پرست ڪلهہ بہ ۽ اڄ بہ ڊاڪٽر افغان کي پسند نہ ٿا ڪن، ڇو جو هُن ڪلهہ رهزن جا وڪا پڌرا ڪيا هئا ۽ اڄ سچار ماڻهو اهڙن پيٽ جي بيماريءَ ۾ ورتل ماڻهن کي سڃاڻن ٿا. گذريل سال، نواب شاهہ ۾ ڊاڪٽر افغان جي پرستارن جي ميڙ کي ڏسي، انهن جا خيال ٻڌي، مون کي محسوس ٿيو تہ ڊاڪٽر افغان جهڙيون هستيون امر آهن. هُن جا پرستار هن جي شڪل ۾ موجود آهن. ڊاڪٽر صاحب سدا حيات آهي.

قاضي خضر حيات خاص طور ڊاڪٽر افغان جي گُڻن کي ڳائڻ لاءِ ميڙاڪا ڪندو اچي، جتي هن شمع جا پروانا اچي گڏ ٿين ٿا.

"پتنگن پهہ ڪيو، مڙيا مٿي مچ."

# سپ ڪوڙ
# (هن ڪالم ۾ لکيل ڪنهن ڳالهه تي يقين نه ڪريو)

امر جليل

گذريل ڪالم جي آخري سٽ ۾ لکيو هيم: هينئر جڏهن ڪالم جي پڇاڙيءَ ڪي پهتو آهيان، دل چاهي ٿي لکي ڇڏيان ته، اڄوڪي ڪالم ۾ لکيل هڪ هڪ لفظ تي يقين ڪجو.
اڄ دل چاهي ٿي، ته اڄوڪي ڪالم جي شروعات ۾ لکي ڇڏيان: اڄوڪي ڪالم جي هڪ هڪ سٽ ۽ هڪ هڪ لفظ يقين تي ڪجو.

اپريل، موجوده اپريل (1991ع) جي 9 تاريخ هئي. صبح جا ساڍا ڇهه، يا پوڻا سَتَ ٿيا هئا. فون جي گهنٽي وڳي. ٻن چئن ڏينهن کان لاڳيتو مِينهن وَسيو هو. سڄي ملڪ جي برعڪس اسلام آباد ۽ جابلو علائقا سخت سيءَ ۾ ورتل هئا. گهنٽيءَ جو آواز ٻڌي، سوڙ مان نڪري رسيوَر کنيم. ٻئي طرف کان ظهور افغان جو آواز آيو. ڳورو، ٻُڏل ٻُڏل، چيائين:
ڊاڪٽر افغان صاحب گذاري ويو آهي.
منهنجي وات مان ٻه لفظ نڪتا: الله اڪبر، الله اڪبر.
مان وائڙو ٿي ويس. ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا چوان، ۽ ڇا نه چوان! ڪجهه ماڻهو اسان جي زندگيءَ ۾ وڏي اهميت واري جاءِ والاريندا آهن. زندگيءَ جي تاريڪ غفائن ۾ روشنيءَ وانگر ملندا آهن. وڇايل واٽن ۾ اسان لاءِ سُونهان ٿي پوندا آهن ۽ پوءِ باقي بچيل زندگيءَ ۾ ابهم پار وانگر، رکي رکي، ڊوڙي وڃي سندن آڱر جهليندا آهيون. سندن واتان ٻاجهارا ٻه ٻول ٻڌي رُڪ وهندي راند ۾ هٽڻ، هڪلڻ ۽ ٻيلي سارڻ جي سَگهه ملي ويندي آهي. جنگ جاري رهندي آهي. باطل قوتن سان ڪنهن ٻه ٽاهه نه ڪرڻ جي عزم ۾ ايمان پختو ٿي پوندو آهي. ڊاڪٽر افغان جن منهنجي لاءِ ائين ئي هئا. منهنجي لاءِ محبت جو مهراڻ هئا.
ظهور ٻڌايو: ڊاڪٽر صاحب جن ڪالهه ڪراچيءَ کان آيل هئا. رات ٻين لڳي ڏاري سيني ۾ سور پِيُن ۽ ٽين لڳي گذاري ويا. شام جو چئين لڳي کين آخري آرام گاهه ڏانهن ڪٽي ويندا‌سين.
ظهور افغان، ڊاڪٽر اي. ڪيو. (A.Q.) افغان جو ننڍو ڀاءُ آهي.
رسيوَر رکي مان ويهي رهيس. سوچيو هيم: عيد تي ڊاڪٽر صاحب جن سان ملڻ ويندس. ڪائنئ صلاح وٺندس، ته هن سال ڊسمبر ۾ نوڪريءَ ۾ منهنجا پنجويهه سال پورا ٿي رهيا آهن. سوچيان پيو ته رٽائرمينٽ وٺي ڪنهن ايڊورٽائيزنگ ايجنسيءَ سان وڃي ڪم ڪريان، يا باقاعدي صحافت ۾ شامل ٿيان. توهان ڪهڙي صلاح ٿا ڏيو؟ ان قسم جون انيڪ صلاحون ۽ هدايتون مون ڊاڪٽر صاحب کان ورتيون هيون.
سرڪاري نوڪري ڪرڻ ۽ نوڪريءَ دوران پنهنجن نظرين ۽ عقيدن تي قائم رهڻ پُل صراط تي پنڌ مثل آهي. مان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ نوڪري ڪندو هوس. انهن ڏينهن ۾ جڏهن ڊاڪٽر عبدالقدير افغان جن انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جا وائيس چانسلر هوندا هئا. ايڏيءَ

حشمت ۽ دٻدٻي وارو وائيس چانسلر اسان ورلي ڏٺو. جڏهن ٻہ دلير ۽ اصولن تي جنگ جوٽڻ وارن وائيس چانسلرن جو ذڪر نڪرندو آهي، تڏهن تي وائيس چانسلر مون کي ياد ايندا آهن:
سائين غلام مصطفيٰ شاهہ، سائين حسن علي عبدالرحمان ۽ ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان. انيڪ صفتن مان ٽنهي ۾ هڪ صفت مشترڪ هئي. تعليم جي معيار تي ڪنهن سان، ڪنهن بہ قسم جو ٺاهہ نہ ٿيندو: اهو سندن دستاويز هو.
ڊاڪٽر افغان جي موجودگيءَ ۾ ڪنهن بہ ڪرنل جرنل، آئي. جي، ڊي. آءِ. جي، ايس. پي، ڊي. ايس. پي، ۽ سي. ايس. پي. کي يونيورسٽي ڪيمپس پنهنجي هٿ ۾ ڪٽي ڪنٽرول ڪرڻ جي همت نہ ٿيندي هئي. ارڏي ڪان ارڏا، ڏنگن کان ڏنگا شاگرد ڊاڪٽر افغان آڏو ٻڪري ٻولي نہ سگهندا هئا. انهن ڏينهن ۾ نعرو لڳندو هو: "سنڌ اي جي جان - ڊاڪٽر افغان."
سنڌ جي جان، ڊاڪٽر افغان گذاري ويو! وِسوسن ۾ پئجي ويس. سوچيم، ڪٿي ائين تہ ناهي، اسر ويل ڪو پوائتو خواب ڏٺو اٿم! ڊاڪٽر افغان گذاري ويو آهي. الائي چو ممڪن نہ پئي لڳو. دل پِڙُ ڪڍي بيٺي تہ ظهور کي فون ڪريان. ڳالهين ڳالهين ۾ ساڻس پوائتي خواب جو ذڪر ڪريان. پر پوءِ جيئن جيئن ڏينهن چڙهندو ويو، ماتم ڪَڍي مان نئين سر نوحي جو پَڙلاءُ ٻُڌم. ڊاڪٽر افغان گذاري ويو آهي.
پر ڪي ڪي ماڻهو، ماڻڪ جهڙا، موتيءَ جهڙا، گذاري وڃڻ جي باوجود اسان لاءِ گذاري نہ ويندا آهن. هُو سدائين اسان جي اوسي پاسي، اسان کي ويجهو هوندا آهن. مان ڪيئن لکان، مان ڪيئن چوان تہ ڊاڪٽر افغان گذاري ويو آهي!

# ڊاڪٽر عبدالقدير خان افغان جون يادگيريون

انور الدين احمد قريشي

غالباً سندن سال پيدائش 1926ع آهي. اڄ سندن ڏهين ورسي آهي. سندن وڏا افغان فوجي هئا، جي احمد شاهه ابداليءَ جي سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ وقت ان جي فوج سان گڏ آيا ۽ پوءِ سنڌ جي اترئين علائقي ۾ ئي رهجي ويا. سندن پيءُ سڳورو سنڌي اسڪولن جو بهترين ۽ ناميارو هيڊ ماستر ٿي رهيو. اهڙي برک والد صاحب جي اعليٰ تربيت ۽ تعليم سبب ڊاڪٽر افغان صاحب جو ذهن ڏاڍو کُليو ۽ اخلاق جي بلندي حاصل ٿين.

مرحوم ڊاڪٽر عبدالقدير خان سان منهنجي ملاقات ۽ گهرائپ تڏهن کان آهي، جڏهن هن اين. اي. ڊي انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ انجنيئري جي تعليم لاءِ داخلا ورتي. اسان ٻنهي جي داخلا انجنيئريءَ جي الڳ الڳ شعبن ۾ ٿي هئي. ساڳئي سال، سندس وڏو ڀاءُ ميان گل محمد خان پڻ انهيءَ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ساڳئي ڪلاس ۾ داخل ٿيو. شايد، پرائمري اسڪول ۾ ٻئي گڏ پڙهڻ ويٺا هجن. ٻئي ڀائر پڙهائيءَ ۾ ڏاڍا ڀلا ۽ هُوشيار هوندا هئا. ٻنهي ڀائرن کي جسماني ورزش، يعني: ڪسرت ڪرڻ جو بيحد گهڻو شوق هوندو هو. ٻيءَ راند روند سان سندن دلچسپي ڪانه هئي. ٻئي سال هاسٽل جو ڪمرو، افغان ڀائرن ۽ مون کي لڳو لڳ مليو. شايد، منهنجو ڪمرو نمبر هو پنجاهه ۽ هنن جو اٺونجاهه. هڪڙو فل سائيز ماڻهوءَ قد آئينو، ڪاٺيءَ جي اسٽينڊ سان وٺي آيا هئا. باقاعدي هر روز شام جو ڏسو، ته واري واري سان آئيني جي آڏو بيٺا آهن لانگوٽو ٻڌيون. ٻاڌي ٻلڊرن وانگر ڏئورن کي پيا سِيٽائين ۽ مُڇو ٺاٺن. وري سَٽرن کي پيا سُڃائن. ڏنڊ پيا ڪڍن، بيٺڪون پيا لائِن. اسپرنگ چڪي، سينو پيا ڦوڪين ۽ ڊمبيل هٿن ۾ ڪٺي، ڪَراين کي مضبوط پيا بنائِن. واهه! جهڙو پهلوان جي اکاڙي جو منظر.

بي. اِي جي ڊگري حاصل ڪرڻ بعد، اسان سرڪاري نوڪريءَ ۾ لڳي وياسون. حسنِ اتفاق سان نوڪري وري به گڏ حيدرآباد شهر ۾ ملي، جنهن ڪري روزمره ڪچهريون ٿينديون رهيون. عبدالقدير خان کي انگلينڊ ۾ اعليٰ تعليم پرائڻ لاءِ اسڪالرشپ ملي ويئي، سو اُهو اسان کان جدا ٿي ويو. عبدالقدير خان ۽ مان ٻيهر 1965ع ۾ ملياسون، جنهن وقت سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري ۾ انجنيئرنگ ڪاليج کليو هو ۽ بطور انجنيئري ماستر اُتي پڙهائڻ قبول ڪيو هئوسون.

ڊاڪٽر افغان صاحب لنڊن ۾ پي ايڇ. ڊي. ڊگري ورتي. پوءِ ڪجهه سال اتي نوڪري ڪيائين ۽ ٿورو عرصو عراق ملڪ ۾ ملازمت پڻ ڪئي هئائين. ان کان بعد، هُو ڄام شوري ۾ آيو هو. هُو شروع ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جو وائيس پرنسپال ٿي رهيو ۽ آخر ۾ پرنسپال پڻ ٿيو. 1972ع ۾ حڪومت سان اختلاف ٿيڻ سبب هن پرنسپاليءَ جي عهدي تان استعيفيٰ ڏني ۽ پروفيسري به ڇڏي ڏنائين. ٿورو وقت اڳ ۾، هن کي ڪجهه ڏينهن زندان ۾ به ڪاٽڻا پيا هئا. چڱن جا حال اِجهو اِهي ٿيندا آهن!

انجنيئرنگ ڪاليج جي پرنسپال جي حيثيت ۾ هُن سنڌ جي شاگردن جي ڏاڍي سهائتا ڪئي ۽ ڪاليج کي زور وٺرايو. ڊاڪٽر افغان ۽ سندس اورچ ساٿين جي محنت جو ئي نتيجو هو، جو سال 1976ع ۾ اهو انجنيئرنگ ڪاليج، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جي نالي سان اُڀريو. بلڪل اهڙيءَ طرح، جيئن ڪجهيءَ جي پاڙ مان ڇپو نڪري ۽ پوءِ الڳ وڏي وڻ ٿئي. هِن مسڪين پڻ ڊاڪٽر عبدالقدير خان جو پانهن ٻيلي بڻجي، وڏا ڪشالا ڪڍيا ۽ محنت ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيو.

ڊاڪٽر افغان صاحب ماڻهو نه، پر ملائڪ هو. دل جو نهايت صاف، قول جو ڪرو ۽ اخلاق جو اُجرو. وٽس ڪو ڪم ڪٺي وڃبو، ته دير نه ڪندو. يڪدم چوندو: ”حاضر! اُٿو ته هلون، لڳون ڪم سان!“ پل ته ڪو مسڪين ماڻهو ڪم لاءِ اچيس. توڙي پاٽيرو شخص. روش سيني سان ساڳي. مهمان تي وٽس وڃبو، ته لک آڌرياءُ ڪندو. چاڪاڻ ته مهمان جي آجيان ۽ ان جي مهمان نوازي پنهنجو عظيم فرض سمجهندو هو. ڪيس وڏن کان اهڙي تربيت ملي هئي. مانيءَ جي ميز تي ساڻس گڏ ويهبو ته ڪو غريب مهمان هجي، توڙي ذاتي دوست خواهه وڏو چڱو ماڻهو، ڪاڏي جون سُنيون پليٽون پيو خود مهمان ڏي وڌائيندو ۽ چوندو: ”هي ضرور کائي ڏسو، ڏاڍي چڱي شيءِ آهي.“ ڪنهن جي به ٿالهيءَ کي خالي ٿيڻ کان اڳي ٻي ڊش ڏانهس وڌائي رکندو. انهيءَ طرح، خدمت ڪندي، پاڻ اڪثر تورڙو ئي کاڌو کائيندو هو. هر ملاقاتيءَ سان اُٿي ملندو هو، نهايت گرمجوشيءَ سان هٿ ملائيندو هو ۽ ڀاڪر پائيندو هو. جڏهن ملاقاتي واپس ويندو هو، ته وري به اُٿي کيس رخصت ڪندو هو، بلڪ دروازي تائين ڇڏڻ ويندو هو. اهڙو شفيق ۽ همدرد انسان هو. ڪاوڙ کيس گهٽو ڪري ايندي ڪانه هئي. پر، ڪڏهن آئي، ته اها ڇٽي هوندي هئي. هڪ دفعي ياد اٿم ته ڪنهن شاگرد جي بدتميزيءَ جي ڪا شڪايت وٽس آئي. يڪدم ڇوڪري کي گهرايائين پنهنجي آفيس ۾. هڪ انچ چورسي ڪاٺيءَ جي پَٽي پنهنجي ميز جي خاني مان ڪڍي اٿيو ڇوڪري کي مارڻ. ڇوڪرو وٺي ڀڳو. ڇوڪرو اڳيان، ڊاڪٽر صاحب پٺيان. نيٺ وچي اڏ وراندي‌ءَ ۾ ڇوڪري کي جهليائين. اچي ورتائينس پٽيءَ سان. ڇوڪرو ڪٽي تو پهلوان کان پنهنجي پانهن ڇڏرائي سگهي. جڏهن پَٽي ڀڳي، تڏهن ڇوڪري جي جند ڇُٽي ۽ سائينءَ جي ڪاوڙ ڍري ٿي، ڪافور ٿي.

اهو مرد مومن اڄ اسان ۾ ڪونهي. دعا آهي ته رب تعاليٰ پنهنجي اٿاهه فضل ۽ وسيع رحمت سان کيس جنت ۾ جايون ڏئي! آمين!!

# ڊاڪٽر افغان جي ياد ۾

## ڊاڪٽر حيدر سنڌي

جڏهن ون يونٽ جي خلاف سنڌ ۾ اُپريل تحريڪ جو اوج هو، هيءَ ڳالهه ان وقت جي آهي. وقت جي حڪومت سڄي پاڪستان مان رڳو سنڌ مان اُپريل هن تحريڪ کي ڪرش (Crush) ڪرڻ لاءِ پورو پورو زور پئي لاتو. خبر نہ آهي تہ حڪومت ملڪي اتحاد کي ٽوڙڻ واري عمل کي ”متحد ڪرڻ“ واري ڪوشش جو نالو ڇو ڏئي رهي هئي!
سنڌ، ون يونٽ ٽوڙائڻ لاءِ ”مرڻ جيئڻ“ جهڙو زور لڳائي رهي هئي، تہ ٻئي پاسي حڪومت بہ عوام ۾ پنهنجي ”هُجڻ“ واري طاقت ڏيکاري رهي هئي. ٻنهي پاسي پورو پورو زور لڳي رهيو هو. طاقت جي انهيءَ ٻِطرفي آزمائش جو اثر سنڌ جي سمورن طبقن مٿان پيو. پرائمري اسڪول، انگريزي اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون ظاهر ۾ تہ حڪومت جو هر فرمان مڃي رهيون هيون. اخبارون پاڻ کي زنده رکڻ خاطر وچٽري واٽ وٺي هلي رهيون هيون ۽ انهن ۾ بہ ڪي ”سِر ڌڙ جي بازي“ لڳائي، ڪڏهن ’مورڙي‘ تي مضمون، ڪڏهن ’مخدوم بلاول‘، ’شاهہ عنايت‘ ۽ ’ٻيجل‘ جي باري ۾ سر گهورڻ جي سئن هٽي رهيون هيون. هوڏانهن دودي جي دليري، هوشوءَ جون هڪلون ۽ دولهہ دريا خان جا قصا علامتي اشارن طور شايع پئي ٿيا، تہ ٻئي طرف سرڪاري سَڏ تي تعليمي ادارن طرفان جيڪي هفتا ملهائبا هئا، انهن ۾ رانديون ۽ ٻيا تقريري مقابلا بہ ضرور ٿيندا هئا. موضوع ”قومي ٻڏي“ هوندو هو. انهن راندين ۾ رسي ڇڪڻ، عوام ۽ حڪومت جي وچ ۾ ڪشمڪش ظاهر ڪرڻ جي علامت طور انهن راندين ۾ اهم راند هئي.
اهائي رسا ڪشيءَ واري راند اُن وقت اخبارن ۽ رسالن جي شهہ سُرخي بڻي، جڏهن حيدرآباد ۽ ڄام شوري جي تعليمي ادارن ۾ ملهائجڻ وارن هفتن جي صدارت جون خبرون اهميت وٺڻ لڳيون. سبب رڳو اهو هئو، جو انهن هفتن جي صدارت ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان پئي ڪئي ۽ سندس تقريرن ۾ علامتون ۽ اهڃاڻ اگرچہ سندس نظريي ۽ سوچ کي نمايان پئي ڪيو، جيڪا سنڌ جي عوام واري ساڳي هئي. پر اهڙن سيني موقعن تي رساڪشيءَ واري راند سيني جو ڌيان پئي ڇڪايو. انهن راندين ۾ گهٽو ڪري هڪڙي پاسي وڏن وڏن انتظامي عهدن تي ويٺل علائقي جا عملدار ٻيهندا هئا ۽ ٻئي پاسي ان تعليمي اداري جا ٻار هوندا هئا. جڏهن رسا ڪشي شروع ٿيندي هئي، تہ ٻنجن فوٽن جو مفاصلو ”بفر زون“ طور ڇڏبو هو. ٿُلهو رسو هڪڙي پاسي ڪنهن سيٽ کان ٿُلهي عملدار جي پيٽ سان ويڙهبو هو ۽ ٻئي پاسي ٻن ٻارن کي دائري ۾ ٻيهاري، انهن جي چيلهہ سان رسو وڪوڙبو هو. راند شروع ٿيندي تہ ان ۾ عوام جي ايڏي دلچسپي هوندي هئي، جو تنبوءَ ۾ ويٺل يا ڪرسين تي سَٽيل سمورا ماڻهو اهو دلچسپ مقابلو ڏسڻ لاءِ رسا ڪشيءَ واريءَ جاءِ تي اچي گڏ ٿيندا هئا.

اهڙو هڪڙو مقابلو مون سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس واري ماڊل اسڪول ۾ ڏٺو. انهن ڏينهن ۾ مان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ ۾ ايم. اي. پرائيويٽ نموني ڪري رهيو هئس ۽ ڊاڪٽر افغان انهن راندين جي موقعن تي جيڪي تقريرون ڪندو هو، انهن جو پڙلاءُ مون ۾ ٻڏو ۽ دل چاهيو، ته هلي سندس هٿن کي بوسو ڏجي. پر مان هوس ڀهراڙيءَ جو ٻار ۽ پورهيت جو پٽ. نه ڪپڙو شانائتو ۽ نه پئسي جو زور. رڳو هِنياءَ جي سچائيءَ تي ۽ پُرجوش استادن جي سيڪاريل سجاڳي ۽ ڏنل شعور سبب دل ۾ سنڌ جي سرواڻن لاءِ سِڪ پري، هلي وڃي انهن جا هٿ چمبا هئا.

هت ٻه ائين ٿيو. رانديون پوريون ٿيون، تقريرون ٻه ٿي ويون، فوٽو سيشن ٻه پورو ٿيو، چانهه جا دؤر ٻه هلي ويا، پر مون کي ڪنهن طرح سان ڊاڪٽر افغان سان ملڻ ۾ ڪاميابي نه ٿي هئي. ڪيترا ٻارڙا ۽ ٻارڙيون، ڪن جي هٿن ۾ آٽوگراف بُوڪ هئا، ڪن جي هٿن ۾ نوٽ بُوڪ، ته ڪن جي هٿن ۾ دعوت ناما هئا. وٺي ڊوڙ ڪيائون سائين افغان صاحب ڏي. اها ڊوڙ اهڙي اوچتي اتحاد جو نمونو هئي، جو ڪين روڪڻ لاءِ ٻڌل رسي ۽ رسيءَ جي پٺيان بيٺل لٺن وارا ۽ ٽوپلن وارا پوليس وارا ۽ وردين ۾ بيٺل پٽيوالا ۽ اسڪائوٽ ٻه سندن ڊوڙ کي روڪي نه سگهيا. اهڙي ٻڌي علامتي طاقت جو اوچتو نمونو ڏسي، منهنجي دل ٻه سَٽَ کاڌي ۽ مان ٻه ڊاڪٽر افغان جي وڃي اڳيان بيٺس. هاڻي سائين ان ڪرسيءَ تي ويٺو هو، جنهن جي اڳيان شيشي واري ميز رکيل هئي. ٻارڙا ادب ۽ احترام جو مظاهرو ڪندي، ستين تاريخ جي چنڊ وانگر سائينءَ جي چوڌاري اڌ گول ۾ بيٺل هئا ۽ پنهنجي پنهنجي واري سان سائينءَ کان آٽوگراف وٺي رهيا هئا. ڪهڙو نه روح پرور منظر هو.

سائين پيار ۽ ٻاجهه سان هرهڪ سان ڪلائڻ واريون ڳالهيون ڪندو پئي ويو ۽ آٽوگراف ٻه ڏيندو پئي ويو. ڪارڊ ميز تي اچڻ بند ٿيا، ته سائينءَ ڪنڌ کڻي مٿي ڪيو. اڳيان مان بيٺل هئس. ٻئي هٿ اڳتي وڌائي سائينءَ کي هٿ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي پنهنجو نالو، ذات ۽ نوڪريءَ بابت ٻڌايم. اُنهن ڏينهن ۾ مان ڪنهن سِرُن جي ڀَٽي تي مُنشيءَ طور ٽيهه روپيا ماهوار پگهار تي بيٺل هئس. سائينءَ جي هٿ کي بوسو ڏنم ۽ بس چاڙ سچاڻ ٻه ڪانه هئي ۽ نه ڪو ڪم ڪار هو.

اندر ۾ اُڌما ته ڏاڍا هئا. ڳالهيون پيٽ ورن ۾ ٻه ڪوڙ هيون. پر ڇا پڇي، ڇا پڇجي؟ جو پر واريءَ جامع مسجد مان لائوڊ سج لٿي جي نماز جي ٻانگ ڏيڻ لاءِ لائوڊ اسپيڪر پئي ڪڙڪايو.

سائينءَ ٻاجهه ڀريئي آواز سان پڇيو ته: ”ادا! ڪو ڪم ڪار ته ڪونهي.“ منهنجي موٽي مغز رڳو ايترو سوچيو هو ته رسا ڪشيءَ واري خسيس راند اوچتو ايترو زور ڇو ورتو هيو؟ ۽ مون اهو ئي سوال سائين افغان صاحب کان پڇيو. پاڻ کلي مون کي ياڪر ۾ پري شفقت سان پُٺن تي ٿَپڪي ڏيندي چيائين: ”بس ايتري ڳالهه.“ مون دل ٻڌي ها ڪئي ۽ پڇيو ته، ”سائين! هڪڙي ٻي ڳالهه ته ان راند جي موقعي تي هڪڙي پاسي عملدارن کي ۽ ٻئي پاسي شاگردن کي بيهارڻ راند جو طريقو آهي يا نواڻ.“ پاڻ وڏو ٽهڪ ڏنائين ۽ پيهر منهنجا هٿ پنهنجن هٿن ۾ جهلي چيائين ته: ”ادا! اها ٻه علامت آهي. هن دؤر ۾ ٻڙڪ ٻاهر ڪڍڻ ۽ کُليءَ طرح دل جي ڳالهه ڪرڻ تمام جوکائتو آهي، سو مڙئي سمجهو ڪي سمجهندا.“

# سنڌ جو هڪ اهم ڪردار

پروفيسر اعجاز قريشي

هڪڙو انگريزي محاورو آهي ته: “An act of performance is worth than the whole world of promise.” ان محاوري مطابق، ڊاڪٽر افغان پنهنجي حصي جو ڪم سرانجام ڏنو ۽ سنڌ کي ساهه ۽ ويساهه بخشيائين. ڪي ماڻهو، اتهاس جي ضرورت هوندا آهن. تاريخ انهن کي پنهنجي ڪُکِ مان چونڊي ٻاهر ڪڍندي آهي، پوءِ لازواليت (Eternity) جو تاج پهرائيندي آهي. بلڪل ائين، جيئن حضرت علي عليہ السلام جو فرمان آهي ته فرد پاڻ عظيم نه هوندو آهي، پر ان جو ڪردار کيس عظيم بڻائيندو آهي. تيئن منهنجو به اهوئي خيال آهي ته تاريخ کي جڏهن ڪو قدآور ماڻهو پيدا ڪرڻو هوندو آهي، ته اها قدرت جي ڪارخاني ۾ موجود ڪروڙين اربين نفوس مان ڳولهي ڳولهي، ڪو مخصوص ماڻهو منتخب ڪندي آهي، چاڪاڻ ته ان کي ”سر دار“ (سر اڏيءَ تي رکڻ) جو حوصلو هوندو آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪاليج آف انجنيئرنگ جو پرنسپال ۽ سنڌ جو تمام وڏو ماهر انجنيئر ۽ پنهنجي شعبي جو باڪمال عالم، ڊاڪٽر عبدالقدير افغان ـ تاريخ جي ”سر دار“ شخصيتن مان هو.

منهنجي خيال موجب ته سنڌ کي انساني ترقيءَ جي ڊِسَ ۾ جن ماهرن جي هميشہ کان شديد گهرج رهي آهي، ڊاڪٽر افغان انهن ماهرن جي قبيلي جي محدود ۽ ڳڻپ آهر اڳواڻن مان هو. هُو Human Development جو هڪ اهم جز، يعني: تربيت ڏيندڙ (Trainer) هو، جنهن انجنيئرنگ ڪاليج جي استادن جي سِکيا تي ڀرپور ڌيان ڏنو ۽ سندن استعداد ڪاري (Capacity Building) کي وڌايو ۽ ويجهايو.

ڊاڪٽر افغان سنڌ جو ۽ سنڌ جي تعليم جو اُهو بي تيغ مجاهد هو، جنهن هر محاذ تي علم جي ”عَلَمَ“ کي اُوچو رکيو. هن ڪرشماتي شخصيت جو اهو ڪمال هو، جو ايوبي مارشل لا دؤران جڏهن سنڌ جو گورنر جنرل رحمان گل هو، ته ڊاڪٽر افغان ڪانئس سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ داخلائن لاءِ ڪوٽا سسٽم منظور ڪرايو. نه ته ان کان اڳ ۾، سنڌي شاگردن سان داخلائن ۾ ٻِه اکيائي ٿيندي هئي، جيڪا ڪوٽا سسٽم لاڳو ٿيڻ کان پوءِ ختم ٿي وئي. ڊاڪٽر افغان هميشہ سنڌ ۽ سنڌين جي حقن لاءِ بيباڪيءَ سان آواز اٿاريندو رهندو هو. ان ڏوهه ۾ سرڪار کيس جيل پڻ موڪليو هو. ڊاڪٽر عبدالقدير افغان، اڄ وسريل باب آهي. ان ۾ فقط ۽ فقط اسان جي بدنصيبي آهي.

# افغان صاحب جا سونهري عملي اصول

## مقصود گل

1. تعليم اهڙو هٿيار آهي، جنهن سان اسان پنهنجي مڪار دشمن جو هر محاذ تي مقابلو ڪري سگهون ٿا.
2. جنهن شخص ۾ قومي غيرت نہ آهي، انهيءَ کي انسان سڏائڻ جو حق نہ ٿو پهچي.
3. اسان ذاتي طور تي ڏاڍا غيرتمند آهيون، پر قومي حوالي سان بي غيرت. تنهن ڪري، اسان کي قومي غيرت جو جذبو جاڳائي، غيرتمند ٿيڻو پوندو.
4. جيستائين هارين جي اولاد تعليم حاصل نہ ڪندي، تيستائين هاري طبقو استحصالي هٿن هٿان پيڙبو رهندو.
5. زندگي مختصر آهي ۽ ڪم تمام گهڻو. تنهن ڪري، وقت جو قدر ڪرڻو پوندو. جنهن وقت وڃايو، تنهن سڀ ڪجهہ وڃايو.
6. والدين ۽ ڌرتيءَ جو قرض ڪوبہ نہ ٿو لاهي سگهي.
7. انسان ذات جي خدمت کان وڌيڪ ڪابہ عبادت نہ آهي.
8. علم کان سواءِ زندگي اونداهي آهي ۽ اونداهي زندگي نہ پنهنجي ڪم اچي ٿي ۽ نہ ٻين جي.
9. پنهنجي لاءِ تہ جانور بہ جيئندا آهن. انسان اهو آهي، جيڪو ٻين جي ڪم اچي.
10. ڪنهن بہ لالچ ۾ اچي ڪابہ نيڪي نہ ڪجي ڇاڪاڻ تہ غرض واري نيڪي، نيڪي نہ ٿي رهي، ڇو نہ ڪٿي اها عبادت هجي.
11. مون کي پنهنجي ڌرتيءَ سان حقيقي ماءُ وانگر محبت واري عقيدت آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻنهي منهنجي پرورش ڪئي آهي ۽ ٻنهي جون جهوليون مون لاءِ پناهہ گاهون آهن.
12. هاريءَ جي پورهيت هٿن جو مان احسان مند آهيان، تنهن ڪري مون کي سندس اولاد سان بي انتها محبت آهي.
13. استادُ قوم جي ٻارن ۾ علم جي روشني ورڇي ٿو. ان کان وڌيڪ قوم جو محسن ٻيو ڪير ٿيندو؟
14. جنهن وقت وڃايو، انهيءَ پنهنجو جنم وڃايو ۽ جنهن پنهنجو جنم وڃايو، انهيءَ جو جنم ئي اجايو.
15. قدرت جي ڏنل نعمتن کي صحيح نموني ۾ استعمال ڪري ئي قدرت جو شڪرانو ادا ڪري سگهون ٿا.
16. جنهن پنهنجي زندگيءَ کي زندگي ڪري استعمال ڪيو آهي، انهيءَ کي موت ڪڏهن بہ ماري نہ ٿو سگهي.
17. محنت ۽ سچائيءَ کان سواءِ ڪوبہ عمل تڪميل ماڻي نہ ٿو سگهي.

18. ماڻهو ته مري سگهي ٿو، پر ماڻهپو ڪڏهن به مري نه ٿو سگهي ۽ جن ماڻهن ۾ ماڻهپو هوندو آهي، اهي ئي امر هوندا آهن.
19. سچائي جي خوشبوءِ وارا گُل ڪڏهن به ڪومائجي نه ٿا سگهن.
20. ڪوڙو ۽ منافق ماڻهو گهڙيءَ گهڙي مرندو آهي.

*

پنهنجي اعليٰ سُرت ۽ ساڃاهه سان ساڻيهه کي،
جرئتــون، جذبــو، جــياپو، زندگــي ڏيــئي ويو.
”ڊاڪٽر افغان“ صاحب، هڪ وڏو عالم اديب،
عـــلم جا ڏيئا جـلائي، روشـــني ڏيئـــي ويو.
(مقصود گل)

*

# آهہ! ڊاڪٽر افغان

آغا نور محمد پٺاڻ

ڊاڪٽر افغان سنڌ جو چاتل سُڃاتل نالو آهي. سندس انقلابي شخصيت ڪنهن تعارف جي محتاج نہ آهي. خاص طور سنڌ ۽ اسلام آباد جي سرڪاري حلقن ۾ سندس دلير ۽ بيباڪ هئڻ جي هاڪ جا ڪيئي قصا مشهور آهن. مون هڪ صوبي جي گورنر ۽ خود ملڪ جي سابق صدر کي سندس نالي وٺڻ تي غصي ۾ لال پيلو ٿيندي ۽ وِڦلندي ڏٺو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ مظلومن واري دنيا ۾ سندس ذات کي ادب ۽ احترام جي علامت طور تسليم ڪيو ٿي ويو. سنڌ جو هيءُ سپوت ويڇڙائيءَ ۾ اسان کي جدائيءَ جو داغ ڏيئي وڃڙي وڃي اهڙي ماڳ تي پهتو آهي، جتي اسان هرهڪ کي اڳي يا پوءِ هڪ ڏينهن نيٺ هلڻو آهي.

ڊاڪٽر افغان پنهنجي اصلي نالي کان وڌيڪ مشهور هئو، جو عبدالقدير خان هئو. سندس شخصيت بہ اڪثر جڳ مشهور شخصيتن وانگر ـ پاڻ بہ ڳوٺاڻو هيو ۽ اڳوڻي سکر ضلعي جي شهر ”لکي“ لڳ، هڪ ننڍڙي واهڻ ”قاضي ڳوٺ“ جو رهاڪو هئو. سندس والد مرحوم قادر داد خان، لکيءَ واري سنڌي اسڪول جو استاد هئو ۽ وڏي پايي جو عالم ۽ اديب هئو. ڪيترن درسي ڪتابن جو مصنف هئو، جن ۾ سندس لکيل سنڌي گرامر انگريزن جي آخري ايام تائين تعليمي ادارن ۾ پڙهايو ويندو هئو. کيس ڇهہ پٽ ۽ ٽن نياڻين جو اولاد ٿيو، جن کي هن مسڪين ماستر پڙهائي علم جي دولت سان مالا مال ڪيو. ڊاڪٽر افغان سندس ٻيو نمبر پٽ هيو. سندس مُربي پٽ گل محمد افغان آهي، جو تازو سنڌ حڪومت ۾ سپرنٽينڊنٽ انجنيئر جي عهدي تان رٽائر ٿيو آهي.

سنڌ ۾ ڊاڪٽر افغان جي وڏڙن جو شجرو سيد سيف الله کان شروع ٿئي ٿو، جنهن کي دُراني حڪمران احمد شاهہ ابداليءَ کان مليل سَنَدَ جو حوالو ”هسٽري آف لئنڊ ايلينيشن“ جي جلد نمبر 3 ۾ درج ٿيل آهي. سَنَدَ ۾ ڄاڻايل آهي تہ سيد سيف الله کي 1176هجري ڌاري، ديهہ باگڙجي، مبارڪ پور ۽ روپاهہ ۾ زر خريد زمين جي ڍل ڏيڻ کان آزاد رکيو ويو هئو. هِن سَنَدَ جي بعد ۾ ٻين دراني حڪمرانن، جهڙوڪ: تيمور شاهہ ۽ شاهہ زمان طرفان پڻ تصديق ٿيل هئي. 1246هجريءَ ۾ سنڌ جي ٽالپر حڪمران، مير نصير پاران پڻ مٿي ڄاڻايل ديهن جي ڍل جو چوٿون حصو افغان خاندان جي حوالي ڪرڻ جو پروانو جاري ٿيل هيو. 1855ع ڌاري سنڌ گورنمينٽ، افغان خاندان جي پونيرن کي موروثي پٽيداريءَ جو حق عطا ڪيو، جو آخرڪار هڪ سؤ سالن کان پوءِ 1958ع ۾ لئنڊ رفارمس جي لاڳو ٿيڻ ڪري پٽيداريءَ جو خاتمو آيو.

ڊاڪٽر افغان پرائمري تعليم لکيءَ ۾ پوري ڪري، شڪارپور هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪئي. انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ، ڪراچيءَ جي ”اين. اي. ڊي.“ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين، جتي سندس وڏو ڀاءُ گل محمد اڳيئي انجنيئري پڙهي رهيو هيو. 1952ع ۾ انجنيئري امتحان سٺين مارڪن سان پاس ڪرڻ تي کيس اسڪالرشپ ملي. 1955ع ڌاري انگلينڊ جي امپيريل ڪاليج

مان انجنيئريءَ ۾ ڊاڪٽريءَ جي ڊگري (Ph.D) حاصل ڪيائين. 1958ع جي ماهه مئي ۾ موٽي ماڳ اچي سنڌ ۾ پهريائين ٽيڪنيڪل آفيسر ۽ پوءِ ٽئي ۾ انجنيئر ٿيو. لنڊن يونيورسٽيءَ جو اعليٰ تعليم يافته انجنيئر ڊاڪٽر افغانُ جيڪڏهن چاهي ها، ته سنڌس ڪکڙ به سونا هجن ها. پر هن سواءِ پورهئي جي مناسب معاوضي وٺڻ جي ڪڏهن به لوڀ لالچ نه رکي. سنڌس حيثيت هوبهو ان حلوائيءَ جهڙي هئي، جو حلوي جو ٿالهه اکين آڏو رکي، ويٺو مکيون هڪلي. نه پاڻ کائي ۽ نه ٻئي کي مفت ۾ کائڻ ڏئي. ظاهر آهي ته دولت جي ڊوڙ واري ميڙ ۾ سنڌس ڇا حشر ٿيو هوندو؟ اسلام آباد جهڙي مهانگي شهر ۾ نه مال، نه املاڪ. جاءِ مسواڙي ۽ گذران اوڌر تي! وڏو اهل عيال ڪِي، جنهن ۾ علم پرائيندڙ پُٽَ ۽ نياڻيون! اهڙي حال ۾ هيءُ ملنگ ماڻهو يارنهن ورهيه سانده قرض تي گذر سفر ڪندو رهيو. آخرڪار مايوسيءَ واري ماحول جي هڪ اڌ رات ٽاٽي ننڊ مان اچانڪ اُٿي، سيني ۾ سوڙهه جي شڪايت ڪيائين. دل جو عارضو ته نوڪريءَ وڃڻ جي ڪڍِ ئي پرايو هئائين ۽ دوائن سهاري جيئندو ٿي رهيو. ڪيس بروقت دوا ڏني ويئي، جا گولي زبان هيٺ رکڻ شرط ئي درد دفع ڪرڻ ۾ ڪامياب ثابت ٿي. چئي: ”هاڻ فرحت آهي.“ ائين چئي اکيون پوري ليٽي پيو. جڏهن سنڌس ڪنڌ هيٺان وهاڻو سِرڪائي سڌو ڪيو ويو، ته پکيئڙو پرڏيهه اُڏامي چڪو هئو. ”انا لله و انا اليہ راجعون“. ڪيس اسلام آباد جي مرغلا پهاڙ جي پاسي واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو، جتي پاڻ گلن، ٻوٽن ۽ چنار جي ڇانوَ هيٺ آرامي آهي.

پلصراط تي گامزن ٿيندي ڪي اهڙيون به تاريخي فتوائون ڏنائين، جن فيصلن سبب وفاقي حڪومت خاصي پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿي. خاص طور انهن سرڪاري ڪامورن وارا ڪيس، جي جنرل يحيٰ واري مارشل لا واري دؤر ۾ برطرف ڪيا ويا هئا، تن کي ٻيهر نه فقط ملازمت ۾ بحال ڪيائين، پر ڪين اُهي اختيار به بخشيائين ته هُو پنهنجون هڙئي بقايا پگهارون ۽ الائونس سرڪار کان گڏيل وياج سوڌو وصول ڪن.

ڊاڪٽر افغان جي نوشيرواني فيصلن وفاقي حڪومت جي ساک پٽ کي ڪاپاري ڇيهو رَسايو. وقت جو صدر ڪاوڙ ۾ اچي هوش کان نڪري ويو ۽ جوش ۾ اچي ايل. ايم. يو. نمبر 12 تحت ڊاڪٽر افغان کي نوڪريءَ کان خارج ڪري ڇڏيائين. چي: ”هي عجيب انسان آهي، جو مقام جي قبرن مان مُڙدو ڪڍي، اسان جي ٻوٿ تي ٿو هڻي!“ ڊاڪٽر افغان لاءِ نوڪريءَ جي برطرفيءَ وارو آرڊر هڪ آسماني آفت جيان مٿانئس اچي نازل ٿيو. 65 سالن واري عمر جي موڙيءَ ۾ ٻاويهه سال پڙهائيءَ ۾ سيڙايائين. ايڪتيهه سال سروس جو تجربو پرايائين. اٺ سال پرديس ۾ مختلف سروس ۽ پندرنهن سال سرڪاري سروس ڪيائين. سموري ڪمائي هڪ نادري حڪم ۾ ختم! يارنهن سال سانده هيءُ قلندر حق ۽ انصاف جي حاصلات لاءِ اسلام آباد جي ايوانِ صدر پرائيم منسٽر هائوس ۽ قانوني ڪورٽن جا ڪَرا ڪڙڪائيندو رهيو. پر ڪيس ڪٿان به قوت يا موڏ جو پڙلاءُ ڪَنين ڪونه پيو. شايد عدل انصاف ملڪ مان لڏي چڪو هئو!

نوڪريءَ کان نيڪاليءَ بعد، سروس جي شرطن مطابق نہ ڪين پينشن ڏني ويئي ۽ نہ مالي معاوضو يا پراويڊنٽ فنڊ. ڊاڪٽر افغان سروس ٽربيونل آڏو عريضيون پيش ڪيون تہ مٿس کنيل قدم سراسر غلط ۽ بي قانوني هئو. پر، هر هڪ چپن کي چونو لڳائي، ٻوٽ ٻڌي ويهي رهيو، تہ مبادا سندس حق ۾ ڪو همدرديءَ جو پڙڪو نہ نڪري وڃي. سرڪار تہ ساڻس سات نہ نباهيو، پر ملڪ جي ٻين ٽيڪنيڪل ادارن ۽ خانگي ڪمپنين بہ سندس ڪا قدرداني، عزت افزائي يا همدردي ڪانہ ڪئي. هرهڪ گونگو ٻوڙو ٿي تماشو ڏسندو رهيو. ڊاڪٽر افغان تعليم جي لکپڙهہ ۾ جڳ مشهور شخصيت هيو. عملي دنيا ۾ ڪيس ٻارُ ٻارُ سجاڻندو هئو. عدل انصاف تہ درڪنار، پر ڪنهن بہ ساڻس مروت ۽ رعايت بہ نہ ڪئي. حالانڪ هُو لاکيڻو لالُ ۽ وڏي مانَ مرتبي لائق انسان هئو.

وصال کان مهينو ڏيڍ اڳ، سينيٽ جي چونڊن جي موقعي تي ڪراچيءَ آيو، تہ مبادا ڪيس ٽيڪنيڪل سيٽ لاءِ مناسب اميدوار تصور ڪيو وڃي. جڏهن تہ ٻنهي ڌرين پنهنجا منظورِ نظر اميدوار ڪڙا ڪيا هئا. نااُميد ٿي موٽي وڃڻ کان اڳ مون سان آفيس ۾ ملڻ آيو. چئي: ”اسلام آباد ۾ هڪ ننيڙي سنڌ جي پيڙهہ جو پٽر رکڻ وارو آهيان. سڀ تياريون ڪيون ويون آهن، تہ جيئن ڪين ڪتابن ۽ پوشاڪ سان گڏ، کاڌ خوراڪ ۽ رهائش جو بندوبست پڻ سرڪاري سطح تي مفت ۾ مهيا ڪيو وڃي.“ ڊاڪٽر افغان کي شاگردن جي سؤ في صدي پُٺڀرائي هئي، جنهن سبب يونيورسٽيءَ جي ڪجهہ سياسي اڳواڻن لاءِ پريشاني پيدا ٿي. آخرڪار، اهڙي شش و پنج واري فضا قائم ٿي، جو ڊاڪٽر افغان لاءِ هتان هجرت ڪرڻ لازمي ٿِي پيو. ”لاهوتي لَڏِ، تہ ڳُر سان گڏجين ڪاپڙي“ مصداق، ڊاڪٽر صاحب هڪوار وري هتان لڏڻ لاءِ پَرَ ساهيا. انتهائي جذباتي انسان هئو. ان ڪري، سندس لاءِ ڪٿي بہ ٽڪاءُ ڪرڻ محال هئو.

73 ـ 1972ع ۾ ڊاڪٽر افغان سائنس ۽ ٽيڪنالاجي وزارت ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري مقرر ٿي اسلام آباد اُسهيو. ڪجهہ عرصي بعد، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي جامع پاليسي تيار ڪري سرڪار آڏو پيش ڪيائين، جا منظور ڪئي ويئي ۽ انهيءَ تي اڄ ڏينهن سوڌو بنان ڦيرقار جي عمل ٿي رهيو آهي. پنجن سالن کان پوءِ، 1978ع ۾ ڪيس فيڊرل سروس ٽربيونل جو ميمبر مقرر ڪيو ويو. ڊاڪٽر افغان ٽربيونل واري ميمبر جي حيثيت ۾ اٽڪل هڪ هزار کن سرڪاري عملدارن وارا جهونا پراڻا ڪيس نبيريا، جي ګڏريل ڏهاڪو سالن کان ٽربيونل ۾ زير ويچار هئا. سندس اڪثر فتوائون ۽ فيصلا ملڪ جي قانوني خبرنامن (Law Reports) ۾ شايع ٿيندا رهيا.

# سائين افغان

محمد حاڪم خاصخيلي

پنهنجي مُحسن ۽ مهربان اُستاد، عبدالقدير افغان جي وفات جي خبر اخبارن ۾ پڙهي، يقين نہ ٿو اچي تہ ڊاڪٽر صاحب ايترو جلد اسان کان جدا ٿي ويندو. سنڌ جو هيءُ فرزند، پرائمري استاد قادر داد خان جي گهر ۾ 65 سال اڳ ضلع شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. هُن بي. اِي (سول) اين. اي. ڊي. انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪئي. ڪجھ وقت روڊس کاتي ۾ اسسٽنٽ انجنيئر ٿي رهيو. ليڪن، نوڪري ڇڏي ولايت هليو ويو، جتي هُو ڏهہ سال رهيو ۽ ”سُئائل مڪينڪس“ ۾ پي ايچ. ڊي. ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب ڪجھ وقت بغداد يونيورسٽيءَ جي سول انجنيئرنگ شعبي ۾ پروفيسر ٿي رهيو. ان بعد، پاڻ وطن وريو ۽ ڪجھ وقت ايگزيڪيوٽو انجنيئر ٿي رهيو. ليڪن، سندس بيباڪيءَ، بي ڊپائيءَ ۽ غريب پروريءَ کيس نوڪري ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. ڊاڪٽر صاحب 1965ع جي آخر ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشوري ۾ پروفيسر مقرر ٿيو ۽ کيس ڪاليج جو وائيس پرنسپال بنايو ويو.

1966ع جي آخر ۾ کيس ڪاليج جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب رات ڏينهن هڪ ڪري نئين قائم ڪيل انجنيئرنگ ڪاليج کي هڪ مثالي ڪاليج بنايو ۽ هن ڪاليج مان پاس ٿيل انجنيئر نہ صرف ملڪ ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جي مقابلن ۾ سرِ فهرست رهيا، پر غير ملڪن ۾ پڻ ڪاليج جو نالو روشن ڪيائون. ڊاڪٽر صاحب کي سنڌ جي هاري، ناري ۽ پورهيتن جي اولاد سان دلي محبت هئي ۽ انهن مسڪينن جي اولاد لاءِ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ڪوٽا مقرر ڪري داخلا ڏياري ۽ اڄ انهن مسڪينن جو اولادُ سنڌ ۽ پاڪستان ۾ انجنيئرنگ جي مختلف کاتن ۾ وڏن وڏن عهدن تي فائز آهي. ڊاڪٽر صاحب کي پنهنجي شاگردن سان دلي پيار هوندو هو ۽ شاگرد بہ کيس پيءُ برابر ڪري سمجهندا هئا. ڊاڪٽر صاحب جي سنڌ ۽ سنڌ جي پورهيت عوام سان محبت حڪمرانن کي نہ وڻي ۽ جنرل يحيٰ جي مارشل لا واري دؤر ۾ 1970ع ۾ کيس هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب جي گرفتاريءَ جو ٻُڌي، انجنيئرنگ ڪاليج جا شاگرد رستن تي نڪري آيا ۽ ڊاڪٽر صاحب جي آزاديءَ لاءِ، شاگردن جتن جي صورت ۾ بک هڙتال ڪري، گرفتاريون ڏيڻ شروع ڪيون. انهن ۾ سنڌي شاگردن کان سواءِ، ڪاليج ۾ پڙهندڙ بلوچستان، سرحد ۽ مشرقي پاڪستان جا بنگالي شاگرد پڻ شامل هئا. غير ملڪي عرب شاگردن بہ گرفتاريون ڏيڻ لاءِ خود کي پيش ڪيو. ليڪن، ٻين شاگردن کين ائين ڪرڻ نہ ڏنو. سنڌ جي هن عظيم سپوت جي آزاديءَ لاءِ شاگردن سنڌ جا جيل ڀري ڇڏيا ۽ سنڌ جي جيلن ۾ وڌيڪ قيدي رکڻ جي گنجائش باقي نہ رهي هئي. جنرل يحيٰ مجبور ٿي، ڊاڪٽر افغان جي آزاديءَ جو اعلانُ مشرقي پاڪستان جي دوري دوران ڪيو ۽ کيس ٻيهر انجنيئرنگ ڪاليج جو پرنسپال بنايو ويو. ڊاڪٽر افغان جي حق گوئي ۽ سندس عوام سان محبت جي ڪري، حڪومت کيس انجنيئرنگ ڪاليج

جي پرنسپال جي عهدي تان هٽائي، اسلام آباد ۾ جوائنٽ سيڪريٽري ڪري رکيو ۽ بعد ۾ سروس ٽربيونل جو ميمبر ڪيو ويو. جنرل ضياءَ جي مارشل لا وارو دؤر پنهنجي عروج تي هو. ان وقت، واپڊا ۽ ٽيليفون کاتي جي ٻن اعليٰ آفيسرن جون اپيلون سروس ٽربيونل ۾ پيش ٿيون. ملڪ جي اعليٰ ترين شخصيت ڊاڪٽر افغان کي گهرائي چيو، ته انهن ٻنهي آفيسرن کي بحال ڪرڻو نه آهي. ليڪن، ڊاڪٽر افغان ٻنهي آفيسرن کي بحال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جنهن ڪري، انهيءَ مٿئين حڪم نه مڃڻ جي پاداش ۾، ڊاڪٽر صاحب کي معطل ڪيو ويو. ڊاڪٽر افغان پنهنجي معطليءَ کي ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو. اهو ڪيس اڃان تائين هلندڙ هو. ضياءَ جي مارشل لا دؤر کان پوءِ، محمد خان جوڻيجو، پيپلز پارٽي ۽ غلام مصطفيٰ خان جتوئيءَ جي نگران حڪومت آئي. ليڪن، ڪنهن به حڪومت، سنڌ جي هن عظيم فرزند ۽ سنڌي قوم جي هاري، ناري ۽ پورهيت جي اولاد لاءِ انجنيئرنگ جي اعليٰ تعليم جا دروازا کوليندڙ سپوت لاءِ ڪجهه به نه ڪيو. سنڌ جو هيءُ اڻڊول انسانُ پنهنجي حق لاءِ قانوني جنگ وڙهندو رهيو. ليڪن، ڪنهن به پيرِ وڏيري ۽ جابر حڪمران جي اڳيان نه جُهڪيو ۽ پنهنجي جان ڏيئي ڇڏيائين.

اڄ نه اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

(شاهه)

ڊاڪٽر افغان اڄ اسان ۾ موجود نه آهي. ليڪن، سنڌ ۽ سنڌين لاءِ ڪيل سندس خدمتن جي ڪري، سندس نالو هميشه ياد رهندو.

ڊاڪٽر افغان جي بنگلي تي سدائين سنڌ مان ايندڙن جو ميلو لڳو پيو هوندو هو. ڊاڪٽر صاحب مختلف وزارتن ۾ موجود پنهنجن دوستن سان وڙهي، مستحقين کي نوڪريون وٺي ڏيندو هئو. اڄ سنڌين کي دلاسو ڏيڻ وارو موجود نه آهي. ليڪن، اسلام آباد ۾ موجود سندس قبر اسان کي اهو سبق ڏيئي رهي آهي ته حق لاءِ هميشه وڙهندا رهو ۽ ڪڏهن به باطل جي اڳيان جُهڪڻو نه آهي.

ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي.

(شاهه)

# سنڌ پرست ۽ سچ سهڪاري

حميده قاضي

گهڻا ماڻهو صرف پنهنجي لاءِ جيئندا آهن، ته ڪجهه وري رڳو ٻين لاءِ چپ چاپ ڪم ڪندا آهن. اهڙا انسان ٻين جي ڀلائي ۽ بهتريءَ جا ڪم ڪري پنهنجي زندگي جو مقصد بڻائي ڇڏيندا آهن. اهڙن انسانن مان ڊاڪٽر عبدالقدير افغان به هڪ آهي. بلڪ ائين چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته هيءُ ئي سنڌ ڌرتيءَ جو اهو اڪيلو اُستاد آهي، جنهن ۾ هڪ مثالي استاد جا سمورا گڻ موجود هئا. جنهن رڳو زباني طرح نه، پر عملي طرح به سموري حياتي ٻين جي ڀلي جي بهتريءَ ۽ ترقيءَ لاءِ سوچيندي گذاري. پاڻ ڪڏهن به پنهنجي عيش ۽ آسائش لاءِ نه سوچيائون.

سندس زندگيءَ جا بنيادي اصول ٻين جي ڀلائي جي بهتري، سٺي تعليم ۽ تربيت، ڌرتيءَ واسين جي سيوا ۽ سنڌي نوجوانن جي روشن آئيندي کي اڏڻ هئا.

ڏيهه پرڏيهه جي مثالي درسگاهن مان تعليم وٺندڙ هيءُ ماهر انجنيئر، هڪ سٺو استاد ۽ سخت بااصول منتظم، شڪارپور جي لکي غلام شاهه تعلقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ”قاضي واهڻ“ ۾ پيدا ٿيو. آس پاس جي ڳوٺاڻي ماحول جي ڪري جهالت ۽ بي علميءَ واري فضا منجهه به خانداني تعليمي پس منظر ۽ والد محترم قادر داد پٺاڻ جي تعليم ڪاتي ۾ هجڻ ڪري، قدرتي طرح علم سان رجحان رهيس. علم ۽ آڳهيءَ جو اهو ننڍڙو ٻوٽو اڳتي هلي، گهاٽي ڇانوَ وارو وڻ بڻجي پيو.

شڪارپور، جنهن ساميءَ کان وٺي شيخ اياز تائين ڪيترن ئي مٿيادار مهان شخصيتن کي پنهنجيءَ ڪُکِ مان جنم ڏنو آهي. ان ئي مردم خيز مٽيءَ مان هڪ اهڙي ٻوٽي 22 جولاءِ 1926ع تي جنم ورتو، جنهن جي سرهاڻ سموري تعليمي وايو منڊل کي واسي ڇڏيو.

شڪارپور مان ئي مئٽرڪ ۽ انٽر سائنس ڪرڻ کان پوءِ، 1951ع ۾ اين. اي. ڊي. انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچيءَ مان سول انجنيئرنگ جي ڊگري وٺي، امپيريل ڪاليج لنڊن مان 1956ع ۾ پي ايڇ. ڊي. ڪيائين. تعليمي سلسلي کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ به پيرا پي. ڊبليو. ڊي. ۾ انجنيئر ٿيو. 1958ع کان 1962ع تائين لنڊن ۾ انجنيئر ٿي رهيو. 1962ع کان 1965ع تائين عراقي سرڪار جو انجنيئرنگ ايڊوائيزر ۽ بغداد يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر بڻيو.

1965ع کان 1972ع تائين سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ڄام شوري ۾ پروفيسر ۽ بعد ۾ پرنسپال مقرر ٿيو. سخت طبيعت، اصول پرستي، ڪنهن آڏو نه جهڪڻ ڪري، ڪيس شاگردن توڙي انتظاميه پاران ڪيتريون ئي تڪليفون مليون. پر، انهن سڀني طوفانن سان ٽڪر کائيندي، همت ۽ حوصلي جو هالار بڻجي، اداري ۽ شاگردن جي فلاح ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشان رهيو.

سرڪاري پاليسين ۽ سياسي مداخلت کي هڪ پاسي رکي، پنهنجي اصولن سان بي خوف بڻجي پاڻ پتوڙيائين ۽ ڪاليج ۾ داخلا جي سلسلي ۾ به ڪنهن سرڪاري عهديدار، وڏيري ۽ ٺيڪيدار جو دخل هلڻ نه ڏنائين. اُن سموري صورتحال سبب ميرن، پيرن، وڏيرن، جاگيردارن ۽ سياسي دلالن جي نااهل ۽ نالائق اولاد بدران غريبن ۽ مسڪين مارن جي لائق اولاد مٿي چڙهي

آئي، تہ اهو لڏو سندس دشمن بڻجي پيو. پوءِ هر محاذ تي هڪيئي جا ڏند کٽا ڪرڻ وارا معاشري جا ناسوري ڪردار گڏجي، سندس خلاف سازشن جو ڄار اُڻڻ لڳا. هيءُ انهن سازشن خلاف فولادي ديوار بڻيو رهيو ۽ پڙهائيءَ ۽ امتحان ۾ رعايت جي مخالفت ڪيائين. ان ڳالهہ نالائق شاگردن ۽ نااهل توڙي ڪم چور سماج جي ڪجهہ ٺيڪيدار استادن کي ڪاوڙائي وڌو ۽ اُهي بہ ان ٽولي ۾ شامل ٿيا، جيڪو تعليم ۽ روشنيءَ جو ويري هيو. ان موقعي تي اندروني خلفشار جو فائدو وٺندي، چالاڪ نوڪرشاهيءَ يونيورسٽيءَ جي اڏاوت ۾ گهوٻين جو هڪ جُڙتو ڪيس جوڙائي، ڪيس مارشل لائي قانون مڙهي، جيل موڪليو ويو. ان رد عمل طور، سموريءَ سنڌ جا شاگرد سراپا احتجاج بڻجي ويا. اڄ جي سنڌ جي انهن ادارن جون فضائون انهن نعرن جي گونج جي پڙاڏي ۾ وڪوڙيل آهن تہ: ”سنڌ جي جان ـ ڊاڪٽر افغان.“ ڊاڪٽر صاحب ايوبي ڏاڍ ڏمر ۾ سنڌ جي سچي سپوت جو ڪردار ادا ڪيو ۽ باعزت آزاد ٿي، ساڳئي ئي اداري ۾ ساڳين ئي اصولن ۽ قائدن قانونن تحت ذميداري سنڀاليائين. وري ساڳيا ڏينهن موٽي آيا. غريب غربي جو ٻارُ وري نئين جوش جذبي سان ترقيءَ لاءِ وک اڳتي وڌائڻ لڳو. ان اميد سان تہ روشن راهن طرف وٺي وڃڻ وارو، ڏکُ ڏيکارڻ وارو رهبر ۽ رهنما ساڻن گڏ آهي. واهڻ وسٽيءَ جا ويچارا ۽ وساريل ماڻهو وري خوش ٿيا، تہ سندن آئيندي جي اميدن جو پرجهلو واپس آيو آهي. ڇو جو هو غريب ۽ لائق شاگردن جي سُٺي تعليم جي پورائي لاءِ ڪتابن جو خرچ، اسڪالرشپ ۽ ايستائين جو نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ بہ مددگار رهندو هو. ذاتي مفادن جي موذي مرض ۾ ورتل سازشي ڪردار تہ ويتر ڪاوڙ ۾ پنهنجا زهريلا وِڇُ تکا ڪرڻ شروع ڪيا، جن سان هنن آخرڪار سنڌ جي مستقبل جي راهن ۾ روشني پکيڙيندڙ جوت کي پاسيرو ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي ۽ هِن پيري هُو پوري سازش ۽ مڪمل رٿابنديءَ سان ميدان ۾ آيا.

ڊاڪٽر عبدالقدير افغان پنهنجي پيشي سان انصاف ڪندي، سنڌي قوم جي تعليمي ترقيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندي، هڪ جاکوڙي انسان واري حياتي گهاري. هڪ اهڙي آدرشي انسان واري حياتي، جيڪي صدين پڇاڻان پيدا ٿيندا آهن. جاڳرتا جو اهڙو جهانُ جوڙي، تاريخ جو اڻ مٽ حصو بڻجي ويو.

# افغان صاحب! ياد جو محتاج ناهي!

وحيده خضر

افغان صاحب، افغان صاحب، افغان صاحب.... ها اهو ئي نالو آهي، جيڪو جڏهن ڪان مون هوش سنڀاليو آهي، تڏهن ڪان پئي ٻُڌندي اچان! اهو نالو، جيڪو شايد سندس گهر جي ڀاتين کي بہ ايترو ياد نہ هوندو، جيترو منهنجو "ڊيڊي" ان نالي کي ڳائيندو آهي، يا ان جو ذڪر ڪندو آهي.

ها! اهوئي نالو. مون کي چڱيءَ طرح ياد نہ آهي، تہ سائينءَ جي اصل نالي جي ڄاڻ ڪڏهن پئي. پر اهو نالو تہ ننڍي هوندي کان وٺي ٻڌندي پئي اچان!

مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ اسان جي ڊرائنگ روم واري ڪارنر ٽيبل تي هڪ تصوير فريم ٿيل، جنهن ۾ هڪڙو ماٺهو ڪاري رنگ جي ايپران پايون هٿ ۾ ڊگري کنيو مسڪرائي رهيو آهي، رکيل هوندي هئي. مان اڪثر ان کي ڏسي سوچيندي هيس. روزانو Dusting ڪري، اُن فريم کي اُگهي، صاف ڪري، وري ساڳئي جڳهہ تي رکندي سوچيندي هيس، تہ آخر اهو آهي ڪير؟ گهر جي ڪنهن بہ ڀاتيءَ جي تصوير، اهڙيءَ طرح سان گهر جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ رکيل نہ آهي. پوءِ آخر هيءُ آهي ڪير!؟

ايترا سوال ذهن ۾ اُڀرڻ جي باوجود بہ ڊيڊيءَ کان همت ڪونہ ٿيندي هئي پڇڻ جي! خير، جڏهن ڪجهہ سمجهہ وارو دؤر آيو ۽ ڊيڊيءَ کان ڪجهہ ڊپ گهٽيو، تہ هڪ ڏينهن ڪانئس پڇيم تہ ڊيڊي هيءُ ڪير آهي؟ تصوير کڻي، ان تي هَٿُ ڦيرائيندي ۽ مسڪرائيندي چيائين تہ: هيءُ منهنجو محسن آهي، بلڪ اسان سڀني جو محسن آهي. مان ڳالهہ سمجهيس ڪونہ. پوءِ چيائين تہ: پٽ! هيءُ افغان صاحب آهي، منهنجو استاد. بس، ان کان وڌيڪ نہ مون پڇيو ۽ نہ وري ڊيڊيءَ ڪجهہ ٻڌايو.

گهر ۾ اڪثر ڊيڊي پنهنجي شاگرديءَ واري دؤر جا قصا ٻڌائيندو هئو ۽ ان ۾ ڪابہ ڳالهہ اهڙي ڪانہ هوندي هئي، جنهن ۾ افغان صاحب جو ذڪر نہ هجي....

اهڙيءَ ريت، هڪڙي عجيب قسم جي مانوسيت، پنهنجائپ رهي. جنهن سان ائين محسوس ٿيندو آهي تہ افغان صاحب اسان جي گهر جو هڪ بزرگ رهيو آهي. حالانڪ مون تہ نہ ان کي ڏٺو ۽ نہ ئي ڪا ملاقات ٿي. ها! البتہ انهن جي گهر وارن سان رهاڻيون خوب رهيون. اسلام آباد ۾ اڪثر لوڪ ورثہ جي ميلي مان رات جو دير سان واندڪائيءَ کان پوءِ، وڃي اميءَ وارن کي تنگ ڪرڻ ۽ حجت هلائي رات جي ماني ڪارائڻ لاءِ تڪليف ڏيڻ ۽ مون ۾ اُنهن جو اُڪير پريو رويو، ڪيئن تو وساري سگهجي! بلڪل پنهنجائپ وارو ماحول. پيو ڪوئي ڪٽي ڪجهہ بہ چوي يا بيزاري ڏيکاري، امي ڪڏهن بہ خفي ڪونہ ٿيندي هئي. ڪڏهن بہ اوپرائپ جو احساس ٿيڻ ڪونہ ڏيندي هئي.

هاڻي جڏهن افغان صاحب جي ورسيءَ جي حوالي سان پروگرام جي تياريءَ لاءِ مختلف ماڻهن سان رابطو ڪيو ويو، تہ ڪيئن قسمين جون ڳالهيون، رايا ۽ رمارڪس مليا. سڀ کان

تڪليف ده لفظ، جن منهنجي هٿ ۾ قلم کڻڻ لاءِ زور ڀريو، سي هئا: ”افغان، خضر کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به ياد ڪونه آهي. هن کي يونيورسٽيءَ وارا ته ليڪن ئي ڪونه ٿا، جن جو هُو باني آهي. پوءِ آخر خضر کي ڇا ٿو ملي؟“

ٿيڻ ته ائين گهرجي، جو هن مهان هستيءَ جي ياد جهر جهنگ، گهٽي گهٽيءَ ۾ ملهائڻ گهرجي. ڀين لاءِ زندگي وقف ڪرڻ واري انسان ۽ هزارين انجنيئرنگ جون زندگيون سنوارڻ واري مجازي خدا لاءِ، ڇا اسان وٽ ان کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ ٻن لفظن جي پيٽا به ڪونه آهي! ڇا اسان ايترا بي حس آهيون؟

باقي، رهي اها ڳالهه ته خضر ان کي ڇو ٿو ياد ڪري؟ اهو ته ان ماڻهوءَ کان پڇو، جيڪو پنهنجي مُربي مُحسن ۽ مُرشد کي واقعي به عبادت سمجهي ٿو ياد ڪري. تنهن ۾ هن ڇا ڏٺو آ؟ اڙي! انهن کي ڪير ٻڌائي ته خضر کي ڇا ٿو ملي؟ ان کي ملي ٿو دلي سُڪون، هڪ عجيب قسم جي تسڪين. جيڪو وڏي فخر سان پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري ثابتيءَ سان چوي ٿو ته مان احسان فراموش ناهيان!

ڇا افغان صاحب جون خدمتون، ڪوششون، ڪاوشون ۽ قربانيون ڪنهن فرد واحد لاءِ هيون؟ ڇا جيڪا جدوجهد هُن ڪئي هئي، ان مان صرف ڪنهن هڪڙي شاگرد فائدو ورتو هو؟ ڇا اهو سڀ ڪجهه اسان سيني لاءِ نه هئو؟

پنهنجي محسن کي ائين وسارڻ واقعي افسوس جوڳو عمل آهي. پر ڇا ڪجي؟ اسان هڪ بي حس قوم جا مفاد پرست باشندا آهيون. مطلب کان سواءِ ڪنهن سان گڏ هلڻ ته ڇا، پر ان سان ڳالهائڻ به گوارا ڪونه ڪيون. پوءِ ڇو اسان افغان صاحب کي ياد رکون؟ ڇا ڏنو آ ان اسان کي؟ نه، هرگز نه. ڪجهه به نه ڪريو توهان ان لاءِ. ڪجهه به نه لکو ۽ ڪجهه به نه پڙهو. ان بيباڪ هستيءَ کي توهان جي ياداشت جي ڪابه ضرورت نه آهي!

ها! اهو ياد آهي، ان کي ياد رکيو آهي، ڪنهن؟ پنهنجي عملن، پنهنجي رهنما اصولن. ها! ان کي پنهنجي بنياد وڌل علمي ڪارنامن ياد رکيو آهي. ان کي شاگرد جي ذهن ۾ بيدار ٿيل شعور ياد رکيو آهي!

ڇا اهو شخص وسارڻ جي قابل آهي؟ ڇا اهڙو املهه ماڻڪ، اهڙو ماڻهو وسري سگهي ٿو؟ هرگز نه. جيڏانهن به اک کڻي ڏسو، توهان کي افغان صاحب هلندي ڦرندي، زنده جاويد نظر ايندو! اسان جي دلين ۾، اسان جي ذهنن ۾، اسان جي عملي جدوجهد ۾! اهو ڪنهن جي ياد جو محتاج نه آهي.

# ڊاڪٽر عبدالقدير افغان جو آدرش

وحيده خضر

زماني جي ان عهد ۾، جتي اڄ جي دنيا ساهه کڻي رهي آهي، اِتي هڪ گُهٽ، پُوسٽ ۽ اُوندهه محسوس ڪئي پئي وڃي. اهو احساس هن ڌرتيءَ جي ڪنهن هڪ علائقي تي محدود ناهي. اهو احساس مجموعي طرح پوري گرهه جو احساس آهي. خود غرضي، بي حسي، انساني قدرن جي ناشناسائي ۽ انتهائي جهالت پنهنجي اندر ۾ اهڙي اوندهه کڻي اڄ جي دنيا ۾ ڪاهي پئي آهي، جنهن ڪري امن، سلامتي، پيار، محبت، عدل، علم، ۽ فراست جي آئيندي تان اڄ جو انسان پوريءَ طرح نااميد ٿو ڏسجي. ان صورتحال ۾، جتي سُڌريل ۽ اڻ سُڌريل حصي ۾ اوندهه جو تناسب اڻ سُڌريل حصي کان گهٽ ضرور آهي. سڌريل ملڪن ۾ به منفي رجحان وڌڻ لڳا آهن. Violation of human rights and violence جهڙن عنوانن هيٺ ايندڙ انيڪ واقعا اڄ جي سڌريل دنيا جا به مسئلا ضرور آهن. پر اتي جي روشني ۽ انساني وسيع نظر اڃان حالات جي مڪمل گنڀيرتا تائين پهچڻ ۾ ڪجهه وقت ضرور وٺندي.

جڏهن ته ڌرتيءَ جو اِهو حصو، جتي اسان آباد آهيون، جيڪو پوئتي پيل حصو ٿو چورائي، ان ڪري نه ته هتي مال ۽ دولت جي اڻاٺ آهي يا درد مند دل رکندڙ ماڻهن جي توراڻي آهي، پر ان ڪري جو انساني ذهن ۽ نظر تي اونداهي ڇانئجي وئي آهي. اهو اهڙو حصو آهي، جتان علم ۽ فراست موڪلائي ويا آهن، يا موڪلائي رهيا آهن. جتي عمل ڪرڻ لاءِ جذبو ناهي رهيو، جتان جا ماڻهو پنهنجي بي وسيءَ ۽ پنهنجي لاچار حالت تي گيت ڳائي ۽ ڊراما لکي، پاڻ کي مشهور ڪرائي ۽ پنهنجي ماحول کي وڏيڪ هيٺو ۽ ڏکويل ثابت ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪن ٿا ۽ پناهه ڳولهيندا رهن ٿا. ڇا هي اسان جي قوم خلاف سازش ناهي، جيڪا پنهنجا ئي پنهنجن خلاف ڪري رهيا آهن.

”مون پڪ سڃاتا پنهنجا هئا، ڳڏ ڏارين سان ڪي ڏاڙي ۾،
تي واٽ ڏسيائون ويرين کي، ويهي وانگيئڙن جي واڙي ۾“

مون کي اڄ ڊاڪٽر عبدالقدير افغان ياد آيو آهي. هُو، جنهن پنهنجي حياتيءَ جو وڏو حصو پنهنجن ماڻهن ۾ سچائيءَ ۽ انساني قدرن جي بقا جو درس ڏيندي گذاري ڇڏيو. هُو، جيڪو علم ۽ ادراڪ جو پرچارڪ رهيو ۽ درسگاهن جي تقدس لاءِ وڙهندو رهيو. اُهي ڏينهن هئا، جڏهن سنڌ جي شاگردن هڪ نعرو هنيو هو:

”سنڌ جي جان ـ ڊاڪٽر افغان“

اڄ منهنجي دل ۽ ڌيان ۾ اُهي ڏينهن اُڀري آيا آهن. سوچيان پئي ته اڄ جڏهن هُو اسان ۾ ناهي رهيو، ته ڇا سنڌ ۾ جان ناهي رهي. ائين ته غير فطري آ. علم جي ورهاست سان علم گهٽبو ناهي، پر ان ۾ واڌارو ئي ايندو آهي. اهو عجيب تضاد علم جي ترسيل سان وابسته آهي، جنهن کي انگريز پروفيسر هيئن چيو آهي ته:

“The paradox of knowledge is that is grow when it is given away.”

_ Dr. Benjamin Lazare.

ائين ته نه ٿيڻو هو، ته هُن جي اڳتي وڌي وڃڻ سان سنڌ بي جان ٿي ويئي. هن شخص پنهنجي پيغمبري پيشي دوران بي شمار شاگردن جي رهبري ڪئي ۽ پنهنجن ماڻهن جي بي لوث خدمت دؤران خدمت جي جذبي ڪي مثال طور پيش به ڪيو، ۽ اُن لاءِ هُن پنهنجي ذاتي نقصان جي پرواهه به نه ڪئي. اهڙيءَ طرح، بي شمار ڏيا ۽ ڏياٽيون سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر تائين پکڙجي ويا ۽ اُهي اڃان تائين پنهنجي پنهنجي Capacity ۾ وسيع نظريءَ جو پيغام ڏئي رهيا آهن.

اڄ ڏهن سالن جي گذرڻ کان پوءِ به اسان وري هڪ نئين جذبي سان علم جي روشنيءَ کي تيز تر ڪرڻ جو ڪوششون ڪرڻ لاءِ وچن ڪيون ٿا ته:

"ڏيئا ۽ ڏياٽيون پيون بدلبيون،
لاٽ سان واٽ پئي جرڪندي."

ائين نه صرف اسان پنهنجي ماڻهن جي اوندهه گهٽائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهون ٿا، پر هڪ استاد جي خواب ۽ آدرش کي به پاڻي ڏئي، پنهنجي ڏتڙيل سماجهڙي قوم کي جهالت جي اونداهيءَ کان روشن راهن ڏانهن رهنمائي به ڪري سگهون ٿا.

# هڪ مثالي ماڻهو

وحيده خضر

صدين کان پوءِ ڪي ڪي منڊا ماڻهو پنهنجو وارو وڄائي، پين لاءِ مثال قائم ڪري ويندا آهن. هُو محنت ۽ سچائيءَ جي جذبي سان انسان ذات جي خدمت ڪندي، پين لاءِ زنده رهندا آهن ۽ وڃڻ کان پوءِ پين کي انسانيت جو معراج ماڻڻ لاءِ اها واٽ ڏسيندا آهن، جيڪا سيني لاءِ مشعل راهه بڻجندي آهي.

تعليمي ميدان ۾ انقلابي اصلاحات آڻي، انجنيئرنگ جي اعليٰ تعليمي درسگاهه جو مستحڪم بنياد مهيا ڪري، ٽيڪنيڪل ميدان ۾ پنهنجي اعليٰ صلاحيتن جو مظاهرو ڪري، هُو سچيءَ قوم ۽ ملڪ لاءِ هڪ مثالي ادارو قائم ڪرڻ ۾ معاون ۽ مددگار ثابت ٿئي ٿو.

ڊاڪٽر افغان پنهنجي انقلابي آدرش، اعليٰ ويچارن ۽ نيڪ مقصدن ماڻڻ لاءِ نهايت اعليٰ ڪارڪردگي ڏيکاري. سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج اڳتي هلي، مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ سائنس انڊ ٽيڪنالاجي بڻيو. اڃا به وڌيڪ نواب شاهه ڪاليج جو اضافي ادارو به گڏ اُڀريو. اڄ اهو ماضي وڌيڪ ڪاميابي ماڻي، هڪ پي قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ سائنس انڊ ٽيڪنالاجي بڻجي، وڏي واڪ 21 صديءَ جي آڌر ڀاءُ لاءِ تيارين ۾ آهي.

اهڙن عظيم ادارن جو بنياد رکڻ ۽ انهن ادارن جي ساک بحال ڪري، هڪ ڪامياب تعليمي درسگاهه ٺاهڻ لاءِ تمام سخت محنت ڪرڻي پوي ٿي. ان اداري جي ننڍي کان ننڍي ۽ وڏي ۾ وڏي ڪارڪن کي پاڻ ارپي، ڪاميابيءَ لاءِ جدوجهد ڪري، پوري قوم لاءِ هڪ سونهري باب شروع ڪرڻو پوي ٿو. انهن ئي عظيم ادارن طفيل قومي جاڳرتا اڀري ٿي ۽ هڪ انقلاب پيدا ٿئي ٿو. اها ڪلهوڪي ڳالهه آهي، جڏهن اسان جي پنهنجي وطن واسين لاءِ انجنيئرنگ جو صرف هڪ اڻپورو ادارو ڪراچي لاءِ به پورائو نه پئي ڪري سگهيو. جو وقت سر هڪ ننڍڙي اداري 1963ع ۾ "سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج" جي ابتدا ڪئي ويئي. هن اداري پنهنجي ڀرپور ڪوشش سان اسان جي هرهڪ گهر تائين تعليم جي روشني پهچائي ۽ انجنيئرنگ جي تعليم جو پورائو ڪيو. هن اداري کي شروعات کان ڊاڪٽر افغان صاحب جهڙي پارکو ۽ چاڙو ماڻهوءَ جون خدمتون حاصل ٿيون. پاڻ هن اداري جي رات ڏينهن پرگهور لڌائين. هڪ طرف شاگردن جي پڙهائي، نئين ڪاليج جي اڏاوت، سٺن استادن کي تعليمي واڌاري لاءِ ٻاهرين ملڪن ۾ اعليٰ تعليم لاءِ موڪلڻ، شاگردن کي پڙهائيءَ جا موقعا فراهم ڪرڻ کان علاوه، داخلا پاليسي واضح ڪري، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان غريب ۽ امير جو فرق مٽائي، بي پهچ ماڻهن لاءِ داخلائن جا دروازا کولي ڇڏيائين. هُن حصولِ علم لاءِ جستجوءَ جو ماحول پيدا ڪري، اڳتي وڌڻ لاءِ اُتساهيو ۽ ڊگري وٺي ڪامياب ٽيندڙ انجنيئر لاءِ نوڪريءَ جي بندوبست ۾ به مددگار ثابت ٿيو. ڏسندي ئي ڏسندي، نه صرف سال بسال سٺا انجنيئر ميدان

۾ آيا، پر اهي پنهنجي قابليت مجرائي، ملڪ جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهيا.

ڊاڪٽر افغان صاحب هن تعليمي اداري ۾ 1965ع کان 1973ع تائين اٽڪل اٺ سال رهيو ۽ هڪ مثالي استاد، سخت منتظم، سٺو اڳواڻ، همدرد ۽ رهبر بڻجي، پنهنجو هڪ هڪ ڏينهن اداري کي ٿاهڻ ۽ ترقي وٺرائڻ لاءِ وقف ڪيائين ۽ اداري جو مانُ ۽ عزت وڌائي، دنيا اندر ناماچار پيدا ڪيائين. پاڻ پنهنجي ساٿين سان گڏجي، لاٿ مان لاٿ ٻاري، اداري جو مانُ مٿانهون ڪيائين.

اڄ جيڪڏهن ماضيءَ جي ورق گرداني ڪبي ته ابتدائي دؤر ۾ اداري لاءِ جاکوڙ ڪرڻ جا اهڙا مثال ملندا، جيڪي تعليمي ادارن جي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ جي مثالي ڪردارن جي ئي نصيب ۾ لکيل هوندا آهن. سرسيد احمد خان جي ادبي خدمات جي پايي جا عالم ۽ اديب شمس العلماءُ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي، ميرزا قليچ بيگ، علامه آءِ. آءِ. قاضي، سائين ايڇ. ايم. خوجا جي صف ۾ ڊاڪٽر افغان صاحب نروار نظر ايندو. سندس ساٿي صلاحڪار ۽ ڪانئس سينيئر سائين غلام مصطفيٰ شاهه، حسن علي عبدالرحمان ۽ حاجي محمد سليمان لاڙڪ صاحب سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، پنهنجي اعليٰ صلاحيتن کي اجاگر ڪري، انجنيئرنگ جي اداري کي مثالي ادارو بنايائين.

اهو وقت به سيني کي ياد هوندو، جڏهن شروعاتي دؤر ۾ سائي رنگ جي پڪ اپ، ڪاليج جو جهونو سيڪريٽري، هڪ ٽائپسٽ ۽ ڊرائيور ڊاڪٽر صاحب سان رات ڏينهن گڏوگڏ موبائيل آفيس ساڻ کنيو وتندا هئا ۽ بنا ڪنهن وقت جي پابنديءَ جي ڪم سان رڌل رهندا هئا. پاڻ ڪاليج جي بهتريءَ لاءِ بنا ڪنهن هٻڪ جي، بغير ڪنهن رک رکاءُ جي، جتان جيڪي ڪجهه ملندو هو، ڪاليج لاءِ حاصل ڪندو رهيو. اهو وقت ئي فيصلا ڪندو آهي ته ڪنهن جي ڪيل ڪارنامن جو ڦل صدين تائين پوين کي نصيب ٿيندو آهي. ٿوري به سُستي يا ڪاهلي نه صرف وقتي نقصان ده هوندي آهي، پر ادارن جي ترقيءَ کي ڪاپاري ڌڪ لڳندو آهي. اڄ جي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي، ڄام شورو ۽ قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي، نواب شاهه جهڙا به اعليٰ تعليمي ادارا ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان اُن عظيم شخص کي سلام پيش ڪندي، پنهنجي نالي سان گڏ ابد تائين ڊاڪٽر افغان صاحب جي نالي کي به زنده جاويد بنائيندا رهندا.

ادارن جي ترقي، ان جي ڪم ڪندڙ ملازمن ۽ آفيسرن جي ڪيل ڪار گذاري جو نتيجو هوندي آهي. اهڙيءَ طرح، تعليمي ادارن ۾ ان اداري جو سربراهه اهم رول ادا ڪندو آهي. سندس قابليت ۽ حسنِ انتظام طفيل ادارو وڌندو ۽ ويجهندو آهي. اُن سربراهه جي ڪيل خدمات جو سلسلو انسان ذات جي خدمت طرف منتقل ٿئي ٿو. هڪ فرد جي تعليمي ميدان ۾ ڪاميابي اڳتي هلي، سندس روزگار جو ذريعو بڻجي، پنهنجي خاندان جي لاءِ رزق حلال مهيا ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿي. اهڙيءَ طرح، اهڙا هزارين شاگرد عملي طرح ملڪ ۽ ملت جي خدمت ڪندي، پنهنجي وطن جو نقشو بدلائي، هڪ سُکيو ۽ ستابو وطن بنائڻ جو سبب بنجن

ٿا. اهو سڀ ڪجهه انسانيت جو معراج آهي. اهڙا مثالي انسان پنهنجي ڪيل خدمتن طفيل اُها منزل ماڻن ٿا. اُنهن مهان ۽ مثالي ماڻهن کي ياد ڪري، هڪ طرف ان جي عظمت جو اعتراف ۽ خراج عقيدت پيش ڪرڻ کان علاوه، پنهنجي اعليٰ ظرفي جو مظاهرو ب ٿئي ٿو. ڊاڪٽر عبدالقدير افغان اهڙو ئي هڪ مثالي ماڻهو آهي، جنهن تعليمي ميدان ۾ انسانيت جي خدمت ڪري، عظمت جو معراج ماڻيو. شال رب العزت جي بارگاهه ۾ سندس روح کي ابدي آرام نصيب ٿئي ۽ اسان سيني لاءِ دعاگو هجي! خدا اسان سيني کي سندس نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا ڪري ۽ اڄ جي اعليٰ تعليمي ماهرن کي پنهنجي پنهنجي درسگاهن لاءِ مثالي خدمت جي جذبي سان سرشار ڪري، ته جيئن اسان جون تعليمي درسگاهون وري اهو اوج ماڻي، انسان ذات جي ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ جو سبب بنجي، ملڪ ۽ قوم لاءِ خوش بختيءَ جو باعث بڻجن.



ياڳو ٻيو
هينئڙي سڄڻ ساريا
(ليکڪ: خضر حيات ع. قاضي)

# آغا، پٺاڻ ۽ لالا
## (جيون ڪٿا)

تعارف:
ڊاڪٽر عبدالقدير افغان ولد قادر داد خان پٺاڻ هڪ ننڍڙي ڳوٺ ”قاضي واهڻ“، نزد لکي غلام شاهه، ضلعي شڪارپور ۾ اکيون کوليون. سندن والد بزرگوار تعليم کاتي سان وابسته هيو سندن خانداني حسب نسب سيد سيف الله سان ملي ٿو، جيڪو احمد شاهه ابداليءَ جو مذهبي پيشوا هئو ۽ حضرت امام علي رضا عليه السلام جي خاندان مان هئو. ڪين پنج ڀائر ڀيا آهن. وڏو لالا گل محمد خان، بعد ۾ ننڍيا ڀائر - نور الدين خان (ڊاڪٽر)، قمر الدين خان (ڊاڪٽر)، بدرالدين خان (ڊاڪٽر) ۽ ظهور الدين خان. ڪين چار پُٽ ۽ ٽي نياٽيون آهن ۽ اُهي سيئي ميڊيڪل جي پيشي سان وابسته آهن. سندن وڏو پٽ ڊاڪٽر صفي الله پوسٽ گريجوئيٽ ڪري، اسلام آباد ۾ ڊاڪٽر آهي.

تعليم:
پرائمري ڳوٺ جي چن چپر هيٺان، مئٽرڪ، انٽر سائنس شڪارپور مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري، سول انجنيئرنگ جي ڊگري NED انجنيئرنگ ڪاليج، ڪراچيءَ مان 1951ع ۾ پاس ڪري، 1958ع ۾ امپيريل ڪاليج، لنڊن مان پي ايچ. ڊي. ڪيائين.

نوڪريون:
ابتدائي طور تي دفعا سنڌ پي. ڊبليو. ڊي. جي روڊس کاتي ۾ انجنيئر ٿيا، پر ماحول ڪيس مزو نه ڏنو. 1958ع کان 1966ع تائين لنڊن ۾ انجنيئر رهيا. 1962ع کان 1965ع تائين عراق گورنمينٽ جا انجنيئرنگ ايڊوائيزر رهيا. 1965ع کان 1972ع تائين سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج، ڄام شوري ۾ موتي اچي پروفيسر ۽ پرنسپال مقرر ٿيا. بعد ۾ اسلام آباد ۾ پاڪستان گورنمينٽ ۾ پهريائين سائنس ۽ ٽيڪنالاجي شعبي ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري ۽ بعد ۾ سيڪريٽري بڻيا. اڳتي هلي، سروس ٽربيونل جا سينيئر ميمبر ٿيا. آخر ۾ بنا ڪنهن معاوضي جي زبردستي رٽائر ڪرايا ويا.

سندن جيون جو مشن:
انسان ذات جي خدمت، تعليم و تدريس ذريعي وطن ۽ وطن واسين جي قسمت بدلائڻ، حقدارن کي حق ڀلي وجهڻ، هميشه اٽل اراي سان فيصلو ڏيڻ، بنا ڪنهن مصلحت ۽ رک رکاءَ جي پاليسي رکڻ، سياسي وابستگي کان بهه ڪانه، ميل جول گهٽ هجڻ ڪري وڏا آفيسر ڪانئس

پريو، خاص ڪري سنڌ جي هر شاگرد کي تعليم بعد نوڪري وٺائي ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿيڻ، پنهنجي نوڪريءَ جي ڪڏهن به پرواهه نه ڪرڻ.

حڪومت جي قانون تي (حڪمراني جي) مڪمل پئيرائي ڪندي بي خوف ٿي فيصلو ڏئي ان تي عمل ڪرڻ ۽ ڪڏهن ڪنهن ڪان مرعوب نه ٿيڻ. انهن مڙني ڳالهين جي ڪري هميشه تڪليف ۾ رهيا. پر تڏهن به آءٌ ائين چوندس ته آخري لمحي تائين بي تاج بادشاهه ۽ فقيراڻي زندگي بسر ڪري راهه رباني اختيار ڪيائين. جيتوڻيڪ ٺٽ ٺاٽ واري زندگي ۽ آرام ۽ آسائش واري زندگي بسر نه ڪيائين. مال ملڪيت ڪونه ٺاهيائين. محلات ۽ بنگلا نه جوڙيائين. پر پڻ جي زندگي ۽ خاندانن جا خاندان خوشحال ڪرڻ جي عيوض خدا کين بدلي ۾ نيڪ صالح ۽ اعليٰ تعليم يافته اولاد جي ثمر سان نوازي ڇڏيو.

آخري آرامگاهه:

پاڻ 9 اپريل 1991ع بمطابق 23 رمضان المبارڪ 1411هه تي الوداع چئي، اسلام آباد جي سرزمين ۾ آرامي ٿيا. اڄي سنگ مرمر جي قبر، شاهه سائينءَ جي شعر ۽ سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ هالا جي ڪاشيءَ سان لڳل سرن سان ٺاهيل نشان، قدرتي سبزگاهه ۽ رنگا رنگي گلڙن سان سينگاريل ٻُٽيءَ جي ذريعي هن وقت به سندس انفراديت قائم آهي.

خدا کين جنت الفردوس عطا ڪري ۽ سندن ڪيل خدمات طُفيل صدقه جاريه تا قيامت هلندو رهي!

# سنڌ جي جان: ڊاڪٽر افغان
## (هڪ تعارف)

نالو: عبدالقدير خان افغان.
والد جو نالو: قادر داد خان افغان.
جنم يومي: قاضي ڳوٺ (قاضي واهڻ)، نزد لکي غلام شاهه، ضلعو شڪارپور سنڌ.
ابتدائي تعليم: ڳوٺ ۾ والد جي زيرِ نگراني ۽ پوءِ شڪارپور ۾.
مئٽرڪ: هاءِ اسڪول شڪارپور مان 1945ع ۾ فرسٽ ڪلاس.
انٽر سائنس: 1947ع ۾ فرسٽ ڪلاس.
انجنيئرنگ: اين. اِي. ڊي انجنيئرنگ ڪاليج، ڪراچيءَ مان 1951ع ۾ فرسٽ ڪلاس.
اعليٰ تعليم: 1955ع ۾ لنڊن ويو، جتي امپيريل ڪاليج مان 1958ع ۾ "سُئائل مڪينڪس" ۾ پي ايڇ. ڊي. ڪيائين.
ابتدائي نوڪري: 1958ع کان 1954ع تائين ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ ويز.
ٻاهرين ملڪن ۾ نوڪري: 1961ع کان 1963ع تائين لنڊن ۾ ڊيولپمينٽ انجنيئر ۽ 1963ع کان 1965ع تائين بغداد گورنمينٽ جو انجنيئرنگ ائڊوائيزر ٿي رهيو.
وطن واپسي: 1965ع ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پروفيسر.
1966ع کان 1975ع تائين سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جو پرنسپال.
پاڪستان ۾ ٻيون نوڪريون: 1976ع کان 1978ع تائين سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو ائڊيشنل سيڪريٽري ۽ سروس ٽربيونل جو ميمبر.
تعليمي خدمتون: هر انجنيئر کي اعليٰ تعليم وٺڻ لاءِ راهه هموار ڪري ڏيڻ ۽ سنڌ ۾ وڏ ۾ وڏ سنڌي انجنيئر پيدا ڪرڻ.
سماجي خدمتون: هرهڪ غريب لاءِ تعليم ۽ بعد ۾ روزگار وٺي ڏيڻ سندس زندگيءَ جو مشن رهيو.
طبيعت: تمام سادو، گهٽ ۽ آهستي ڳالهائيندڙ. فيصلي جو اٽل، اصول جو پڪو، رحمدل، ميل جول تمام گهٽ، اٽڻ ويهڻ ڪم سان ڪم، ڪنهن جي خوشامد ڪانه. بنا رک رکاءُ وارو.
لباس سادو، آفيس ۾ سوٽ بشرٽ، ڪڏهن ڪنهن وقت فل سوٽ، باقي وقت اڇو وڏو ڪڙتو ۽ سلوار.
رهائش: هميشه سرڪاري گهر ۾ رهيو.
کاڌ خوراڪ: هلڪي ۽ سادي غذا کائيندو هو.

سندس دوست: تمام ٿورا. اعتبار ويهڻ ڪان پوءِ مٽن انڌو اعتقاد. ڪير به سندس ڪَنَ پري نه سگهندو.

اصول: تمام اصول جو پڪو، وڏي ڪان وڏي ماڻهوءَ جي سچي زندگي پرواهه نه ڪيائين. مفاد لاءِ ڪڏهن به ڪنهن سان سمجهوتو نه ڪيائين.

سندس زندگي جو مشن: بي پهچ غريب پڙهيل نوجوانن کي روزگار سان لڳائڻ، تمام سٺي ۽ اعليٰ تعليم ڏيارڻ ۽ پنهنجي حقن لاءِ لڙڻ، سنڌ واسين جي خدمت ڪرڻ.

پائر: 5 ڀيا پائر اعليٰ تعليم يافته ۽ وڏن عهدن جا مالڪ

اولاد: چار نياٽيون ۽ ٽي پٽ، سڀ ڊاڪٽر

الوداع: 23 رمضان المبارڪ 1411هه/ 9 اپريل 1991ع تي وفات ڪيائين. اسلام آباد ۾ آرامي ٿيو.

شاگرد: ڊاڪٽر افغان صاحب جي دؤر جا ڪيترائي شاگرد هن وقت انجنيئرنگ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين سان وابسته آهن. جڏهن ته ڀيا به ڪيترائي زندگيءَ جي مختلف شعبن ۽ ادارن ۾ سٺي ساک سان ذميواريون نڀائي رهيا آهن. انهن مان ڪجهه ناميارا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

ڊاڪٽر عبدالاحد ابڙو، مجيب پيرزادو، مسعود نوراني، خضر حيات قاضي، مسعود پيرزادو، رفيق صفي، اشفاق صفي، محمود لاڙڪ، ساجن خان بلوچ، عبدالرحيم سمون، جميل شيخ، جميل الرحمان پنهور، آغا زاهد، احمد خان جمالي، اقبال ترين، جمال الدين بجاراٽي، روشن پنهور، قربان پنهور، رياض خميساڻي، ظفر شيخ، حافظ نثار احمد، طارق خميساڻي، فيروز صديقي، فقير علي محمد هيسباڻي، محمد عيسيٰ جمالي، عبدالغني درس، پير منور، سائين بخش لغاري، محمد يعقوب زرداري، حافظ منٺار علي محمد ڪرناٽي، عبدالمجيد ڪٽي، محمد اسماعيل خاصخيلي، جان محمد ملهڻ، شبير احمد سولنگي، منور الدين ميمڻ، سجاد حسين شاهه، افتخار شاهه، منور شاهه، اقبال ترڪ، عبدالرزاق ٻگهيو، شفيق صديقي، پريتم ڪمار، اي. ايچ. پرچاڻي، امير بخش ميمڻ، نور احمد عمراڻي، منير احمد چاچڙ، امان الله چاچڙ، امير بخش ميمڻ، عزيز چنو، حليم شيخ، اشفاق ميمڻ، آفتاب ميمڻ، اقبال ميمڻ، سائينداد سولنگي، حسن علي ميمڻ، بشير احمد ميمڻ، حليم قريشي، جي. آر. پٽي، عاشق پنگوار، مشتاق سانگي، عزيز سانگي، سليم سنجراڻي، عاشق شاهه، غلام محمد ملڪاڻي، شفيق انصاري، شفيق حيدر موسوي، ڪرم علي ميمڻ، غلام نبي مورائي، محمد عيسيٰ ڏاهري، رضا ڏاهري، غازي خان بروهي، محمد عالم ڪوسو، شاهنواز شاهه، عارف چاموٺ، غلام قادر چاموٺ، محمد دائم خاصخيلي، محمّد حاڪم خاصخيلي، رفيق احمد لغاري، سجاول خان لنڊ ۽ علي شير لنڊ.

# بيواهن جو پرجهلو

## (1970ع ۾ ڊاڪٽر افغان صاحب جو جيل وچڻ وقت لکيل)

انجنيئرنگ ڪاليج جو پرنسپال، ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان هڪ اعليٰ خاندان جو چشم و چراغ هو. سندس اٺٽي ويهٽي سادي. ڳالهائيندو هو ته سنڌي سپاجهڙي ٻوليءَ جا موتي پيا ڇڻندا هئا. مشڪندو هو ته حاضرين کي موهت ڪري ڇڏيندو هو. باهمت، بارعب. خوددار. ڪنهن کي همت نه ٿيندي هئي، جو سندس آڏو غلط بياني ڪري سگهي. شاگردن سان مٺ ميٺ ۽ پدري شفقت سان پيو پيش ايندو هو، جنهن ڪري ڪاليج اندر نه صرف سنڌي، پر هر طالب علم، پوءِ اهو عربي چو نه هجي، کيس والد برابر سمجهي، سندس عزت ڪندو هو. سندس حسنِ انتظام اهڙو، جو ڇا چئجي!؟

هي صاحب انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچي مان بي.اِي پاس ڪري ڪجهه وقت لاءِ روڊس کاتي ۾ اسسٽنٽ انجنيئر ٿي رهيو، پر ماحول مزو نه ڏنس. مُنهن ويڙهي وچي ولايت پهتو. پورا ڏهه سال تعليم حاصل ڪري، وڏن وڏن عهدن تي فائز رهيو. ڪجهه عرصي لاءِ بغداد يونيورسٽيءَ ۾ انجنيئرنگ ۾ پروفيسر ۽ اتي هڪ فرم ۾ ڪنسلٽنٽ ٿي رهيو ۽ سنڌي عوام جي تقاضا تي پنهنجي وطن واپس وريو. ان وچ ۾ هڪ دفعو هتي ايگزيڪيوٽو انجنيئر به ٿي رهيو، پر وري به ماحول نه وڻيس. سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ 1965ع جي آخر ڌاري آيو ۽ هڪ سال لاءِ وائيس پرنسپال ۽ پروفيسر ٿي رهيو. 1966ع جي آخر ۾ کيس پرنسپال بنايو ويو.

پنجن سالن دوران هن پنهنجو رت ست قربان ڪري، رات ڏينهن محنت و مشقت ڪري، نئين اُسرندڙ ڪاليج کي پايہ تڪميل تي پهچايو. انجنيئرنگ ڪاليج جي ترقي سندس مرهونِ منت آهي. جنهن ڪاليج کي هلائڻ مشڪل هو، اڄ ان ڪاليج جو نالو دنيا اندر موجود آهي.

سندس نگرانيءَ هيٺ آخري سال جون ٿي بيچون نڪتيون، جن جا شاندار مستقبل ڏسي، هن ڪاليج جي پڙهائيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڪيترا شاگرد دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اعليٰ تعليم ۾ مصروف آهن، ته ڪن شاگردن پبلڪ سروس ڪميشن وارن کي ان ڳالهه مڃائڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو، ته واقعي سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جا شاگرد هوشيار آهن.

هن صاحب شاگردن جي بهتريءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ جان جي پرواهه نه ڪئي. هر وقت بيماريءَ جي حالت ۾ به انهن کي وڏيڪ عزيز رکيو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انجنيئرنگ جي تعليم کي ڦهلائي ڇڏيو. غريب بيواهن ۽ بي سفارشين کي حق پلئہ وڌو ۽ پنهنجي جيب مان هزارن جي امداد ڪري، انهن کي تعليم جي روشنيءَ سان منور ڪيو. سندس ڪيل خدمتن جو اعتراف نه صرف سنڌ، پر پاڪستان خواهه ٻاهرين ملڪن ۾ ڪيو وڃي ٿو، جتان جا شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. افغان صاحب اصول جو مالڪ آهي. کيس غريبن سان پيار آهي. سنڌ جي ڏتڙيل عوام سان اصل جو پيچ پيل آهي. سندس رڳ رڳ ۾ سنڌ ۽ سنڌي عوام جي

خدمت جو اونو آهي. نهايت ئي افسوس آهي، جو اهڙي اعليٰ تعليمي ماهر ۽ بين الاقوامي شهرت يافته انسان جي ڪيل خدمات کي فراموش ڪري، ڪيس ڪُڙي ڪيس ۾ اڙائي جيل اماڻيو ويو آهي. سندس بيگناهيءَ لاءِ اهوئي چئلينج ڪافي آهي ته ڪيس باعزت آزاد ڪري، سول ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي، مجرم ثابت ڪيو وڃي. ورنه سندس بي عزتيءَ جو حساب ڏنو وڃي.

اڄ سنڌ ڇائو مرد و زن، ٻار ۽ ٻچو، پير و جوان، مطلب ته هر ڌڙڪندڙ دل جي زبان تي، "سنڌ جي جان ـ ڊاڪٽر افغان" جو نعرو آهي. سنڌ جو عوام يڪ زبان اهو نعرو هڻي، سندس باعزت رهائيءَ لاءِ چيخ و پڪار ڪري رهيو آهي. هزارن جي تعداد ۾ شاگرد بک هڙتالون ڪري، جيل ڀري رهيا آهن.

اهو سڀ ڇا آهي؟ ڊاڪٽر افغان صاحب جيڪا پنهنجي عوام جي خدمت ڪئي آهي، انهن جو سيني کي اعتراف آهي. هُو اڪيلو نه آهي. سنڌ جو عوام ساڻس گڏ آهي. هُو فرشته صفت انسان آهي. سنڌين لاءِ ساهه صدقي ڪري، ٻهراڙين جي شاگردن کي داخلائون ڏياريون ڏياريون قائدي موجب ڏياريون ويون آهن. ڪنهن سان خوشامد ڪرڻ يا ڪنهن کان ڊڄڻ، سندس مذهب ۾ حرام آهي. هُو صرف الله تعاليٰ کان ڊڄي ٿو. هينئر جيتوڻيڪ هُو جيل ۾ آهي، پر تڏهن به ڪيس الله ۾ پروسو ۽ پنهنجي جگر گوشن شاگردن جي تڪليف جو اونو آهي. ڪيس هروقت پنهنجي طالب علم ٻچن جي تڪليفن جو احساس آهي. انهن جا احوال ٻُڌي ۽ قربانيءَ جون خبرون پڙهي، پيو ڳوڙها ڳاڙي.

ڊاڪٽر افغان تي آيل بي واجبي تڪليف تي احتجاج ڪندي پروفيسر، ريڊر ۽ ليڪچرار گڏيل استعيفيٰ پيش ڪري چڪا آهن. هر هنڌ بيچينيءَ جو عالم آهي.

خدا ڪري، اسان سيني جي دعائن جو اثر ٿئي ۽ هُو صاحب باعزت آزاد ٿي، پنهنجي ساڳيءَ ڪرسيءَ تي رونق افروز ٿئي. اهوئي ڏينهن اسان سيني لاءِ خوشيءَ ۽ شادماني جو ڏينهن ٿيندو. اسان سيني جون دلي دعائون آهن ته خداوند ڪريم ڪيس هميشه شاد و آباد رکي. (آمين)

# سنڌ جي جان
## (تاثر)

اڄ وري ڌمڪاءُ ٿيو. ٺڪاءُ ٿيو، ڌرتي ڌُٻي، زمين ڌاتي، جبل ڏَرِي پيا. مگر ٻارُ جيڪو کٽولي تي ستو پيو هئو ۽ بذات خود ڪجهه سڄاڳ بہ هئو، اُٿي ويٺو. هُن پنهنجي کٽولي جي آس پاس ڏٺو، چوڌاري نهاريو. اُهو ڌمڪاءُ اهو ڌرتيءَ جو ڌُٻڻ هاڻي وري شرنائين ۾ بدلجي چڪو هيو.

هن جي جيجل ماءُ، هن جي پياري ماءُ آزاد ٿي چُڪي هئي.

ان وقت، پهرين جولاءِ جي رات جا 12 لڳي 15 منٽ ٿيا هئا.

هن جي جيجل سنڌ، هن جي امڙ سنڌ، 15 سالن جي پراڻن طوقن، ون يونٽ جي ڪَٽيل زنجيرن کي ٽوڙي چڪي هئي. ان وقت، پهرين جولاءِ جي رات جا 12 لڳي 15 منٽ ٿيا هئا. اهي زنجير جا ٽڪرا ڌرتيءَ تي پيا هئا. انهيءَ لاءِ جيجل جا اُهي مايہ ناز فرزند، جن جيل ڪاٽيا، جن بُکون سَٺيون، جن رت جو دانُ ڏنو هو، اُهي جيجل سنڌ جي انهيءَ ڳاڙهي سيني تي نچي رهيا هئا، جيڪو جيلُ سنڌ جي مايہ ناز فرزندن جي رت جي دان ڪري ڳاڙهو ٿيو هئو.

ٻارَ بہ انهن سان اُٿي نچڻ شروع ڪيو. هرهڪ جي واتان منٺو ۽ سريلو آواز نڪري رهيو هئو. هرڪو ’هو جمالو، هو جمالو ـ واهہ واهہ جمالو‘ ڳائي رهيو هئو. ڪو ڀٽائيءَ جي ڪافي ڳائي رهيو هئو، تہ ڪو شيخ اياز جو بيت آلاپي رهيو هئو. ٻار بہ شيخ اياز جو بيت، سُهڻي ۽ منٺي آواز ۾ آلاپڻ شروع ڪيو:

”جاڳ ڀٽائي گهوٽ، توکي سنڌڙي ٿي سڏڙا ڪري،
مرن پيون مارويون، قابو آهن ڪوٽ،
اڄ تہ تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري وجهون.“

ٻار وري اهي شادمانہ ملهائيندو، موٽي اچي پنهنجي کٽولي تي سمهي پيو، جيڪو سندس جيجل جي پياري ۽ سائي ستابي سيني تي رکيل هيو. هيءُ جيجل جي سيني تي گهمندو اچي پنهنجي کٽولي تي سُتو. ٿڌڙي هير هُن کي سمهارڻ شروع ڪيو. جيجل هن کي منٺڙي زبان ۾ پنهنجي سنڌي زبان ۾، پياريءَ زبان ۾ لولي ڏيڻ شروع ڪئي. هن کي ننڊ وٺي وئي.

ٻار ننڊ ۾ وڃي ’ڀٽ‘ تي نڪتو. چوڌاري آواز هئو. آواز هئو. هڪ عجيب شور هئو. هيءُ اڳتي وڌيو. هُن آواز ٻڌو. سيڪو چئي رهيو هيو تہ ڀٽائي اچي ويو! هيءُ اڳتي وڌيو. هُن ڀٽائيءَ کي ڏٺو. سفيد ريش وارو بزرگ. سفيد ڪپڙن ۾ ملبوس نوراني چهرو. ڀٽ شاهہ جي روضي مان نڪري نروار ٿيو. هن جا ٻئي هٿ مٿي هئا. هُو دعا گهري رهيو هو. ڏسندي ڏسندي سڀني هٿ مٿي ڪيا. ٻار بہ هٿ مٿي ڪيا. ڀٽائي دعا گهري:

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سرڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

پٽائي صاحب دعا پوري ڪري، آمين چيو. سيني آمين چيو. ٻار ٻه آمين چيو.
ڏسندي ڏسندي ٻار وڃي 'درازا شريف' پهتو. اتي هڪ عجيب شور متل هئو. هرهڪ سچل سائينءَ جو سڪ ۽ عقيدت سان انتظار ڪري رهيو هئو. ٻار ٻه اتي پنهنجي سڪ سان انتظار ڪرڻ لڳو. هن ڏٺو. هڪ سفيد ريش بزرگ گيڙو ڪپڙن ۾ ملبوس، يڪتارو سچي هٿ ۾، ظهور پذير ٿيو. هُو ڳائي رهيو هئو. سيڪو 'هُو هُو' ڪري رهيو هو. ٻار ٻه 'هُو هُو' ڪرڻ شروع ڪئي. هُن کان چرڪ نڪري ويو. هيءُ سجاڳ ٿي ويو. هُن کي شاهه صاحب جي دعا وارو بيت ياد آيو. هُن کي سچل بادشاهه واري 'هُو هُو' ياد آئي. هُن ڏٺو، گهوري ڏٺو. هُن جي جيجل سنڌ روئي رهي هئي. هيءُ آيو ۽ ڊوڙي وڃي جيجل کي ياڪر پاتائين. هن جا ڳوڙها ٻه جيجل جي ڳوڙهن ۾ جذب ٿي ويا. هن ماءُ کي ڀاڪرڙي پائي چيو: "امان! امان! ڏس! اسان تنهنجي ڳچيءَ مان ون يونٽ جو طوق لاهي ڦِٽو ڪيو آهي. امان! اسان ون يونٽ جي زنجيرن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو آهي. اهي ٽڪرا ڏس!" هن ٽڪرن ڏانهن اشارو ڪيو. هي روئي ٻه رهيو هئو. هن رڙ ڪري وري جيجل ماءُ کي چيو: "امڙ! ڏس! اسان ون يونٽ جو بت پيچي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو آهي. پر، پر، امان! تون.... تون اڃان روئي رهي آهين!"
"منڙا پٽ! اڄ وري تنهنجا ڀائر، جن زنجيرن کي ٽوڙي ٽوڙي پرزا ڪيو هئو، سي وري اڄ جيل اماڻيا ويا آهن!"
امان! امان! ٻار رڙ ڪري چيو ۽ چوڌاري نهاريو. هن کي ڪوبه پنهنجو اُهو ڀاءُ نظر نه آيو، جنهن هن سان گڏ هيءَ تحريڪ هلائي، جيڪي پٽ شاهه تي هن سان گڏ هيا، جيڪي سچل تي هن سان ساڻ هيا. امان! منهنجيون ڀينرون؟
"پٽ! اهي! ٻه تنهنجي ڀائرن سميت جيل اماڻيون ويون آهن ۽ تنهنجو ڀيءُ (استادُ ڀيءُ جي جاءِ تي ٿيندو آهي) ٻه جيل اماڻيو ويو آهي."
ٻار وري رڙ ڪري چيو: امڙ! جيجل سنڌ! تنهنجي جان، تنهنجو روح جيل اماڻيو ويو آهي. تنهنجو روح، تنهنجي جان؛ سنڌ جو روح، سنڌ جي جان! هُن وڏي واڪي پڪاريو. آواز گونجيو. پڙاڏو پيدا ٿيو ۽ وري هوا ۾ گم ٿي ويو.
هُن ڪارو جهنڊو کنيو. اتان وري جيجل جي دل، حيدرآباد ۾ پهتو حيدرچوڪ ۾، جتي هن جي ڀائرن کي گرفتار ڪيو ويو هو. هن اهو ڪارو جهنڊو کوڙيو. هُو خاموش مظاهرا ڪرڻ لڳو. هن سان گڏ هن جيترا ڪيترا ڀيا ٻه ڀائر هئا. اتان هُو اتي ڀائرن جا پير کڻندا، ڀائرن جي پيرن جا نشان سڃاڻندا، اچي سينٽرل جيل جي ٻاهران پهتا. هنن اتان پنهنجي ڀائرن کي سڏيو، پنهنجي والد کي سڏيو. اندران جواب ڪونه آيو. ظالمن اتان ٻه هنن کي ڀڄائي ڪڍيو. موٽي اچي هُو سيئي ڪارن جهنڊن سميت خاموش مظاهرا ڪرڻ لڳا. هنن ظالمن کي ڏٺو، جيڪي هن جي جيجل جي سائي ستابي سيني تي گهمي رهيا هئا، جيڪي هن جي جيجل جي جنڊڙيءَ تي ڳوهه وانگر چنبا کپائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، جيڪي هنن جي ڀائرن جا حق ڇني رهيا هئا، جيڪي انهن کي نوڪرين کان محروم ڪري رهيا هئا. ٻارن وري پڪاريو. هڪ آواز ٿي رڙ ڪئي:
اسان کي حق ڏيو!

اسان جي يائرن کي آزاد ڪريو!
سنڌ جي جان ـ ڊاڪٽر افغان.
ڪوڙا ڊوميسائيل رد ڪريو.
ڊاڪٽر تي مڙهيل ڪوڙو ڪيس واپس وٺو!
آواز گونجيو. پڙاڏو پيدا ٿيو ۽ وري هوا ۾ گم ٿي ويو. مان اتي ئي بيٺو رهيس. ٻار وري خاموش ٿي ويا. انهن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ هئا. مان سنسني خيز سناٽو ڏسي نہ سگهيس. اکيون پوري چڏيم. وري ٺڪاءُ ٿيو، ڌهڪاءُ ٿيو. منهنجي يائرن کي سزائون ڏنيون ويون. وري ٺڪاءُ ٿيو، ڌرتي ڌُڏي، جبل ڦاٽي پيا. زمين ڦاٽي پئي ۽ هڪ وڏو ٺڪاءُ ٿيو.

# هڪ تعليمي ماهر هڏڏوڪي ۽ سچو انسان

اڄ نہ اوطاقن ۾، سنڌي جوڳين جـوڙ
سـاري سنياسين ڪـــي، ڪامـــي تي ڪوڙ
من جنين سين موڙ سي لاهوتي لڏي ويا.

(شاهہ)

ڪهڙي خبر تہ اخبارون پڙهندي، هڪ ننڍڙي خبر بہ پڙهٽي پوندي، جنهن لاءِ سوچي بہ نہ ٿي سگهياسين ۽ نہ وري ذهن تيار هو، تہ ڪو بلڪل خاموشيءَ ۽ چُپ چاپ سان ڊاڪٽر افغان صاحب جهڙي شخصيت ائين جدا ٿي ويندي، جهڙيءَ طرح هُو گذريل ڪيترن سالن کان گوشي نشينيءَ واري زندگيءَ ۾ اڪيلي سر وقت سان ويڙهاند ۾ برسرِ پيڪار هو، بلڪل اڪيلو ۽ تن تنها.

اڄ ڊاڪٽر افغان صاحب کي ياد ڪندي ذهن جي پردي تي اُهي لفظ چِٽيءَ طرح پڌر ۾ اچن ٿا، جڏهن ”سنڌ جي جان ـ ڊاڪٽر افغان“ سنڌ جي ڪند ڪڙڇ مان گونجي اُٿيا هئا. ان وقت جي اخبارن جي وڏين وڏين سرخين ۾ ڊاڪٽر افغان جي رهائيءَ لاءِ صدائون اُڀريون هيون، جڏهن وقت جي وير ۾ وهندي، سچ جو ساٿ ڏيندي، اڄ کان پورا ايڪيهہ سال ٿورڙي عرصي لاءِ ڪين پنهنجي ولر کان وانجهي، سندس ثابت قدميءَ کي ٽوڙڻ لاءِ پابندِ سلاسل ڪيو ويو هو. جڏهن ون يونٽ جي زنجير ٽوڙڻ واري آخري ڏينهن تي لاهور مان ڊاڪٽر افغان صاحب جي گرفتاريءَ جا وارنٽ موڪليا ويا هئا، تہ ساري سنڌ اُٿلي پئي هئي. سنڌ جو ننڍو وڏو مرد ۽ عورت سندس آزادي لاءِ تڙپي اُٿيو هو. سوين شاگرد بک هڙتالون ڪري ۽ جيل ڀري سندس ڪيل خدمتن جو اعتراف ڪندي تيستائين آرام سان نہ ويٺا، جيستائين هنن پنهنجي حقيقي استاد کي ٻيهر پاڻ سان گڏ پنهنجي اداري ۾ واپس نہ آندو. وقت بہ ڪيڏو نہ ظالم آهي، جو حال کان بيحال بنائي، ماضيءَ لاءِ ميدان مهيا ڪري ٿو.

ڊاڪٽر افغان صاحب کي جنهن ڏٺو هوندو، ان کي خبر هوندي تہ پاڻ ڪيڏو نہ دلير انسان هو! جنهن ٻُڌو هوندو، تنهن کي خبر هوندي تہ پاڻ ڪهڙو نہ اصول پرست هو! جنهن ساڻس گهڙيون گهاريون هونديون، تن محسوس ڪيو هوندو تہ پاڻ ڪهڙو نہ سچو پچو سنڌي سپوت هو. هُن هڪ سنڌي استاد قادر داد خان پٺاڻ جي ننڍڙي گهر ۾ شڪارپور شهر جي ويجهو جنم ورتو ۽ صاف سٿري ماحول ۾ پرورش پائي، پنهنجي ڀائرن سان گڏ انجنيئرنگ جي نوڪريءَ واري ماحول کان مُنهن موڙي، لنڊن وڃي ڊاڪٽريٽ ڪئي ۽ سالن جا سال ٻاهرين ملڪن ۾ اعليٰ عهدا ماڻيا. پر، جڏهن سنڌ ڌرتيءَ کيس پڪاريو تہ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ هڪ استاد جا فرائض انجام ڏيڻ لاءِ وڏي اتساهہ سان 1965ع کان تعليم ۽ تدريس جي ڪم ۾ اچي جُنبجي ويو.

1965ع کان 1975ع تائين پورا ڏهه سال هن مرد مجاهد ڇا نه ڪيو؟ ڪاليج کي ارتقائي مرحلن مان پار اُڪاري، اُن کي مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جي درجي تي پهچايائين. پنهنجي انتظامي صلاحيتن ۽ تجربي جي آڌار تي داخلا پاليسي ڏيئي، سنڌ جي جهرجهنگ ۽ واهڻ وڙي کي سرسبز ۽ شاداب ڪرڻ لاءِ جهوپڙين ۾ رهڻ وارن جهانگيڙن جي اولاد کي انجنيئرنگ جي زيور سان آراسته ڪيائين. وقت جي حاڪمن سان ٽڪر کائي، حقدارن کي حق پلئه پوڻ لاءِ مصلحتن کان بالاتر ٿي، پنهنجن ۽ پراون جون ناراضگيون سر تي کنيائين. سياسي وابستگين کان بلڪل آجو، بي خوف ۽ بهادر بنجي مسرور ڪمشنر سان ٽڪر کاڌائين. سنڌ جي سازشي وڏيرن ۽ سرمائيدارن سان جنگ جوٽي ۽ غلط ڊوميسائيلن لاءِ هاءِ ڪورٽ تائين اڪيلي سر وڙهندو رهيو.

هڪ طرف پنهنجي نوجوان ساٿين کي اعليٰ تعليم لاءِ ٻاهر موڪلي انهن جو معاون ۽ مددگار رهيو، ته ٻئي طرف نوجوان شاگردن جي غربت ۽ جهالت خلاف جنگ جوٽي، نه صرف انهن جي مالي معاونت ڪري ڪين تعليم ڏياريائين، پر تعليم کان پوءِ انهن کي روزگار ڏيارڻ تائين هرهڪ جي رهبري ڪندو رهيو. سندس اٽڪ محنت جو ڦل اڄ نه صرف ملڪ اندر پر ٻاهرين ملڪن ۾ هزارن جي تعداد ۾ لائق انجنيئر هر اداري لاءِ هڪ اثاثو آهن. اها ڪيڏي نه فخر جي ڳالهه آهي ته اڄ سندس انهيءَ اداري جو سربراهه محترم عبدالاحد ابڙو به سندس شاگرد آهي.

ڊاڪٽر افغان صاحب بذات خود هڪ ادارو هو. سندس خانداني پس منظر ۾ سيئي پائر اعليٰ تعليم يافته ۽ اعليٰ عهدن جا مالڪ آهن. پاڻ نهايت ئي مائيٽو، سادي طبيعت جو مالڪ، تمام گهڻ ڳالهائيندڙ، خوددار بي ريا، اجائي ميل ميلاپ کان پري، ٺٽ ٺانگر کان وانجهيل، محنت ۽ مشقت سان پرپور جُنون جي حد تائين اداري سان وفادار ملڪ ۽ قوم جي خدمت جو اونو رکي، رات ڏينهن ڪم ڪندڙ هو. سندس دامن پورو وقت صاف ۽ شفاف رهيو. پر سندس فقيراڻي طبيعت انڌي اعتبار جي ڪري، هميشه غلط فهمين ۽ سازشن ۾ اُلجهيل رهي. سندس سٺن ۽ ويجهن واقفڪارن کيس هميشه دوکو ڏنو. ان ڪري، بيجا تنقيد ۽ الزام تراشيءَ سان مُنهن ڏيڻو پيس. اُن هوندي به آخر دم تائين سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو.
حق ۽ سچ سنئون سڌو چوڻ ڪري ۽ هر حلقي ۾ خوشامدي ۽ ابن الوقت ماڻهن جي ڪري، وقتي طرح سندس دوست ته گهڻا هئا، پر انهن ۾ هڏ ڏوکي ۽ همدرد گهٽ هئا. ايڏي وڏي محنت ۽ جفاڪشيءَ جي باوجود اُهي عناصر کيس سندس اداري کان جدا ڪرڻ ۾ ڪامياب بنجي ويا ۽ کيس پنهنجي مشن کي اڌورو ڇڏي وڃڻ تي مجبور ڪيائون.

ڊاڪٽر افغان صاحب تعليمي ادارن کان جدا ٿيڻ بعد پورا ڏهه سال 1985ع تائين پڱل دل سان مختلف ادارن ۾ ڪم ڪندو رهيو. پر کيس ڪٿي به آرام سان ڪم ڪرڻ نه ڏنو ويو. املهه موتيءَ جو قدر ڪونه ڪيو ويو. دوست نما دشمن ڪڏهن ته محلاتي سازشون ڪري کيس وڏا وڏا عهدا وٺي ڏيندا هئا، پر سندن غلط مطلب پوري نه ٿيڻ ڪري وري پاڻ ئي نوڪري مان ڪڍرائي، پراڻيون دشمنيون پاڙيندا هئا ۽ کيس هميشه ذهني طور پريشان ڪندا هئا. پر شاباس آهي هن مٿير مڙس کي، جو هر آزمائش کي خنده پيشانيءَ سان اڪيلي سر

مُنهن ڏيئي سفر جهاڳيندو رهيو. ڪيس تمام وڏي هوشياريءَ سان 1985ع ۾ زبردستيءَ نوڪري تان هٽايو ويو، جنهن لاءِ ٻه آخري دم تائين سپريم ڪورٽ تائين وڙهندو رهيو.

ڊاڪٽر افغان جو انداز ئي نرالو هو، پاڻ شاگردن ۽ ماتحتن کي اولاد وانگر ڀائيندو هو. پر ڪنهن نالائق کي قلم جي مار ڏيڻ بجاءِ ان سان ٻانهون کنجي وڙهندي ٻه ڏٺو ويو. پاڻ مسلسل جدوجهد جو پرچارڪ ۽ پنهنجي قسمت پاڻ بدلائڻ جو قائل هو. جذباتي هجڻ ڪري، ننڍي کان ننڍي مسئلي کي دل جي گهرائيءَ تائين محسوس ڪندو هو. هميشه سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ ڪجھ ڪرڻ کي عبادت سمجهي، عمل ڪندو رهيو. هر وقت، علم و دانش سان ڀرپور ڪچهرين ۾ وڏن وڏن پراجيڪٽن تي سوچيندو ۽ ڪجھ ڪرڻ لاءِ هرهڪ کي مشورو ڏيندو رهندو هو. وٽ ۽ وس آهر، هر هنڌ ۽ هر محاذ تي عملي مدد لاءِ آتو رهندو هو. جيتوڻيڪ هڪ سازش تحت، ڪيس آخري سالن ۾ ڪجھ ڪرڻ کان وانجهو رکيو ويو. تڏهن ٻه اسلام آباد کان ڪراچيءَ تائين هميشه بي روزگارن لاءِ هرهڪ دفتر ۾ وڃي، وڙهي ٻه ڀاءُ اٽي جو وٽي ڏيڻ ۾ آر نہ ڀائيندو هو. انهن بي پهچ سنڌين لاءِ سنڌس اوطاقون آباد هونديون هيون، جتي پاڻ پنهنجي هٿن سان دال روٽي کارائيندو نظر ايندو هو ۽ ڏينهن جا ڏينهن مهماندار بنجي پيو خوش ٿيندو هو. جيڪو ٻه اسلام آباد ويو، تہ پاڻ حاضر. پاڻ جڏهن ٻه مليو، تہ سنڌ جي موجوده مسئلن تي ڏاڍو فڪرمند نظر آيو. خاص ڪري، نئين نسل جي تعليمي ماحول کان ڏاڍو مايوس نظر ايندو هو ۽ هر وقت بهتريءَ لاءِ ڪجھ نہ ڪرڻ لاءِ صلاحون ڏيندو هو. اعليٰ تعليمي درسگاهن کي حقيقي پڙهائيءَ ڏانهن متوجهه ڪرڻ لاءِ ٻڌائيندو رهندو هو.

سنڌ جي بدامنيءَ تي تَڙپي اُٿندو هو. وقت جي حاڪمن، سياستدانن ۽ ڪرتا ڌرتا آقائن کي هوش ڪرڻ لاءِ ٻڌائيندو نظر ايندو هو. بلڪ آءٌ تہ ائين چوندس تہ موجوده گُهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ سنڌ جي لاتعداد مسئلن ۽ اسان سنڌ واسين جي بي حسيءَ ڪيس ايڏو تہ متاثر ڪيو، جو وڏيڪ صدمي سهڻ جي سگهت نہ سمجهي، اسان کي اسان جي حال تي ڇڏي، رمضان شريف جي پلاري مهيني ۾ اسان کان مُنهن موڙي ويو. خدا ڪيس ابدي آرام ڏئي ۽ سنڌس پونئيرن کي صبر عطا ڪري! آمين!!

ڊاڪٽر افغان صاحب کي اسان سنڌ واسين سنڌس خدمت جي صِلي ۾ ڪجھ ڏنو يا نہ ڏنو، ان لاءِ ڪيس ڪابہ شڪايت نہ هئي. پر قدرت ڪيس صالح ۽ اعليٰ تعليم يافتہ اولاد سان نوازي ڇڏيو هو. ان هوندي ٻه اسان سيني تي اهو فرض ٿئي ٿو تہ اهڙي سچي سپاهيءَ جي ڪيل خدمتن جو ڪليءَ دل سان اعتراف ڪري، سنڌس زندگيءَ کان قوم کي روشناس ڪرايون ۽ هن لاءِ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ ۾ ڪو يادگار قائم ڪريون ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ سنڌس علمي ۽ قلمي ڪتابن کي محفوظ رکون.

# الوداع! افغان صاحب الوداع!

رات جا 9 ٿيا آهن. اسلام آباد جو تصور ڪٽيءِ راولپنڊي ريلوي اسٽيشن تي پهچان ٿو. دورانِ سفر جوان ساٿين جي وڳر کي الوداع چئي، ٽيليفون ڪرڻ لاءِ اسٽيشن جي مين دروازي واري پي. سي. او. ۾ وڃي، ٽيليفون جو نمبر ملايم. پريان ڪوبه جواب نه مليو. هڪ دفعو، ٻه دفعا. ڪجھ وقفي کان پوءِ وري گھمايم. ساڳي گھنٽي. پر ڪنهن به نه کنيو. وري ٻيو نمبر گھمايم. جواب ۾ ننڍڙي اديءَ جو آواز آيو. چيم: چاچا پيو ڳالهايان! سڄاڻندي چيائين: اوهان جو انتظار هيو. انتظار ڪري ڪري لالا ۽ پائو ٿورو ٻاهر نڪري ويا آهن. اڄهو آيا. اوهان اتي اسٽيشن تي انتظار ڪيو، اوهان کي اچي وٺي ويندا. پليز اوهان کي تڪليف ته ٿيندي، پر مجبوري آهي. اوهان ايندا، ته مبادا اهان کي گھر ليپي نه سگھي. ان ڪري، اوهان اتي انتظار ڪيو.

مون کين يقين ڏياريو، بلڪ مطمئن ڪيو، ته بابا! مون کي ڪابه تڪليف نه ٿيندي. مان آيوئي اوهان سان ملڻ آهيان. ٺيڪ آهي، مان انتظار ڪريان ٿو.

اتي ئي پليٽ فارم تي، ڪتابن جي اسٽال تي، پي.سي. او. جي پرسان انتظار. بغير ڪنهن ارادي، احساس، يا سوچ جي اسٽيشن جي لائوڊ اسپيڪر تان اعلان ٻُڌم: پنهنجو نالو ۽ شهر ته جناب قاضي خضر، نواب شاهه کان اچي ڪائونٽر تي ٽيليفون تي ڳالهائي. چرڪ پريم. ڳالهه سمجھ ۾ نه آئي. وري ٻيهر ٽيهر اردو ۽ انگريزيءَ ۾ اعلان ٿيو. ڪائونٽر تي ويس، اُتي ٽيليفون جو رسيور پيو هيو. پڇيائون ته اوهان قاضي صاحب آهيو؟.... جي ها - رسيور کنيم، ته اڊڙيءَ پئي ڳالهايو.

اوهان کي ڏاڍو انتظار ڪرڻو پئجي ويو. اسان کي ڏاڍو فڪر آهي. امي به پريشان آهي. اوهان مطمئن رهو. پائيجان وارا آيا، ته هڪدم اوهان وٽ پهچندا. ٻيو دفعو مون کين اطمينان ڏياريندي، پنهنجي ۽ گھر ڀاتين طرفان دلجاءِ ڏني.

مان اتي ئي ٽهلندو رهيس. ڪجھ دير کان پوءِ هڪ پراڻي وڏي ڪار اچي بيٺي. دروازو کُليو. سالن بعد، لالا ظهور جي نظر پئي. هڪدم وڏي پري کان رڙ ڪيائين. مان به هن ڏانهن وڌيس. جلد ئي ٻاڻ کي سندس وڏايل ٻانهن ۾ پنهنجائپ محسوس ڪندي، ڳراٽڙي پاتم. ٻاڻ چوندو رهيو: ادا! ياءُ! سڄڻ! سائين! دلبر! پيارا! الائي ڇا ڇا چوندو رهيو. ان ئي لمحي هڪ حسين، قدآور، ڪلمک چهرو، پيارو اجنبي ۽ ٻهڪندڙ چهرو، ڪار جي اسٽيئرنگ تان لهندي ٻکجي ويو. وڏي اتساهه سان آڏرياءُ ڪيائون. سمجھي ويس ته ننڍڙي لاءِ جو ڏٺل جوان جسم، سائين افغان صاحب جي هوبهو مشابهه، ڊاڪٽر صفي الله - ابتدائي دعائيه ڪلمات کان پوءِ گاڏيءَ ۾ ويٺاسين. گاڏي راولپنڊي جي روشنين کان ٿيندي، هڪ وڏي شاهراهه تي هلڻ لڳي. چؤطرف ڪافي اونداهي هئي.

اسلام آباد طرف ذهن ۾ ڪراچيءَ جي روشنين کان وڌيڪ روشنيءَ جي تصور جي ابتڙ بلڪل اوندهه. ڳالهائيندا، حال احوال ڪندا، هڪ وڏي شاهراهه مان داخل ٿيندي، تمام گھڻن ورن وڪڙن ۽ هيٺاهين مٿاهين کان پوءِ منزل مقصود طرف روان دوان هئاسين.

احوال ٽڪرا ٽڪرا گهر جا، ٻارڙن جا سڀ ڪان وڌيڪ پنهنجي سنڌ جي ابتر حالت جا، بدامنيءَ جا، آس ۽ نراس جا. ڳالهيون ڪندي اچي گهر پهتاسين.

سائين مرحوم ڊاڪٽر افغان صاحب جو گهر، جيڪو رڳو تصور ۾ هيو. چو ته سائينءَ جو گهر، چام شوري واري جڳهه سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ۾ سي ٽائيپ بنگلي وارو گهر 20 سال پراڻو تصور، يا سندس ڀاءُ لالا گل محمد خان جو ڪراچيءَ وارو گهر، يا شڪارپور وارو اباڻو گهر، انهن کان مختلف اسلام آباد ۾ سائينءَ جو گهر.

وڏو در کليو. گاڏي اندر داخل ٿي. دروازو کليو. سائينءَ جو پيو نمبر ڪاڪو، ٽئين نمبر ڪاڪي لالا ظهور سائينءَ جو ڪاڪو منتظر هيا....

ڊرائنگ روم ۾ سيئي وڃي ويٺاسين. ادڙيون آيون، هڪ ٻه ٿي. پري کان سلام ٿيو. سڀ ويٺيون هيون. ايتري ۾ امي آئي، ته اٿي بيٺاسين. دعائون مليون پاڻ به ويٺي. سيئي گُم سُم ۽ خاموش، سيني جي حالت ويڳاڻي ۽ اکين ۾ آب. دل جهلي هٿ کنيم. سيني قل پڙهيا. سيني جا هٿ بلند ٿيا. رضا الله جي ٿي.

مون ته ائين محسوس پئي ڪيو ته اجهو سائين ايندو ۽ مخصوص انداز ۾ مسڪرائيندو، ابا، پٽ، ٻچا، بابلا چوندو. ايتري ۾ ڊاڪٽر صفي الله چيو. ”بابا سائين! اوهان کي ڏاڍو ياد ڪندو هو.“ اوهان خط لکندا هئا، ته اهو پڙهي ٻڌائيندو هو. ها! بابا هت هن جڳهه تي ويهندو هو. پوءِ سيني پئي ٻُڌايو:

”بلڪل خوش چڱو ڀلو ڪراچيءَ کان آيو هو. رات جو دير تائين سيني سان ڪچهري ڪري احوال ڏنائين. هن دفعي چام شوري به ويو هو ۽ سيني کي ياد پئي ڪيائين. خط پئي ڏيکاريائين. گڏ ماني کاڌيسين. سياٽي جو پروگرام ڏسيائين. پيڻ جي شاديءَ وارو ڪارڊ ڇپجي آيو هئو، اهو ڏنائين. چيائين: بابا! لسٽ تيار ڪيو، سيني ڏي ڪارڊ موڪلڻا آهن. ڏاڍي سُٺي موڊ ۾ هيو. سندس نئڙي ڪاڪيءَ سامهون ڊرائنگ روم ۾ لڳل پينٽنگ متعلق چيو: بابا سائينءَ کي ڏاڍي وڻندي هئي. مون ٺاهي آهي.“

تصوير تمام سٺي هئي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي، نيري رنگ جي پٽرن جي اسٽائيل ۾.....

سائينءَ جي ياد، سائينءَ جون ڳالهيون ڪندي ۽ ٻُڌندي وقت جي خبر ئي نه پئي. ايتري ۾ کائڻ جي لاءِ مانيءَ جي ٽرالي اتي ئي ڪٽي آيا. لالا ظهور صاحب، ڊاڪٽر صاحب ۽ مون گڏجي ماني کاڌي. مانيءَ جو انداز اهوئي سالن وارو، سبزي ۽ دال. ڪڪڙي ۾ ويڙهيل ماني. چانور ۽ ڪباب گهر جا ٺهيل. گرهه گرهه ڪري کاڌوسين. اکين مان ڳوڙهن جي برسات بند ئي ڪانه پئي ٿئي. ساڳئي انداز ۾ گلاس ۾ کير. ساڳيائي لفظ: ”کير سٺو آ، هٿ جو آ، ضرور پيو.“ پوءِ تمام گهڻي وقت تائين سائينءَ جون ڳالهيون ٿينديون رهيون.

دير سان رات جو سائين ظهور صاحب جي جڳهه تي آرامي ٿيس. ٻئي ڏينهن صبح جو ساٿس گڏ آفيس ويس. صبح جو آفيس ويندي، راولپنڊيءَ جي اصل رونق، هر طرف ساواڻ اکين کي کيرو ڪري ڇڏيو. جيڏانهن ڏسو، وڏا وڏا وڻ لاهين چاڙهين تي، ڊورن ۾، بنگلن ۾ ۽ روڊ جي ٻنهي

طرفن کان رڳو ساوڪ ئي ساوڪ هئي. رات واري اونداهيءَ جو احساس انهن ساون وڻن جي ڪارڻ ۾ بدلجڻ محسوس ٿيو.

آفيس ۾ ويئي دريءَ کان چوٿين منزل تان اسلام آباد جو دل فريب نظارو ڪافي دير تائين مشاهدي ۾ رهيو. هر طرف سبزي، وڻڪاري، دور تائين رڳو ساواڻ، ايستائين جو وڏا وڏا جبل به ساوا، رڳو چوٽيون نيريون، نه ته سبز.

دير سان منجهند جي ماني گهر کائي هئي. ڊرائنگ روم جي ٻئي طرف تمام وڏي ڊائننگ ٽيبل. سائين افغان صاحب جي پسند تي عام طرح جي ٽيبلن کان نه صرف سائيز ۾ وڏي، پر اوچائي ۾ به وڏي. سيئي ٻارڙا ۽ ادا ظهور سائين گڏ. هرهڪ جي فرمائش. پنهنجي گهر ۾ تيار ٿيل قسمين قسمين شيون. شڪارپور جو اچار، لاڙڪاڻي جا چانور، جوئر جي ماني. مطلب ته سڪ، پيار، پنهنجائپ ۽ سائينءَ طرفان مليل تربيت هر ادا مان ظاهر هئي. بس رڳو هڪڙي ڪمي هئي، سائين جي نه هجڻ جي. ائين پئي محسوس ٿيو ته سائينءَ وارو قرب ۽ خلوص سندس صالح اولاد مان اوتجي ملي رهيو آهي ۽ سندس اچڻ جو انتظار هر لمحي محسوس ٿي رهيو آهي. ماني، لسي، پاٽي، فروٽ، مطلب ته هر شيءِ....

ماني کائي ٿورو ٻاهر لان ۾ ويٺاسين. ننڍڙي باغيچو گهمايو. هيءُ سيئي گل بابا پاڻ هٿن سان رکيا آهن. هيءُ انب جو وڻ بابا پاڻ رکيو هيو. اجهو هيءُ زيتون تيار آهي. پٽي کٽي آيو. عقيدت منجهان کائي ويس. هرهڪ گل جي ٻوٽي ۽ وڻ جي سليقي سان سنڀال واري لان سائين ڊاڪٽر صاحب جي ذاتي هٿن سان رکيل هئي....

جلد ئي سائينءَ سان ملاقات لاءِ سندس آخري آرامگاهه 'مرگلا' پهاڙين جي دامن ۾ قبرستان طرف روانگي ٿي.

اسان جي سنڌ جي مقامن جو تصور ڪلر جا ڍير، ڪرڙ جا وڻ، ڊٺل ۽ پراڻيون قبرون، هڪ اڌ پراڻي مقبري جو منظر ذهن ۾ ڪٽي يا وري سنڌ جي شهر ڪراچيءَ جي پڪين ۽ سينگاريل قبرن جو تصور ساڻ ڪري، اوڏانهن سندس ٻن پٽن ۽ ٻاءُ سان گڏجي، ٿوري پنڌ تي اندر قبرستان تائين پڪي روڊ تان گاڏي اچي وچ واري ٿهيل ڪمري يا آفيس تائين پهتاسين. اتي موجود دوڪان تان گل ۽ اگربتيون ورتيونسين ۽ آفيس ۾ لڳل بورڊ تي سڄي قبرستان جو ماسٽر پلان ڏٺم، جنهن ۾ سڄي ڊزائين ٿيل قبرن جون قطارون جدا جدا حصن ۽ سيڪٽرن ۾ ورهايل قبرن جي نمبر سان لکيل هيون، جتي هر قطار ۽ قبر جو نمبر لکيل هئو. سڄو قبرستان قدرت جي سرسبز چراگاهه ۽ گلِ گلزار ٻوٽن جو هڪ شاهڪار نظر آيو. هيٺاهيون مٿاهيون سڄيون سايون. وري سڀ جون سڀ قبرون گهٽي ياڳي سُنيون ۽ اڇي سنگ مرمر جون، دل کي وڻندڙ ۽ سڪون ڏيندڙ.

سائينءَ جي سلاميءَ لاءِ اڳتي هلڻ لاءِ هڪ پڪو پيچرو وٺي، سڌ پنڌ تائين وِکون کٽي، پري کان تيار ٿيل قبر مان پڻ سائينءَ جي نالي ۽ نشان جي نرالي سُونهن ۽ سوڀيا ڏسي، دل کي اطمينان ٿيو.

تمام وڏو ڪشادو اڇي سنگ مرمر جو ٿلهو. ان مٿان ٻي منزل ۽ آخر ۾ 2 فوٽ اوچائيءَ سان تيار ٿيل بُنيَ، سڄي ڪير جهڙي اڇي. مٿن کان وڏو تاج، جنهن ۾ سنڌيءَ ۾ لکيل سائينءَ جي سوانح عمري شاهه سائينءَ جي شعر سميت، قبر جي مَٿن ۽ پيرن کان سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ هالا

جي ڪاشيءَ تي تيار ڪيل ۽ ڪَتبا پنهنجيءَ سُونهن ۾ سوِيا سان لڳل. سائينءَ جي نالي جو اصل مقام ۽ منزل جو مثالي منظر دلفريب لڳو. مٿئين پاسي قبر جي وچ تي مٽيءَ ۾ رکيل سنهڙي سهڻي ساوڪ واري ول ۽ ننڍڙا ننڍڙا رنگين گل سُڪون مهيا ڪري رهيا هئا. ان قبر جي چؤگرد سٺا گل پوٺا ان آخري آرامگاهه کي مڪمل سُڪون ۽ فاتح بخشڻ لاءِ ڪافي هئا. چڱو وقت ختمي درود سان روح کي راحت نصيب تي ۽ قلبي سڪون ميسر ٿيو، ته جهڙو سائين پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪَرَ ۽ فَرَ وارو، شان ۽ دٻدٻي وارو دلير انسان هئو، بلڪل اهڙيءَ طرح سندس آخري آرامگاهه ان جي عڪاسي ڪندي نظر آئي. شاهه سائينءَ جو شعر، هالا جي ڪاشيءَ تي گلڪاري ۾ سنڌيءَ ۾ لکيل سوانح حيات هڪ سنڌي سپوت جي مثالي آرامگاهه مرگلا جي پهاڙين ۾ بلڪل نروار نظر آئي.

اهو اڻ وسرندڙ منظر دل ۾ سانديو، وري واپس گهر آياسين. هڪ رات ٻي سيني سان رهاڻ ٿي. پل پل سائينءَ کي ياد ڪري، قلبي سُڪون مليو.

سائينءَ جي جدائي هڪ اٽل حقيقت آهي. پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان سُتي ۽ سُڪون واريءَ جڳهه تي آرامي آهن. خدا کين پنهنجي رحمتن سان اٽل آسائشون مهيا ڪندو!

سائينءَ جي ڇڏي ويل ميراث ـ سندس صالح، نيڪ ۽ اعليٰ تعليم يافته اولاد، ڏئي ويل سوغات ـ سندس آدرشي اصول ۽ عملي زندگي جا گس، ٻڌايل گفتا ۽ پڙهايل سبق اسان سيني لاءِ اطمينان ۽ سُڪون جا اهڃاڻ آهن.

خدا سندس اولاد ۽ اسان سيني کي سندس وانگر ملڪ ۽ قوم جي خدمت لاءِ ثابت قدم رکي. سندس ڏَسيل ۽ ٻُڌايل درس تي عمل جي توفيق ڏئي، ته جيئن سندس ٻاريل لاٽ مان لاٽ ٻري. جنهن سان اسان جو ديس ۽ ديس واسي امن ۽ آشتيءَ سان سک جو ساهه کڻي، آئنده نسلن لاءِ خوشيءَ جو باعث بڻجن.

# هاءِ افغان!

سائينءَ سان سالن کان ملاقات نہ ٿي هئي. سائينءَ بہ وچي اسلام آباد جا وڻ وسايا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اچو، تہ بہ ڪراچيءَ تائين. پاڻ کي خبر تڏهن پوي، جڏهن وري ڪو يار دوست ملي ۽ اوهان جا احوال ٻڌائي.
هوندو هو بلوچ محمد ابراهيم مرحوم، تہ پيو سيني کي ملائيندو هو. ڪڏهن فون ذريعي، تہ ڪڏهن وري خط لکي، سيني جا احوال پيو ڏيندو هو. اوهان جي تہ ڪيس منٽ منٽ جي خبر هوندي هئي. فون ڪندو هو تہ بابا! هن جمعي تي ڪراچيءَ پهچي وڃ! رات جو ڊاڪٽر صاحب وٽ ڪچهري ٿيندي. لالا وڏي گل محمد صاحب جي جڳهہ تي اچي حاضر ٿبو هو. اوهان جي قدم بوسي نصيب ٿيندي هئي. اوهان جا ٻئي هٿ پنهنجي چوگرد وري ويندا هئا. ايترو وقت سيني سان لائيندا هئا، جو سالن جي سڪ لهي ويندي هئي. وري جو اوهان احوال پڇندا هئا پوري غير حاضريءَ واري عرصي جا، ڳوٺ جا، شاگردن جا، ٻچڙن جا، نياڻين جا، وڏڙن جا، مطلب تہ حال محرم ٿي، منٽ منٽ ۾ نئون موضوع. مهراڻ يونيورسٽيءَ جا، ٽَرَ جي آفيسرن جا، تعليم جي حال جا، سنڌ جي سورن جا. آس ۽ نراس، ماضي ۽ حال تي ڪجهہ گفتا چئي، مستقبل لاءِ تدبيرون ڏسيندا هئا.
اوهان جون ڪهڙيون ڪچهريون ياد ڪجن! اوهان جي اچڻ سان غم لهي ويندا هئا. ڪجهہ سال اڳ اوچتو جڏهن ملياسين، تہ پاڻ سيني کي رابطي ۾ رکڻ وارو بلوچ محمد ابراهيم صاحب نہ هئو. اوهان اوچنگارون ڏئي رُنا هئا ۽ چيو هو: ”ها بابا! آخر فنا. وچي رهندو واس. ڏاڍو منڙو ۽ پلو انسان هو. سچي زندگي محنت ڪندي، ياريون نڀائيندي، سفر ڪندي، کلندي ڪڏندي، وچي رب سان مليو.“ پوءِ اوهان سندس ننڍڙن ٻارڙن لاءِ پڇيو هو. سندس ڪيل ڪاوش ۽ ڪتابي ڪم کي هٿ ڪري، ڪجهہ ڪرڻ لاءِ چيو هو!
وري گذريل سال اوهان ياد ڪيو. مون وٽ منهنجي غريب خاني تي آيا هئا. مون کي ڳراٽڙي پائي، بابا سائينءَ جي وڇڙي وڃڻ تي ان جي ڪمي محسوس ٿيڻ نہ ڏني هئي ۽ چيو هو: ”تنهنجو بابا تہ ٺهيل ئي ان خمير مان هئو. مٽيءَ پنوڙو، جتان جي مٽي هئي، اتي وچي ملي. حج نصيب ٿيس. اوهان سيني کي نيڪ ۽ صالح ڏسي وچي سُڪون سان آرامي ٿيو.“ ها سائين! واقعي بابا سائينءَ جي جدائي لمبي سفر مثل آهي. اجا بہ سندس حج تي وڃڻ واري اخباري سُرخي ياد آهي تہ: ”قاضي عبدالحي صاحب حج تي روانو.“ اسان جي تہ اجان آس آهي تہ هُو حج تي ويل آهي.
اڄ ڪير ملندو؟ ڪير آٿت ڏيندو؟ بلڪل اهڙيءَ طرح، جهڙيءَ طرح بابا جي جدائي محسوس ٿئي ٿي. پر ان جو جدا ٿيڻ تہ سندس آخري سفر تي اکين کان اوجهل ٿيڻ آهي. بلڪل اهڙيءَ طرح اوهان اسلام آباد ۾ آهيو ۽ اسان اوسيئڙي ۾ تہ ڪڏهن ضرور ايندا ۽ اچي غم غلط ڪندا ۽ روح رهاڻيون ڪندا.

پر ڇا ڪجي؟ ساڳي اخبار جي سرخي آهي ته: "ڊاڪٽر افغان صاحب الله کي پيارو ٿي ويو." اعتبار نه ٿو اچي، ته ڪو ائين به ٿي سگهي ٿو. سيني کي آٿت ڏيڻ وارو، پراون پنهنجن کي سيني لائڻ وارو، هرهڪ جي دک ۾ درد ۾ شامل ٿيڻ وارو به جدا ٿي سگهي ٿو...!

تازو، جڏهن لالا وڏي سائين گل محمد صاحب سان ملڻ ويس، ته هن صاحب اوهان کان به وڌو پاڪر پاتو. تمام گهڻي دير. شايد اوهان جي پاڪر واري طاقت به شامل هئي. تڏهن احساس ٿيو ته ها! بابو ويو هليو.

ها! ڊاڪٽر افغان صاحب به اکيون پوٽي، هن فاني جهان کي خدا حافظ چئي، راهه رباني وٺي هليو ويو. تڏهن پڪ ٿي ته ها! آخر سڀ کي هلڻو آهي. اوهان به ته ويندي ويندي ڪنهن کان موڪلايو به ڪونه. نه وري وڃڻ جي وائي واري. اوهان ته تازو ڪراچيءَ جي سفر تي آيا هئا. ڪجهه ذاتي ڪم، ته ڪجهه پڳت ڪنور رام واري ٽولي جا ڪم. دوستن ٻڌايو ته اوهان سنڌ سيڪريٽريٽ، چيف منسٽر هائوس ۽ ٻين ڪيترن آفيسن ۾ ويا هئا ۽ ڪافي سائلن جا ڪم ڪرايا هئا. پنهنجي آخري سفر تي رواني ٿيڻ کان اڳ بلڪل خيريت سان اسلام آباد پهتا هئا. رات جو آخري پهر رڳو سڏ ڪري، ڪلمو پڙهي،اکيون پوٽيو. خبر تڏهن پئي ته يار هليو ويو. اهي سڀ خبرون پيون ته اوهان ويندي ويندي به ڪنهن کي ڪا تڪليف ڪانه ڏني. بلڪل خاموش ۽ چُپ چاپ الله توهار.

ڪجهه ئي ڏينهن اڳ هڪ دوست، علي اڪبر ڪلهوڙو صاحب اسلام آباد آيل هئو. مون کيس عرض ڪيو هئو ته يار! سائين ڊاڪٽر افغان صاحب سان ضرور ملجانءِ. ڪائنٽ ٽائيم وٺي اچجانءِ، ته هن گرميءَ ۾ هفتو کن هلي سائينءَ سان ڪچهري ڪجي ۽ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو اسلام آباد گهمجي! ڪهڙي خبر، ته يار کي اوهان جي ڪچهريءَ بجاءِ، اوهان جي آخري سفر واري ڏينهن ۾ شرڪت نصيب ٿيندي! آءٌ ته وري به کيس خوش نصيب سمجهندس، جو اوهان سان آخري گهڙيون گڏ رهيو. منهنجا سائين! خدا توهان کي نئين ابدي آرام واري سفر ۾ ڪامياب و ڪامران ڪري ۽ پنهنجي رحمتن سان نوازي ۽ پنهنجن پيارن جي سفر ۾ شامل ڪري. آمين!

اوهان کي ياد ڪندي، هنجون هاريندي، اوهان سان گهاريل گهڙين کي وري وري ياد ڪندي، سُڪون ٿو ملي. طالب علميءَ واري زماني ۾ اوهان جڏهن ڪاليج جي ڪاريڊار مان ايندا هئا، ته سامهون اچڻ جي ڪنهن کي همت ئي ڪانه ٿيندي هئي. هر ڪو پنهنجي جاءِ تي پنڊ پهڻ ٿي ويندو هئو. پوءِ وري جڏهن هڪ هنڌ بيهي، آگر جي اشاري سان ڪنهن کي سڏ ڪري پڇندا هئا ۽ پدري شفقت جو اظهار ڪري مشڪي ڏيندا هئا، ته سيني جو ساهه وري ايندو هو. اوهان جڏهن ڪنهن کي آفيس ۾ گهرائيندا هئا، ته اوهان تائين پهچندي ان کي خُشڪيون وٺي وينديون هيون. پر، جڏهن اوهان وٽان ڪا مهرباني پلئه پائي موٽندو هئو، ته اُهو ڪپڙن ۾ نه ماپندو هئو.

اوهان وٽ ڪو وڏو خان، اعليٰ آفيسر يا ملٽريءَ جو جوان ملڻ ايندو هئو، ته واري جي انتظار ۾ سُڪي ويندو هئو. پر، جڏهن اوهان کي خبر پوندي هئي ته هڪ غريب شاگرد جو والد سنڌي

ماستر اوهان سان ملڻ ٿو چاهي، ته ڪيئن اوهان اٿي اچي ان جو آڌر ڀاءُ ڪري ڀليڪار ڪندا هئا.

اوهان صبح کان شام تائين ڪاليج ۾، وري شام جو دير تائين ڪڏهن راتين جون راتيون گهر ۾ ويٺا ڪم ڪندا هئا. ڪهڙيءَ طرح؟ هڪ نه، پر ٻه يا ٽي ٽائيپسٽ ٿڪائي وجهندا هئا. داخلائن واري دؤر ۾ اوهان چاهه شوري ۾ هجڻ باوجود، ڪنهن سان ٻه ملي نه سگهندا هئا. ڪهڙن سڻن سڻن يارن کي ٽيليفون تي نه ڳالهائڻ ڪري ناراض ڪري وجهندا هئا. اوهان پاڻ ته ڪنهن آفيسر سان ملڻ نه ويندا هئا، پر ڪيترا سٺا آفيسر جڏهن اوهان سان ملڻ ايندا هئا، ته نااميد موٽي ويندا هئا. مطلب ته، اوهان جي هر ادا نرالي هئي.

ڪنهن کي همت نه هوندي هئي، جو اوهان لاءِ ڪو تحفو گهر کڻي اچي. هڪ شاگرد، عقيدت وچان پراڻي روايتن موجب، اوهان لاءِ غلطيءَ وچان مٺائي کڻي آيو هو. اوهان جڏهن دروازي کان ٻاهر نڪتا هئا ۽ رکو اهو پڇيو ته چاهي؟ ته اُهو چوڪرو وٺي ڀڳو هو.

اوهان ٻين جي ڏُک ۽ درد کي پنهنجو ڪري چاتو. اوهان کي پنهنجي زندگيءَ جو هڪ هڪ لمحو ياد هئو. ان ڪري، اوهان چاهيو ٿي ته غريب سنڌ واسين جي قسمت ڪيئن بدلائجي؟

اوهان نه صرف سٺي ۽ اعليٰ تعليم لاءِ جتن ڪيا، پر تعليم کان پوءِ هرهڪ اداري جي سربراهه سان ذاتي اثر هلائي، پنهنجي شاگردن کي هر سال نوڪريءَ جو بندوبست ڪرائي ڏيڻ ۾ پڻ مدد فراهم ڪندا هئا.

سلام آهي اوهان جي خاموش خدمت کي! اڄ جڏهن سنڌ جي واهڻ وستين کي ٿا ڏسون، ته هر گهٽيءَ ۽ ڳليءَ ۾ انجنيئر آهن. اڳ جڏهن ته ضلع جي سطح تي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا انجنيئر ملندا هئا. اوهان سالن جا سال هلندا رهيا، پر ٿڪا ڪونه. ڪاليج واري زماني ۾ ٻه ذاتي طرح اوهان کي سازش ڪري جيل جا دروازا ڏيکاريا ويا، تڏهن ٻه اوهان ۾ استقامت هئي. اوهان کي جڏهن جيل کان اسپتال آنداؤن ۽ اوهان جي عقيدت مندن جا ميڙ اسپتال ۾ ڪاهي پيا هئا، ته اوهان ڪيئن هرهڪ ٻالڪ کي پيار ڪري، خاموش رهڻ لاءِ چيو هو. پوءِ وري ڪاليج آيا. پر، جلد ئي سازشي عناصر اوهان مان جان ڇڏائي، آجا ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿيا. پوءِ ٻه اوهان جو سفر جاري رهيو. ملڪان ملڪ جتي ٻه ويا، پنهنجن لاءِ حق ۽ سچ لاءِ وڙهندا رهيا ۽ اٻوجهه ۽ اٻاڻن لاءِ جنگ جوٽيندا رهيا. اوهان اسلام آباد وسائڻ کان پوءِ، هتان وارن لاءِ چڻ اپل هئا. جنهن کي ڏس، اُهو پيو چوي: ”اسلام آباد وچان ٿو سائين افغان صاحب وٽ.“ نه چاڻ، نه سڃاڻ، اوهان جو سلامي. پئي ڏينهن اوهان ساڻس گڏ.

مطلب ته، هينئر اسان کي وڇوڙو ڏئي، هُن پار هليا ويا آهيو. ڪير اسان جي اپل ٽيندو؟ ڪير سهارو ڏيندو؟ پر، اهو يقين آهي ته اوهان جي مشن اڌوري نه رهندي. اوهان جا پائر ۽ اولاد ساڳيءَ طرح سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ جوت جلائي، خدمت ڪندا رهندا!

# هڪ انمول انسان

ڊاڪٽر عبدالقدير افغان ولد مرحوم استاد قادر داد خان پٺاڻ ”قاضي ڳوٺ“، تعلقي لکي غلام شاهه، ضلع شڪارپور ۾ 22 جولاءِ 1926ع تي پيدا ٿيو. 19 اپريل 1991ع، مطابق 23 رمضان المبارڪ تي اسلام آباد ۾ فوت ٿيو ۽ اتي ئي دفن ٿيو. 19 سالن ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان فرسٽ ڪلاس ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. 25 سالن ۾ اين.اي.ڊي. انجنيئرنگ ڪاليج مان فرسٽ ڪلاس ۾ انجنيئرنگ پاس ڪري، 1951ع ۾ اسسٽنٽ انجنيئر بلڊنگ ٿيو. حڪومتِ سنڌ ۾ ملازمت شروع ڪيائين. ٿي سال نوڪري ڪري انگلستان هليو ويو، جتان ”سُئائل مڪينڪس“ ۾ پي ايچ. ڊي. ڪري، 1958ع ۾ وطن موٽيو ۽ نئين سر سڌو سنئون ايگزيڪيوٽو انجنيئر ٿي. ٽي سال نوڪري ڪري، ماحول مان ناخوش ٿي، وري ولايت هليو ويو. سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ٺهڻ ۽ ان جي پرنسپال ٿيڻ جي سلسلي ۾ کيس وري منٿ ڪري گهرايو ويو. هُن پورا ڏهه سال ان عهدي تي ڪم ڪيو. 1970ع جي سياري ۾ مارشل لا تحت هڪ ڪوڙي ۽ منگهڙت ڪيس ۾ کيس ڦاسائي جيل اُماڻيو ويو. هر دلعزيز استاد جي آزاديءَ لاءِ سڄيءَ سنڌ ۾ جلسا جلوس ٿيا، بک هڙتالون ٿيون، شاگردن سان ٽاٽا ۽ جيل پريا ويا ۽ نيٺ حڪومت جُهڪي ۽ کيس ساڳئي مسند تي واپس باعزت ويهاريو ويو. ننڍڙي ڳوٺ جو رهاڪو، هڪ برجستي استاد جو پٽ، ٽاڄيءَ پيتي پٽ، پرائمري کان پي ايچ. ڊيءَ. تائين ڪامياب، هوشيار ۽ محنتي شاگرد، استاد، مُفڪر ۽ مُدبر لاڏاڻو ڪري ويو. نہ صرف منهنجي تَرَ جو، پر منهنجو مائٽ، يارن جو يار، مددگار ۽ شناس رڪنڊڙ ۽ اوقات نہ پلجنڊڙ انسان هو. يونيورسٽيءَ جي تعليم ۾ جن استادن ڳوٺاڻي ۽ ڳهيلي شاگرد برادريءَ جي رهنمائي ڪئي، انهن ۾ صفِ اول جو منتظم ۽ استاد، جيڪو ڪنهن بہ منزل تي ويڪائو مال نہ ٿيو، جيڪو مفتي ۽ خاڪي اربابِ حڪومت کان مرعوب نہ ٿيو. جنهن سيني کي سهوليتون ڏنيون ۽ موٽ ۾ اڪثريت کيس سور ڏنا، سو افغان، پٺاڻ، آغا ۽ لالا ڊاڪٽر عبدالقدير خان سنڌين مان مايوس ٿي، سنڌين لاءِ سوچيندي، مرگلا پهاڙ تي رات جو ٽين بجي فوت ٿي ويو. ڪنهن کي يقين اچي يا نہ. پر، اها حقيقت آهي تہ جنهن مرد مجاهد باوجود جرئت، جسارت، جدوجهد، اهليت ۽ لياقت جي پنهنجو خون پسينو سنڌين لاءِ وهايو، تنهن کي سنڌي نہ ڪلهو ڏئي سگهيا ۽ نہ اخبارون ڪو سُٺو مقام ڏئي سگهيون.

فيبروريءَ ۾ ۽ وري مارچ ۾ بہ ملاقاتون ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيم. ٻئي ملاقاتون چيف منسٽر هائوس ۾ ٿيون. هڪ ۾ کيس سينيٽري پئي پيش ٿي ۽ هُو سنڌين لاءِ هڪ ٻيو نظام ڏاهڻ لاءِ مُتمني هو. سندس خيال ۾ سنڌ قوميت جي نالي وارن يارن ۽ اغيارن ٻنهي جي چنگل ۾ جڪڙيل آهي ۽ سڀ ويڪائو مال آهن. ٻيو پنهنجي پٽ کي سنڌ جي ڪوٽا تي اسلام آباد ۾ داخلا لاءِ ڪوشان هو. ٻنهي ملاقاتن ۾ نہ هُو پينو ۽ درباري نظر آيو ۽ نہ وري جناب ڄام صاحب ڪا وڏائي ڏيکاري. پر، سيني کان وڌيڪ فضيلت ۽ عزت ڊاڪٽر صاحب کي ڏنائين.

هڪ موقعي تي سيڪريٽري ۽ چيف منسٽر آڏو مدلل نموني پنهنجي ڳالهه ڪندي مرحوم جا اهي بيباڪيءَ جا الفاظ يلجي نه ٿو سگهان ته، ”وڏيڪ نه چوندس ۽ نه وري ياد ڏيارڻ لاءِ ايندس.“ ٻئي موقعي تي به سچ پچو ته چيف منسٽر صاحب پنهنجي عملي ڪي اڪيون ڏيڪاريون ۽ مرحوم ڪي ڪلي چپائين ته: ”حڪم جي تعميل ٿيندي.“ انهن واقعن ڪي ڇڏي ڪري، بهرحال سنڌ واسين جا استادن ۽ شاگردن جا اعمال ۽ افعال قابلِ تنقيد آهن. جيڪڏهن عام سياستدان يا ڪو اهل زبان فوت ٿئي ٿو، ته اخبارن، ريڊيو ۽ ٽي. ويءَ. تان به خبرون اچن ٿيون، پر پنهنجي سبجيڪٽ جو دنيا ۾ آگرين تي ڳڻڻ جيترن ڊاڪٽرن مان هڪ سنڌي استاد لاءِ ڌاڙيلن، دهشتگردن، راشي ڪلاس ۽ ويڪائو مالِ وانگر به خبر نه ٿي اچي. اهي آهن ڌتڙيل قوم جا اهڃاڻ. والد مرحوم جن چند نوجوانن لاءِ (اُن وقت جا نوجوان) چوندو هو ته سنڌ جا اُهي ذهين پڙهيل سنڌ لاءِ ڪارائتا ثابت ٿيندا. انهن نوجوانن مان ڪن جا نالا جيڪي ياد ٿا اچن، اُهي هي آهن:

1. ڊاڪٽر عبدالقدير خان افغان

2. ڊاڪٽر مير نور محمد خان ٽالپر

3. مير مراد علي خان ٽالپر

4. ڊاڪٽر محمد عظيم

5. محبوب حافظ

6. مير پير بخش خان ٽالپر.

ڊاڪٽر افغان رڳو هڪ اداري جو ٽاهيندڙ ماهر ۽ لياقت وارو مڙس ماڻهو نه هو، بلڪ هڪ اهڙو شخص هئو، جيڪو شاگردن تي سختي به ڪري، انتظام به سختيءَ سان هلائي، ڪوڙا ڊوميسائيل به رد ڪرائي، مفت ڪتاب ۽ مفت تعليم به ڏياري. هيڏو وڏو باصلاحيت انجنيئر جنهن کي آخري وقت تائين پنهنجو ذاتي گهر به ڪونه هو. هميشه اها دعا هوندي هئس ته شل خودداريءَ سان زندگي گذاري سگهان ۽ سواءِ خدا جي ڪنهن جي اڳيان هٿ نه ڦهلايان. سياست کان ۽ سرمائيدارن کان ڏُور سنڌ واسين جي خدمت ڪرڻ، سندس مذهب ۽ زندگيءَ جو مقصد هو. ڊاڪٽر افغان يڪراءِ ۽ يڪ سخن هو. دل و دماغ ۾ فيصلو ڪرڻ جي صلاحيت ۽ اڪيلي سر عَلَمُ بلند ڪرڻ سندس مزاج هو.

جيڪي فوت ٿي ويا آهن، انهن کي خدا جنت نصيب ڪري ۽ وارثن مان ڪيچ ڪري. جيڪي زنده آهن، تن کي ڏٺي وڏي حياتي ۽ تندرستي عطا ڪري. دنيا ۾ جيڪي قومون قبرن جون پوڄاري آهن، تن ۾ سنڌي به آهن. پر اُن ڏس ۾ سنڌين جو رڪارڊ سٺو نه آهي. زندگيءَ ۾ به سنڌين پنهنجن خير خواهن ۽ ناميارن مدبرن لاءِ ڇا ڪيو آهي؟

مرحوم علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ کي اهڙا سور ڏنائون، جو ملازمت ڇڏي گوشي نشيني اختيار ڪيائين ۽ آخر ۾ آپگهات ڪيائين. سندس ڪتاب، ڪپڙا ۽ بنگلو به مالِ غنيمت وانگر هضم ٿي ويا. مرحوم خان صاحب آغا تاج محمد خان، سنڌ يونيورسٽيءَ جي فائونڊرس مان هو.

رت جي آخري ڦڙي تائين خدمت ڪندو رهيو، پر ڪنهن کي ياد آهي؟ غلام مصطفيٰ شاهه ۽ حسن علي عبدالرحمان کي شاگردن ۽ استادن سُکَ ڏنا يا سُور. پر وقت جي ڪاردارن ۽ ڪامورن جيڪي ساڻن جنيون ڪيون، تن جي هڪ ان وقت کي خبر آهي، بيو ڪين.
ڊاڪٽر افغان سان به اهو ڪيائون، جو سنڌ مان ڪوچ ڪري اسلام آباد ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪيائين. پڇاڙيءَ ۾ سينيٽري جي ووٽ جو به آسرو ڏئي، نه ڏنائونس. ٻئي طرف يونيورسٽين جي وائيس چانسلري لاءِ چون ٿا ته قحط الرجال آهي. ان ڪري، ماڻهو نه ٿا ملن ۽ مڙئي خانا پوري ٿي ڪجي.
هتي اوهان جي آڏو چند تجويزون رکجن ٿيون:
1. ڊاڪٽر افغان جي زندگيءَ جو احوال ۽ سندس ڪارناما قلمبند ڪري، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي يا سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪري.
2. مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جي هڪ بلڊنگ جو نالو ڊاڪٽر صاحب جي نالي سان منسوب ڪيو وڃي.
3. ڊاڪٽر صاحب جي دوستن، شاگردن، ۽ مائٽن کي گڏ ڪري، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ اجتماع ڪوٺايو وڃي ۽ هر سال سندس ورسي ملهائي وڃي.
4. ڊاڪٽر صاحب جي ٿيسز ۽ سندس اڻ ڇپيل ڪتابن کي ڇپرايو وڃي.
5. اهڙن ڪيترن گوشي نشيني اختيار ڪندڙ املهه ماڻڪن کي ڳولهي، انهن جي لسٽ ٺاهي پڌري ڪجي، ته جيئن ”ٽئلنٽ پول“ ۾ ”ٽيڪنوڪريٽ“ جي ضرورت محسوس ٿئي، ته سندن نالا پيش ڪري سگهجن.
آخر ۾ صرف ايترو چوندس ته سلام آهي انهيءَ اڻ پڙهيل ڀڳڻ ماءُ کي، جنهن نه صرف ڊاڪٽر افغان جهڙا پٽ ڄڻيا، پر ڇهه پٽ ٻيا به اهڙا ڄڻيا، جيڪي قد، بت ۽ شڪل سان گڏ پڙهڻ، قوميت، ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪرڻ ۾ اڳئين ڪان اڳرا ثابت ٿيا. سلام ان ڳوٺ کي آهي، جتي برمي جو پاڻي، ڇپرن ۽ ٽٽين واري اسڪول مان انمول انسان پيدا ڪيائين. سلام ان سنڌوءَ کي آهي، جنهن جي ڀِڪَ ۽ رائيس ڪئنال جي ڪُڪِ مان هيءُ لافاني فانوس پيدا ٿيو.

# ياد تنهنجي وري آئي

هڪ سال گذري ويو، وڃڻ وارو وري واپس نہ وريو. هُو پنهنجي پويان ڇڏي ويل پنهنجي اصولن واري ميراث لاءِ ضرور واجهائيندو هوندو. سندس روح اسان سيني ڪي سنڀاليندو هوندو. ڊاڪٽر افغان ڪنهن ڪان وسريو نہ هوندو. سندس تعليم واري ٻاريل شمع مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جهڙي اعليٰ تعليمي اداري جي صورت ۾ اسان وٽ سندس امانت آهي.

اهو برابر آهي تہ نيڪيءَ ۽ سچائيءَ جي واٽ ڪي مَهمير وڻندا آهن. پوءِ ثابت قدم رهي، پل ظاهر تڪليفون ملن، پر ٻين لاءِ رهبري ٿيندي آهي. ان راهہ تي هلندي پلي ڪيتريون تڪليفون اچن، پر سچي جذبي وارا ماڻهو دلي سڪون حاصل ڪري، عزت جي معراج ماڻيندا آهن ۽ اهڙيون هستيون پنهنجي زندگيءَ جي هر فيصلي پٺيان هڪ تاريخ ڇڏينديون آهن، جيڪي اڳتي هلي ٻين لاءِ مشعل راهہ بڻبيون آهن. وقتي اهم فيصلا، ڪرڙا ۽ ڏکيا هوندا آهن، پر ان ۾ اجتماعي بهتري هوندي آهي.

هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو "قاضي واهڻ" نزد لکي شهر، شڪارپور ضلعو جنم ڀومي بڻجي ٿو. ابتدائي تعليم اها ئي پَٽِي، ڪِلڪ ۽ قلم سان ٿئي ٿي. شڪارپور شهر جي ابتدائي درسگاهن مان تعليم ماڻي، ڪراچيءَ جي اين. اِي. ڊي. انجنيئرنگ ڪاليج مان ڊگري وٺي، ٻين وانگر شروعاتي طرح اسسٽنٽ انجنيئرنگ بڻجي ٿو. ايندي ئي ڪيس عملي زندگيءَ ۾ دوڪي ۽ دولاب وارو سبق ملي ٿو. ڪيس اها ڳالهہ نہ ٿي وڻي. ڏيارِ غير وڃي، اعليٰ تعليم حاصل ڪري، انجنيئرنگ ۾ پي ايڇ. ڊي. وٺي ٿو. موٽي اچي وري انجنيئر ٿئي ٿو. پر، وري بہ ڪيس پنهنجي سرزمينِ سنڌ ۽ سنڌ واسين جي خدمت بجاءِ، انهن جي حقن سان هٿ چراند ۽ غلط ڪارين سان واسطو پوي ٿو. پاڻ صاف ۽ سٿرو رهي، ڪجهہ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿو. ڪجهہ اڪيلي سر ماحول سان مُنهن نہ ٿو ڏئي سگهي ۽ وري ٻاهر هليو وڃي ٿو.

1958ع کان 1965ع تائين لنڊن ۾ محنت مزدوري ڪري، پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪري ٿو. ڊيولپمينٽ انجنيئر تي ڪم ڪري ٿو. جلد ئي ڪيس عراق جي حڪومت پنهنجي ملڪي اڏاوت لاءِ ايڊوائيزر مقرر ڪري ٿي. اتي بغداد يونيورسٽيءَ ۾ اضافي پڙهائيءَ لاءِ پروفيسر تي ڪم ڪري ٿو. مزو اچي ٿو ۽ بلڪل مطمئن تي ڪم ڪندو رهي ٿو. هڪ دفعو وري سنڌ يونيورسٽيءَ جي انجنيئرنگ ڪاليج جي قيام ٿيڻ تي سندس خدمتن لاءِ آڇ ملي ٿي. ان وقت جو پهريون پرنسپال حاجي محمد سليمان لاڙڪ ڪيس سنڌ ۽ سنڌ واسين جي خدمت لاءِ گهرائي ٿو. پاڻ درس تدريس جي پاڪ صاف فضا ۾ ڪم ڪرڻ ڪي افضل سمجهي، 1965ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اچي ٿو ۽ جلد ئي ڪاليج جو پرنسپال ٿئي ٿو.

ڪاليج جي ابتدائي مرحلي ڪي مُڙس تي مُنهن ڏئي ٿو. پڙهائيءَ سان گڏ ڪاليج جي اڏاوت ۽ ليبارٽرين جي ٺاهڻ سان لڳي وڃي ٿو. سندس ئي دؤر ۾ 1967ع ۾ ڪاليج جو آخري سال پاس ڪري، انجنيئرنگ جي پهرين ڪيپ تيار ٿي، ميدان ۾ نڪري ٿي. ان بعد، هر سال نون

شاگردن جون داخلائون ۽ سال بسال نوان گريجوئيٽ تيار تي ٻاهر نڪرڻ جو سلسلو روان دوان رهي ٿو. سندس حسنِ انتظام هر مرحلي تي مُنظم رهي ٿو. شاگردن جي داخلائن ۾ ڪابہ هيرا ڦيري نہ ٿي ٿئي. سُٺيءَ پڙهائيءَ سان گڏ سُٺا ۽ اهل انجنيئرنگ گريجوئيٽ ٿي ٻاهر نڪرن ٿا. ساڳئي طرح، هر هڪ شاگرد کي نوڪري وٺائي ڏيڻ لاءِ پبلڪ سروس ڪميشن ۽ ٻين ادارن جي سربراهن سان رابطو رکي، اهل اميدوارن لاءِ ميدان هموار ڪري ٿو. گڏوگڏ هر سال وڏ ۾ وڏ سٺن شاگردن کي پاڻ وٽ ليڪچرار مقرر ڪري، ٻئي سال انهن کي ٻاهر موڪلي، اعليٰ تعليم وٺڻ جو سلسلو بہ جاري رکي ٿو.

ان سڄي ساري جاکوڙ ۾ حقدار شاگرد داخلائون وٺن ٿا. ڪوبہ چور دروازي کان داخلا وٺي نہ ٿو سگهي. تعليمي معيار سٺو ۽ وقت اندر گريجوئيٽ نڪري، سڄي ملڪ ۾ حصو وٺڻ لاءِ هر ميدان ۾ وڏي چٽاپيٽي ڪرڻ لاءِ هڪ انقلاب آڻن ٿا. جلد ئي افغان صاحب جا ساٿي ڊاڪٽر ايس.ايم. قريشي، ڊاڪٽر اي. ايف. عباسي، ڊاڪٽر حاجي محمود، ڊاڪٽر قاضي اسد، محمد علي ميمڻ صاحب ۽ واءِ. ڪي. مشوري صاحب جهڙا سينيئر استاد سندس ٻانهن ٻيلي ٿي، اداري کي ٿاهڻ ۽ ترقي وٺرائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪن ٿا.

تمام حسنِ انتظام سان هيءَ درسگاهہ پنهنجي اٿل ۽ مُنظم ارادي سان ابتدائي ترقيءَ جا مراحل طئي ڪندي وڌندي رهي ٿي. ان سڄي ساري ماحول ۾ ڪوبہ ماٺهو دست اندازي نہ ٿو ڪري سگهي. ان ڪري، ڪنهن بہ اعليٰ فرد جي پنهنجي منظورِ نظر کي داخلا نہ ٿي ملي. ويتر هر سال پاس ٿيندڙ سنڌ جا انجنيئر تربيلا ڊيم کان وٺي ڪراچيءَ جي پرائيوٽ ادارن ۾ ڇانئجي وڃن ٿا. ان ڪري، ان سڄي صاف سُٿري وايو منڊل کي ملياميٽ ڪرڻ لاءِ سازشي عناصر هڪ وڏي منظم پروگرام سان گڙ ٻڙ جي شروعات ڪن ٿا. سياست ڪاليج ۾ ڪاهي پوي ٿي. شاگردن کي رعايتن وٺڻ لاءِ آماده ڪري، غلط نعري بازيءَ جي شروعات ڪرائجي ٿي. فيل ٿيندڙ شاگردن کي پاس ٿيڻ لاءِ گريس مارڪن لاءِ مختلف بهانن سان افغان صاحب تي زوربار ڪجي ٿو. ٻئي طرف، افغان صاحب کي ذاتي تڪليف پهچائڻ لاءِ 1970ع ۾ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي، 1968ع ۾ شاگردن جي هلايل هلچل جو بدلو وٺندي، ڪيس جيل جا دروازا ڏسڻا پون ٿا. پاڻ ان ۾ بہ ڪامياب وڃي ٿو ۽ جلد ئي ٻيهر پرنسپال ٿي، ڪاليج کي ساڳيءَ طرح اڳتي وڌائي ٿو.

ملڪ ۾ تعليم ۽ تدريس ۾ بي راهہ روي ڪاهي پوي ٿي، جنهن جي اثر هيٺ اسان جو ڪاليج بہ اچي ٿو. شاگرد سهل پسند بنجن ٿا. پڙهڻ ۽ پڙهائڻ واري ماحول کي ڌڪڪو لڳي ٿو. شاگردن کي پهريائين گريس مارڪن جي بنياد تي هڪ سال 5 سيڪڙو رعايت ملي. ٻئي سال ساڳي غلط روايت کي افغان صاحب ڪنهن بہ قيمت تي نہ ٿو مڃي. ڪيس تعليم جي معيار جي ڪري اهل انجنيئرن جي ضرورت رهي ٿي. شاگردن کي افغان صاحب جي آمهون سامهون آڻي، ڪين اهو باور ڪرايو وڃي ٿو تہ سڄي انتظاميہ ۾ واحد ڊاڪٽر افغان صاحب انهن جا

ناجائز مطالبا نہ ٿو مڃي. ڪاپي ۽ سفارش جي ابتدا 1972ع کان شروع ٿئي ٿي. افغان صاحب چڙي پوي ٿو.

پنهنجن جي هٿان ڊاڪٽر صاحب جي استعيفيٰ وارو ڊرامو بنائي، ڪيس عهدي کان علحده ڪيو وڃي ٿو. سندس ساٿي استاد ڪيس مدد نہ ٿا ڪن، جو انتظاميا کان ڊنل ۽ افغان صاحب کان بيزار ٿي چڪا آهن. اُهي استاد جيڪي 1970ع ۾ سندس جيل وڃڻ وقت گڏيل استعيفيٰ گورنر کي ڏياري موڪلن ٿا، اُهي سندس غلط استعيفيٰ منظور ٿيڻ تي گونگا بنجي وڃن ٿا. شاگرد رخ بدلجڻ ڪري سندس استعيفيٰ تي خوش ٿين ٿا. اُهي شاگرد جيڪي ”سنڌ جي جان ـ ڊاڪٽر افغان“ جو نعرو ايجاد ڪري جيل پري ڪيس سلام پيش ڪن ٿا، انهن شاگردن جا پيئر ۽ عزيز بہ سال بعد افغان صاحب جي خلاف آهن. ان وقت جي حڪومت، جيڪا پنهنجي وڏيرن جي حڪومت آهي، اها ان ڪري مدد نہ ٿي ڪري، جو افغان صاحب ڪڏهن بہ سندن غلط فرمائش پوري نہ ڪئي هئي ۽ ٻيو تہ سندس ڪابہ سياسي وابستگي نہ هئي.يونيورسٽي انتظاميہ بہ شينهن ٻيلي ۾ نہ هجڻ تي عمل ڪندي، يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر افغان جي عمل دخل کان بيزار آهي. مطلب تہ سڄي ماحول جي مخالفت پلئہ پائي، ڪاليج کي خيرباد چئي، پنهنجي هٿ سان هنيل ٻوٽي کي پروان چڙهائڻ بغير ٻين جي حوالي ڪري ٿو.
عجيب منظر آهي. پنهنجن جي حڪومت آهي. بلڪل پنهنجا، جيڪي ٻہ سال اڳ افغان صاحب لاءِ جان جي بازي لڳائيندا هئا، اُهي حڪومت جي ايوانن ۾ هوندي، گورنر، وڏا وزير، تعليم جا وزير هوندي بہ ڊاڪٽر افغان صاحب سان ملڻ لاءِ تيار ناهن.
آخر ڊاڪٽر افغان جو هڪ پراڻو شاگرد، عبدالمجيب پيرزادو صاحب پنهنجي ياءُ جي معرفت پاڻ مدد گار بنجي ٿو. سائين، سنڌ حڪومت بجاءِ پنهنجي اعليٰ قابليت جي بنياد تي اسلام آباد جي سيڪريٽريٽ ۾ پهچي ٿو. پهريائين او. ايس. ڊي، پوءِ ايڊيشنل سيڪريٽري ۽ آخر ۾ سيڪريٽري سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ٿئي ٿو. پنهنجيءَ عادت کان مجبور اهو ڪجهہ ڪرڻ چاهي ٿو، جيڪو سندس مشن آهي. اتي اعليٰ ايوان ۾ پنهنجن جي نمائندگيءَ لاءِ عملي طرح ڪجهہ ڪرڻ چاهي ٿو. پنهنجي اعليٰ تعليم يافتہ نوجوانن لاءِ اتي سيني کي پنهنجو فرض ياد ڏيارائي ٿو. هڪ هڪ سيڪريٽري، بااختيار عملدار ۽ وزير کي وڏي واڪ حق ۽ سچ پلئہ وجهڻ لاءِ چوي ٿو. پنهنجي محڪمي ۾ ٻئي ڪنهن جي دست اندازي قبول نہ ٿو ڪري. ڪجهہ ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻي ٿو.
سندس هڪ بہ نہ ٿي هلي. آخر اهڙو ماحول پيدا ڪيو ٿو وڃي، جو جلد ئي ڪيس اتان رخصت ٿيڻو پوي ٿو. سنڌ جا پنهنجا حاڪم مٿس وڌيڪ مهربان ٿين ٿا. سندس خدمتون سنڌ حڪومت حوالي ٿين ٿيون. موٽي ڪراچي اچي ٿو. پنهنجي نئين احڪامات لاءِ سنڌ حڪومت طرف ڏسي ٿو. ايستائين جو پنهنجي حڪومت جا پير اکڙي وڃن ٿا. مارشل لا جو دؤر اچي ٿو. ڊاڪٽر افغان بنا عهدي ۽ پگهار جي گهر ۾ ويٺو رهي ٿو.

مارشل لا دؤر ۾ هڪ دفعو وري پنهنجي حق وٺڻ ۾ ڪامياب وجي ٿو. سروس ٽربيونل جو سينيئر ميمبر بنجي ٿو. هڪ نئون عهدو، منصف جو عهدو. پاڻ پنهنجي ساٿين سان گڏ، ويچارن نوڪرين تان لٿل، وقت ۽ سياست تي قربان ٿيندڙ علمدارن جي اپيلن جي فيصلن ڪرڻ لاءِ عمل درآمد ڪري ٿو. تمام وڏا وڏا اهم فيصلا ڪرائي ٿو. تان جو ڪيس نہ صرف عهدي کان علحده ڪيو وڃي ٿو، پر سندس نوڪريءَ کي بنا ڪنهن سرڪاري مراعات ڏيڻ جي رٽائر ڪيو وڃي ٿو. سندس سالن جي سروس قلم جي هڪ جُنبش سان ختم ڪئي وڃي ٿي، جنهن جو فيصلو سندس حياتيءَ ۾ ڪونہ ٿو ٿئي.

ڊاڪٽر افغان صاحب پورا 10 سال بنا ڪنهن روزگار جي اسلام آباد جهڙي شهر ۾ پنهنجي ايمان جي زور تي، قوتِ ارادي سان بادِ مخالف سان ويڙهاند ڪندي گذاري ٿو. خبر نہ آهي تہ سائينءَ پنهنجي زندگي اهڙيءَ طرح گهارڻ کي ڇو پسند ڪيو؟ ڇو نہ ٻين وانگر مصلحت کان ڪم وٺي، راند رچائي هليو. اهوئي سندس زندگيءَ جو درس آهي. ان ۾ ئي سندس آدرش جو اصل راز سمايل آهي.

# ڊاڪٽر افغان جو آخري سفر

اڄ کان پورا 2 سال اڳ، 9 اپريل جي صبح صادق کان ٿورو اڳ ڳالهين ڪندي، اکيون بند ڪري، خاموشيءَ سان الله ڪندي، ڪلمو شريف پڙهيائين. جڻ ننڊ اچي ويئي آهي. ڪجهه گهڙين جي خاموشيءَ کان پوءِ، سندس ڊاڪٽر ڌيءَ ۽ پٽ ڪجهه پريشان ٿين ٿا. سُرہاڻن ۾ سيئي پائر ۽ پينر گڏ ٿي وڃن ٿا. ڪجهه سمجهندي به، سمجهي نه ٿا سگهن.

ڊاڪٽر افغان صاحب ٽن ڏينهن جي ٿڪائيندڙ سفر جي واپسيءَ کان پوءِ، رات جو اسلام آباد پهچن ٿا. پنهنجي سنڌ جي سفر جا تازا تازا احوال ڪندي، معمول مطابق ٿوري ٿڪاوٽ محسوس ڪندي، آرامي ٿين ٿا. رات جو 3 وڳي ڌاري دل ۾ معمولي سُور جي تڪليف محسوس ڪري اُٿن ٿا. پنهنجي گهر ڀاتين کي اُٿاري، دوا گهرن ٿا. ڳالهيون ڪن ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي آخري سفر لاءِ بنا پروگرام جي حوالي ڪن ٿا.

ان خاموشيءَ ۽ پريشانيءَ جي عالم ۾ اسپتال ڏي فون ڪن ٿا. ايمبولينس گهرائين ٿا. هڪ ٻيو سينيئر ڊاڪٽر اچي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جي سيني ڊاڪٽر ٻارن کي ڊاڪٽر صاحب جي چؤگرد حيران ڏسي، نبض کي ڏسي، هشاش بشاش چهري کي ڏسي وري نبض کي ڏسي ٿو. بلڊ پريشر چيڪ ڪري ٿو ۽ خود پريشان ٿي وڃي ٿو.

اها ڳالهه ٻڌائڻ چاهيندي به نه ٿو ٻڌائي سگهي. سيئي اکين ئي اکين ۾ وهندڙ ڳوڙهن مان آخري سفر جي تياريءَ جو برملا اعلان ڪندي به زبان سان ڪجهه ڪُڇي نه ٿا سگهن. سيني جي خاموشيءَ کي ٽوڙيندي، ڊاڪٽر صاحب جي رفيق حيات دل تي پٿر رکي، نهايت ئي بردباريءَ سان همت ڪري چوي ٿي:

”بابا! خدا جي امانت پنهنجي مالڪِ حقيقيءَ ڏانهن رواني ٿي چڪي آهي. روح پرواز ڪري عالمِ بالا ڏانهن روانو ٿي چڪو آهي. هيءُ اسان ۽ اوهان جو شير دل انسان نهايت ئي پُر سڪون، بي جان و جسم اوهان کان آخري بار هميشہ لاءِ جدا ٿيڻ لاءِ ڪجهه وقت جو مهمان آهي.“

سيئي سچائيءَ کي مڃيندي رب جي رضا تي راضي رهي، پنهنجي مقدر تي ماتم ڪندي، بلڪل بي حس ٿي وڃن ٿا.

سڀ کان اول ٽيليفون جي گهنٽي گهمائڻ لاءِ آڱريون ڏکڻ لڳن ٿيون. ٻئي طرف ڪُملهو آواز وڃي ٿو. پٽن جهڙو پيارو،ننڍڙو ڀاءُ لالا ظهور الدين ننڊاکڙيون اکيون مهٽيندي، رسيور کڻي ٿو. پنهنجي پياري ڀائٽيي جو شدتِ جذبات سان پرپور چڇرندڙ آواز ـ ”بابا!... لالا!... الله کي پيارو....“ جا ڪجهه لفظ حيرانيءَ جي عالم ۾ ٻڌي، بنا سمجهڻ جي پريشاني ڏُور ڪرڻ لاءِ هڪدم پهچڻ جو چئي، بيخود ٿي بنا ڊرائيور جي گاڏي پاڻ هلائيندي، سائينءَ جي گهر پهچي ٿو.

سائينءَ جي خواب گاهه ۾ هر هڪ کي غم ۽ الم جي تصوير ڏسندي، هڪدم پنهنجي عظيم ڀاءُ جي مٿان سفيد چادر پري ڪري، لالا سائين! ڪندي بي اختيار ڪيس سڏي ٿو. چهري کي چمي ٿو. هنيانءَ ڦاڙ رڙ جي آواز کي گلي ۾ دٻائي، ڊاڪٽر صاحب جي وڏي پٽڙي ڊاڪٽر صفي الله

ڪي ياڪر ۾ پري، سيني سان لڳائي، سڀ ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ رڙيون ڪرڻ بجاءِ رڳو سڏڪا پريندي، خاموش ٿي ويجي ٿو.

ڊاڪٽر افغان صاحب جي ڪمري ۾ هر هڪ شيءِ ڪي ڏسي ٿو. ڇڻ وال ڪلاڪ جي سُئي بيهجي وئي هجي. ٽيبل تي رکيل جڳ خالي هجي. رکيل دوائون ۽ شيشيون بنهه خالي. اسٽڊي ٽيبل تي رکيل ڪاغذ ۽ ڪتاب، ٽيبل ساڻ رکيل صوفو خالي. سڄي گهر جا ياتي هيٺ قالين تي ويٺل حيران پريشان. رڳو هڪڙوئي خوبصورت چهرو ۽ پهلوان جسم سفيد چادر ۾ مڪمل آرامي، پنهنجي پلنگ تي گهري ابدي ننڊ ۾ سُتل، نهايت ئي سُڪون سان پنهنجي آخري سفر لاءِ تيار ظهور افغان انهن لمحن ۾ نهايت ئي ضبط سان حالتن کي سنڀالي، ٽيليفون تي پنهنجي گهر ۽ ڪجهه دوستن کي اُن بي وقتي خبر کان آگاهه ڪري ٿو. ڪراچيءَ ۾ سائينءَ جي وڏي ياءُ ۽ ٻئي ياءُ تي اوچتو ان المناڪ خبر جو پهاڙ ٽٽي ٿو. سڄي اسلام آباد ۾ جنهن جنهن کي خبر پوي ٿي، هر ڪو خاموشيءَ جي عالم ۾ اچي ويجي ٿو.

ڊاڪٽر جي آخري آرام گاهه لاءِ بحث شروع ٿئي ٿو. سندس يائرن طرفان پنهنجي اصلي ڳوٺ شڪارپور ويجهو "قاضي ڳوٺ" ۾ مٽيءَ پنوڙي لاءِ چيو ويجي ٿو. اسلام آباد جي گهرن دوستن، پاڙي وارن، پنهنجن ۽ پراون طرفان آخري سفر کي اتي ئي ختم ڪري، اسلام آباد ۾ آرامي ٿيڻ لاءِ زور ڏنو ويجي ٿو. ڊاڪٽر افغان صاحب گذريل 15 سالن کان اسلام آباد ۾ رهڻ ڪري، اتي ئي سيني ٻارڙن جي مستقل تعليم ۽ روزگار جو بندوبست ڪرڻ ڪري، سيني جو ڪيس اتي رکڻ لاءِ دل چاهي ٿي. اجان ٻه وڌيڪ چون ٿا ته جڏهن ٻه ڊاڪٽر صاحب اسلام آباد واري قبرستان ۾ ويندا هئا، ته ڪين ڏاڍو سُڪون ۽ آرام ملندو هئو.

انهن مڙني ڳالهين ۽ خاص ڪري سندس اولاد طرفان سندس ويجهي هجڻ، بار بار سلامي پرڻ، دوريءَ واري سفر کان اتي ئي آرام گاهه ٺهرائڻ لاءِ آمادگي ڏيکاري ۽ اهو فيصلو ٿيو ته سائينءَ کي اتي اسلام آباد ۾ ئي رکيو وڃي. ان فيصلي کان جلد ئي ٻاهرين دوستن کي آگاهه ڪري، جنازي نماز جو وقت شام جو رکيو ويو.

جلد ئي اسلام آباد جا دوست احباب، سيڪريٽريٽ جا صاحب، جيڪو ٻه ٻڌي ٿو، اچي حاضر ٿئي ٿو. آخري سفر جي تياري مڪمل ٿئي ٿي. ڪراچيءَ کان يائر، ٻارن ٻچن سميت پهچن ٿا. شام جو آخري سفر روانو ٿئي ٿو. ٿوري ئي پنڌ کان پوءِ نهايت ئي ڪشادي قبرستان جي شام جو آخري سفر روانو ٿئي ٿو. ٿوري ئي پنڌ کان پوءِ، نهايت ئي ڪشادي قبرستان جي گهاٽن وڻن جي جُهڳٽي ۾ جنازي نماز جو بندوبست ٿئي ٿو. سوين ماڻهو گاڏين وارن کان وڌيڪ پيدل اچن ٿا ۽ نماز ۾ شريڪ ٿين ٿا.

جنازي کان پوءِ چڱو فاصلو پيادل ڪانڌي ڪلهو ڏئي هلن ٿا. اوچتو ئي اوچتو چڙهي آيل بادلن مان هلڪي هلڪي بوندا باندي ٿئي ٿي. اهڙي انسان لاءِ آسمان ٻه خوش آمديد ڪندي، سندس آخري سفر جي آجيان ڪري ٿو. جلدئي مٽيءَ کي مٽيءَ سان ملائي، آخري سلام ڪري، هر ڪو سندس يادون کڻي واپس اچي ٿو.

ڊاڪٽر صاحب جو بي وقت جدا ٿيڻ هر هڪ ڪي شديد صدمو رسائي ٿو. پنهنجي لاءِ هيءَ جدائي هڪ نہ متجنڊڙ خلا پيدا ڪري ٿي. پر اها جدائي هن ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ واسين لاءِ عظيم سانحي کان گهٽ نہ آهي.

بس، اها بہ سندس پوک پوکيل هئي، جو کيس هر هنڌ عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو هو. پاڻ جتي بہ ويو، کيس هميشہ سٺو آڌر ڀاءُ مليو. ڊاڪٽر افغان صاحب وڏڙن جي ريت نڀائيندي، نہ صرف پنهنجي ڳوٺ وارن کي پيار ڪيو، پر پنهنجي هڪ خواب جي تعبير کي پنهنجي ڳوٺڙي "قاضي واهڻ" جي ڪلر واري زمين ۽ ڦٽل ڳوٺ کي هڪ مثالي وستي بنائڻ لاءِ 1974ع کان وٺي ڪوشان رهيو. اتان جي هارين نارين جي زندگي بدلائڻ، نت نيون اسڪيمون منظور ڪرائي، ڳوٺ لاءِ روڊ، بجلي، پاڻي، اسڪول ۽ اسپتال ٺهرائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. پاڻ ڪيترو ڪاميابيءَ لاءِ پُر اميد هئو. خدا ڪري، تہ سندس خواب شرمنده تعبير ٿي ۽ سندس اباڻو ڳوٺ هڪ مثالي شهر ٿئي ۽ سندس نالو هميشہ روشن رهي.

پاڻ پنهنجي غير آباد ٻنيءَ جا ڪجهہ ٻارا آباد ڪرايائين. پاڻ سڄي عمر سرڪاري گهر يا ڪرايي جي مڪان ۾ رهيو. سفيد پوشيءَ جي ڀرم رکڻ لاءِ ڪٿي بہ پلاٽ وٺي نہ سگهيو. پر، پاڻ سدائين خوش رهيو ۽ شاڪر رهيو. قدرت کيس اڻ مَئي مايا سان مالامال ڪيو. سندس عقيدت جي حد تائين محبت ڪرڻ وارا ڪئين ساٿي ۽ قرب وارا اڪيچار دوست ڏنا. پرواني وانگر نثار ٿيڻ ۽ پوڄڻ جي حد تائين پيار ڪرڻ وارا ڪيترائي سنگتي مهيا ڪيا.

هزارن جي تعداد ۾ شاگرد، جيڪي نہ صرف سنڌ ۽ ملڪ پاڪستان ۾ خدمت ڪري رهيا آهن، اهي سڄيءَ دنيا کي پنهنجي ذات جي ڏيا سان سندس مشن جي تڪميل ڪري رهيا آهن. اعليٰ کان اعليٰ عهدا وٺي، کيس خراج عقيدت پيش ڪري رهيا آهن.

اڄان بہ وڏيڪ کيس دنيا جي قابل قدر پنجن پائن جو ساٿ رهيو. سندس اڻ کٽ ملڪيت تمام صالح، نيڪ ۽ پڙهيل اولاد عطا ٿيو، جن مان 4 ٻار ڊاڪٽر آهن ۽ 3 ٻار اڃا ڪاليج ۾ پڙهي رهيا آهن. پاڻ تمام سُٺو، سُکيو ۽ مطمئن وقت گذاري، کلندي مسڪرائيندي پنهنجو سفر پورو ڪري، رب ڏانهن راهي ٿيو. خدا کين ابدي آرام بخشي! آمين!!

# هڪ اڏول انسان جي ياد ۾

هن فاني جهان ۾ ڪيئي آيا، ڪيئي پنهنجو وارو وڄائي ويا. ڪنهن پنهنجي انا خاطر ، ڪنهن پنهنجي ناموس خاطر هزارين حيلا هلايا. پر ڪي پنهنجو ڏاڪو ڄمائي وقت سان ميسارجي ويا، ته ڪي گودڙيءَ ۾ لڪل هيرا سالن جا سال خدمت خلق ڪندي وڃي خالقِ حقيقي سان مليا. پوءِ خبر پئي ته اسان انهن جو قدر نه ڪيو ۽ ائين هليا ويا. پر اڄ اهي تواريخ ۾ سونن لفظن سان ياد ڪيا وڃن ٿا. سندن نه وسرڻ واريون خدمتون هر هڪ لاءِ مشعل راهه آهن.

اهڙوئي هڪ انمول هيرو، شڪارپور ضلعي جي ”لکي غلام شاهه“ شهر جي ننڍڙي ڳوٺ ”قاضي واهڻ“ ۾ سنڌي استاد قادر داد خان افغان جي گهر ۾ 22 جولاءِ 1926ع تي جنم تو وٺي. ابتدائي تعليم گهر ۾ وٺي، شڪارپور مان تعليم پرائي، اين. اِي. ڊي. انجنيئرنگ ڪاليج مان انجنيئر ٿي نڪري ٿو.

سيني ڀائرن وانگر هوشيار پر طبع ۾ نهايت ئي نرالو چون ٿا. شاگرديءَ جي زماني ۾ تمام ڪلمڪ، پر ڪجهه ڏاڍو مڙس، ورزشي بدن ۽ طاقت وارو. جتي به هاسٽل ۾ رهيو، نالي وارو شڪارپوري ٿي رهيو.

انجنيئرنگ پاس ڪرڻ کان پوءِ روڊس کاتي واري نوڪريءَ ۾ دل نه لڳس. ٻاهر هليو ويو. 1958ع ۾ امپيريل ڪاليج لنڊن مان پي ايڇ. ڊي. ”سُئائل مڪينڪس“ ۾ ڪري، وري سنڌ جي خدمت ڪرڻ لاءِ موٽي آيو. پورا ٻه سال انجنيئر ٿي خدمت ڪرڻ چاهيائين، پر ڪجهه نه ڪري سگهيو ۽ مُنهن ويڙهي موٽي ويو. 1961ع کان 1963ع تائين لنڊن ۾ ڊيولپمينٽ انجنيئر ٿي رهيو. پوءِ بغداد گورنمينٽ جو انجنيئرنگ ائڊوائيزر مقرر ٿيو، جتي تمام خوش ۽ مطمئن هئو. پر هڪ دفعو وري ڪيس سنڌ ڌرتيءَ سڏ ڪيو ته: ”اچي سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج کي سڌار“ اهڙيءَ طرح، پاڻ ٻي ڏڙڪ هليو آيو. بنا دير ۽ ڪنهن عار جي اچي جُنبي ويو. 1965ع کان 1973ع تائين پورا اٺ سال نه صرف سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج کي ٺاهيائين ۽ سنواريائين، پر سڄيءَ سنڌ ۾ هڪ انقلاب آڻي، ڳوٺ ڳوٺ کي اُن جو واس ڏنائين. گهر گهر انجنيئر پيدا ٿيو. سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ طرح هڪ اهڙي مشن کي لڳي ويو، جو هر اينڊڙ ڏينهن پوئين ڏينهن کان سٺو ٿيندو ويو. قسمت بدلجندي رهي. پاڻ بي الڪو ٿي، بنا ڊپ ڊاءَ جي مڙس ٿي مگن رهيو. ڪوٽا سسٽم نهيو، ته غلط ڊوميسائيل رد ٿيا. هر سال سيٽون وڌنديون رهيون. الائي ڇا جو ڇا ٿي ويو! اِهي خبرون اُنهن يارن ڳوٺ وارن کان پڇو، جيڪي اڄ بنگلن ۽ ڪارين جا مالڪ آهن. انهن اٽين وارن واري شاگرد کان پڇو، جنهن ريل ۾ پهريون دفعو ٽڪيٽ وٺي اچي ڄام شوري ۾ داخلا ورتي. پورا چار سال بنا خرچ جي ڪتاب به حاصل ڪيا، ته انجنيئر ٿيڻ کان پوءِ وري نوڪريءَ لاءِ به ان ئي در جي دعا ٿي. جتي عام ماڻهوءَ کي

حق مليو، اتي سرنديءَ وارن جي هڪ نه هلي. سفارش وارن جا ٽرا نڪري ويا. ميرن، پيرن ۽ وڏيرن جون واُيون بتال تي ويون. سرڪاري ڪامورن جا ته لاهه نڪري ويا.

هيءُ اڏول انسان خاموشيءَ سان بي جان بُتَ وانگر هماليه ڪان به وڏو پهاڙ بنجي، هر هڪ سان ٽڪرائيندو رهيو. ڪنهن جي ڪونه تي ٻڌائين. سياسي دوستيون ۽ وابستگيون به نه رکيائين. ان ڪري، پاڻ پنهنجي سفر ۾ اڪيلو رهجي ويو. تڏهن به بي پرواهه. ايڏي ساري وڏي ماندا ڻ ۾ ڪيس ڪافي ماڻهن تي اعتبار ڪرڻو پيو. پر اهو به بي حساب. ان ڪري، تمام احتياط باوجود، ڪٿي ڪٿي ڪجهه ماڻهن ذاتي مفاد خاطر ڪي غلطيون ڪيون، جن گهڻن هنڌن تي غلط فهميون پيدا ڪيون. جيڪي اڳتي هلي، ڊاڪٽر افغان صاحب لاءِ ظاهريءَ طرح سندس مشن کي پوري ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻيون. اهڙيءَ طرح، ڪيس جيل وڃڻ جي قرباني ڏيڻي پئي. هڪ بي بنياد ۽ من گهڙت ڪيس ٺاهي، مارشل لا تحت ڪيس ڦاسايو ويو. هيءُ وقت به هن انسان لاءِ آزمائش جو وقت هو. 1970ع جي آخر ۾ سڄي سنڌ سراپا احتجاج بنجي وئي. ڏسندي ڏسندي، هر طرف طوفان مچي ويو. شاگرد بک هڙتالون ڪري، جيل ڀريندا رهيا. والدين بيان ڏئي، سندس بي گناهيءَ جو ثبوت ڏنو. ملڪي سياستدانن سندس پاڪدامنيءَ جي دعويٰ ڪئي. ٿوري عرصي اندر، ڪيس با عزت طور بري ڪيو ويو ۽ پاڻ ساڳئي عزت ۽ احترام سان اچي پنهنجي ڪم سان لڳو.

اڳتي هلي، وري به پنهنجي اٽل اصولن تي ساڳئي مشن سان رهيو. پر پوءِ ٿوري عرصي اندر ڪيس ڪاليج کان علحده ڪرڻ ۾ سندس دوست ڪامياب ويا. حالانڪ هن ئي دؤر ۾ ڪاليج کي مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ بنائڻ وارو ابتدائي مرحلو به پاڻ طيءِ ڪيو هئائين. سڄي سنڌ گهمي ڦري، هڪ عظيم درسگاهه لاءِ نواب شاهه جي سرزمين کي پسند ڪري، اتي جڳهه منتخب ڪيائين. سندس ارادو هو ته پنهنجي يونيورسٽيءَ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ پرائمري تعليم کان وٺي هڪ مثالي ادارو قائم ڪري، ننڍڙن گلن کي منتخب ڪري ڏجي. ڪاش! سندس اها خواهش پوري ٿئي!! پر ائين تي نه سگهيو.

پاڻ مُنهن موڙي درسگاهه ڇڏي ويو. پوءِ پورا ڏهه سال ڪڏهن نوڪريءَ ۾ ته ڪڏهن نوڪريءَ کان ٻاهر. ڪڏهن سرڪاري گهر ۾ ته ڪڏهن وري مسواڙي مڪان ۾. ڪڏهن وري نوڪريءَ جي انتظام ۾ ته ڪڏهن سالن جا سال ڪيس پگهار به نه ملي. پر هن مجاهد مرد گذريل ڏهن سالن کان وٺي اسلام آباد جا وڻ وڃي وسايا ۽ اتي اولاد جي پڙهائيءَ سان لڳي ويو ۽ پنهنجي جدوجهد ۽ تڪليف وارو دؤر سڀ کان پري اڪيلي سر گذاريندو رهيو. اتي به سندس اٿڻي ويهڻي ساڳئي پراڻي انداز واري هوندي هئي. جڏهن به وٽس وڃبو هو، ته سنڌي شاگردن جا وٽس ميڙا متل هوندا هئا. پنهنجي سر انهن جي پرگهور پيو لهندو، دلجاءِ ڏيندو، همت نه هارڻ لاءِ دلداريون ڏيندو هو ۽ ساڳئي وقت انهن سان گڏ وڃي، ڪجهه نه ڪجهه ڪري ايندو هو.

اسان سنڌ واسين لاءِ ته هڪ وڏي ايل ۽ ڏوراهين ڏيهه ۾ سهارو هو. جيڪو به هتان هلندو ۽ گهٽيون پيٽائون پيٽي وڃي سندس اوطاقي ٽيندو هو، ته حال سارو ڪجهه نه ڪجهه پلئه پائي

پوءِ موٽندو هو. پاڻ ڪڏهن بہ پيشانيءَ ۾ گهنج نہ وجهندو هو. پيو مشڪندو ۽ حال احوال وٺي پيو آٿت ڏيندو هو.
هر تڪليف کان بي نياز جڏهن سرڪاري ڪرسيءَ تي ويٺو، تہ حق ۽ سچ جو ساٿ ڏيندي، سنڌ ۽ سنڌ واسين جي خدمت ڪيائين. ان کان علاوہ صبح شام خاص طرح سان پنهنجي شاگردن ۽ عام طرح سان هر بي يار و مددگار سنڌي پڙهيل ڳڙهيل لاءِ سندس سڄو وقت وقف ٿيل هوندو هو. باقاعده پروگرام سان سائل کي ساڻ ڪري، هڪ آفيس کان ٻيءَ آفيس تائين روبرو ويندو هو ۽ واقفڪارن سان حُجت ڪري بہ نوڪري وٺي ڏيندو هو. اڻ واقفڪارن وٽ لنگهي ويندو هو. ساعت وارو در اهڙو، جو ڪوبہ ڪيس انڪار ڪري نہ سگهندو هو. جتي بہ ويو، غريب لاءِ نوڪري ملي ويندي هئي.
سڄيءَ سنڌ، خاص ڪري سرڪاري آفيسن ۾ ڏينهن جا ڏينهن باقاعده روزانو ويندو هو ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندو رهندو هو. پر لاهور ۾ واپڊا آفيس ۾ سال ۾ ٻہ ٽي دفعا چڪر ضرور ڏيندو هو ۽ روبرو وڃي انجنيئرن جا آرڊر ڪرائندو هو.
سندس همت جا ڪيترائي مثال مشهور آهن. پاڻ هر هنڌ ڏاڍي عزت ۽ وقار سان ڏٺو ويندو هو. هر هڪ سندس حڪم جي تعميل ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندو هو.
پاڻ موجوده ماحول کان ڏاڍو مغموم رهندو هو. ڪيس هر وقت ملڪي حالتن جي ابتر هئڻ جو اونو هوندو هو. سک ۽ سلامتيءَ سان محنت ڪرڻ لاءِ سوچيندڙ حساس ماڻهو جڏهن هر هنڌ گوڙ ۽ گهمسان ڏسندو يا ٻڌندو هو، تہ تڙپي اٿندو هو. مطلب تہ اهڙا اَڏول انسان ورلي ملندا آهن، جيڪي سوين سالن کان پوءِ سنڌ جي سينڌ سنوارڻ لاءِ گمنام خدمت ڪندا آهن. پاڻ پنهنجو وارو وڄائي ويو. خدا کين ابدي آرام ڏئي ۽ پونيرن کي صبر جميل عطا ڪري! آمين!!

# هڪ عظيم انسان

سچڻ ڏٺو جن، تہ ڳچيءَ سر ڳچ ڪيو،
پيون ڪوہ پڇهن، قدر ڪيميا ان جو.

(شاهہ)

اسان جي سنڌ سونهاريءَ جي سون ورنيءَ ڌرتيءَ تي ڪيئي مرد مجاهد آيا ۽ ڪيئي وارو وڃائي ويا. ڪيترائي لعل گوهر اسان ڏٺا ڪونہ. پر، تواريخ انهن لاءِ شاهد آهي، تہ انهن جي زندگيءَ جو هڪ هڪ لمحو اسان لاءِ مشعل راهہ آهي. ڪيترن ئي لڪل هيرن جي باري ۾ پنهنجن وڏڙن جي واتان ٻُڌو آهي. انهن جي زندگيءَ ۾ ڪيل سندن عملي خواهہ سماجي خدمات جو اندازو لڳائي نہ ٿو سگهجي. انهن پاڻ کي اهڙو تہ ڇپايو ۽ گمنام رکيو، جو اسان جي موٽيل ٽهيءَ کي بہ خبر نہ آهي. حالانڪ زنده قومن لاءِ پنهنجي پيشروئن جي ڄاڻ اشد ضروري آهي، تہ جيئن هُو پنهنجي زندگيءَ لاءِ بزرگن جي آدرش کي اڳيتي کڻي هلن. اهو اسان تي فرض عائد ٿئي ٿو تہ اهڙن عظيم انسانن جي زندگيءَ جي باري ۾ جيڪا ڄاڻ هجي، اُها ٻين تائين پهچائجي، تہ ايندڙ نسلن کي پنهنجي عملي زندگيءَ کي سنوارڻ جو موقعو ملي.

علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جي هڪ جهلڪ نصيب ٿي. ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب سان آخري ايامن ۾ رڳو هڪ ملاقات ٿي. ميرزا قليچ بيگ صاحب کي ڪتابن ۾ پڙهيوسين. حسن علي عبدالرحمان صاحب کان تمام گهڻو وقت طالب عمليءَ واري دؤر ۾ فيض ورتوسين. سائين حسام الدين راشدي صاحب سان مختصر ۽ پرپور ملاقاتون ٿيون. سائين علي محمد راشدي صاحب سان ٻہ ٽي ملاقاتون ٿيون. مطلب تہ اهي اهڙا نالا آهن، جن جو هڪ هڪ گفتو اسان لاءِ درس هئو، هڪ هڪ اشارو هدايت هئي. سندن اٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ مان ڪجهہ نہ ڪجهہ حاصل ٿيندو هئو. انهن مان هر هڪ پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي املهہ ماڻڪ موتي هئو. اڄ ان ساڳيءَ صف ۾ ڊاڪٽر افغان صاحب بہ وڃي شامل ٿيو آهي. هونئن بہ اسان ايڏا بزدل ۽ بي همت آهيون، جو پنهنجي وڏڙن جي وڃڻ کان پوءِ ئي انهن جو قدر ڪندا آهيون. انهن جي زندگيءَ ۾ اها همت نہ ٿيندي آهي، تہ انهن متعلق ڪجهہ روبرو عالمِ آشڪار چئون ۽ لکئون، تہ جيئن هُو پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي متعلق حق ۽ سچ جا ٻہ ٻول ٻڌي، تعريف تي پاڻ خوش ٿين ۽ تنقيد تي وري ترديد ڪن. پر، اهڙا ماڻهو بي نياز هوندا آهن. انهن کي ڪنهن جي لکڻ يا چوڻ جي ڪڏهن بہ ضرورت محسوس نہ ٿيندي آهي. هُو تہ هڪ مشن کڻي ايندا آهن ۽ زندگيءَ پر پنهنجي اصولن تي هلي، خاموش هليا ويندا آهن.

ڊاڪٽر افغان صاحب انهن مڙني موچارن ماڻهن وانگر هڪ عظيم انسان هئو، جنهن سڄي زندگي مسلسل جدوجهد ڪئي. پاڻ پنهنجيءَ ڌُن ۾ تن، من ۽ ڌن قربان ڪري، ٻين لاءِ زنده رهيو. ڊاڪٽر افغان صاحب "قاضي واهڻ" نزد لکي غلام شاهہ، ضلع شڪارپور ۾ سنڌي استاد قادر داد خان افغان جي گهر ۾ جنم ورتو. اعليٰ تعليم، سول انجنيئرنگ ۾ پي ايچ. ڊي. جي ڊگري حاصل ڪيائين. ڪيترائي سال لنڊن ۽ بغداد ۾ وڏا عهدا ماڻيائين، پر سندس حقيقي علمي

سطح سنڌ يونيورسٽيءَ جي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ 1965ع کان پروفيسر جي حيثيت سان سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ ڪجهه ڪرڻ جي ابتدا سان ٿي.

سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جي باني پرنسپال، حاجي محمد سليمان لاڙڪ صاحب جو پاڻهن ٻيلي ٿي ڪم سان لڳي ويو. شروعات ۾ حاجي محمود ميمڻ صاحب، ايس.ايم. قريشي صاحب ۽ اي. ايف. عباسي صاحب جهڙا ماڻهو ساڻس گڏ هئا. پر سندس پروگرام سان ٿيئي نوجوان ساٿي اعليٰ تعليم لاءِ ٻاهرين ملڪن ڏانهن هليا ويا ۽ جلد ئي لاڙڪ صاحب جي رٽائرمينٽ کان پوءِ پرنسپال جو اهم عهدو ڪيس سنڀالڻو پيو. اڪيلي سر ڪاليج جي نئين اڏاوت، هر سال نون ۽ نوجوان استادن کي پرتي ڪري ٻئي سال اعليٰ تعليم لاءِ ٻاهر موڪلڻ، سال بسال شاگردن جي داخلائن وقت سندس ئي ڪاوشن سان يونيورسٽيءَ ۽ گورنمينٽ جي پاس ڪيل ڪوٽا سسٽم تي صحيح نموني ۾ عمل ڪرڻ، تعليم جي معيار کي قائم رکڻ، نئين اُسرندڙ ٽيڪنيڪل ڪاليج کي اُن معيار تي پهچائڻ لاءِ ڪيس ڇا ڇا نه ڪرڻو پيو. ڪوٽا سسٽم جي ڪري ٻهراڙين مان آيل نسبتاً گهٽ معيار ۽ مالي طرح غريب ۽ بي پهچ شاگردن لاءِ هر طرح جي امداد جو خاطر خواه بندوبست ڪرڻ به سندس ذاتي ڪاوشن ۾ شامل هو.

1966ع کان 1970ع تائين لڳاتار 4 سال جُنون جي حد تائين اٽل اصولن تي عمل پيرا رهي، بي پرواهه ٿي ڪم ڪندو رهيو. ان سڄي ساري وقت ۾ داخلائن جي معاملي ۾ سندس سخت رويي ڪنهن به ماڻهوءَ سان ڪا رعايت نه ڪرڻ، خاص طرح سان ملڪ جي ڪرتا ڌرتا آقائن جي اشارن کي ٺڏڻ، سنڌ جي سدائين ورسايل وڏ گهرائڻ جي پرواهه نه ڪرڻ، ڪنهن به قسم جي لچڪ پيدا نه ڪرڻ، آفيسرن ۽ عملدارن سان بنهه رُکو پيش اچڻ ڪري، سنڌ جي غريب ماروئڙن جون دعائون ڪيس وڌيڪ بي پرواهه ۽ بي فڪر بنائينديون رهيون. تان جو سندس ساٿ ڏيڻ، دوستي رکڻ يا سازش کان بچائڻ وارو هڪ به نه رهيو ۽ سڄي دنيا جي تواريخ جو رڪارڊ قائم ڪرڻ لاءِ اعليٰ اداري جي پرنسپال جي پرواهه نه ڪندي، ڪيس ڪُوڙي ڪيس جي ڳجهي رپورٽ تحت عين اُن وقت جيل اماڻيو ويو، جنهن ڏينهن سنڌ مٿان ون يونٽ جي لعنت جو طوق لاٿو ويو.

اهو ڊاڪٽر افغان صاحب جي زندگيءَ جو عجيب لمحو هيو، جڏهن اهڙي شينهن کي مارشل لا حڪومت آڏو پيش ڪري، حيدرآباد سينٽرل جيل اُماڻيو ويو. ان ڏينهن جيل وارن نئون نعرو ايجاد ڪري ”سنڌ جي جان ـ ڊاڪٽر افغان“ سان سندس استقبال ڪيو. سڄي سنڌ اُٿلي پئي. شاگرد، استاد ۽ والدين سراپا احتجاج بنجي ويا. بڪ هڙتالون شروع ٿيون، جيل شاگردن سان پرجندا رهيا، يونيورسٽيءَ جي استادن استعيفائون ڏنيون. هڪدم ڪيس معافي نامي لکي ڏيڻ جو شرط وجهي، رها ڪرڻ لاءِ چيو ويو. پر ڊاڪٽر افغان صاحب جي لغت ۾ سرينڊر ۽ ڪمپرومائيز جا لفظ ئي لکيل ڪونه هئا.سنڌ جي سڄڻن هر طرح ڊاڪٽر صاحب جي آزاديءَ لاءِ جتن ڪيا. آخر ٽن مهينن جي جدوجهد کان پوءِ بنا ڪنهن شرط جي، ڪيس باعزت بري ڪري، واپس ڪاليج جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو.

بعد ۾ پاڻ ڪاليج کي مزيد ترقي ڏيارڻ لاءِ شاگردن جي تعليمي معيار کي وڌ کان وڌ سٺي ڪرڻ جي مشن سان لڳي ويو. پيا ٿي سال ڏينهن رات ڪم ڪندو رهيو. سندس دوست وڏيون ڊگريون وٺي واپس ايندا رهيا. ڪاليج پنهنجي اوج کي رسندو رهيو. پوري ملڪ ۾ تعليمي معيار جي پستيءَ هن اداري کي به پنهنجي وڪڙ ۾ آندو. شاگرد ڏينهون ڏينهن پڙهائيءَ کان مُنهن موڙيندا ويا ۽ ناجائز مطالبا ڪري امتحانن جي نتيجن ۾ بيجا رعايتون گهرندا رهيا. اهو وقت ڊاڪٽر صاحب جي وڏي آزمائش جو دؤر هئو. پاڻ ڪنهن به قيمت تي تعليمي معيار جي گهٽتائيءَ لاءِ تيار نه هئو ۽ سندس اٽل فيصلو معيار قائم رکڻ هئو. پر شاگرد ڳجهن هٿن جي اشارن تي ڪيڏندا رهيا. سازشي ماڻهو وقت جو فائدو وٺي شاگردن ۽ ڊاڪٽر افغان صاحب جي وچ ۾ خلا پيدا ڪندا رهيا. ان ڪري ماحول بگڙجندو رهيو. تان جو آخري وار ڪري ڊاڪٽر افغان صاحب جي هڪ پراڻي استعيفيٰ کي استعمال ڪري کيس ڪاليج کان عليحده ڪيو ويو.

اهو وقت به عجيب هئو جو ڊاڪٽر افغان صاحب جي استعيفيٰ منظور ٿي وڃي ۽ ڪو به شاگرد احتجاج نه ڪري. وقت جي وير اهڙو ته پاسو پَلٽيو جو ڪا به اخبار ڊاڪٽر افغان صاحب جي حق ۾ هڪ اکر ڇاپڻ لاءِ تيار نه هجي ۽ ڪو به حڪومتي ڪارندو سندس ڳالهه نه ٻڌي! اهڙيءَ طرح هڪ وڏي سوچيل سمجهيل منصوبي تحت عمل ڪندي ڊاڪٽر صاحب کي پنهنجي ڪاليج کي وڌيڪ خدمت ڪرڻ کان وانجهو رکيو ويو. حالانڪ هيءُ اهو وقت هئو جڏهن سندس ذهني ڪاوش ۽ محنت سان مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ٺهي چڪي هئي ۽ سندس ابتدائي مرحلي لاءِ نواب شاهه جي زرخيز زمين چونڊي وئي هئي. جتي پروگرام موجب ڊاڪٽر صاحب جو خيال هو ته ان يونيورسٽيءَ ۾ هڪ جداگانه پرائمري ليول کان وٺي انٽر سائنس تائين هڪ پيو مثالي ادارو قائم ڪيو وڃي جيئن سُٺا ۽ هوشيار شاگرد تيار ڪري بهترين انجنيئر پيدا ڪيا وڃن.

ڪاليج ڇڏڻ کان پوءِ ڪافي وقت گهر ويهڻ بعد اسلام آباد ۾ او. ايس. ڊي. ٿيو. پوءِ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي شعبي ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري ٿيو ۽ وري سٽت ئي گهر پيڙو ٿيو. سندس خدمتون سنڌ حڪومت جي حوالي ٿيون. پر کيس ڪيترو ئي وقت آسري ۾ گهر ويهاريو ويو. وري حڪومت ڦيرو ڪاڌو. پاڻ سروس ٽريبونل جو ميمبر ٿيو. اتي به جٽاءُ ڪري نه سگهيو. هڪ دفعو وري به ٻه سال ٻي نوڪريءَ جي آسري ۾ رهيو. تان جو کيس زبردستيءَ رٽائر ڪيو ويو. ان فيصلي جي خلاف اپيل دائر ڪيائين. غالباً اها اجان تائين فيصلي جي منتظر آهي. پر پاڻ بي پرواهه ٿي اکيون پُوٽي هليو ويو. اهو مختصر مگر جامع قصو سندس زندگيءَ جي چوٿين حصي برابر يعني: 16–17 سالن جو آهي. ڏٺو وڃي ته شاهه سائين چواڻي:

"سِرجيس ته سور ساماٽيس ته سُکَ ويا."

مطلب ته سنڌ جي سک ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج آيو سانگين لاءِ سهولتون پيدا ڪرڻ. غريب ۽ بي پهچ خاندانن جون قسمتون بدلائڻ لاءِ جيڪو وقت ڪاليج ۾ رهيو ته کيس هڪ پل به سک سان ويهڻ نه ڏنو ويو. رات ڏينهن ڪم کان علاوه نئين سج نئون

حڪم. پر، هيءُ اڏول انسان جامد رهيو. ڪابہ پرواهہ نہ ڪيائين. تان جو جيل ويو ۽ ڪاليج ڪان بہ هليو ويو. پوءِ وارو سچو دؤر ڪيس ڪابہ سياسي حمايت نہ هجڻ ڪري، سندس حق ۽ سچ واري اٽانگهي واٽ، انوکي روش، تڪليفون، ذهني ايذاءُ ۽ مالي پريشانيون ڏينديون رهيون. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن جوانَ همدردي خاطر ڊاڪٽر صاحب تي ٿورو ڪندي ڪيس نوڪري وٺرائي تہ ڏني، پر موٽ ۾ ڊاڪٽر صاحب واري ساڳي اصول پرستي ڪيس نوڪريءَ تان هٽ ڏورائي ڇڏيندي هئي. اهي عارضي مسيحا سندس مخالف ٿي بيهندا هئا. وري ڪڏهن ڪڏهن مصلحتاً پيهر نوڪري ملندي هئي، تہ حاڪم ڪيس استعمال جو پرزو سمجهي، مَٽائڻ جي ڪوشش ۾ رهندا هئا.

ڊاڪٽر افغان هڪ عجيب انسان هو. اُن سڄي ساري اٿل پٿل واري دؤر ۾ پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن جي پرواهہ نہ ڪيائين. هميشہ پنهنجيءَ ڌُن ۾ مگن. جڏهن بہ ڏسبو هو، تہ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ سوچيندو رهندو هو. جتي بہ هوندو هو، پڳت ڪنور رام جو ٽولو ساڻ. سکر هجي يا سنڌ سيڪريٽريٽ، اسلام آباد هجي يا واپڊا آفيس لاهور. پڙهيل چوڪرا سندس ڪَڏَ لڳل هوندا هئا. وٺندو آفيسون گهمندو، سفارشون ڪندو، ايلاز ڪندو. ڪڏهن ڪڏهن آفيسرن سان وڙهي بہ پوندو هو، پر ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري ايندو هو. جنهن کي ڏسو، تہ صبح جو سوير ڊاڪٽر افغان صاحب وٽ. نہ چاڻ، نہ سڃاڻ، پهچندو اسلام آباد. پوءِ سائين افغان صاحب پاڻ پيو چانهيون پياريندو ۽ سامان ڍوئيندو.

آخري دم تائين سندس اهو مشغلو رهيو. وٺندو پين جا ڪم ڪندو. سڄي جهان جو درد سندس دل ۾. نوٽ بوڪ ڪنيو، ٽيليفون گهمائيندو رهندو هو ۽ سفارشي خط لکي ڏيندو هو. مان سمجهان ٿو تہ اهو سندس زندگيءَ جو اهم مشن رهيو، تہ ٻئي ڪنهن جي ڪم اچجي. سُئيون سُئيون نوڪريون بہ اهڙن شاگردن کي مليون، جن کي ڪڏهن ڊاڪٽر صاحب اڳ ڏٺو بہ ڪونہ هو. وٽس جيڪو ويو ، سو اگهاڻو. پاڻ علم ۽ دانش جو ڀنڊار هو. سندس ذهن فڪر سان ڀريل، دل جو سخي، ننڍي وڏي لاءِ هدايتن جا خزانا کليل. هر هڪ مسئلي لاءِ، وٽس منطقي دليلن سان حل موجود هوندو هو. خودداري ۽ ايمانداري، محنت ۽ جدوجهد مسلسل سندس زندگي جو محور هوندو هو. ڏيک ويک کان بلڪل اُتم. هميشہ پنهنجي پيٽ پاڻ کان گهٽ وارن سان ڪندو هو. پنهنجي اصول سان، مڙسيءَ ۽ مردانگيءَ سان هر تڪليف ۽ ذاتي نقصان ۾ بہ ڪيس پنهنجي فتح نظر ايندي هئي. ٻين جو مستقبل سنوارڻ لاءِ هميشہ سر گردان رهندو هو. پنهنجن شاگردن کي سٺن عهدن تي خوشحال ڏسي، پيو خوش ٿيندو هو. وڏڙن جي خدمت ڪرڻ جي پيو تلقين ڪندو هو.

ڊاڪٽر افغان صاحب هڪ عظيم ۽ مڪمل انسان هئو، جنهن جي زندگيءَ جو هڪ هڪ پل آدرش رهيو. اميد اٿم تہ جيئن جيئن وقت گذرندو، تيئن تيئن هن گمنام سپاهيءَ جي ڪيل خدمات جو برملا اظهار ٿيندو، جيڪو اڄ جي دؤر لاءِ سيني لاءِ مشعلِ راهہ بڻبو.

# موج پريو مهراڻ

وقت جا عظيم انسان، پنهنجي پنهنجي وقت ۽ دؤر ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي حقن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ ان دؤر جا مسيحا بڻجي، پنهنجو وارو وڄائي ويندا آهن. زنده قومون اهڙن مانجهي مڙسن کي ياد ڪري، ماضيءَ جا ورق اٿلائي، آئينده جو اونو رکي، پنهنجي حال کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ ڪوشان رهنديون آهن. هر دؤر ۾ ڪي ڪي انسان پنهنجو پاڻ کي پين لاءِ وقف ڪري، امر بنجي ويندا آهن.

ڊاڪٽر افغان 1966ع کان 1991ع واري دؤر ۾ پنهنجي مادرِ وطن جي رهواسين جي خدمت لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي، نہ صرف تعليمي ميدان ۾، پر خدمت جي حوالي سان شمس العلماءُ ميرزا قليچ بيگ، علامہ آءِ. آءِ. قاضي، ڊاڪٽر عمر بن محمّد دائود پوٽي جهڙا هيرا سنڌ جي تعليمي ميدان ۾ انقلابي خدمات سر انجام ڏيندي، سنڌي قوم کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪرڻ لاءِ عالم فاضل ۽ چاتو ماڻهو پيدا ڪري، علم جي روشني ڦهلائڻ ۽ سنڌ جي سينڌ سنوارڻ لاءِ ميدان هموار ڪيو. انهن جي نقشِ قدم تي هلندي، ساڳئي ميدان ۾ اڳتي قدم وڌائڻ لاءِ حسن علي عبدالرحمان، سيد غلام مصطفيٰ شاهہ، غلام رضا پٺو ۽ حاجي محمد سليمان لاڙڪ صاحب بہ نہ صرف تعليمي ميدان ۾ اڳواڻ بنجي رهنمائي ڪئي، پر وقت جي تقاضائن کي پورو ڪندي، سائنس ۽ انجنيئرنگ جي اعليٰ تعليم لاءِ بهتريءَ جو سوچيندي، پنهنجي ساٿين کي موقعو فراهم ڪيو. ان وقت جي مسيحا، ڊاڪٽر افغان صاحب سيني سان ملي، ڀرپور انداز ۾ جنگ جوٽي. پنهنجي غريب ماروئڙن کي اڳتي وڌڻ لاءِ پنهنجي زرين خيالن کي عملي شڪل ڏيئي، سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جهڙي اداري جو پختو بنياد وجهي، پنهنجي خون سان آبياري ڪندي، اڄ جي ٻن عظيم ۽ اعليٰ يونيورسٽين ـ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي، ڄام شوري ۽ قائدِ عوام انجنيئرنگ يونيورسٽي، نواب شاهہ جهڙن ادارن جو بنياد رکيو.

ڊاڪٽر افغان صاحب پنهنجي جنوني طبعيت باعث، رات ڏينهن جي مسلسل جدوجهد ۽ عملي جاکوڙ ذريعي سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۽ گهر گهر اعليٰ انجنيئرنگ جي تعليمي گهنٽي وڄائي، مدرسن جي طالب علمن کي سائنس جي تعليم ڏانهن راغب ڪري، جديد تعليمي ماحول کي سهل ۽ سستو بنائي، هر هڪ کي موقعو فراهم ڪيو. اڄ جي دؤر جا ڪامياب انجنيئر نہ صرف سنڌ جي سيني ادارن جا اعليٰ آفيسر آهن، پر هُو ملڪ توڙي ملڪ کان ٻاهر پنهنجي ذهانت ذريعي خدمت سرانجام ڏئي رهيا آهن.

وقت جا قدر بدلجي ويا آهن. معاشي بدحاليءَ طفيل تعليمي ادارن ۾ تعليمي ماحول جي بگاڙ بي راهہ روي، سياسي مداخلت، نوڪرين جي نہ ملڻ، تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ بہ مستقبل ۾ ڪا تبديلي نہ اچڻ واري مُنجهيل ماحول سنڌ جي وايو منڊل کي ويڳاڻو بنائي ڇڏيو آهي. موجوده ماحولُ هر طرح، هر ميدان ۾، نت نئين انداز سان سيني کان ڏکي ۽ مشڪل جدوجهد ۽

مسئلن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ وڏيڪ قرباني گهري رهيو آهي. ڊاڪٽر افغان صاحب جي مشن کي ادارن جي حوالي سان مضبوط ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر ايس. ايم. قريشي صاحب جي جاکوڙ کي بہ سلام آهي، جيڪو اڄ بہ پنهنجي ساڳئي انداز سان رهنمائي ڪندو رهي ٿو.

ڊاڪٽر افغان صاحب ان شروعاتي (1966ع) دؤر ۾ هڪ نئين ۽ ننڍڙي انجنيئرنگ ڪاليج جو بنياد رکي، تعليمي اداري جي اڏاوت، پڙهائيءَ لاءِ سٺن استادن جي ٽيم ٺاهڻ، سينيئر استادن کي وڌ ۾ وڌ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ملڪ کان ٻاهر موڪلڻ جو بندوبست ڪرڻ ۽ انهن استادن جي غير موجودگيءَ ۾ انهن جي ٻارن جو خيال رکڻ تائين ڀرپور ذميواري نڀائي. پنهنجي دؤر ۾ شاگردن کي ڪوٽا سسٽم ذريعي غريب ۽ ٻي پهچ هاري ناريءَ جي ٻارن کي داخلا ملڻ کان پوءِ انهن جي رهائش، ڪاڌ و خوراڪ، پڙهائيءَ لاءِ قيمتي ۽ مهانگن ڪتابن جي نعم البدل ذريعي سستا ڪتاب ڇپرائي مدد ڪرڻ ـ مطلب تہ ڊاڪٽر افغان صاحب پنهنجي ڏنل خواب کي ساڀيان ڪرڻ لاءِ هڪ غريب هاريءَ جي پٽ کي ڀهراڙيءَ جي جهنگ مان ڪٽي ڇام شوري جي سرزمين تي چار يا پنج سال بنا خرچ ۽ تڪليف جي انجنيئر بنائڻ ۾ ذاتي طرح هر هڪ شاگرد کي اولاد وانگر پاليو. ڊاڪٽر افغان صاحب سالن جا سال ان مشن سان اهڙو تہ رُڌل رهيو، جو هُو پنهنجيءَ ذات لاءِ ڪجهہ بہ سوچي نہ سگهيو. سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جي اداري کي 1966ع کان 1973ع تائين ست سال ڀرپور ڪوشش ڪري، هڪ اعليٰ ۽ مثالي ادارو بڻايائين. سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگردن کي دنيا جي سيني اعليٰ يونيورسٽين ۾ پي ايچ.ڊي ڪرڻ جو موقعو مليو. اڄ اُهي ڊاڪٽر (انجنيئر) اسان جي مڙني ادارن جا سربراهہ آهن.

اسان جو پراڻو ننڍڙو انجنيئرنگ ڪاليج ترقيءَ جون منزلون طيءِ ڪري، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي صورت ۾ وڌ ۾ وڌ ٽيڪنالاجيز پڙهائي رهي آهي. ان يونيورسٽيءَ جو مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج نواب شاهہ بہ اڄ پاڻ هڪ جدا قائدِ عوام انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جي نالي سان هڪ عظيم ادارو آهي.

ڊاڪٽر افغان صاحب جي ڪيل خدمات ۽ سندس خواب جي تعبير لاءِ اڄ جي دؤر ۾ انهن ادارن سان وابستہ سيني ڪم ڪندڙ ڪارندن، تعليمي سربراهن، اعليٰ تعليم يافتہ استادن، آفيسرن ۽ هيٺين ملازم کان علاوه، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آيل شاگردن ۽ شاگردياڻين کي پنهنجي اداري، پنهنجي مستقبل ۽ پنهنجو پاڻ سان سچو رهي، پنهنجي ملڪ، مادرِ وطن ۽ سچي ماحول کي مثبت بنائڻ ۾، اڄ جي تڪليف ده دؤر جي ڏکين معاشي مسئلن ۽ بگڙيل ماحول کي سُڌاري ۽ سَنواري، پنهنجي مستقبل جي راهہ هموار ڪرڻي آهي. ادارن کي صاف ۽ سٿرو بڻائي، سٺو ماحول مهيا ڪرڻو آهي. ڳاٽي ڀڳل مهانگائيءَ کي مُنهن ڏيڻ لاءِ مناسب فيون مقرر ڪرڻ ۽ موٽ ۾ شاگردن جو سٺو پڙهڻ ماحول کي معطر بڻائي سگهي ٿو.

حاڪمِ وقت تعليمي ماحول کي اوليت ڏئي، بگاڙ کان پاسو ڪري، نوجوانن جي مستقبل جو اونو رکي. انهن لاءِ هڪ خاص سوچ ويچار ذريعي نوڪرين جي بندوبست ڪرڻ لاءِ ڪوشش وٺي سگهي ٿي. اسان سيني کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ ڊاڪٽر افغان صاحب هڪ دردِ دل

رکندڙ مسيحا هئو، جيڪو پنهنجي شاگردن کي اولاد وانگر پائيندو هئو. پڙهائيءَ کان پوءِ نوڪري وٺي ڏيڻ لاءِ بہ ڪوشان رهندو هئو. يونيورسٽيءَ جي نوڪريءَ کان پوءِ بہ 1976ع کان 1991ع تائين جيستائين زنده رهيو، خدمتِ خلق ڪندو رهيو. پنهنجو درد سيني ۾ رکي، پنهنجي تڪليفن کي پاڻ تائين محدود رکيائين ۽ آخري دم تائين ٻين لاءِ مددگار ثابت ٿيو.
اڄ سائين افغان صاحب جي ورسيءَ جي موقعي تي سندس مشن جي ياد تازي ڪندي، سنڌ ۽ سنڌين جي هڪ ٻئي سان مدد ڪرڻ لاءِ هر هڪ فيلڊ ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻي آهي. وقت جي نين تقاضائن مطابق پاڻ کي مُنظم بنائي، ڏکين ۽ مشڪل مرحلن سان مڙسان مڙس ٿي مقابلو ڪري ميدان مارڻو آهي، تہ جيئن اسان پنهنجي سرزمينِ سنڌ جا سرويچ بنجي، سيني لاءِ سڌي راهہ تلاش ڪري سگهون. اڄ جي حوالي سان پنهنجي زندگيءَ جي ڪٺن مرحلن کي حل ڪرڻ جي تلاش جاري رکندي، محنت سان منزل طرف هڪڙو بہ قدم ڪاميابي لاءِ راهہ هموار ڪندو، ان ۾ ئي راهہِ نجات ۽ ڪامياب زندگي سمايل آهي. شال! ڊاڪٽر افغان صاحب جي روح کي ابدي آرام ملي ۽ اسان لاءِ دعاگو هجي!

# هڪ دفعو وري ياد آئي

اڄ پورا ٽي سال گذري چڪا آهن. پنهنجي زندگيءَ جي آئيڊيل انسان کي اکين آڏو نہ ڏسي، تصور ئي تصور ۾ گم ٿي، ساڻس ملاقات ڪري، مخاطب ٿيڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو.
هميشہ جيان هشاش بشاش، سفيد سلوار قميص ۾ ملبوس، صوفي تي ڇنگهہ ڇنگهہ تي چاڙهيون، هيٺئين چپ کي مٿين ڏندن ۾ پڪوڙيندي، گهوري نهاري ٿو. نظر پوڻ تي مُشڪي، نِرڙ ۾ گهنجُ وجهي اُٿي ٿو. منهنجا ٻئي هٿ سندس قدمن کي ڇُهن ٿا. پاڻ ٻئي ٻانهون ڦيرائي، پيار مان ڳل تي چمي ڏئي ٿو. مون سان گڏ، منهنجي ننڍڙي سڪندر کي چمي ڏئي، سندس ٻنهي ڳلن کي ٺَڪَڪي هٿي پيار ڪري ٿو. سڏ ڪري، پاڻ سان گڏ صوفي تي ويهڻ لاءِ چوي ٿو. ڪجهہ ادب ۽ احترام سان سائي صوفي جي ٻئي ڇيڙي تي ويهان ٿو. سڪندر کي سڏ ڪري، پاڻ سان گڏ واري صوفي تي ويهاري ٿو.
سڀ کان اول گهر جو حال احوال پڇي ٿو. ڳوٺ وارن جو ۽ ننڍڙن وڏن جو. پوءِ هڪدم سڪندر جي داخلا لاءِ پڇي ٿو. هڪ اهڙي مسئلي کي ڇيڙي ٿو، جنهن لاءِ مان ڇهن مهينن کان سخت اضطراب جي عالم ۾ آهيان. دراصل، پاڻ ڏکندڙ رڳ تي هٿ رکي ٿو. کيس ٻڌايان ٿو تہ: ”بابا! ڪهڙي ٿا ڳالهہ پڇو! مان تہ ٿڪجي پيو آهيان. پنهنجي حق وٺڻ لاءِ پنهنجن هٿان ڪهڙيءَ طرح خواهہ مخواهہ پريشان ڪيو ويو آهيان. پنهنجي ئي اداري ۾ ڪوبہ انصاف ڏيڻ لاءِ راضي نہ ٿو ٿئي. ويتر، هر لحاظ کان ذهني طرح پريشان ڪيو وڃي ٿو. داخلا لاءِ پنهنجي يونيورسٽيءَ ۾ ملازمن جي اولادن لاءِ رکيل سيٽن ۾ ميرٽ تي هجڻ باوجود داخلا کان محروم ڪيو ٿو وڃي. ڇون ٿا تہ منهنجي سروس ڪنفرم نہ آهي.“
پاڻ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي وڃي ٿو ۽ چوي ٿو: ”هيترن سالن کان پنهنجي اداري ۾ ڪم ڪرڻ جو اهو صِلو. مسلسل ٽي سال نوڪري ڪرڻ کان پوءِ، ڪو بہ مائيءَ جو لال توهان کي ڪنفرم ٿيڻ جي حق کان محروم نہ ٿو ڪري سگهي. بابا! اوهان هڪدم چانسلر کي اپيل ڪيو.“
چيم: ”ڪئي اٿم.“
”ڇو، ڇا جواب مليو!؟“
ٻڌايم: ”ساڳي ذهني پيڙا ڏيڍ سال کان جاري آهي، جڏهن گذريل سال نياڻيءَ کي داخلا ڪونہ ملي. جيتوڻيڪ اڳ ۾ بہ نياڻيون پڙهي رهيون آهن ۽ ساڳيءَ طرح داخلا ملي آهي. پر، نوان حاڪم نہ ٿا مڃن. ڇون ٿا تہ اڳيان صاحب غلطيون ڪري ويا آهن، اسان ساڳئي غلطي نہ ورجائينداسين. مطلب تہ، ڪوبہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهي. نہ وري بار بار جي اپيلن تي ڪو ڌيان ٿا ڏين. رڳو قلم جي زور تي يڪطرفو فيصلو ٿا ڪن. وري بہ پلو ٿئي ڪورٽن جو، جتان انصاف جي توقع آهي.“
کين دلجاءِ ڏيندي ٻُڌايان ٿو تہ ڪورٽ ۾ معاملو آهي، ضرور انصاف پلئہ پوندو. ڪجهہ مطمئن ٿين ٿا. پوءِ، سڪندر کي مخاطب ٿي چون ٿا: ”بابلا! گهبراءِ نہ، سڀ ٺيڪ ٿيندي! توکي داخلا ضرور ملندي. پر، محنت ڪجانءِ، سٺو پڙهجانءِ.“

سڪندر قدري مايوس، مُنجهيل ۽ خاموش. سائينءَ کي حسرت جي نگاهن سان ڏسندو رهي ٿو.
ڊاڪٽر صاحب هڪ دفعو وري مشڪندي، ڪيس پيار ڪندي، دلداري ٿو ڏئي!!
سڪندر پنهنجي ماٺ کي ٽوڙي، سائينءَ جي ملئل پيار تي ڳالهائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ۽ پنهنجي اندر جو اڀڙاڪ ڪڍي، شڪايت ڪندي چوي ٿو ته:
”سائين! اڄ ڪلهه ڏيڍ لک ۾ داخلا ملي ٿي. منهنجي بابا سڄي زندگيءَ ۾ ڏيڍ لک گڏ ڪونه ڪيو، جو اڄ داخلا لاءِ ايلاز ۽ منٿون ڪندو ٿو وتي.“
ڊاڪٽر صاحب جن موقعي جي نزاڪت کي سمجهندي، هڪدم ڪيس سمجهاڻي ڏئي ٿو ته:
”بابا! ايمانداريءَ سان نوڪري ڪرڻ وارن وٽ ڪڏهن به پئسا نه هوندا آهن. انهن وٽ عزت ۽ شهرت هوندي آهي. تنهنجي بابا وٽ ڇا نه آهي؟ پيو ته ٺهيو، تنهنجي پيار ۾ تنهنجي نالي واري ’سڪندر آرٽ گئلري‘ آهي. ايڏي وڏي ملڪيت ڪنهن وٽ ڪونهي. تولاءِ داخلا ضرور وٺنداسين. حق لاءِ لڙبو آهي. تنهنجو حق آهي، توکي ضرور ملندو. گهبراءِ نه. اِهي ادارا اسان جا آهن. انهن ادارن جا اعليٰ عملدار اڇا وڃا آهن. اوهان الله تي رکو، سڀ سٺائي ٿي ويندي.“
ڊاڪٽر صاحب جذباتي گفتگوءَ کان موضوع بدلائي، ڪاليج ۽ مهراڻ يونيورسٽيءَ متعلق پڇي ٿو. ڪافي سالن کان يونيورسٽيءَ جي خراب مالي حالت تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته: ”اسان سڀ قومي جذبي سان همت ڪري، پنهنجن ادارن لاءِ مالي معاونت وٺي، پنهنجن ادارن کي وڌائي ۽ ويجهائي سگهون ٿا.“
پاڻ تعليمي معيار جي پستيءَ طرف ڌيان ڇڪائيندي، هڪدم ڪاوڙ جي انداز ۾ چوي ٿو: ”هاڻي ڇورن کي سمجهايو ته پڙهن. اجايو نعري بازي کي لڳا پيا آهن. بابا! هيءَ وقت محنت جو آهي. شاگردن کي محنت ڪرڻ لاءِ همٿائي، ڪين پڙهائيءَ تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ لاءِ اوهان سيني يونيورسٽيءَ جي استادن ۽ عملي کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ کپي. اوهان سيئي گڏجي رات ڏينهن ڪم ڪرڻ جي عادت وجهي، سيني شاگردن کي ڪم ۾ ريجهايو. بابا! هاڻي ته اوهان وٽ ڪروڙن جي مشينري ۽ لئبارٽريون آهن. اهي رات ڏينهن هلڻ کپن. اوهان جا شاگرد ته دنيا جي ٻين ملڪن وانگر فالتو وقت ۾ پڙهڻ کان پوءِ پنهنجي تجربي گاهن ۾ هجن. اوهان جا ورڪشاپ ته ٻين ادارن کان معاوضو وٺي مال تيار ڪن. اوهان جا استاد ته اعليٰ تعليم يافته آهن. اسان جي زماني ۾ ته ڪجهه به ڪونه هئو. استاد ٿورا ۽ گهٽ آزمودگار ۽ رڳو گريجوئيٽ انجنيئر هئا. هاڻي ته ماشاءَالله گهڻي کان گهڻا نوجوان پي ايڇ.ڊي. ڊاڪٽر آهن.“
ڪيس پنهنجو زمانو ياد ٿو اچي، ته ڪهڙيءَ طرح سڄي ڪاليج ۾ رڳو هڪ پڪ اپ هوندي هئي، جنهن تي پرنسپال به هلندو هو، اسٽاف به ايندو هو، ته شهر کان ضروري سامان به ايندو هو. اڄ ته ماشاءَ الله اوهان جي يونيورسٽي مالامال آهي. صاحبن لاءِ الاهي گاڏيون، ته شاگردن لاءِ پنهنجو بسون. شاگردن لاءِ سٺيون ۽ گهڻيون هاسٽلون، اسٽاف لاءِ ڪالونيءَ ۾ رهائش جي سهولت.
ڪجهه وقت لاءِ خاموش ٿي وڃي ٿو. اکيون بند ڪري، ڪجهه سوچيندو رهي ٿو. ٿوري خاموشيءَ کان پوءِ وري ڳالهائيندي چوي ٿو ته: ”اوهان جو ادارو منهنجي خوابن جو تعبير آهي.

مون گھڻو ڪجھ سوچيو هو. مون تہ يونيورسٽيءَ لاءِ سٺا انجنيئر پيدا ڪرڻ لاءِ خام مال بہ پنهنجو تيار ڪرڻ پئي چاهيو. منهنجي تہ دلي تمنا هئي تہ اسان جي مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جي ڪئمپس ۾ هڪ پبلڪ اسڪول جو اعليٰ ادارو پنهنجو هجي. ها! جتي سڄي سنڌ جي ٻارڙن کي شروعاتي تعليم لاءِ هڪڙي هنڌ گڏ ڪري، هڪجھڙي تعليم ڏيئي، ڪاليج مان هر سال ايترا شاگرد ڪيڍجن ها، جيڪي پنهنجي يونيورسٽيءَ جا سٺا شاگرد بنجي، سٺا انجنيئر ٿي نڪرن ها، جيڪي پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي سٺيءَ طرح خدمت ڪن ها. ڪاش! اسان جا ڏٺل سُٺا خواب پورا ٿين ها! پوءِ پل اُهي ڪٿي زندگيءَ ۾ نہ سهي، پر هن جهان ڇڏڻ کان پوءِ شرمندهِ تعبير ضرور ٿين ها!“

ڊاڪٽر صاحب جن اٿن ٿا ۽ گهر طرف وڃن ٿا. ٿوريءَ دير ۾ پاڻ چانهن جا ڪپ ڪٽي اچن ٿا ۽ اهي گڏجي پيون ٿا. ايتري ۾ کين بابا جي ياد اچي وڃي ٿي. چون ٿا: ”قاضي صاحب ڏاڍو پيارو ماڻهو هئو. خدا سندن پلو ڪيو. پلي پار وڃي آرامي ٿيا.“

اسان کي دلجوئي ڏيندي چوي ٿو تہ: ”اوهان جو بابا اوهان سيني کان ڏاڍو راضي هئو. جڏهن بہ ملندو هئو، اوهان سيني ٻارن کي ڏاڍو ياد ڪندو هو، پيار ڪندو هو. خاص ڪري، آخري ڏينهن ۾ اوهان سيني کان ڏاڍو مطمئن هو. حج تي وڃڻ وقت بہ خط لکيو هئائين. ها بابا! اهي وڏڙا هميشہ دعاگو ئي هوندا آهن. هُو اوهان جو ننڍڙو ڀاءُ نالو ڇا اٿس؟ ها! منظر. کيس ڏاڍو پيارو هئو. پڙهندو هو نہ، سيني کان ننڍو هئو.“

مون چيو: ”ها سائين! اوهان جي دعائن سان هينئر ڊاڪٽر آهي. هائوس جاب ڪيو اٿائين، ڪميشن جو امتحان بہ پاس ڪيو اٿائين.“ سائين ڏاڍو خوش ٿئي ٿو. اتي ويٺي ويٺي کين ڳالهہ ياد اچي وڃي ٿي: ”ها بابا خضر! اوهان جي ڳوٺ واري جاءِ ٺيڪ تہ آهي نہ.“

مون چيو: ”بلڪل ٺيڪ آهي. جهوني آهي، ان ڪري ٻيهر مرمت گهري ٿي.“

”توکي ياد هوندو، جڏهن تون آخري سال ۾ پڙهندو هُئين. مان اتي آيو هئس ۽ وراندي ۾ ويٺا هئاسين، تہ مٿان هڪ لئيءَ جي ڇتِ ڪري پئي هئي ۽ جاءِ بہ ڏاڍي جهوني هئي. اوهان جي بابا چيو هئو تہ ڇا ڪجي سائين! جاءِ ٺاهڻ جي همت ڪانهي. في الحال تہ اولاد کي پيا ٺاهيون. خدا ڪندو تہ جاءِ بہ ٺهي ويندي ۽ مون چيو هيو بابا! گهٻرايو نہ. اجهو خضر امتحان پاس ڪري ايندو ۽ نوڪري ڪندو، پوءِ جاءِ بہ ٺهي پوندي.“

الحمدلله! اها پراڻي ڳالهہ آهي. واقعي ٿيو بہ ائين. جڏهن ڪجھ سالن کان پوءِ مان NED ۾ ليڪچرار ٿيس تہ بئنڪ مان ٿورو قرض ڪٽي، اها ڇت ٺيڪ ڪرائي هئم. بعد ۾ وري جڏهن پاڪ سعودي ۾ انجنيئر ٿيس، تہ سڄيءَ جڳهہ جي سٺيءَ طرح مرمت ڪرائي هئم.

پاڻ ڏاڍو مطمئن نظر اچن ٿا. اجا بہ وڌيڪ مطمئن ٿين ٿا، جڏهن کين ٻڌايان ٿو تہ: ”سائين! هينئر نواب شاهہ ۾ پنهنجي لاءِ بابا جي اجازت سان چڱڙي جڳهہ ٺهرائي اٿم.“

”ها بابا! تنهنجي جڳهہ کان وڌيڪ تنهنجي گئلري جي ڏاڍي تعريف ٻڌي اٿم.“

”سائين مڙئي اوهان جي دعا آهي. اها بہ دلي تمنا هئي، جيڪا آهستي آهستي پنهنجي هٿن سان محنت ڪري ٺاهي اٿم. ان ۾ وري اوهان جهڙي هڪ ٻئي بزرگ هستي، سائين ايڇ. ايم. خوجا

صاحب جي دعائن جو وڏو عمل دخل آهي. پاڻ پنهنجي سوسائٽيءَ ۾ پلاٽ ڏنائون ۽ واعدو ورتائون تہ گئلري هٽ ٺاهيندين. شڪر آهي. آهستي آهستي پهريائين گئلري ٺاهيم. پوءِ وري ان ئي پلاٽ ۾ گهر بہ ٺهرايم مڙئي مٿي ڇانوَ آهي. اڃا پلاٽ جي رقم بہ پوري نہ ڏني اٿم. باقي جڳهہ پوري ڪرائي، اتي ٻارڙن سان رهان پيو ۽ رات ڏينهن اتي ڪم بہ ڪيان ٿو ۽ تيار ٿيل شيون گئلريءَ ۾ رکان ٿو."

"ها! دل چاهي ٿي تہ جلد اچي تنهنجي گئلري ڏسان!"

ڪاش! پاڻ اچن ها ۽ گئلري گهمن ها. ائين قسمت نہ پڙايو. اڄ سنڌن تصوير گئلري ۾ ضرور موجود آهي ۽ يقيناً سنڌن دعائون ساڻ آهن.

ان ئي لمحي هڪ ٻيو پيارو ماڻهو ڪين ياد اچي وڃي ٿو محمد ابراهيم بلوچ.

"ها بابا! ڏاڍو مٺو ماڻهو هو. جڏهن بہ هت ڪراچي ايندو هئس، سڀ کان اول ملڻ ايندو هو. اوهان سيني جا احوال ٻڌائيندو هو. ها! سنڌس ٻچا ڪيئن آهن؟ سيئي ننڍڙا ننڍڙا..."

ڪين سنڌن خيريت جو ٻڌائجي ٿو، تہ ڏاڍو مطمئن ٿين ٿا. چوي ٿو تہ: " ضرور انهن سان ملڻ هلبو...."

اهڙيءَ طرح، گهڻيون ڳالهيون ڪن ٿا. گهڻي ڀاڱي ڳالهين جو محور پنهنجن شاگردن جو، غريب ماروئڙن جو، پنهنجي ڳوٺن جي تڪليفن جو، بيروزگاريءَ جو، هر طرف کان مسئلن، ڏکن ۽ ڏولاون جو. پاڻ ناڪامين ۽ نِراسائين کي مات ڏيڻ لاءِ چون ٿا. محنت سان، ايمانداريءَ ۽ اورچائيءَ سان، هر مسئلي جو حل ٻڌائن ٿا. خاص ڪري، نئين نسل لاءِ محنت جو پيغام ڏين ٿا.

الاهي احڪامات لاءِ ٻُڌائن ٿا تہ الله تعاليٰ انسان ذات کي ان لاءِ پيدا ڪيو آهي، تہ هڪ ٻئي جي ڪم اچن، خدمتِ خلق ڪجي، ڪجهہ بہ ڪرڻ وقت رحم ۽ همدرديءَ کان ڪم وٺجي. سڀ کان افضل ۽ نيڪ ڪم ٻين جي ڪم اچڻ آهي. انهن ماڻهن لاءِ خاص طرح سان ڪين سخت نفرت ۽ حقارت هوندي هئي، جيڪي پاڻ کي سڀ ڪجهہ سمجهندي، ٻين کي حقير سمجهندا آهن ۽ ٻين لاءِ تڪليف جو باعث بڻجندا آهن.

تصور ئي تصور ۾ ڳالهيون هلنديون رهن ٿيون. هڪ ٻئي کان جدائيءَ جو تصور ختم ٿي وڃي ٿو. هميشہ جيان ڪچهري هلندي رهي ٿي.

سنڌ جي سياست تي بہ ڳالهائن ٿا. چون ٿا تہ: "هرهڪ اڳواڻ ووٽ وٺي، ايوان ۾ پهچي، پنهنجو حساب ڪتاب پورو ڪري ٿو. اليڪشن تي ڪيل خرچ جي منافعي سميت جلدئي اوڳاڙيءَ ۾ لڳي وڃي ٿو. هُو پنهنجي حلقي جي مسئلن ۽ ماڻهن جي تڪليفن سان سچو رهڻ تہ ٺهيو، پر پنهنجو پاڻ سان بہ سچو نہ ٿو رهي، تہ پوءِ ڳاڏو اڳتي ڪيئن هلندو؟ اسان پنهنجن ۽ پراون جي وچ ۾ ڀائيچاري بجاءِ نفرت جي ديوار ڪڙي ڪري، پنهنجي ئي گهر ۾ هميشہ لاءِ نفرت ۽ حقارت جو ٻج ڇٽي، ايندڙ نسلن کي بہ عذاب ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هرڪو پنهنجو پاڻ ٺاهڻ ۽ ذاتي مفاد خاطر ڪريل حرڪت ڪرڻ کان بہ نہ ٿو مڙي. ٻيو تہ ٺهيو، پر رت جي راند کيڏڻ لاءِ ٻين کي ٻاهہ ۾ اڇليندڙ اصل ڪرتا ڌرتا پري کان مزو ٿا ڏسن. خوفِ خدا ختم آهي. جيڪو ڏاڍو سو ڳابو. شرافت ۽ عزت وارو وقت ويو. هن وقت، سڀ کان وڌيڪ تخريبي ذهن رکندڙ هر سطح تي

ڪامياب وڃي ٿو. تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ نت نئين بهاني سان هرڪو پنهنجا ڪيسا ڀرڻ جي تاڙ ۾ رهي ٿو.

حساس دل رکندڙ انسانُ سواءِ افسوس جي، ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهي؟ خاص ڪري، اسان سنڌين لاءِ هر طرف ڪان اوندهه آهي. روزگار لاءِ موقعا ڪونه آهن. تعليم جي ڇاٽي واٽي تباهي ڪئي ويئي آهي. ان ڪري، صرف ڊگري وٺڻ جي ڊوڙ لڳي پئي آهي. ڪوبه نه ٿو سوچي، ته آخر اسان جو ڇا ٿيندو؟ هرهڪ پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي بي حس ۽ بي جان بُت بنيو، پنهنجيءَ ذات سان وابسته ٿي ويو آهي. جائز ۽ ناجائز جي تميز ڪونه رهي آهي. هرڪو بنا محنت جي وڏيڪ اجوري جي ڪڏ لڳو پيو آهي. اسان جو ڪوبه سچڻ ڪونهي. هرهڪ کي پنهنجي لڳي پئي آهي. ڪنهن کي به ادارن جي عظمت جو اونو ڪونهي. ڪنهن کي اهو فڪر نه آهي، ته پنهنجي ئي هٿان پنهنجي لڳايل با غ کي پيا پيليون.

خدارا! سوچيو. پنهنجي پنهنجي وت ۽ وس آهر پنهنجي ضمير کان پڇو. پنهنجو احتساب پاڻ ڪيو. پاڻ سان سچا ٿيو. هڪ انقلاب آڻيو. پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو آڻي، پنهنجي قسمت بدلايو. پنهنجا گهر سنڀاليو. پنهنجي اولاد کي ڪامياب انسان بنائڻ جي راهه ڏسيو. گهر سنواري، اوڙي پاڙي جا رکوالا بنجي، جهرجهنگ ۽ واهڻ وستين جو خير گهري، پنهنجي ڳوٺن کي سنواريو. سُٺيءَ تعليم لاءِ جستجو ڪيو. پنهنجي پرائمري اسڪولن جي پرگهور لهو. استادن جي عزت ڪري ۽ ٻارڙن جو فڪر ڪري، گڏجي اصلاح لاءِ سوچيو. اڳتي هلي، هاءِ اسڪولن ۾ وڏو ڪم ڪري، پراڻي تعليمي ڏات واپس ورائي، پنهنجي نوخيز ٻارڙن کي حقيقي ۽ صحيح تعليم جي لاءِ اپاءُ وٺو. اوهان هڪ دفعو وري پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم کي سنڀالي سهارو ڏنو، ته اوهان جا اعليٰ تعليمي ادارا ازخود سنڀالجي ويندا.

هر ميدان ۾ سزا ۽ جزا جو رواج وجهو. پنهنجن حاڪمن کان صحيح ڪم وٺي اڳتي وڌو. جتي به ناحق ۽ ناانصافي ڏسو، ان لاءِ لڙي پئو. جيستائين برائيءَ جي پاڙ نه پَٽجي، بس ڪري نه ويهو. اڳتي قدم وڌائڻ لاءِ هرهنڌ هر سطح تي مقابلو ڪري، پنهنجو پاڻ مڃايو.

تعليم جي واڌاري لاءِ هرهڪ ڪلاس ۾ رڳو پاس ۽ فيل جو رواج وجهو. جيڪو فيل ٿئي، ان کي وري امتحان ڏياري، اڳتي وڌڻ ڏيو. ته جيئن هُو پنهنجيءَ محنت سان ٻيهر امتحان ڏئي اڳتي وڌي. مڪمل سهڪار سان ڪاپيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ والدين، استادن ۽ شاگردن درميان پاڻ ۾ ذهني هم آهنگي آڻيو. پل هڪ سال لاءِ هر سطح تي امتحان نه ٿين. پر سڀ گڏجي سٺي پڙهائي ڪري، حقيقي امتحان رائج ڪيو، ته جيئن اسان معاشري لاءِ سٺا ۽ محنتي پڙهيل انسان پيدا ڪري، معاشري جي براين کي ختم ڪرڻ لاءِ راهه هموار ڪيون. هڪ دفعو اوهان ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا، ته اوهان جو مستقبل روشن آهي.“

ائين ئي تصور ڪندي، ڳالهيون ٿينديون رهيون. اکيون کليون، ته ڪاريءَ وارا ڪڪَ هئا. وري ساڳيون يادون. ها! سچڻ هڪ دفعو وري ياد آئين.

# علم جو اهڃاڻ

ڊاڪٽر افغان صاحب جو نالو اسان سنڌ واسين لاءِ ڪڏهن بہ وسارڻ جهڙو نہ آهي. سندس ڪيل خدمات کي مُلڪان مُلڪ ياد ڪيو وڃي ٿو. پاڻ پنهنجي ملڪ جي گوشي گوشي تائين انسان ذات جي خدمت جي ناتي سُڃاتو وڃي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جي ٽين ورسيءَ تي سندس زندگيءَ جي جهلڪ تي هڪ وار نظر وجهي، پنهنجي ساٿين جي ياد تازي ڪرڻ سان گڏوگڏ نوجوان نسل کي سندس پيغام کان آگاهہ ڪندي، ايندڙ نسل کي هڪ نياپو پهچائڻو آهي.

ڊاڪٽر صاحب جو جنم شڪارپور ضلعي ۾ لکي تعلقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ”قاضي واهڻ“ ۾ ان دؤر جي مشهور سنڌي استاد قادرداد خان پٺاڻ جي گهر ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم کان هوشيار ۽ هونهار شاگرد جي حيثيت ۾ انجنيئرنگ جي اعليٰ تعليم ورتي، هتي اسسٽنٽ انجنيئر ۽ انجنيئر تي رهيو، پر ماحول کيس مزو نہ ڏنو. ان بعد ڪيترائي سال لنڊن ۽ بغداد ۾ انجنيئر ۽ پروفيسر تي رهيو. 1965ع جي آخر ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿي آيو. سال کان پوءِ 1966ع جي آخر ۾ پرنسپال جي عهدي تي فائز ٿيو. 1973ع تائين هڪ مثالي استاد ۽ اعليٰ منتظم جي حيثيت ۾ ڪاليج جو مانُ مٿانهون ڪيائين. 1974ع کان 1977ع تائين سينٽرل گورنمينٽ ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو پهريائين ڊپٽي سيڪريٽري ۽ پوءِ سيڪريٽري تي رهيو. 1978ع کان 1980ع تائين سروس ٽربيونل جو ميمبر ٿي رهيو. بعد ۾ آخري سفر جي روانگي، يعني: 9 اپريل 1991ع تائين بنا روزگار رهيو.

ڊاڪٽر صاحب ڇمندي چام هئو. ابتدائي تعليم کان وٺي انجنيئرنگ جي اعليٰ تعليم يعني: ڊاڪٽريٽ تائين پنهنجي سر پاڻ پنهنجي زندگي ٺاهڻ لاءِ سخت محنت ۽ جتن ڪيائين. عملي زندگيءَ ۾ بہ ملڪ کان ٻاهر يا ملڪ اندر سخت محنت سان جفاڪشي ڪندي وقت گذاريائين. نہ صرف پنهنجي اصولن ۽ خدمت جي جذبي ڪري رات ڏينهن مصروف رهيو، پر سندس سخت گير طبيعت ڪري، ڪڏهن بہ کيس سازگار ماحول ميسر نہ ٿيو ۽ هر وقت آزمائش ۾ رهيو. هميشہ پگهار تي گذر سفر ۾ خوش رهيو. پر جڏهن وقفي وقفي سان پگهار بہ بند ٿي ويندي هئي، تہ ڏاڍو ڏکيو وقت گذرندو هو. سندن آخري وقت بنا روزگار جي وڏيءَ آزمائش وارو دؤر رهيو. آخر تائين پنهنجو گهر بہ ٺاهي نہ سگهيو. بئنڪ کان قرض وٺي، اباڻي ڳوٺ ۾ زمين کي نهرائڻ لاءِ سخت محنت ڪيائين، پر سندن اهو خواب اڌورو رهجي ويو.

ڊاڪٽر افغان صاحب جو سونهري دؤر سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جي ابتدائي دؤر سان شروع ٿئي ٿو، جتي سندس حاصل ڪيل اعليٰ تعليمي معيار ۽ مثالي انتظامي صلاحيتن ذريعي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ننڍڙي اداري کي دنيا جي اعليٰ ادارن ۾ وڏي عزت ۽ مان سان

روشناس ڪرايائين. N.E.D انجنيئرنگ ڪاليج جهڙي پراڻي اداري سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سٺا انجنيئر پيدا ڪيائين.

پاڻ پروفيسر ۽ وائيس پرنسپال جي حيثيت سان نوڪريءَ جي ابتدا ڪري، پنهنجي پرنسپال حاجي محمد سليمان لاڙڪ سان ڀاڱهن ڀيلي ٿي، سڀ کان اول تعليم ۽ تدريس طرف مڪمل توجهه سان نصاب ۽ ڪورس جي تياري، امتحان جي سرشتي، ڪتابن جي اٿاڻ، پريڪٽيڪل لاءِ ڀين ادارن جي ورڪشاپ جو سهڪار، نامڪمل عمارتن ۽ هاسٽلن جي جلد مڪمل ڪرائڻ ۾ دلچسپي ورتائين. سڀ کان اهم ڪم، يعني: داخلا پاليسي ڪوٽا سسٽم جي حوالي سان تيار ڪري ۽ ان کي پاس ڪرائي، ان تي عمل ڪرائڻ جو ڪارنامو سندس مرهونِ منت آهي.

وقت جي پابندي، هر ڪلاس ۾ پاڻ رائونڊ ڏئي پنهنجو ڪلاس وٺڻ، شاگردن تي مڪمل توجهه ڏئي انهن کي بيڪار ويهڻ بجاءِ کين هميشه ڪم ۾ رڌل رکڻ طرف خصوصي طرح سان توجهه ڏيندو هو. ايتري قدر جو ڪورس پوري ڪرڻ لاءِ شام جو وڌيڪ ڪلاس هلائڻ جو بندوبست ڪري، استادن طرفان شام جو شاگردن سان مڪمل سهڪار حاصل ڪندو هو. مطلب ته سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جي پڙهائيءَ وارو شروعاتي دؤر هڪ مثالي دؤر هو.

پاڻ شاگردن سان رويي ۾ ظاهري طرح سخت، پر مهل موقعي سان تمام همدرد ۽ هڏڏوکي هوندو هو. سندس آفيس ۾ وڃڻ ڏکيو هوندو هو. پر وڃبو ته مسئلو حل ٿي ويندو هو. هاسٽل جي انتظام ۾ خصوصي توجهه ڏيندو هو. مطلب ته ابتدائي سالن ۾ نهايت ئي خاموشيءَ سان ڪاليج جي ننڍي کان ننڍي مسئلي تي ڌيان ڏئي، اڳتي قدم وڌائيندو رهيو. 1966ع ۾ پرنسپال مقرر ٿيو. اهڙيءَ طرح انتظامي معاملات جي ڪري وڌيڪ مصروف ٿيو. ان جي باوجود هرهڪ مسئلي کي سٺي نموني سان سلجهائيندو هو.

هن ڪاليج جو هيءُ پهريون سال هئو، جو 1967ع ۾ شاگرد پهريون دفعو انجنيئر ٿي ٻاهر ميدان ۾ آيا هئا. هن ڪاليج ۾ حاصل ڪيل تعليم جي معيار جي پرک ڪُلي عام مارڪيٽ ۾ ٿيڻ لڳي ۽ پوءِ هر سال لڳاتار انجنيئر نڪرندا رهيا.

هن ڪاليج ۾ داخلا جو سچو سارو صِلو سنڌ جي واهڻن ۽ وستين جي شاگردن کي ملڻ لڳو. ان ڪري، شهرين طرفان غلط ڊوميسائيل ٺهرائڻ ڪري، ڊاڪٽر صاحب ذاتي طرح حقدارن کي حق پلئه وجهڻ لاءِ ان مسئلي کي مُنهن ڏنو.

ڪاليج اندر گهٽي تعداد ۾ غريب ۽ مستحق شاگردن لاءِ وڏ ۾ وڏ سهولت مهيا ڪرڻ لاءِ ڪورس جا ڪتاب لائبريريءَ ذريعي دستياب ڪري ۽ اسڪالرشپ ۽ فري شپ جو بندوبست ڪيائين. مطلب ته هڪ مُنظم طريقي سان نه صرف سٺي تعليم لاءِ راهه هموار ڪيائين، پر انهن شاگردن سان تعليم دوران مڪمل سهڪار ڪري، انهن جو هر طرح سان خيال رکيائين.

هڪ قدم اڃان اڳتي، گريجوئيٽ ٿي وڃڻ کان پوءِ به سندن معاون ۽ مددگار ٿي رهيو. پاڻ هرهڪ شاگرد جي روزگار لاءِ به ايترو ئي ڪوشان رهيو، جيترو پڙهائيءَ دوران. مختلف ادارن

ڏي خط لکي، انهن جي گهرج مطابق پنهنجي سفارشي خط سان انهن کي گهربل انجنيئر ڏياري موڪليندو هو. ٻاهرين ملڪن کان وڏ ۾ وڏ اسڪالرشپون حاصل ڪري، شاگرد کي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هميشه تيار رهندو هو.

پنهنجي ڪاليج ۾ نوجوان شاگردن کي ليڪچررشپ لاءِ همٿائيندو رهندو هو. خاص ڪري، اهي شاگرد جيڪي سٺا ڏبيٽر هوندا هئا ۽ انهن ۾ پڙهائڻ جون خوبيون هيون، ته انهن کي پاڻ وٽ نوڪري ڏيندو هو ۽ مهل ۽ موقعي سان انهن کي ٻاهر جي اسڪالرشپ به وٺي ڏيندو هو.

مطلب ته، ڊاڪٽر صاحب شاگردن جي پڙهائي، رهائش، معياري تعليم، يعني: مڪمل آرام سان سٺي پڙهائيءَ لاءِ رات ڏينهن سوچيندو هو ۽ مالي حالتن موجب ان تي عمل ڪندو رهندو هو. ڊاڪٽر صاحب جتي شاگردن لاءِ مڪمل باخبر رهيو. بلڪل اهڙيءَ طرح پنهنجي استادن ۽ اسٽاف لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيندو رهندو هو. وقت جي پابندي، پڙهائيءَ جي معيار، استادن جي دلچسپي ۽ اسٽاف طرفان ڊيان سان ڪم ڪرڻ تي سختيءَ سان توجهه ڏيندو هو. انهن جي پرگهور لهڻ لاءِ مهل ۽ موقعي سان سندن پگهارن ۽ ٻين سهولتن لاءِ فڪرمند رهي، ڪين وڏ ۾ سهولتون مهيا ڪندو هو.

جتي ڊاڪٽر صاحب جي همدردي، انسان دوستي، شفقت ۽ پيار سيني کي پنهنجو ڪيو، اتي سختيءَ وارو برتاءُ ڪري، انهن جي سُڌاري جو بندوبست به ڪندو هو. شاگردن کي آفيس ۾ گهرائي، هڪ هيڊ ماستر وانگر نه صرف اک ڏيکاريندو هو، پر شاگردن کي آفيس ۾ گهرائي، هڪ هيڊ ماستر وانگر انهن جو ذاتي خيال رکي، ڪين ٺيڪ ٺاڪ تنبيهه ڪندو هو ۽ ان سان گڏ ڪڌهن مار سان به سَنواريندو هو. ملازمن کي سختيءَ دوران انهن جو ذاتي خيال رکي، ڪين ٺيڪ ٺاڪ تنبيهه ڪندو هو. نوجوان استادن کي آفيس ۾ ويهاري، سندن مستقبل سنوارڻ لاءِ انهن کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ليڪچر ڏيندو هو. مطلب ته، هرهڪ مسئلي کي ذاتي دلچسپيءَ سان حل ڪندو هو.

اهو سارو سفر تمام ڏکيو ۽ ٿڪائيندڙ آهي. پاڻ هن اداري لاءِ سالن جا سال ڏينهن رات هڪ ڪري، اڻٿڪ محنت جو سلسلو جاري رکيائين. نتيجي ۾ هزارين شاگرد ميدانِ عمل ۾ اچي، ڪامياب زندگيون گذارڻ لڳا، جن سڄيءَ سنڌ ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح اداري جو مانُ ڏينهون ڏينهن وڌندو رهيو.

ان ساري مشن ۾ ڊاڪٽر صاحب مصلحتن کي بالاءِ طاق رکيو ۽ پنهنجي اصولن تحت اردگرد جي ماحول تي نظر رکي نه سگهيو. سياسي اثر رسوخ بنهه نه ٿاهيائين. ڪنهن سان به ميل ميلاپ نه رکيائين. وڏيءَ ليول جي آفيسر طبقي جو ڪوبه حلقو ٺاهي نه سگهيو. جنهن ڪري، اڳتي هلي ڪيس ذاتي تڪليفون ڏسڻيون پيون.

جيترو وقت ڪاليج ۾ رهيو، ان کي ٺاهيائين ۽ سنواريائين، ۽ ان اداري کي يونيورسٽي بنائڻ لاءِ رات ڏينهن جاکوڙ ڪيائين. پاڻ نيڪ نيتيءَ سان اڳتي وڌندو رهيو. ڏاڍيون مخالفتون ڏٺائين ۽ ذاتي دشمنيون به پرايائين. ايستائين جو سازش تحت جيل پڻ ويو. پر ڪيس ڪوبه پنهنجي اصولن کان موڙي نه سگهيو. آخرڪار هڪ سازش ڪامياب وئي، جنهن تحت ڊاڪٽر صاحب جي استعيفيٰ

منظور ڪري، ڪيس ڪاليج ڪان الڳ ڪيو ويو. اهو سڀ ڪجھ اک ڇنڀ ۾ ٿيو. ڊاڪٽر صاحب پاڻ حيران رهجي ويو. پاڻ پنهنجيءَ ڌُن جو پڪو، اصولن سان سچو، خاموشيءَ سان ڪيل نيڪين کي درياءَ داخل ڪري هليو ويو. ڪيس اجان اڳتي جو اڻانگهو سفر ڪرڻو پيو. پئي هنڌ نوڪريون ملنديون ۽ ڪسبيون رهيون. آخر اسلام آباد وڃي نڪتو. 1973ع ۾ ڪاليج ڇڏي، 1980ع تائين اعليٰ عهدن تي رهيو. جتي به ويو، پين لاءِ ڪجھ ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهندو هو. اسلام آباد ۾ سنڌين لاءِ واحد سهارو هوندو هو. وٽس هر وقت بيروزگارن جا ميڙاڪا موجود هوندا هئا. سيڪريٽريٽ ۾ ويندو هو، ته درخواستون ساڻ هونديون هئس. پنهنجي اعليٰ صلاحيت، ذاتي اثر رسوخ، شخصي رعب تاب ۽ ڪاوڙيل طبيعت جي ڪري، ڪجھ نه ڪجھ ڪري موٽندو هو. اها سندس خصوصيت هئي، جو جيستائين روزانو ڪنهن نه ڪنهن کي آرڊر وٺي نه ڏيندو هو، ته ڪيس مزو نه ايندو هو.

ڪنهن به غريب جي ڪم ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هوندو هو. ڪنهن جو به ڪم هجي ۽ پل اڳلو غير واقف ڇو نه هجي، پر وٽس ضرور لنگهي ويندو ۽ هڪ منطقي انداز ۾ سفارش ڪندو هو. اهڙيءَ طرح، سائل جو ڪم تي ويندو هو. ڪيترن ماڻهن کي ڪامل يقين هوندو هو، ته ڊاڪٽر صاحب رڳو ساڻ هلي، ڪم ضرور ٿي ويندو. جيتري اميد رکي ڪو وٽس ويندو هو، ته توقع کان وڌيڪ هُن جي ڪم ايندو هو. ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، پشاور کان ڪراچيءَ تائين واقفيت جي آڌار تي پيو سفارش ڪندو، فون ڪندو ۽ خط لکي ڏيندو هو. پلي ڪنهن جو ڪم ٿئي، ته پلو.

پنهنجي شاگردن کي سٺن عهدن تي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو هو. جڏهن به ملندو هو، ته ڏاڍي پيار سان سيني سان لائي ملندو هو ۽ مشڪندي ڌيمي آواز ۾ خبرچار وٺندو هو. خوشيءَ ۽ خيريت تي پيو ٽرندو هو ۽ پين لاءِ پيو پارتون ڪندو هو. غريبن جي پرگهور لهڻ لاءِ بار بار چوندو هو.

پاڻ جڏهن به ۽ جنهن به عهدي تي فائز رهيو، جائز ڪم ڪرڻ، حق ۽ سچ لاءِ بنا ڇوڻ جي فيصلو ڏيڻ، ڪنهن به اثر رسوخ ۾ نه اچڻ، هميشه بي خوف و خطر ڪنهن جي پرواهه نه ڪندي، پنهنجي عهدي جو پاس رکندو هو. پوءِ پل ڪٽي ڪيس ڪيڏو به نقصان ڇو نه ٿئي ۽ ٿيو به ائين. جتي به رهيو، مصلحت کان ڪم نه وٺندو هو ۽ جلد ئي ڪيس پنهنجا ٽپڙ گول ڪرڻا پوندا هئا. حقيقت ۾ اهڙا مهان انسان ڏاڍو مشڪل سان ملندا آهن، جيڪي ساري زندگي پين لاءِ وقف ڪري ڇڏيندا آهن. خاص ڪري، اڄ جي هن نفسا نفسيءَ واري دؤر ۾ ڪو ورلي اهڙو ملندو، جيڪو سچو سارو سچو هجي، جنهن جو قول ۽ فعل مثالي هجي، جنهن جو هرهڪ قدم پين لاءِ هجي. اهڙا انسان، جيڪي پنهنجي لاءِ ڪجھ نه سوچين، پنهنجي خواهشات کي ختم ڪري پين لاءِ سوچين، اهي زنده ولي آهن.

اسان تي لازم آهي ته اهڙا متا ۽ اصول اپنائي، پين لاءِ زنده رهڻ سِکون. انساني خدمت جو درس ڏئي، پين کي به انهن انسانن جي نقشِ قدم تي هلڻ لاءِ آماده ڪريون ۽ پنهنجي معاشري کي سنواري ۽ سينگاري، هڪ بهتر مستقبل جي اڏاوت ڪريون.

اڇو ته اهڙن انسانن جي زندگيءَ جو ڳوڙهو اڀياس ڪري، انهن جو ڇڏي ويل مشن اتان شروع ڪجي، جِتي هُو ڇڏي ويا آهن. اهڙيءَ طرح، انهن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جو بهترين موقعو ملي ويندو ۽ اسين پڻ پنهنجي معاشري جي بهتريءَ لاءِ ڪارآمد انسان ثابت ٿي، پنهنجي لاءِ ڪجهه آخرت جو ثمر سهيڙي سگهون ٿا.

اهڙيءَ طرح، اسان پنهنجي ۽ ايندڙ نسل جي مستقبل کي محفوظ ڪري، سُکَ ۽ سلامتيءَ جي ضمانت ڏئي سگهون ٿا، ڇو ته قوم کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ لاءِ اهڙا آدرش ئي ڪم اچي سگهن ٿا. اسين جيڪڏهن انهن ۾ ڪامياب و ڪامران ٿي وڃون، ته ڪمائي ڪري ويل انسانن جي روح کي راحت نصيب ٿيندي ۽ اهو سلسلو هلندو رهندو، جنهن ۾ بهتري ۽ بهبودي اسان جو مقدر بڻجندي ۽ انساني معراج ماڻيندي.

# وسريل نعرو

هڪ وسريل نعرو، هڪ دفعو وري ياد ڪري، اسان سنڌ واسين جي بي حسيءَ تي ماتم ڪندي، پنهنجي ديس ۽ ديس واسين لاءِ ڪجهه ڪرڻ جو سڏ ڏيئي پڪاري ٿو. هو وقت جي وير ۾ وَهي پنهنجي تعليم ۽ اولاد جي مستقبل کان بي اونو ٿيڻ تي ڏونڊاڙي، وڏي واڪ مستقبل لاءِ ڪجهه ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. سندس روح تڙپي اُٿي ٿو. هُو پنهنجي ڇڏي ويل ورثي کي ياد ڪري ٿو.

ڊاڪٽر افغان صاحب جي پنهنجي وقت ۾ سنڌ ۽ سنڌ واسين سان واعدي وفائي ڪندي، ڪيل خدمتن کان ڪير واقف ڪونهي. هڪ تعليمي ماهر، عالم، فاضل، انجنيئر جي حيثيت سان پاڻ مڃائي، سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جي ذريعي تعليمي ميدان ۾ هڪ عظيم انقلاب آڻي، سڄيءَ سنڌ جي قسمت بدلائي ٿو.

پاڻ هڪ اداري جو اڳواڻ بنجي نہ صرف اداري کي وڏايائين ۽ سڌاريائين، پر ان اداري کي ڪاليج مان يونيورسٽيءَ طرف مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جي نالي سان دنيا ۾ روشناس ڪرائڻ لاءِ ابتدائي انتظامات مڪمل ڪري، هڪ شاندار مستقبل جو بنياد رکيائين، جيڪو اڄ سوڌو وڌندو ۽ ويجهندو رهي ٿو. هڪ مان پي يونيورسٽي قائدِ عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ سائنس ائنڊ ٽيڪنالاجيءَ جي صورت ۾ اُڀري ٿو. اهو سڀ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان پنهنجي اڳواڻ جي ياد ڏياري ٿو.

سندس ڪيل خدمتن ۽ مليل مڃتا جو حساب ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوي ٿو. اهڙا مثالي انسان دنياداريءَ کان بي نياز، انسان ذات جي خدمت ڪندي، انسانيت جو معراج ماڻن ٿا. اهي دنياوي فائدن، دولت ۽ دنيوي سهوليات ۽ مالي فائدن جي پرواهہ نہ ڪندي، پنهنجي آدرشن جو خيال رکي، ڪجهہ ڪري وڃن ٿا.

ڊاڪٽر افغان صاحب پنهنجي پروگرام ۾ ڪاليج جي اعليٰ ڪارڪردگيءَ طفيل انجنيئرنگ جي تعليم سان پنهنجي وطن جي ٻچن جي خدمت ڪري، انهن جي قسمت بدلائي ڇڏي. غريب کان غريب ماڻهوءَ جي اولاد لاءِ انجنيئرنگ جي تعليم جو بندوبست ڪري، هزارين خاندانن جون قسمتون بدلائي ڇڏيائين. ملڪي معيشيت، مالي خوشحالي ۽ وطنِ عزيز جي ترقيءَ لاءِ علم جي زيور جو هٿيار استعمال ڪري، مالي بدحاليءَ جي خلاف جهاد ڪيائين. پاڻ عملي طرح، رات ڏينهن اداري جي استحڪام لاءِ ڪم ڪندو رهيو. هڪ طرف اداري جي اڏاوت لاءِ بجيٽ ۽ پئسا هٿ ڪرڻ لاءِ ويڙهاند ڪيائين، تہ ٻئي طرف ان مليل رقم جي صحيح استعمال ۽ وقت اندر اڏاوتي ڪم پورو ڪرائڻ ۾ ڪمالِ حرفت کان ڪم ورتائين. ايڏي وڏي اداري جي لاءِ مشينري ۽ لائبريريءَ لاءِ ڪتاب ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيائين. سڀ کان وڏيڪ داخلائن جي پاليسيءَ تي عمل پيرا ٿي، حقدارن لاءِ حق پلئہ وجهڻ لاءِ خود وقت ڏنائين. داخلائن ملڻ کان پوءِ شاگردن جي پڙهائي، رهائش، کاڌ خوراڪ جي انتظام لاءِ عملي قدم کنيائين. اڳتي هلي، مالي طرح شاگردن جي مشڪلات ۾ سهائتا ٿي. ان سڄي ماحول کي ڪاميابيءَ

سان هلائڻ لاءِ وقت جي آقائن سان ٽڪر ڪائڻ ۽ انهن کي من ماني ڪرڻ جو موقعو فراهم نہ ڪرڻ لاءِ انهن جو مڙس ماڻهو تي مقابلو ڪيائين ۽ پنهنجي طرفان هڪ مثالي ڪردار ادا ڪيائين.

اڄ جي دؤر ۾ سندس ڪيل خدمات کي وسارڻ ۽ وقت تي ياد نہ ڪرڻ اسان جي بي حسي آهي. حقيقت ۾ اهڙن مهان مهندارن کي پليءَ پت ياد ڪري، اسان پنهنجي لاءِ راهہ نجات تلاش ڪري، رهبري وٺي، ڪاميابي ماڻي سگهون ٿا. خاص طرح سان تعليمي اصلاحات جي حوالي سان ڊاڪٽر افغان صاحب جي پُڌايل واٽ تي هلي، اسان وڏيڪ ڪاميابيون حاصل ڪري سگهون ٿا.

ڊاڪٽر افغان صاحب جي عملي زندگيءَ کان علاوہ سندس ذاتي زندگي بہ هڪ آدرشي نمونو هئي. سندس زندگيءَ جو هڪ هڪ لمحو ڪم ۾ مصروف رهي، پين لاءِ ڪجهہ ڪرڻ ۾ گذري. ڪنهن بہ ذاتي محفل، دوستن جي ڪچهري، محفلن يا جلسن جلوسن کان بنهہ پري رهندو هو. اداري جي واڌاري لاءِ هميشہ فڪرمند، شاگردن جي بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ هر وقت اونو رکي ڪجهہ ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندو رهندو هو. پنهنجي خواهہ پرائي، مطلب تہ هرهڪ کي هڪ جهڙو سمجهي، اُن کي انصاف مهيا ڪرڻ سندس زندگيءَ جو شيوو رهيو. پاڻ ڏکئي کان ڏکي مرحلي تي بہ همت نہ هاريائين.

اهڙن عظيم انسانن جي ياد تازي ڪري، موجوده وقت ۾ راهہِ نجات حاصل ٿي سگهي ٿي. مستقبل لاءِ سوچي، تعليمي ميدان ۾ ملڪ ۽ ملت لاءِ سٺيون راهون تلاشون ڪري سگهجن ٿيون، جنهن سان اسان جي آئينده نسلن جي لاءِ بهتريءَ جي ضمانت ڏئي سُک ۽ سلامتي حاصل ٿي سگهي ٿي. اچو تہ هڪوار پنهنجي نئين نسل کي وسريل نعرو ”سنڌ جي جان - ڊاڪٽر افغان“ پُڌائي، کين تعليم جي راهہ ۾ حاصل مشڪلات دُور ڪرڻ جو درس ڏيون.

# ڪو ڪو ماڻھو موتيءَ داڻو

اڄ نہ اوطاقن ۾ دُونهين، ڏُنڌُ نہ لاٽَ،
ويا ويراڳي نڪري، چت چڪائي چاٽَ،
آئون ماريس ماٽَ، جيجان! جوڳيئڙن جي.
(شاھ)

وڃڻ وارا وري نہ موٽندا آهن، پر سندن ڳالھيون ڳائبيون آهن ۽ چڱائين جا چرچا ۽ ڀلايون رهندي دنيا تائين ياد ڪري، ٻين کي همت سان اڳتي وڌڻ لاءِ راھ هموار ڪنديون آهن. اسان جي مادرِ وطن کي پنهنجي دلير ۽ باهمت فرزندن پنهنجي جوانمرديءَ سان قسمت بدلائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري تواريخ ثاهي آهي. ڊاڪٽر افغان صاحب ماهر انجنيئر، اعليٰ منتظم ۽ عظيم استاد جو پارٽ ادا ڪري، سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌ جي انجنيئرنگ ڪاليجن ۾ سنڌي مظلوم شاگردن جي تعليمي حقن کي بحال ڪرائي، تعليم جي شمع کي سنڌ جي جهرجهنگ، واهڻ ۽ وستيءَ تائين پهچايو. سنڌ جي ملازمن جي ڪوٽا لاءِ اسلام آباد ۾ سيڪريٽريءَ جي حيثيت سان ويڙهاند ڪري، ڪاميابي حاصل ڪيائين. ان لاءِ سنڌ جي تواريخ ۽ ڊاڪٽر افغان صاحب جون ڪيل خدمتون شاهد آهن. ان وقت، سنڌ جي حقن لاءِ سنڌس جوٽيل جهاد کان شاگرد طبقو ۽ عوام باخبر آهي. سنڌ جي حقن لاءِ سجاڳي آڻڻ ۾ ڊاڪٽر افغان صاحب جي دليرانہ قيادت کان هرڪو واقف آهي. سنڌس هزارين انجنيئر ۽ ٻيا شاگرد ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهليل آهن، جيڪي هن وقت ملڪ جي مختلف آفيسن ۽ کاتن ۾ پنهنجي ديس جي خدمت ڪري رهيا آهن. سنڌ جي خدمت لاءِ جيڪا افغان صاحب لاٽ ٻاري آهي، سا اڄان تائين ٻرندي رهي ٿي ۽ ٻرندي رهندي، ۽ سڄيءَ سنڌ کي روشن ڪندي رهندي. آمين!

اها پڻ هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ ڊاڪٽر افغان صاحب پنهنجي اعليٰ صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي، سنڌين جي حقن جي حفاظت لاءِ پهريون دفعو ڪوٽا سسٽم جي آئيني ڳالھ ڪري، هر ضلعي جي سطح تي داخلائون ڪري، محروم طبقي کي وڌڻ ۽ ويجهڻ جو موقعو فراهم ڪيو.

1965ع کان 1973ع تائين پورا اٺ سال ڊاڪٽر افغان صاحب پنهنجي اعليٰ علمي صلاحيتن ۽ انتظامي سڌارن طفيل اعليٰ تعليم کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائي، هر ڳوٺ جي مظلوم ۽ محڪوم طبقي کي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ٻئي طرف، پنهنجي ڪاليج جي پاس ڪندڙ نوجوان شاگردن کي نوڪريون وٺي ڏيڻ ۽ انهن کي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ٻاهر موڪليندو رهيو.

ان سڄي وايومنڊل ۾ هڪ طرف ڊاڪٽر افغان صاحب اڳتي وڌندو رهيو، پر ٻئي طرف ان نظام رائج ڪرڻ سان وڏي ڪلاس جي ماڻهن، وڏن وڏن سفارشي آفيسرن ۽ سياسي ساٿين جي

سازشن کان بيخبر رهيو. آهستي آهستي سندس مخالفت وڌندي رهي. ليڪن، پاڻ اڪثر ڪري سڀ حربا ختم ڪندو آيو.
سندس خودداري، سياست کان ڏُوري، ڪنهن بہ مصلحت کان مُبرا پاليسيءَ تحت سندس ڪوبہ يار غارِ بنجي نہ سگهيو. سرڪاري حلقن ۾ هڪ ڪٽر سنڌيءَ طور سڃاڻپ کيس هر محاذ تي تڪليف پهچائي. ان ڪري، کيس تمام وڏي قيمت ۽ ڳري سزا ڀوڳڻي پئي. 1970ع ۾ هڪ ڪُوڙي ڪيس ۾ نہ صرف کيس نوڪريءَ تان هٿ ڌوئڻا پيا، پر جيل ياترا بہ ڪرڻي پئي. اهو وڏيءَ آزمائش جو وقت هئو، جڏهن پنهنجي محبوب استاد لاءِ سنڌ جي شاگردن جيل ڀريو تحريڪ هلائي ۽ بک هڙتالون ڪري، جتي ڪٿي جيل ڀريا. ايسٽائين جو ملڪ کان ٻاهران آيل شاگرد بہ جيل ۾ ويا. انجنيئرنگ ڪاليج جي سيني استادن، ان وقت جي انچارج پرنسپال، ڊاڪٽر حاجي محمود سميت استعيفائون ڏنيون. سنڌ جي سيني سياسي، سماجي ۽ ثقافتي تنظيمن ڊاڪٽر صاحب جي آزاديءَ لاءِ قراردادون پيش ڪيون. ڪاليجن، اسڪولن ۽ سيني درسگاهن جي استادن ڀرپور تعاون ڪيو. پوري عوامي جوش سان ”سنڌ جي جان ـ ڊاڪٽر افغان“ جو نعرو بلند ڪيو. اها پڻ حقيقت آهي تہ ڊاڪٽر صاحب جي آزاديءَ لاءِ سائين جي. ايم. سيد اسلام آباد وڃي ڪوشش ڪئي، تہ ٻئي طرف شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ”ٻيڙي چانڊئي“ ۾ تاريخي پريس ڪانفرنس ڪري، ڊاڪٽر افغان صاحب جي بيگناهيءَ جي شاهدي ڏيندي، کيس هڪدم آزاد ڪرڻ جي گهر ڪئي ۽ ان وقت جي حاڪم جنرل يحيٰ خان سان ملي، سندس وڪالت ڪئي.
ان ايڏي ساريءَ آزمائش مان جلد باعزت بري ٿي، وري اچي ڪاليج وسايائين، جتي اڳي کان بہ اڳرو ٿي، سنڌ ۽ سنڌين لاءِ حيران ۽ پريشان ٿي خدمت ڪندو رهيو. تان جو وڏيءَ سازش سان، شاگردن جي اصلاح لاءِ پڙهائيءَ ۾ سختي ڪرڻ تي شاگردن کي اُڪسائي، آهستي آهستي انهن کي مخالف ڪيو ويو. ان گرميءَ واري ماحول ۾، پنهنجن ئي گرم لوهہ تي واڙ ڪري، ڊاڪٽر صاحب جي استعيفيٰ منظور ڪري، کيس ڪاليج کان ڌار ڪيو ويو.
اهو سانحو بہ هڪ وڏو الميو آهي. جڏهن پنهنجن هٿان صرف اَنا جي خاطر، سياسي مصلحت ۽ ذاتي مفادن خاطر، اهڙي مانجهي مرد کي مشڪلاتن ۾ وڌو ويو. بهرصورت، ان وقت جي حاڪم، سنڌ جي گورنر ۽ وزير تعليم سندس ڪابہ مدد نہ ڪئي. وري بہ ڊاڪٽر صاحب جي شاگرد، مجيب پيرزادي جي وقتائتي مدد، حفيظ پيرزادي صاحب جي معاونت ۽ خود ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي ذاتي سڃاڻپ جي ڪري، کيس وري اسلام آباد ۾ روزگار مهيا ڪيو ويو. ڪجهہ سال نالي ماتر سيڪريٽري، ميمبر سروس ٽربيونل وغيره رهيو. ڪڏهن پگهار سان، تہ ڪڏهن بنا پگهار ۽ ڪڏهن وري بنا عهدي جي. ڪجهہ وقت وري سنڌ گورنمينٽ ۾ واپس موٽي آيو. آخري دؤر، مارشل لاءِ حڪومت ۾ بہ ٽي سال هليو. پر، جلد ئي هڪ ڏک سان قسمت جو فيصلو ڪري، کيس رٽائر ڪيو ويو. ان فيصلي خلاف اپيل تي فيصلو ئي ڪونہ ٿيو ۽ پاڻ آخري ڏينهن بنا ڪنهن سرڪاري معاوضي جي گذاريندو رهيو.

انهن مڙني ڳالهين جي ڪري، هن مٺيادار انسان جي عجيب زندگي آهي، جنهن سڄو وقت پنهنجي خدمت لاءِ پاڻ وقف ڪيو. ڊاڪٽر صاحب سڄو وقت ثابت قدميءَ سان رُڪي سِڪيءَ تي گذر ڪندو رهيو. ايتري قدر جو ذاتي گهر به ٺاهي نه سگهيو.

ڊاڪٽر افغان صاحب کي ياد ڪندي سندس سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ طرح ڪيل خدمتن کي ياد ڪبو، ته ڪئين دفتر کلي پوندا. تعليمي ميدان ۾ انجنيئرنگ جي حوالي سان سنڌ جا سمورا انجنيئر ۽ ملڪي سطح تي مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي يا ان کان اڳ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جا سڀ گريجوئيٽ سندس دعائن جي طفيل ئي مسندِ روزگار آهن ۽ هزارن جي تعداد ۾ جهر جهنگ ۾ سُکيا ۽ سَتابا گهر ۽ بجليءَ جي روشنين وارا بنگلا سندس تعليم جي طفيل آهن. اڄ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۽ قائدِ عوام انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جا سمورا استاد، عملو، آفيسر ۽ شاگرد اڻ سڏيءَ طرح سندس پاريل لاٽ مان لاٽ پاري، هلي رهيا آهن. پنهنجي سيني تعليمي ادارن ۾، خاص ڪري تعليم جي حوالي سان سندس اصلاحات جو اثر رهيو.

ڊاڪٽر صاحب کي جتي غريب ۽ مسڪين ماروئڙن کي تعليم ڏيڻ جي اون هئي، اتي سُٺي ۽ سَستي تعليم پڻ سندس پروگرام ۾ شامل هئي. اعليٰ ۽ اُتم تعليم ڏيڻ لاءِ پرائمريءَ کان وٺي سٺا شاگرد تيار ڪرڻ لاءِ پنهنجي انجنيئرنگ يونيورسٽين ۾ ماڊل اسڪول کولي، سُٺي پڙهائيءَ ذريعي، سٺا پار تيار ڪرڻ وارو خواب ڏسندا هئا.

ذهين شاگردن کي پنهنجي ويجهو آڻي ۽ انهن تي ذاتي ڌيان ڏيئي، سندن هر طرح جي مدد ڪندا هئا. شاگردن کي تعليم دوران انهن جي رهائش، کاڌ خوراڪ ۽ اخلاق جي سڌاري لاءِ نه صرف سوچيندا هئا، پر هر طرح عملي قدم کڻندا هئا. فارغ ٿيندڙ شاگردن کي روزگار وٺي ڏيڻ ۾ به ذاتي دلچسپي وٺندا هئا.

سندن حشمت وارو رُعبدار چهرو اهڙو هوندو هو، جو هرهنڌ ۽ هر وقت سيني جو اڳواڻ پاسندو هو. نوڪريءَ جي نه هجڻ باوجود، پاڻ جتي به ويو، ته کيس عزت ۽ مانُ مليو. بنا واقفيت جي به ڪنهن آفيس ۾ گهڙي ويو، ته به اڳلي جو ڪم ٿي ويندو هو. ماڻهن جي ڪمن ڪارڻ جي لاءِ هرهڪ سان گڏجي وڃي سندن ڪم ڪرائيندو هو. اسلام آباد ۾ به دوستن ۽ يارن سان ڪچهريون ڪندو هو. هتان ڪِهي ويندڙ سنڌين کي مانَ مرتبي سان ملندو هو. ڏَڏَ پت جي صلاح ڪندو هو. پيو نه، ته چانهن پنهنجي هٿن سان کٽي اچي پياريندو هو. ڪڏهن رهائش جي گنجائش به ڪڍي وٺندو هو. آخري ايامن ۾ سينيٽر ٿيڻ لاءِ ٽيڪنوڪريٽ جي سيٽ تي چونڊجڻ لاءِ ميمبرن کي پنهنجي 10 فيبروري 1991ع واري خط ۾ مخاطب ٿيندي چيائين:

”اوهان هڪ سچي ۽ مخلص ماڻهوءَ کي سينيٽ ۾ چونڊيو، جيڪو توهان جي ڏکويل سنڌ جي ايوان ۾ ترجماني ڪري سگهي. سنڌ ويچاري هزارن نازڪ مسئلن ۾ ڦاٿل آهي. جهڙوڪ: سنڌ جي پاڻيءَ جي ورهاست، جيڪو سنڌ جي زندگيءَ ۽ موت جو مسئلو آهي. ڪالا باغ ڊيم جو مسئلو، ڌارين ماڻهن جي سنڌ ۾ آمد ۽ سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ۽ سنڌين جي آبادڪاري ۽ معاشي مسئلا وغيره. انهن سيني مسئلن تي سورهيائيءَ ۽ دليريءَ سان ايوان ۾ ڳالهائڻ ۽ حل تلاش ڪرڻ، سوڍن، ڪونڌرن ۽ دلير جوان ميمبرن جو ڪم آهي. مظلوم سنڌ

ڪي بچائڻ واري تحريڪ ۾ اَملهه حصو ورتو، سنڌ جي تاريخ ۾ پنهنجو نالو روشن ڪندا ۽ سنڌ جي مدد لاءِ وچن ڪندا. پنهنجو ووٽ ڏئي خدمت جو موقعو ڏيندا.
”مان ڪيئن ڪلندي ڪير پيان؟ منهنجي سنڌڙي آ سڏڪن ۾.“

پاڻ ان موقعي ڪان محروم رهجي ويو ۽ جلدئي 9 اپريل 1991ع تي خالقِ حقيقيءَ سان وڃي مليو. شال! پاڻ ابدي آرام ۾ هجي ۽ سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ دعاگو هجي. آمين!

# هڪ مثالي ماڻهو

وقت گذرندي ويرم ڪونهي. ويل وقت پنهنجي پنهنجي دؤر ۾ ايندڙ نسلن جي ثابت قدم رهڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪي آدرشي ماڻهو پيدا ڪري، سچ ۽ حق جي واٽ تي هلڻ لاءِ گس ۽ پٽا ٻڌائيندو رهندو آهي. سر زمينِ سنڌ جو سچو سپوت، ڊاڪٽر افغان صاحب ڪنهن کان گهٽ ڪونهي. پاڻ پنهنجيءَ محنت ۽ مشقت سان مانَ ۽ مرتبي جي منزل ماڻي، سنڌ ۽ سنڌواسين لاءِ اُهي بيش بها خدمتون سرانجام ڏنائين، جيڪي وساري نہ ٿيون سگهجن. سندس ٻُڌايل ڳالهيون، ڏسيل گس ۽ پيچرا، پڙهايل درس ۽ زندگيءَ ۾ وک وک تي ثابت قدم رهي، عمليءَ طرح جيڪي ڪجهہ ڪيو، اهو اسان سڀني جي پيش قدمي ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.
انسان جون پنهنجي لاءِ ڪيل ڪارگذاريون ڪڏهن بہ ڳڻپ ۾ نہ ايندڙيون آهن، ڇو تہ اها هڪ فطري تقاضا آهي تہ هر انسانُ پنهنجي لاءِ هٿ پير هڻي، سک ۽ سلامتي لاءِ ڪجهہ ڪري. بلڪل اهڙيءَ طرح، نسل در نسل هڪڙو انسانُ پنهنجي وقت ۾ پاڻ پتوڙي، پنهنجن وڏن کان پرايل نيڪين جو بدلو پنهنجي اولاد ۽ خاندان کي منتقل ڪرڻ لاءِ پابند هوندو آهي. اها سندس ذميواري آهي، تہ هُو پنهنجي زندگيءَ ۾ حاصل ڪيل منزل ۾ ڪنهن ٻئي طرفان ڪيل خدمت جو بدلو، ساڳيءَ طرح پنهنجن پونيرن لاءِ ضروري ڪري، جنهن لاءِ هرڪو مسلسل جاکوڙي ٿو. پر، ڪي عظيم انسان پنهنجي فرض ادائي ڪندي، هڪ قدم اڳتي وڌائي، ڪجهہ وڌيڪ سچائيءَ سان اهڙا قدم کڻن ٿا، جيڪي ٻين لاءِ ڀلائيءَ جو باعث بڻجن ٿا، تہ اُهي وڌيڪ ڳايا وڃن ٿا. خدمت، اجنبي انسان لاءِ، هر خاص و عام جي ڀلي لاءِ، انسان ذات جي لاءِ. هوندي بہ ٻين لاءِ زنده رهڻ، ٻين لاءِ ڪجهہ ڪرڻ، پنهنجي ملڪ ۽ قوم سان سچو رهندي، سندس قول ۽ فعل، ملڪ ۽ قوم جي اجتماعي ڀلي لاءِ کنيل هر قدم کيس ٻين سڀني کان اوچو مقام عطا ڪري ٿو، جنهن لاءِ کيس هميشہ هميشہ ياد ڪيو وڃي ٿو. سائين ڊاڪٽر افغان صاحب بہ انهن مهان انسانن مان هڪ هو، جنهن جو نالو تاريخ ۾ اوچي ڳاٽ سان نروار ٿئي ٿو. جنهن جي سچي زندگي حق ۽ سچ جي راهہ ۾ ٻين لاءِ وقف ٿيل نظر اچي ٿي.
پاڻ پنهنجو سُکُ ۽ چينُ ڦِٽائي، پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي آسائشن کي ڇڏي، اصولن جي زندگي اختيار ڪري اهوئي ڪجهہ ڪيو، جنهن مان انسان ذات جي خدمت ۽ ٻين جي ڀلائي نروار ٿي نظر اچي ٿي. پاڻ هر موڙ تي بِنا ڪنهن مصلحت جي سچ جو ساٿ ڏئي، انصاف ڪري، سڀني کي هڪ نظر سان ڏسي، ضمير جي آواز کي لبيڪ چئي، اهو ڪري ٿو، جنهن سان ٻين جو ڀلو ٿئي. ڊاڪٽر افغان صاحب تعليم جي ميدان ۾ هر مهل ۽ موقعي تي ملڪ ۽ ملت جي خدمت ڪئي آهي. پاڻ قانون جي پاسداري ڪندي، پنهنجو پاڻ سان انصاف ڪندي، قول ۽ فعل ۾ سچو رهي، سچو وقت تعليمي اداري جي ڀلائي، ان جي اوسر ۽ ارتقائي منزلون طئي ڪري، اداري کي دنيا ۾ نروار ڪري ٿو. ان اداري ۾ تعليم وٺندڙ شاگردن کي مڪمل طرح آرام ۽ سڪون مهيا ڪري، اعليٰ تعليم جو معيار قائم رکڻ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو. سچ ۽ انصاف جي واٽ

تي هلندي، وقتاً فوقتاً مصلحت خاطر ڪنهن اصول جي پيڪڙي نہ ڪندي، ڪيترن کي ناراض ڪري ٿو. پنهنجي ان سڄي ساري مشن ۾ مست ۽ مگن رهي سازشن جو شڪار ٿئي ٿو ۽ آخرڪار اداري کان علحده ڪيو وڃي ٿو.

انهن مڙني ڳالهين جي جواب ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشوري جي ابتدائي تاريخ دهرائي سگهجي ٿي. ڪاليج ۾ پروفيسر ٿي اچڻ سان ڪاليج جي ابتدائي تعمير ۾ دلچسپي، پڙهائڻ جي معيار کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪيترائي سبجيڪٽ پاڻ پڙهائڻ، پڙهائيءَ سان گڏ ان وقت جي شاگردن لاءِ غير نصابي سرگرمين ۾ گرم جوشيءَ سان سهڪار ڪري، هونهار شاگردن جي ڀرپور مدد ڪرڻ سان گڏ، ڪاليج جو نالو سڄيءَ دنيا ۾ متعارف ڪرائڻ ۾ سندس وڏو ڪردار آهي. ڪاليج جي داخلا پاليسي جوڙائڻ ۾ سندس ڀرپور عمل دخل هو ۽ انهن داخلائن کي صحيح ۽ حقيقي معنيٰ ۾ ڪامياب رکڻ ۾ هر سال سندس متاثُر ڪنهن کان بہ لڪل نہ آهي. پرنسپال ٿيڻ سان سندس ذميوارين ۾ اضافي ٿيڻ جي باوجود، سندس حسنِ انتظام جا نتيجا 1967ع ۾ ڪاليج جي پهرئين گريجوئيٽ بئچ کان وٺي سندس ايامڪاريءَ ۾ پڙهايل شاگردن جي معيار جا جيئرا جاڳندا اڄ جا اعليٰ عملدار، آفيسر ۽ انهن جي ڪارڪردگي ڳجهي ناهي. وقت ۽ ماحول جي وير سبب 1970ع کان پوءِ واري دؤر ۾، تعليمي معيار جي بگاڙ جو سڄي ملڪ وارو اثر، هن اداري تي پوڻ ۽ سياسي اٿل پٿل سبب شاگردن ۾ آيل سجاڳيءَ جو غلط رجحان طرف لاڙو، هن تعليمي اداري کي بہ پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏي ٿو. ڊاڪٽر صاحب پاڻ پنهنجي اصولن تي سودي بازي ڪرڻ کان نابري واري ڪابہ سياسي مصلحت نہ ٿو ڪري.

هو ڪاليج اندر ساڳئي بهتر معيار قائم رکڻ جي جستجوءِ ۾ غلط انداز ۾ ڪم ڪندڙن جي سازش کان بچي نہ ٿو سگهي. سندس ابتدائي ڪوشش سان ڪاليج جي مستقبل کي سنوارڻ لاءِ هر سال اعليٰ تعليم لاءِ موڪليل شاگردن جو وڏي تعداد ۾ پي ايڇ. ڊي. ڪري اچڻ هڪ عالم آشڪار ڳالهہ آهي. ڊاڪٽر صاحب جو پاڻ نيڪ هجڻ ۽ ٻين تي انڌو اعتماد ڪرڻ اڳتي هلي، ڪيس نقصان پهچائي ٿو، جنهن کان هُو باخبر هوندي بہ جان ڇڏائي نہ ٿو سگهي. منافقيءَ واري سياست ۽ حڪومتي ڪارندن سان مصلحت نہ ڪرڻ جي موٽ ۾ ڪيس 1970ع دوران جيل جا دروازا ڏسڻا پون ٿا. پر، تڏهن بہ هُو سنڀالي نہ ٿو سگهي ۽ بعد ۾ بہ پنهنجي اصولن تي هلندي آخرڪار ڌوڪو کائي، استعيفيٰ جي آڙ ۾ ڪاليج کان علحده ڪيو وڃي ٿو. 1965ع کان 1973ع تائين ڪاليج واري ان عرصي ۾ پورا اٺ سال ڪاليج جي داخلا کان وٺي گريجوئيٽ انجنيئر تي نڪرڻ تائين ۽ ڪاليج لاءِ وڌ ۾ وڌ پي ايڇ. ڊي. ڪري اچڻ، ڪاليج مان فارغ التحصيل شاگردن جو سڄي ملڪ جي هرهڪ اداري ۾ ميرٽ تي نوڪريون حاصل ڪرڻ، ڪاليج جي ارتقائي واڌاري ۾ وڌ کان وڌ لئبارٽريون ٺاهڻ ۽ نئين اُسرندڙ ڪاليج جو دنيا اندر نالو روشن ڪرڻ ۾ سڄي جو سڄو اهم ڪردار ڊاڪٽر صاحب جو آهي.

ان عرصي دوران زندگيءَ جو هڪ هڪ لمحو ڊاڪٽر صاحب پين لاءِ وقف ڪيو، جيڪو رڪارڊ آهي. سندس ذاتي زندگيءَ لاءِ يونيورسٽي جي فائدن ۾ وئگن پڪ اپ ۾ سفر، سي ٽائيپ بنگلي ۾ رهڻ، ٻارڙن جي پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ کان علاوه ٻيو ڪوبه سندس ذاتي مفاد پڌائي نه ٿو سگهجي. اڳتي هلي، سياسي وابستگي نه هجڻ ڪري، ڪيس ڪٿي به ڪابه جائز سهولت ۽ مقام نه ٿو ملي. ڪافي عرصو تڪليفن ۾ رهي ٿو. وري پنهنجي قابليت جي بنياد تي اعليٰ عهدي لاءِ اسلام آباد پهچي ٿو. صرف ٻه اڍائي سال سيڪريٽريءَ جي عهدي تائين پهچي ٿو، جتي ذاتي طرح ڪيس سرڪاري جڳهه، گاڏي ۽ ٻارڙن جي تعليم پلئه پوي ٿي.
جواب ۾ هُو پنهنجي غريب مارونڙن جي حقن لاءِ لڙي ٿو. بلڪل قانون جي حدن ۾ رهندي پنهنجن جي لاءِ نوڪرين واسطي وڙهي ٿو ۽ غريب غربي کي اسلام آباد ۾ ڪلارڪي وٺرائي ڏيڻ لاءِ هر هنڌ وڃي ٿو. اعليٰ اختياريءَ وارن کي ڪاوڙ لڳي ٿي. پنهنجي حڪومت هوندي به ڪيس واپس سنڌ موڪليو وڃي ٿو. هتان جا پنهنجا ڪيس نوڪري ڏيڻ کان گهٻرائين ٿا. تان جو انهن جي حڪومت هلي وڃي ٿي ۽ مارشل لا اچي ٿي. ابتدائي عرصو، اُهي به ڪيس بي روزگار رکن ٿا ۽ آخرڪار هڪ دفعو وري سروس ٽربيونل جو سينيئر ميمبر ٿئي ٿو.
1976ع کان 1979ع تائين پورا 3 سال بنا پگهار جي تڪليف جون گهڙيون گهاريندي، پنهنجي وت ۽ وس آهر پين لاءِ پنهنجي ڏيٺ ويٺ، اثر رسوخ ۽ رعبدار لهجي مان فائدو وٺندي، هرهڪ جي مدد ڪري ٿو. هر پڙهيل لکيل نوجوان جو سهارو بنجي مسيحا ٿئي ٿو. ڪجهه نه ڪجهه هڙئون وڙئون ڏيندو رهي ٿو. ضياءُ حڪومت واري عرصي دوران سندس نوڪري غالباً سال ڏيڊ جي رهي. انهيءَ منصب مان پنهنجي لاءِ وري به ڪيس اهائي پگهار ۽ سرڪاري گهر نصيب ٿئي ٿو. پر ان اعليٰ عدالتي منصب ۾ نوڪريءَ کان غلط طريقي سان بيدخل ڪيل سوين ملازمن کي واپس نوڪري ڏيارڻ ۾ مُعاون ۽ مددگار بنجي ٿو. حڪومت طرفان سخت تنبيهه جي باوجود، انصاف کان وانجهو نه ٿو رهي ۽ اُهي فيصلا ڪري ٿو، جيڪي ان وقت جي ملڪ جي مالڪن کي نه ٿا وڻن. سيئي طاقتون گڏجي، هن بهادر انسان کان هميشه لاءِ جان ڇڏائڻ لاءِ ڪيس زبردستي رٽائر ڪرائين ٿيون ۽ ڪابه پينشن يا معاوضو نه ٿا ڏين. پوءِ وارو سچو سارو ڏکو سفر 1980ع کان 1991ع تائين ڊاڪٽر افغان اڪيلو ۽ تن تنها وڏيءَ ڪشمڪش واري زندگي گذاري ٿو. اسلام آباد جهڙي شهر ۾ رهائش، اولاد جي پڙهائي، گذر سفر وغيره خبر نه آهي، ته الائي ڪهڙي خدائي طاقت جي طفيل پورائو ڪري ٿو. پرائيويٽ ڪمپنين ۾ معمولي معاوضي تي ڪنسلٽيشن ڪري گذاري ٿو.
ان ساري سفر ۾ به هُو ماٺ ڪري نه ٿو ويهي. اسلام آباد، لاهور، ڪراچي، سکر صرف پنهنجن لاءِ ۽ پنهنجي وطن وارن جي خدمت ۾ گذاري ٿو. پروگرام ٺاهي، سفر اختيار ڪري ٿو. بيروزگار نوجوانن کي نوڪري وٺرائي ڏيڻ لاءِ ور ور ڪري وڙهي ٿو. اهو ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. جڏهن اسان جو سنڌي نوجوانُ اسلام آباد پهچي، پنهنجي وزيرن، صلاحڪارن، اسيمبلي ميمبرن جا چڪر ڪاٽي، نااُميد ۽ نراس ٿي، وري به ڊاڪٽر افغان صاحب وٽ پهچي ٿو، ته پاڻ

اُن جو ڪِلي آڌرياءُ ڪري ٿو. پَڇَ پاڻ سان سندس تواضع ڪري ٿو ۽ اڳئين ڏينهن تي اُن جي نوڪريءَ لاءِ جاکوڙ شروع ڪري ٿو. ڪنهن کي نااُميد نہ ٿو ڪري. ويٺو فونون ڪندو. خط لکندو، وري وري ياد ڏهاني ڪرائيندو. جنهن سان بہ واعدو ڪيائين، تہ وفا ڪيائين. جيستائين ڪم نہ ٿيندو، پيو نياپا ڪندو. پاڻ تڏهن سک سان سمهندو، جڏهن ٻئي لاءِ آرام ميسر ڪندو. سندس ساري زندگي ٻين لاءِ خدمت ڪندي گذري. سندس روزن ۽ نمازن کان علاوه اها ئي هڪ عبادت هئي، جيڪا وسارڻ جهڙي نہ آهي.

اهڙا ئي انسان ٻين جي دلين تي حڪمراني ڪندا آهن ۽ هميشہ لاءِ تاريخ جو باب بڻجي ويندا آهن. اسان سڀني تي فرض عائد ٿئي ٿو تہ کيس ياد رکون. سندس ڪيل ذاتي احسان جو بدلو سندس آدرشن جي پاسداري ڪري ڪيون ۽ کيس ياد ڪندا دُهرائيندا رهون.

# هڪ اصول پرست انسان

ڊاڪٽر افغان صاحب جي سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ ڪيل خدمت ڪا ڳجهي نہ آهي. هُن سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جي دؤر ۾ (1965ع ـ 1973ع) هڪ سُٺي استاد، هڪ اعليٰ منتظم، همدرد ۽ هڏ ڏوکي انسان جو ڪردار ادا ڪندي، سٺي تعليم سان گڏ، ڪاليج جي ابتدائي دؤر ۾ اُن کي مڪمل ۽ منظم ادارو بنائڻ ۾ پنهنجي وسان نہ گهٽايو. خاص طرح، شاگردن جي ڪوٽا سسٽم سان پهراڙيءَ جي غريب شاگردن کي انصاف پلئہ وجهي، تعليم ڏياري ۽ مستحق شاگردن کي مالي مدد جا وسيلا مهيا ڪري خدمت ڪئي. ان ساري جاکوڙ ۾ پاڻ سالن جا سال رُڌل رهيو. سياست ۽ سنڌ جي بيوروڪريٽ کان بي نياز ٿي ڪم ڪندو رهيو. ان ڪري، ڪوبہ دوست بنائي نہ سگهيو. اُن سچائيءَ جي سودي ۾ ڪيترن وڏن ماڻهن جا من پسند فيصلا ٿي نہ سگهيا ۽ ڪيترن سفارشين جو مقصد پورو ٿي نہ سگهيو. سياست جي وڏن مهرن پڻ من پسند فيصلا نہ ملڻ ڪري، هن مان جلدي جان ڇڏائڻ لاءِ سوچيو. تعليمي حوالي سان سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ۽ ڊاڪٽر صاحب کي هڪ اداري بجاءِ جدا جدا ادارن جا سربراهہ هجڻ کي اَنا جو مسئلو بنائي، پنهي چڱن کي هڪ ٻئي کان پري ڪرڻ لاءِ غلط فهميون پيدا ڪيون، جن ٻنهي کي نقصان پهچايو. حاڪمِ وقت ۽ خاص ڪري حڪومت کي ڊاڪٽر صاحب کان بدظن ڪيو ويو. شاگردن ۾ وڏيل مقبوليت کي ڌڪ پهچائڻ لاءِ، ان وقت گريس مارڪن جو اِشو بنائي، هڪ سال ڊاڪٽر صاحب کان رعايت وٺي ڏيڻ کي بنياد بنائي، هر سال ساڳي ڳالهہ ڪرڻ جي عادت لاءِ، شاگردن جي لڪل هٿن همت افزائي ڪري، ڊاڪٽر صاحب جي حقيقت پسند فيصلي کي غلط رنگ ڏنو. ڊاڪٽر صاحب جي طرفان هر ماڻهوءَ تي اعتبار ڪندي، پنهنجي ماڻهن ۽ ويجهن تي وڌيڪ مهربان هجڻ ڪري، انهن ڊاڪٽر صاحب جي اعتبار کي دوکو ڏنو ۽ غلط ڳالهيون ڪري، پنهنجي ڪوتاهين کي ڊاڪٽر صاحب ڏانهن منسوب ڪيو. ڊاڪٽر صاحب جي ويجهن ساٿين کي ڊاڪٽر صاحب مان جان ڇڏائڻ لاءِ ذهني طرح تيار ڪري، خاموشيءَ سان هڪ ڪوڙي الزام ۾ جيل ياترا ڪرائي وئي، جيڪا سنڌ جي تاريخ جو هڪ سياح باب آهي.

اهڙيءَ طرح، هڪ اعليٰ تعليمي اداري جي سربراهہ کي جيل اُماڻيو ويو. ڊاڪٽر صاحب جلد رها ٿي واپس آيو ۽ وري اچي پرنسپال ٿيو ۽ اهو الزام واپس ورتو ويو. پر، مخالفت جو ٻج وڌندو رهيو. ايستائين جو ڊاڪٽر صاحب جي هڪ هٿرادو استعيفيٰ کي استعمال ڪري، کيس ڪاليج کان علحده ڪيو ويو.

ان ڏکئي وقت ۾، سنڌ حڪومت جو گورنر ۽ وزيرِ تعليم ڊاڪٽر افغان صاحب سان ملڻ لاءِ تيار نہ هئا. ڊاڪٽر صاحب وٽ پنهنجي حڪومت جي سربراهہ سان ملڻ لاءِ اسلام آباد وڃڻ لاءِ ٽڪيٽ جا پئسا بہ نہ هئا. ان جو بندوبست بہ دوستن ڪيو. پاڻ اسلام آباد ويو ۽ اقتدار جي صاحبن کي صورتحال کان آگاهہ ڪيائين. ڪجهہ ساٿين جي مدد سان آفيسر آن اسپيشل

ڊپوٽي (O.S.D) مقرر ٿيو. سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ پهريائين ايڊيشنل سيڪريٽري ۽ پوءِ سيڪريٽري ٿيو. اتي به پنهنجي مشن جي ذريعي غريب ۽ بي پهچ سنڌين ڪي حق پلئه وجهڻ لاءِ شينهن جي وات مان گرهه ڪڍي، سنڌ واسين کي ڏيڻ لاءِ سچي اسلام آباد جي سيڪريٽرين سان انصاف جي مائيٽي لهجي ۾ مدد وٺڻ لاءِ وڙهندو رهيو. انهيءَ ڪري، سپ سيڪريٽري ۽ پنهنجا وزير به مٽس ڪاوڙجي پيا ۽ کيس اسلام آباد کان واپس سنڌ موڪليو ويو. سنڌ حڪومت وارا کيس ڏيڍ سال نوڪريءَ جي آسري ۾ رکندا آيا، تان جو انهن جي حڪومت ئي ختم ٿي وئي. ضياءُ الحق جي حڪومت ۾ کيس شروعاتي انصاف مليو. پاڻ سروس ٽربيونل جو سينيئر ميمبر ٿيو. کيس سپ پگهارون مليون، ڪجهه ساهه پٽيائين ۽ قرض لاٿائين.

ان دوران مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ ۾ سليڪشن بورڊ ۽ سينڊيڪيٽ جا ميمبر هئا. ٻين ڪيترن ادارن ۾ اعزازي عهدن تي پڻ فائز رهيا. سروس ٽربيونل ۾ حق انصاف جا فيصلا ڪندي، ڪجهه سنڌي آفيسرن کي انصاف مليو، خاص ڪري آءِ. جي. سنڌ کي. انهيءَ ڪري، سرڪار نامدار ناراض ٿي پئي.

ان وچ ۾ هڪ ٻي آزمائش سندن پلئه پئي. مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۽ ان جي ڪنسلٽنٽ ظهير الدين پٺاڻ جي 40 لکن جو آربيٽريشن ڪيس لاءِ ٻنهي ڌرين ڊاڪٽر افغان کي پنهنجو امين چونڊي فيصلو ڪرايو. ڊاڪٽر صاحب 40 صفحن تي غير متوقع فيصلو لکي، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جي خلاف فيصلو ڏنو. ماڻهو حيران ٿي ويا. ڊاڪٽر صاحب لاءِ يونيورسٽيءَ جا سپ اعزاز ختم ڪيا ويا. ايستائين جو سندس اچڻ تي به بندش هئي. چوڻ وارا چون ٿا ته اهو فيصلو حق ۽ انصاف تي مبني ۽ ڪاغذن جي پورائي سان هو، جنهن ۾ يونيورسٽيءَ کي فائدو ڏئي نه پيو سگهجي. اڳتي هلي، اهو معاملو هاءِ ڪورٽ ۾، ڪجهه ڏيو ڪجهه وٺو. تي طئي ٿيو ۽ هڪ وڏي وڪيل معرفت ڪيو ويو.

بهر صورت، جلد ئي جنرل ضياءُ واري حڪومت جا صاحب وري ايڏو ڪاوڙيا، جو ڊاڪٽر صاحب تي الائي ڪهڙا الزام هڻي، سندس نوڪري ختم ڪئي ويئي. نه صرف سندس نوڪري ختم ڪئي وئي، پر کيس نه پينشن ملي، نه وري ڪي ٻيا معاوضا. ڊاڪٽر صاحب ان فيصلي خلاف اپيل ڪئي، جيڪا منظور ٿي. پر ان اپيل جو فيصلو ٿي نه سگهيو. وڏيءَ عدالت جي مالڪ حاڪمِ وقت جنرل ضياءُ کي پاڻ وٽ گهرائي چڏيو ۽ جلد ئي اپريل 1991ع ۾ ڊاڪٽر صاحب به سپ فيصلا ڇڏي، مالڪِ حقيقيءَ سان وڃي مليو. مطلب ته، ڊاڪٽر افغان صاحب ٻين لاءِ جيئرو رهي، مڙس ٿي، مڙسيءَ سان نوڪري ڪندي، پاڻ کي پئي نقصان پهچايو. هيءُ شخص مصلحت کان خالي، صاف ۽ شفاف وات تي جيترو وقت هليو، اوچي ڳاٽ هلندو رهيو. هُو هڪ بيباڪ انسان هئو. ٻين کي سُکون پهچائڻ لاءِ، پنهنجي سُکَ ۽ چين جو خيال نه رکندو هو. پڇاڙيءَ تائين بيروزگار شاگردن لاءِ، نوڪريءَ واسطي هنڌ هنڌ روبرو وڃي، وڙهي به ڪجهه نه ڪجهه ڪري ڏيندو هو. جنهن به فورم تي ويو، جتي به ويٺو، ته اُتي

پنهنجي دورانديشيءَ سان سوچ ويچار ڪري، سنڌ واسين لاءِ ڪجهه نه ڪندو رهندو هو.

نوڪري وڃائڻ کان پوءِ به ساڳئي ڪَرَ ۽ فَرَ سان گهمندو رهندو هو. ماڻهن کي اها لکا ئي ڪانه پئي، ته ڪو پويان 10 سال بيروزگار ۽ ڏکيو رهيو. پاڻ مختلف فرمن سان واسطو رکي، ٻارن جي پڙهائيءَ ۽ گهرو خرچ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهندو هو. آخر ۾ پنهنجي وڏي نياڻيءَ واري سرڪاري بنگلي ۾ رهيو. پاڻ ٻين جون زندگيون ٺاهيائين ۽ هزارين غريبن جي گهرن کي روشن ڪيائين. موت ۾ رب العزت سندس اولاد کي ايڏو نوازيو آهي، جو هُو سڀ ڊاڪٽر آهن. سڀ پٽ ۽ سيئي ڌيئرون مسيحا آهن. خدمت وارو صدقه جاريه قائم رکندا اچن ۽ پاڻ خوش و خرم ۽ سُکي آهن.

# سڪائتي سار ۽ يادن جي پيٽا

ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان هن صديءَ ۾ اسان جي دؤر جو هڪ مڪمل انسان هو. سندس هرهڪ عمل تعريف لائق ۽ مثبت رهيو. پاڻ سچو وقت سچ جي تلاش ۾ حاڪمِ وقت کي هرهڪ موڙ تي همت ۽ جوان مرديءَ سان ڪري پوليءَ ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ۾ هوندو هو. پين کي حق وٺي ڏيڻ لاءِ همت سان هر ڪيس لڙيو. موٽ ۾ ڪيس ساري زندگي تڪليفون درپيش رهيون، پر پاڻ نه مُڙيو ۽ پين لاءِ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تادم حياتي جاکوڙ ڪندو رهيو. اڄ به ان ڳالهه جو ڏک آهي ته ڊاڪٽر افغان صاحب جي دل کولي تعريف ڪرڻ، ڪيس ياد ڪري خراج تحسين پيش ڪرڻ ۽ سندس ڪيل خدمتن کي سلام پيش ڪرڻ کان هرڪو لنوائي ٿو. خبر نه آهي ته ڇو هرڪو ڊاڪٽر افغان صاحب جو نالو پڌندي ئي مصلحت پسنديءَ کان ڪم وٺندي خاموش ٿي وڃي ٿو؟
اسان ذاتي طرح ڊاڪٽر افغان صاحب جي ورسي ملهائي رهيا آهيون. ڪوشش ڪري ڊاڪٽر صاحب جي عزيزن، دوستن، ساٿين ۽ سيني شاگردن کي فورم تي دعوت ڏني آهي، ته اچو ته ڊاڪٽر صاحب تي ڳالهايون. ڊاڪٽر صاحب تي لکي موڪليو، ته سوونيئر ۾ شايع ڪيون! پر ڪنهن کي به ڪڏهن همت نه ٿي آهي، ته ڪي ڳالهيون ظاهر ٿين، جيڪي ڊاڪٽر افغان صاحب جي شان وٽان هجن. هونئن ته انسان خطا جو گهر آهي. ڊاڪٽر افغان صاحب به 1965ع کان 1991ع تائين پورا 26 سال تڪليفن کي مُنهن ڏيندي ڀرپور زندگي گذاري. ڏک ۽ مخالفتون پلئه پاتيون. ظاهر آهي ته ان کان به ڪي ڪوتاهيون ٿيون هونديون. پر، اُهي به سندس هڪ ادا جو قسم هوندو، جيڪي يقيناً نادانسته ٿي ويون هونديون.
ڊاڪٽر افغان صاحب جي خدمتن جو علمي حوالي سان اداري کي سنوارڻ جو، شاگردن جي زندگي ٺاهڻ جو، بي پهچ انسانن جي مدد جو دفتر ڀريل آهي. پورا 12 سال هر ورسيءَ تي گهٽو ڪجهه لکيو ويو آهي. هُو هڪ خدمت ڪرڻ وارو انسان هو. هُن پين لاءِ جيئڻ سکيو هو. رات ڏينهن ڪم ڪرڻ، هرهڪ لاءِ ڀلو سوچڻ ۽ ڀلي ڪم ڪرڻ جي هن کي سُٽي پيل هئي. هن قومي طرح ڪڏهن به ڪا غداري نه ڪئي. هن دانسته طور ڪابه دوکيبازي ۽ منافقي هرگز نه ڪئي.
هُن جي ڪمزورين ۾ پين تي جلد اعتبار ڪرڻ هو. هُو پنهنجي پراڻن دوستن، ويجهن ساٿين، سئن ۽ پيارن شاگردن تي انڌو اعتبار ڪندو هو. پاڻ پاڪ صاف هجڻ ڪري، سندس سوچون ۽ خيال به تمام پاڪ ۽ پوتر هئا. ان ڪري، پين جون غلطيون سندس کاتي ۾ ڳٽيون ويون آهن. نجي محفلن ۾، ڪٿي ڪٿي ڊاڪٽر افغان صاحب تي سُرپاٽن ۾ ڪجهه الزام لڳايا وڃن ٿا. پر، انهن الزامن جي ڇنڊڇاڻ ڪري، حتمي راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي. ان لاءِ گهٽ ۾ گهٽ مون جهڙي پرستار کي ڪن اهڙن نادانسته ڪيل غلط ڳالهين جي خبر هجڻ ضروري آهي. ان لاءِ آءٌ ڪوشش ڪيان ٿو ته جيڪا منهنجي معلومات آهي، اُن مطابق اُهي ننڍڙين ڳالهيون جن جي مون کي خبر آهي، اُهي هتي لکجن ٿيون، ته جيئن انهن جي پس منظر ۾ ڪي

ڪميون بيشيون سامهون اچي سگهن. شروعاتي دؤر ۾ داخلائن جي معاملي ۾ ڊاڪٽر صاحب سفارش نہ ٻُڌڻ ڪري، سيني جي مخالفت پلئہ پاتي. داخلائن لاءِ ضلعن جي حوالي سان غلط ڊوميسائيلن جي جاچ پڙتال ڪندي، ضلعي جي آفيسرن کان ذاتي ڪوششون وٺي، ڪيترائي غلط ڊوميسائيل رد ڪرايائين، جنهن ڪري متاثرين ڪانئس ناراض ٿيا. داخلا جي حوالي سان هڪ غريب مسڪين ڪوٽا جي ڪري ازخود داخلا ملڻ تي ٻين وچ وارن پنهنجي سياست چمڪائڻ لاءِ غلط بيانيءَ کان ڪم وٺي، ان جو سهرو پاڻ تي کڻڻ لاءِ ڊاڪٽر افغان صاحب تي سفارش جو الزام لڳايو. ڪوٽا سسٽم جي ڪري هندو شاگردن جون سيٽون گهٽ ٿيون ۽ وڏن شهرن جي شاگردن کي گهٽ داخلائون ملڻ ڪري، وڏا سيٺيون ۽ وڏا ماڻهو ناراض ٿيا. ڊاڪٽر صاحب جي مٿان نئين اداري کي ٺاهڻ جي ذميواري، پڙهائي ۽ انتظامي لحاظ کان ڪم جو تمام گهڻو پريشر هو. هُن سڄو وقت پراڻي گاڏي ۽ ٽائيپ رائيٽر جي ذريعي اداري جي لاءِ لکپڙهہ ۾ گذاريو ۽ اداري کي ٺاهيو. ان دوران، پڙهائيءَ جي حوالي سان پيپر ٺاهڻ، پيپر جاچڻ، رزلٽ ڪڍڻ کان علاوہ انتظامي معاملات يا ترقياتي ڪمن لاءِ ٻين کي سونپيل ڊيوٽين جي ڪمي پيشيءَ لاءِ جوابدار ماڻهن بجاءِ ڊاڪٽر صاحب جي کاتي ۾ ٿوريون گهڻيون ڳالهيون شامل ڪيون. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ اعتبار هجڻ جي ڪري، ڪٿي ڪنهن جوابدار ماڻهوءَ کان ڪا ڪثر رهجي ويئي هجي.

پنهنجن کي نوازڻ وارو الزام سراسر غلط آهي. هُن لاءِ هرهڪ پنهنجو هو. غريب، مسڪين، هاري ناري، استادن جو اولاد، شاگرد ڪيس وڌيڪ عزيز هوندو هو. ڪم سان سچائي، محنت، انفرادي اضافي لياقت وارا وڏا توڙي ننڍا ملازم، سندس دستِ شفقت هيٺ رهيا. قلم جي مار بجاءِ، ذاتي طرح سڌارڻ لاءِ پنهنجي سخت گير طبيعت، دڙڪي داٻ، حشمت، ڪڏهن ڪڏهن ڏنڊي جي زور تي اڙٻنگ شاگرد بہ سڌارايائين. پر سڄي زندگي ڪنهن کي ڪوبہ نقصان نہ ڏنائين.

شاگردن جي بهتري، بهبودي ۽ مالي امداد ايتري قدر جو پڙهائيءَ کان پوءِ نوڪريءَ لاءِ بہ مددگار بنيو. ڪڏهن بہ ڪنهن شاگرد کي همت نہ ٿي، جو ڊاڪٽر صاحب کان سفارش ڪري مارڪون وٺي سگهي. نہ وري پاڻ ڪنهن کي غلط مارڪن ڏيڻ ۾ مددگار بڻيو هجي. سندس ويجها ۽ پيارا شاگرد جدا جدا سبجيڪٽن ۾ فيل تي ويندا هئا، تہ ڪيس خبر بہ نہ هوندي هئي. پڙهائيءَ کان علاوہ غير نصابي ڪمن ۾ هوشيار شاگرد ڪيس وڌيڪ ويجها هئا، جيئن رفيق صفي ۽ اشفاق صفي.

ڪنن ۾ سُرٻاٽن سان ڊاڪٽر صاحب تي ڪٽي ڪاپي ڪلچر جو الزام هنيو ويجي ٿو، جو بنهہ غلط آهي. پاليسيءَ تحت شاگردن جي ضلعي جي ڪوٽا جو تحفظ ڪندي، غريب ۽ ڏڏن کي داخل ڪري، سندن بهتر تعليم لاءِ راهہ هموار ڪيائين. پر ڏينهون ڏينهن ٻهراڙيءَ جي شاگردن جو ڪاليج ۾ اچڻ، سندن ڪچي پيڙهہ ڪري آهستي آهستي شاگردن جو تعليمي معيار گهٽ ٿيڻ ڪري، انهن شاگردن جو پڙهائيءَ کان فرار هڪ فطري عمل هو.

ڊاڪٽر صاحب جي دؤر جون ڪاميابي ماڻيندڙ سڀ جون سڀ بئچون 1967ع کان وٺي

1975ع تائين جا بهترين انجنيئر اڄ سڄي ملڪ خواهه دنيا ۾ پنهنجي ڏاڪ وارا هوشيار ۽ هونهار انجنيئر آهن، ادارن جا سربراهه، پروفيسر ۽ وائيس چانسلر آهن.
سياست جي چڪر، آهستي آهستي ڊاڪٽر افغان صاحب جي پاليسين کان ڇرڪڻ ڪري، ٻاهرئين مخالفت ۽ ڪاليج ۾ اندرونِ خانه سازش تحت شاگردن کي افغان صاحب خلاف ڀڙڪائڻ لاءِ تيار ڪيو. شاگردن جي ڪمزور ڪيپ ۽ ملڪ ۾ سياسي وڳوڙ باعث، ڪاليج بند هجڻ جي جواز ۾، شاگردن جي رزلٽ خراب اچڻ جي ڪري، شاگردن جي پرزور اپيل ۽ استادن جي چوڻ تي 1970ع جي بئچ کي 5 سيڪڙو مارڪن جو فيصلو ڪرايو ويو. اڳتي هلي، وري پئي سال به ساڳئي رعايت کي دهرائڻ لاءِ بڪ هڙتالون ڪرايون ويون. انهيءَ سازش کي افغان صاحب سمجهي ويو ۽ انهيءَ مطالبي کي نه مڃيائين. پاڻ چيائين ته جيڪڏهن هر سال گريس مارڪون ڏبيون، پاس ۽ فيل جو رواج ڪيئن چڙهبو، ته پوءِ پڙهائڻ مان ڇا مقصد؟ ناعاقبت انديش ان ڳالهه کي غلط رنگ ڏئي، هميشه لاءِ ڪاپي ڪلچر جي آهستي آهستي رجحان کي ڊاڪٽر صاحب جي کاتي ۾ اڇلائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا آهن. حالانڪه ڊاڪٽر صاحب ته صاف ۽ شفاف ڳالهين جو سرجيندڙ هو.
ڊاڪٽر صاحب تي سنڌ پرست هجڻ جو الزام بلڪل وڏي ۾ وڏو الزام آهي. جيڪو هن پاڪستان ۾ واپس اچڻ ۽ هتان جي سرزمين تي سجدو Landed Over Sweet Soil of Sindh ڪندي ۽ مٽي چمندي سڏيو. هُن برملا سنڌ ۽ سنڌين جي خدمت جو قسم کنيو ۽ هو واقعي سچو سنڌي ٿي رهيو. سنڌ ۾ رهندڙ هر پنجابي، پٺاڻ ۽ غير سنڌيءَ کي به سنڌي سمجهي، ان جي خدمت ڪئي. پاڻ ڪاليج ۾ داخل هر شاگرد سان پيار ڪندو هو. پيو ته ٺهيو، پر عرب ۽ عجم جي شاگردن کي به ٻچن کان وڌيڪ پائيندو هو. هُن پنهنجي پاڪ وطن کي مضبوط بنائڻ لاءِ سنڌ جي چپي چپي جي خدمت ڪئي. هُو مقصد وارو ماڻهو هو. هُن کي سياست سان ڪابه دلچسپي نه هئي. هن کي وڏيرن کان چڙ هئي. هن کي راشي آفيسرن کان نفرت هئي. هُو دغاباز، دوغلي، موقع پرست ۽ خوشامند کي پسند نه ڪندو هو. فقير منش انسان هو. عبادت به پنهنجي مُنهن بنا ڪنهن نمائش جي ڪندو هو ۽ سادگي پسند هو. ماڻهن سان خواهه مخواه ملڻ ۽ دعوتن ۾ وڃڻ لاءِ ڪيس وقت نه هوندو هو. هُو هر مسئلي کي هر طرح سُلجهائڻ لاءِ ڪا راهه ڪيندو هو. هر ڪنهن جو ڪم بنا دير ڪرڻ لاءِ ڪونه ڪو رستو ڪيندو هو.
پاڻ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ٿيڻ کان پوءِ ابتدا کان وٺي ان سان وابسته رهيو. سليڪشن بورڊ، سنڊيڪيٽ جو ميمبر ٿي رهيو. سندس تجربي مان هرڪو مستفيض ٿيندو رهيو. پنهنجي اداري ۾ پنهنجا ماڻهو ڏسي پيو ٺرندو هو ۽ اداري جي واڌ ويجهه تي دلي طرح خوش ٿيندو هو. سندس ٺي پوڪيل ٻوٽي کي تناور درخت ٿي، ڦل ڏيڻ تي ڏاڍو مطمئن نظر ايندو هو.
حسنِ اتفاق سان پاڻ هڪ وڏي آزمائش ۾ اچي ويو. 1983ع ۾ ڪيس مهراڻ يونيورسٽي ۽ ان جي ڪنسلٽنٽ ظهير الدين پٺاڻ طرفان هلندڙ جهيڙي ۾ ٻنهي ڌرين آربيٽريٽر (منصف) مقرر ڪيو. سندس فيصلي تي ٻنهي ڌرين راضپو ڏيکاريو. چون ٿا ته تمام وڏي مٽاڪٽ ۽ انڪوائري

ڪان پوءِ ڊاڪٽر صاحب جو فيصلو يونيورسٽيءَ جي خلاف ويو، جيڪو هن لکت ۾ ڏنو ۽ تمام مشهور ۽ تفصيل سان ڊگهو فيصلو لکيل هو. ان فيصلي ڪرڻ لاءِ چون ٿا ته ڊاڪٽر صاحب کي پاڻ ڏاڍو ڏک ٿيو. پر هڪ منصف ۽ جج جي حيثيت ۾ سندس فيصلو تاريخي آهي. اڳتي هلي، يونيورسٽيءَ وارن هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪري ڪجهه رعايت ورتي، پر پئسا پري ڏنا. اهڙيءَ طرح، ڊاڪٽر صاحب لاءِ يونيورسٽيءَ جا دروازا هميشه لاءِ بند ٿي ويا. هُو ڪيترا سال يونيورسٽيءَ ۾ نه آيو. اها به حقيقت آهي ته سندس آخري سفر کان ڪجهه ڏينهن اڳ پاڻ مهراڻ يونيورسٽي، ڄام شوري ۾ آيو ۽ ڪافي ننڍين وڏن پراڻن ساٿين سان ڳلي مليو ۽ موڪلايائين. ان فيصلي ڏيڻ تي ڪنهن جو ڪجهه به رايو هجي، پر آءٌ ائين چوندس ته فيصلي ۾ شاهديون، لکٽيون، ڊرائنگون ۽ ڪيس جي دفاع ۾ مضبوط مؤقف هجڻ ڪري، ٻيءَ ڌر ڪيس کٽيو ۽ يونيورسٽيءَ هارايو.

چون ٿا ته ڊاڪٽر صاحب ٻين دوستن تي پنهنجا فيصلا مڙهيندو هو ۽ زبردستي ڪندو هو. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن ناراض ٿي ويندو هو. دراصل، ڊاڪٽر صاحب پنهنجي طبيعت جو ماڻهو هو. صاف دل انسان هو. ڪنهن سان بي انصافي ٿيندي برداشت ڪري نه سگهندو هو. هر طرف کان هر اداري ۾ سنڌين جي حق تلفي ڏسي پريشان ٿي ويندو هو. واسطي وارن ماڻهن کي فون ڪري، خط لکي، حقيقت پسند ٿي فيصلي ڪرڻ لاءِ چوندو هو. هر اداري کي ڪوٽا سسٽم جي آئيني حق کان آگاهه ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهي، هرهنڌ ويندو هو. پاليسين ٺاهڻ وقت قومي مفاد مدِنظر رکندو هو. پر حق لاءِ صدا هڻي، ايلاز ڪري، ٻين لاءِ حق ڇني وٺڻ لاءِ ڪٽي ڪٽي ويڙهاند به ڪيائين. هُو مهذب نموني جنگ جوٽي، ڪجهه حاصل ڪرڻ وارو پنهنجي دؤر جو واحد انسان هو، جيڪو واقعي ٻين سان دليريءَ سان وڙهيو. حاڪمِ وقت، وزيرن، پاڻ کان مٿانهن آفيسرن کي به ٽوٽا چٻايائين.

# افغان صاحب جي اميري ۽ فقيري

ڪير هجي، جو موت کان پوءِ ڪنهن کي ياد ڪري. پر ڪي قدآور شخصيتون ياد ڪرڻ جون محتاج نہ هونديون آهن. خاص ڪري، اڄ جي افراتفريءَ واري عالم ۾ جڏهن ڪوبہ ڪنهن کي ياد ڪونهي، پر پنهنجو پاڻ وسريل آهي. اچو تہ گڏجي ڊاڪٽر افغان صاحب کي ياد ڪريو، سندس روح کي سُڪون بخشڻ لاءِ سندس ئي ڪيل خدمات جو ذڪر ڪندي، ماضيءَ جون يادگيريون سميٽي، پنهنجي لاءِ ڪي راهون تلاش ڪيون. اڄ جي تعليمي پستيءَ کي ڏسي، ماضيءَ جو تعليمي معيار ۽ انهن جي رکوالن جي بلند ڪردار ۽ تعليمي اصلاحات لاءِ ڪيل جاکوڙ جون ڪي توريون ڳالهيون ياد ڪري، پنهنجي لاءِ ڪا سٺي راهہ تلاش ڪيون.
سنڌ سونهاريءَ جي هڪ سهڻي ۽ ننڍڙي ڳوٺ ”قاضي واهڻ“، لکي تعلقي، شڪارپور ضلعي ۾ سندس والد قادر داد خان پٺاڻ سنڌي ماستر پنهنجي وقت جي ڳوٺاڻن لاءِ رهبر بنجي الف ـ ب سيکاري ٿو. سالن جا سال در در ۽ گهر گهر تعليم جا ڏيئا روشن ڪري ٿو. ميلن جا ميل پيدل هلي، ابتدائي تعليمي شعور بخشي ٿو.
سائين افغان صاحب مرحوم جي اميري ۽ فقيري ڪنهن کان ڳجهي ڪونهي. سندس زندگيءَ جو هڪ هڪ لمحو اسان سنڌ واسين جي لاءِ قرض چڪائڻ ۾ گذريو. هن پنهنجي مادرِ وطن جي ڀرپور خدمت ڪئي. سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ 1966ع ۾ وائيس پرنسپال ٿي اچن ٿا. سالن تائين ديارِ غير ۾ رهڻ کان پوءِ جڏهن ڪراچي ايئرپورٽ تي قدم رکن ٿا، تہ چون ٿا:

“Landed over sweet soil of Sindh.”

ڪاليج جي ابتدائي دؤر ۾ انقلاب آڻن ٿا. هڪ ننڍڙي آفيس ۾ رات ڏينهن ڪم سان لڳي وڃن ٿا. سموريءَ سنڌ جا غريب والدين ۽ انهن جي غريب اولاد. انجنيئرنگ جي تعليم، سائنسي ۽ فني اعليٰ تعليم ۽ سکيا. ڪنهن کي بہ ڪا خبر نہ هئي، تہ اها خدمت ڪيئن ڪجي...!؟
سنڌ يونيورسٽيءَ جو ابتدائي انجنيئرنگ ڪاليج هڪ عظيم انسان مرحوم حسن علي عبدالرحمان جي ڪوشش، سائين غلام مصطفيٰ شاهہ ڊائريڪٽر ايڊيوڪيشن جي ساٿ ۽ پهرئين پرنسپال مرحوم حاجي محمد سليمان لاڙڪ صاحب جي قيادت ۾ هڪ حسين خواب جي نموني ۾ ابتدا ڪئي. اڄ جي ايشيا جي وڏي مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جي ابتدائي دؤر ۾ انهن مڙني مهندارن عملي خاڪا تيار ڪري، ڪاليج جي داخلا پاليسي جو سٽاءُ ۽ ان جي بحالي ۽ ان کي ايمانداري سان 1966ع کان 1973ع تائين عمل ڪرڻ، افغان صاحب جي زندگيءَ جو هڪ هڪ منٽ تاريخ ساز جدوجهد جو هڪ وڏو باب آهي.
جهر جهنگ ۽ جهوپڙن جي غريب ماروئڙن جو اولاد پنهنجي ڳوٺ واري ڊوميسائيل طفيل سال در سال ڪاليج ۾ ڪاهيندا آيا. هر سال سٺي ۾ سٺا شاگرد انجنيئرنگ جي تعليم کان فارغ ٿي، انهيءَ ميدان ۾ عملي جوهر ڏيکارڻ لاءِ 1967ع کان مارڪيٽ ۾ اچي ويا.

ان ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي، تہ اسان جي پراڻي ۽ جهوني سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جا فارغ التحصيل انجنيئر پنهنجي اعليٰ ڪارڪردگيءَ سان نهايت ئي اعليٰ عهدن تي فائز رهي، اڄ تائين پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪري رهيا آهن. هن اداري جا شاگرد تعليم جي ميدان ۾ وائيس چانسلر، عملي ميدان ۾ چيف انجنيئر، ملٽريءَ جي ميدان ۾ ليفٽيننٽ جنرل، پرائيويٽ سيڪٽر ۾ انڊسٽريءَ جا مالڪ، وڏي ۾ وڏا ڪانٽريڪٽر، آرڪيٽيڪٽ ۽ سياست جي ميدان ۾ وزير ٿي رهيا آهن. مطلب تہ، هن اداري جي تعليم و تربيت اڄ اسان جي ملڪ ۾ فعال قيادت ڪري رهي آهي. هرڪو پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي املهہ ماڻڪ، بي بها موتي ۽ لعل هيرو آهي.

آءٌ تہ ائين چوندس تہ ڊاڪٽر افغان صاحب هڪ اهو مسيحا ٿي گذريو آهي، جنهن ڏيئي وانگر انڌيري بستين کي تہ روشني بخشي، پر پاڻ هميشہ تڪليف ۾ رهيو. هن انسان جي آخري ڏينهن واري دؤر ۾ بہ ڪيترا بيروزگار سائل سنڌس اسلام آباد واريءَ رهائش گاهہ تي حاضر هوندا هئا ۽ انهن کي سنڌس تسلي وارا پيارا لفظ آٿت ڏياريندا رهندا هئا.

پاڻ پنهنجي زندگيءَ جا آخري 10 سال بيروزگاريءَ ۾ گذاريائين. پاڻ پنهنجي پينشن جي مراعات ۽ انعام و اڪرام کان تہ ٺهيو، پر پنهنجي جائز پگهارن کان بہ محروم رهيو. ڪيس سروس ٽربيونل جي عهدي تان زبردستيءَ نوڪريءَ مان برخواست ڪيو ويو. ملڪ جي اعليٰ عدالت ۾ سنڌس پٽيشن بحال تہ ڪئي وئي، پر سنڌس زندگيءَ ۾ ان جو فيصلو ڪونہ ٿيو. نہ صرف ايترو، پر عملي جدوجهد جي دؤر ۾ بہ ڏينهن رات ويڙهاند ڪيائين. حق ۽ سچ لاءِ ڀرپور مقابلا ڪيائين سياستدانن سان، بيوروڪريٽس سان ۽ اعليٰ آفيسرن سان، جن جي غلط ۽ ناجائز حڪمن جي ڪابہ تعميل نہ ڪيائين. پر، نادار، لاچار، غريب ۽ بيواهن کي انجنيئر بنائي خوش ٿيندو هو. اعليٰ اداري جو پرنسپال هوندي بہ ڪيس پنهنجن هٿان جيل جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ وڌو ويو، پر ”سنڌ جي جان - ڊاڪٽر افغان“ جي نعرن سچيءَ سنڌ کي لوڏي ڇڏيو ۽ اعليٰ ايوانن کي ڏڪائي وڌو. جنهن بہ ڊاڪٽر افغان صاحب کي ڏٺو هوندو، تہ سنڌس نوراني چهرو ڪنهن کان بہ نہ وسريو هوندو. ڀڳت ڪنور رام وانگر جتي بہ نظر آيو، تہ سنڌي بيروزگارن جا ٽولا سنڌس چوڌاري گهمندا ۽ ڪڏ هلندا هئا.

ڊاڪٽر صاحب جي والد صاحب قادر داد خان جو ان وقت جو سنڌي گرامر تي لکيل ڪتاب اڄ بہ پراڻين لائبريرين جي زينت آهي. پاڻ اڳٽي هلي، ”بيٽ آفيسر يا اسڪولن جو صاحب“ بڻجي ٿو. سنڌس دؤر جا هزارين شاگرد هوندا، پر سنڌس سلڇڻي اولاد ۽ ان اولاد کي ڏنل تربيت ۽ اعليٰ تعليم دنيا جي ڪنهن بہ والد جي ڀاڱ ۾ نہ ٿي اچي سگهي. ان جو زنده جاويد مثال، سنڌس اولاد جو مختصر تعارف اسان جي اکين آڏو آهي:

1. سائين گل محمد خان افغان: رٽائرڊ جوائنٽ سيڪريٽري، اعليٰ عهدن تي رهندڙ مشهور سول انجنيئر.

2. سائين مرحوم ڊاڪٽر عبدالقدير افغان: پرنسپال سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج، سيڪريٽري سائنس ائنڊ ٽيڪنالاجي، ميمبر سروس ٽربيونل.
3. سائين نورالدين افغان صاحب: جيالاجسٽ، ڊائريڪٽر جنرل سنڌ، منرل ڊيولپمينٽ.
4. ڊاڪٽر بدرالدين افغان صاحب: ڪيمسٽريءَ جو پروفيسر، ڪئناڊا ۾ مستقل رهائش.
5. ڊاڪٽر قمرالدين افغان: چيسٽ اسپيشلسٽ، لنڊن ۾ مستقل رهائش.
6. سائين ظهور الدين افغان: هن وقت جوائنٽ سيڪريٽريءَ جي عهدي تي آهي.

هڪ عظيم انسان، سنڌي استاد جي اولاد جي همه گير انساني خدمات تي ڪيترو نه فخر ڪجي، جيڪي پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي مادرِ وطن سنڌ جي خدمت پيا ڪن.

اڄ اسان کان ٺهيل ٺُڪيل، بنايل ۽ سنواريل ادارا هلي نه ٿا سگهن. اسين زباني ٻٽاڪون ٿا هڻون، پر تعليمي ميدان ۾ ڪورا ٿي ويا آهيون. اسان جا ظاهر مُکَ ۽ مهندار اڇي ۽ ڪاري جا مالڪ، هڪ طرف ايڏي عظيم ادارن جا اڳواڻ بنجي، سڀ اقتدار پنهنجيءَ پاڻُو اُڇلائي، عظيم درسگاهن کي پائمال ڪري رهيا آهن. هڪ طرف تعليم ختم آهي، ته ٻئي طرف شاگرد دنگل وڙهي رهيا آهن. آخر اسان جي آئينده نسلن جو ڇا ٿيندو؟

اڄ جي دؤر ۾ اسان کي ڊاڪٽر افغان صاحب جي نقشِ قدم تي هلڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪرڻو آهي. اسان مان هرهڪ کي سندس اڏوري مشن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ٻين لاءِ زندگي وقف ڪري، تعليم لاءِ جدوجهد ڪرڻي آهي. اسان اعليٰ تعليم جي لاءِ ڪجهه به ڪيون، پر ابتدائي پرائمري تعليم جي سڌاري لاءِ ڪجهه ضرور ڪرڻو آهي!

# هڪ تاريخ جو باب ختم ٿيو

صدين کان پوءِ ڪي ڪي ماڻهو اسان کي اهڙا ملندا آهن، جي مڪمل طرح انساني روپ ۾ بي مثال فرشتا هوندا آهن. جيڪي پنهنجي قول ۽ فعل ۾ سچا، اخلاق ۽ ڪردار ۾ مسيحا، طبيعت ۾ حليم ۽ سادا، همت ۽ جرئت جا مالڪ هوندا آهن. مطلب تہ، هنن جي زندگيءَ جو هڪ هڪ لمحو آدرش هوندو آهي.

ظاهري طرح حق ۽ سچ جا اُهي پُتلا ڏکيا ۽ مشڪل نظر ايندا آهن، چو تہ هنن وٽ ڪوبہ فيصلو مصلحت کان خالي نہ هوندو آهي. جنهن ڪري، پنهجي اصول تي قائم رهي، پنهنجي راءِ کي مقدم سمجهي، هرهڪ لاءِ ساڳي ڳالهہ ورجائيندا آهن. هنن جي راءِ هرهڪ لاءِ ساڳي هوندي آهي. هنن جي نظر ۾ هرهڪ ماڻهو برابر هوندو آهي. وقت جي حاڪم، ڌرتيءَ جي جابر ۽ هن يونءِ جي بي پهچ عام ماڻهوءَ لاءِ هڪ ئي فيصلو، جيتوڻيڪ وقتي طور ان لاءِ تڪليف جو باعث بنبو آهي، پر ڪيس حقيقي ۽ روحاني خوشي نصيب ٿيندي آهي.

ان ڪسوٽي تي سؤ سيڪڙو پرکڻ وارو انسانُ ڊاڪٽر افغان صاحب ڪنهن کان گهٽ نہ آهي.

هُو اج جي 20 صديءَ ۾ سالن جا سال حق ۽ انصاف جي جدوجهد ۾ عمليءَ طرح 26 سال ويڙهاند ڪندو رهيو. سندس ان عرصي جو هڪ هڪ لمحو تاريخ جو هڪ باب طور رقم ٿيل آهي. هينئر اها اج جي تاريخدان تي ذميواري آهي، تہ سندس آدرشن کي منظرِ عام تي آڻي، تہ جيئن دنيا کي خبر پوي تہ جڏهن هر طرف اوندهہ انڌوڪار هجي، ڏاڍ ۽ جبر جو دؤر هجي، جتي هرهڪ کي پنهنجي نفسا نفسي ۽ مطلب پرستي درڪار هجي، ڏاڍ ۽ ڌهڪاءُ ڦهلائي وقت جو حاڪم پنهنجي من ماني ڪرڻ لاءِ مڪمل طرح مختيارِ ڪل هجي، سچي ديس جا رکوالا چڱا ۽ مُک رکو پنهنجي من ماني چاهيندا هجن، اتي هڪ ننڍڙو ملازم پيشہ ماڻهوءَ جو ايڏو وڏو قد ۽ ڪاٺ هجي، جو ڪنهن جي غلط راءِ سان ها ۾ ها نہ ملائي، پنهنجي فيصلي مطابق اڪيون اکين ۾ ملائي ڳالهہ ڪري، تہ ان کي سلام آهي.

ڊاڪٽر افغان صاحب جي زندگيءَ جو هڪ هڪ لمحو درسِ عبرت آهي. سندس علمي قابليت ۽ خانداني پس منظر ۾، سندن والد محترم قادر داد افغان، ان وقت سنڌي استاد، بعد ۾ تعليمي آفيسر (بيٺ عملدار) جو گهراڻو، يائرن جي صف ۾ گل محمد خان افغان ـ هڪ مجيل انجنيئر (رٽائرڊ ايس اِي)، نور الدين خان افغان ـ ڊائريڪٽر منرل انڊسٽريز، ڊاڪٽر بدرالدين افغان ـ ڪئناڊا ۾ ڪيمسٽري جو پروفيسر، ڊاڪٽر قمرالدين افغان ـ لنڊن ۾ چيسٽ اسپيشلسٽ ۽ ننڍڙو ڀاءُ لالا ظهور الدين افغان يوٿ افيئرز ۾ اعليٰ آفيسر جهڙا يائر سندس هم رفيق ۽ ساٿي هجن. اتي پاڻ امپيريل ڪاليج لنڊن مان 1958ع ۾ "سُئائل مڪينڪس" ۾ پي ايچ. ڊي. ڪيائين. ڪيترا سال ديارِ غير ۾ وڏا عهدا ماڻي، پنهنجو پاڻ مجايائين.

سنڌ جي نئين انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ڪيس گهرايو ويو. 1965ع ۾ پنهنجي وطن جي خدمت ڪرڻ لاءِ اچي حاضر ٿيو. پهريائين پروفيسر ۽ پوءِ پرنسپال مقرر ٿيو. 1973ع تائين لڳاتار اهو

ڪجهه ڪيائين، جنهن تي اسان سنڌين کي فخر آهي. سنڌس ڪاليج لاءِ ڪيل خدمات ۽ 8 سالن جو منٽ منٽ هڪ تواريخ آهي. ڪوٽا سسٽم رائج ڪرائڻ ۾ سنڌس ڪاوش ۽ ان تي حقيقي عمل ڪرائڻ، ڪاليج جي اوسر ۾ شروعاتي اڏاوت، ساز و سامان هٿ ڪرڻ، تدريسي عملي لاءِ هڪ پاليسيءَ هيٺ وڌ ۾ وڌ اعليٰ تعليم واسطي هرهڪ کي همٿائي سالن جا سال ٻاهر موڪلڻ ۽ سنڌ جي ٻهراڙين جي شاگردن لاءِ پڙهائيءَ سان گڏ مالي معاونت جو بندوبست ڪرڻ سنڌس قابل ذڪر عبادت ۾ شامل آهي.

اصول تي هلندي ڪنهن جي ٻه نه ٻڌائين. هڪ طرح ڌرتيءَ جي اصل وارثن سان ته سنڌس نياءُ ٿيندو آيو، پر ملڪ جي ڪرتا ڌرتا آقائن لاءِ ڊاڪٽر صاحب اک جي ڪنڊي مثل هئو. پاڻ بي پرواهه ٿي، پنهنجي مشن سان لڳو رهيو. تان جو سازش ڪري ڪيس جيل ياترا لاءِ مجبور ڪيو ويو. هڪ ورلڊ رڪارڊ قائم ڪرڻ لاءِ تعليمي درسگاهه جي سربراهه کي پابندِ سلاسل ڪيو ويو. وري به شاباس آهي شاگردن ۽ انهن جي والدين کي، جن سڄيءَ سنڌ ۾ پنهنجي وقت جو احتجاج ڪري، ڊاڪٽر صاحب کي ٽن مهينن جي تڪليف کان پوءِ آزاد ڪرايو.

ساڳئي ڪاليج کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. پڙهائيءَ جي معاملي ۾ سخت هجڻ ڪري، وقت جي ضرورت کي محسوس ڪندي، پڙهائي جي پستيءَ واري ماحول کي برداشت نه ڪيائين. ان ڪري، شاگردن کي آهستي آهستي ڊاڪٽر صاحب ڏکيو محسوس ٿيڻ لڳو. ان وقت، تعليمي ماحول ۾ سهل پسندي ۽ ناجائز رعايتن جي رواجَ شاگردن کي پڙڪايو ۽ ڊاڪٽر صاحب ان ڳالهه کان بنهه نابري واري ويٺو. ان موقعي جو فائدو وٺندي، هڪ ٻيو وار ڪري، ڊاڪٽر صاحب  کي ڪاليج کان بلڪل علحده ڪيو ويو.

پوءِ وارا پورا 16 ـ 17 سال به هيءُ مردِ مجاهد هرهڪ گام تي ثابت قدم رهي ويڙهه ڪندو رهيو. ڪيس وڏا وڏا عهدا آزمائش لاءِ ملندا رهيا ۽ ڪسبا رهيا. مختلف حڪومت جي ڪارندن پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ وقتي طور ڪين استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن صاحب ڪنهن کي وَٽُ نه ڏنو. سنڌس رڳ رڳ ۾ هڪ ئي حق ۽ سچ جو اصول، سنڌ ۽ سنڌ واسين جي خدمت کان ڪيس ڪير به روڪي نه سگهيو.

پاڻ اهو سڄو وقت ذهني پريشاني، مالي بدحالي، سهولتن جي فقدان ۽ وقتن جي ويرن ۾ لُڙهندو رهيو، پر سنڌس ايمان کي ڪوبه لوڏي نه سگهيو. زندگيءَ جي هر صبح ۽ هر شام ٻين کي وقف ڪري، پنهنجي ذاتي تڪليفن کي وساري، وقت سان وڙهندو رهيو.

سنڌس مشن هو ته بي سهارا ۽ بي پهچ پڙهيل نوجوانن کي پاءُ اٽي جو پلئه وجهي، هڪ ڪارگر انسان بنائي. ٻيو نه، ته سنڌس خاندان کي سُڌاري سگهجي ٿو ۽ اهڙا سوين هزارين خاندان ملي، پنهنجي ڌرتيءَ جي سينڌ سنواري، ملڪ جو مانُ مٿانهون ڪري سگهن ٿا. ان ڪري، هرهڪ کي نوڪري وٺرائي ڏيڻ لاءِ وڙهندو رهيو.

اسلام آباد ۾ سنڌس ٽڪاڻو، سنڌ جي بي پهچ نوجوانن لاءِ هڪ سراءِ مثل هئو. جڏهن ڏسو، بنا واقفيت جي، همراهه سائينءَ جا مهمان. صبح جو سائين ساڻن گڏ وٺندو سيڪريٽريٽ جا چڪر هڻندو هو.

باقائده پروگرام سان ڪراچي، لاهور ۽ سکر جا چڪر هڻندو هو. جتي ٻه ويندو هو، ته بيروزگارن جا جٿا سندس ڪڏ هوندا هئا. هرهڪ آفيس جي سربراهه ڏي هليو ويندو هو. نه ڄاڻ، نه سڃاڻ، ته به سفارشي. ڊاڪٽر صاحب، حقدارن جي وڪالت ڪندو ۽ غربت جا واسطا وجهندو هو. وقت اچڻ تي پنهنجي طرفان تيز ۽ تند لهجو اختيار ڪرڻ ۾ به دير نه ڪندو هو. مان سمجهان ٿو ته اڄ بي انداز وڏا ماڻهو، جيڪي بنگلن ۽ ڪارن جا مالڪ آهن، اهي سڀ سندس ذاتي توجهه جو نتيجو آهن. ڊاڪٽر صاحب اهو سڀ ڪجهه خدا ڪارڻ ڪندو رهيو. پاڻ پنهنجي زندگي جو اهم مشن 'ٻين جي ڪم اچڻ' جي اصول تحت ڪندو رهيو.

اُن سڄي ساري جدوجهد ۾ ڊاڪٽر صاحب هميشه مطمئن ۽ خوش رهيو. جيتوڻيڪ ڪيس ذاتي تڪليفون ايندڀون رهيون، يا پنهنجي ذاتي ۽ خانداني بم بکيڙي کان آجو رهيو. پر هميشه مطمئن نظر آيو. مون کي ذاتي طرح خبر آهي ته پاڻ پنهنجي اباڻن ککن کي ۽ ڪجهه ٻنيءَ جي ٻارن کي ٽاهڻ لاءِ ڪوشان رهيو، پر ذاتي گهر به ٺهرائي نه سگهيو.

قدرت کيس انعام ۾ صالح اولاد سان نوازي ڇڏيو. سندس نياڻيون ۽ پٽ ڪجهه پڙهي رهيا آهن ۽ پنج ڊاڪٽريءَ جي پوتر پيشي سان منسلڪ آهن. شال! خدا کين ابدي آرام ڏئي، پونيرن کي صبر ڏئي ۽ سندس گهڻگهرن ۽ معتقدن کي توفيق ڏئي، ته جيئن سندس آدرشن کي مشعل راهه بنائي، ملڪ و قوم لاءِ ڪجهه ڪري سگهون.

ڊاڪٽر صاحب جو هڪ خواب هئو. سڄيءَ سنڌ کي سائو ۽ سرسبز ڏسڻ ٿي چاهيائين. ماضيءَ کي موٽائي، واهڻ ۽ وستين ۾ امن ۽ آشتيءَ جو ڳولهائو هئو. ترقيءَ جي راهه تي هرهنڌ ڪارخانا ۽ زرعي انقلاب ڏسڻ ٿي چاهيائين. هرهڪ سنڌيءَ کي اعليٰ تعليم يافته بنائڻ ٿي چاهيائين. شروعاتي پرائمري تعليم کان وٺي اعليٰ سائنسي ٽيڪنالاجيءَ واري تعليم هرهڪ لاءِ حق ٿي ڄاتائين. سڄيءَ سنڌ ۾ خوشحالي پئي چاهيائين. حقيقي تعليم، سچو پچو هنر، هرهنڌ خوشي ۽ خير.

موجوده سنڌ جي حالتِ زار ڏسي ۽ پسي، سندس هينئون هنجون هارڻ لڳندو هو. موجوده تعليم جي ابتر حالات ڏسي هوشيار ڪندو هو ته بابا! ڪجهه سنڀاليو. اکيون پٽيو! سٺيءَ تعليم لاءِ هٿ پير هڻو. هٽرادو آپگهات کان بچو. دشمن جي چال کي سمجهو، جنهن اسان جي تعليم کي هٿ سان تباهه ڪيو آهي. اسان جي نوجوان کان محنت ۽ قابليت کسي، ڪاپي ۽ سفارش جو نشو ڏنو ويو آهي. اڳتي هلي، سکڻيون ڪاغذي ڊگريون ڪم نه ايندڀون. خدارا پاڻ ۾ اهليت پيدا ڪيو. تعليمي بنياد تي پنهنجي هوشياري مڃرائي، حق وٺڻ لاءِ سٺي تعليم جو زيور پائي، اڳتي وڌو ۽ قلم جي زور تي حق وٺو.

هر هنڌ بدامني ۽ ابتري، ڌاڙا، دنگا فساد، پنهنجن هٿان پنهنجن مٿان ظلم، هٿيارن جي زور تي نوجوانن جا اغوا، پُنگ ڏئي ڇڏائڻ جو واپار، هڪ نئين روايت جو جنم، هڪ هٽرادو کيل، ڏاڍي ۽ هيٺي جي جنگ مثل ڏسي روئي ڏيندو هو. چوندو هو ته سڄي سنڌ ندٽڪي تي پئي آهي. اسان جي سنڌ واري غيرت ۽ همت ڪٿي آهي؟ ڪٿي آهي.....!؟

اسان جا سورهيه سنڌي، اسان جا رهبر ۽ اڳواڻ، ڳوٺ جا نيڪ مرد ۽ چڱا چو نہ ٿا اڳتي وڌن. اهي چو مصلحت سبب چُپ آهن! پنهنجي سنڌ جي سنڀال ڪري، چو نہ ٿا بک ۽ بيروزگاريءَ کي ڊِڪي ڪڍن؟ اسان جا چونڊيل نمائندا، پير ۽ مير اڳتي وڌي، مظلومن جي پرگهور چو نہ ٿا لهن؟ پنهنجا ذاتي اختلاف ختم ڪري، گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۽ سنڌ واسين جي سک ۽ سلامتيءَ لاءِ چو نہ ٿا گڏ ٿين؟

پاڻ چوندا هئا تہ اسين سنڌي ڀلي ڪيترا بہ پري هجون، پر پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ وارن جي حق ۽ سچ لاءِ رڳو هڪ هنڌ گڏ هجون، تہ اسان کي ڪوبہ هٿ لائي نہ ٿو سگهي. هي سڀ ڌارين جون پيدا ڪيل هٿرادو تڪليفون ۽ سازشون ڪجهہ بہ بگاڙي نہ ٿيون سگهن. رڳو، ڀڏي ۽ ايڪو هجي.

پاڻ هڪ دفعي چيائون تہ ذاتي مفاد پٺيان اچلائي، سياسي نظريا هڪ دفعو وساري، اسان جي سنڌ جا اڳواڻ رڳو هڪ هنڌ گڏجي ويهن. ڀلي پاڻ ۾ ڪيڏا بہ اختلاف چو نہ هجن؟ پر، رڳو ظاهري طرح ڀين کي ڀڏائن، تہ اسين سنڌي سڀ هڪ ۽ گڏ آهيون. اڄ ڪان پوءِ سازشون ٿيڻ نہ ڏبيون، تہ هُوند هي سڀ معاملا ازخود ٺيڪ ٿي وڃن!

پاڻ هميشہ دعاگو هوندا هئا تہ شال سنڌ ۽ سنڌ واسي سلامت ۽ سُکي هجن! خدا ڪري تہ سنڌن دعا ڌٽيءَ در اگهامجي! اسان جي سنڌ ۾ وري امن ۽ آشتيءَ جو واءُ گهُلي، ميٺ ۽ محبت جو ميلو مچي، هرڪو پنهنجي ڪکن ۾ آرامي ٿئي، سُڪون جي ننڊ سمهي ۽ اسين سڀ گڏجي هڪ ٿي، ڪجهہ ڪري سگهون. آمين!

# سُونهن بہ هئو، سُرهاڻ بہ هئو

سال گذري ويا، وڇڻ وارا وري نہ آيا. نہ وري سندن سڪ لاهڻ لاءِ سندن جڳهہ والارڻ وارا ئي ڪي اهڙا مليا، جو ڪجهہ نہ ڪجهہ دل کي آٿت ملي. بس، اهي ماضيءَ جون يادون ئي تہ آهن، جن جي سهاري بيوس انسانُ نيڪيءَ ۽ چڱائيءَ جي اميد رکندي، اڳتي وڌندو رهي ٿو. جيءُ جهڄندو رهي ٿو. وڪ وڪ تي ناڪامي ۽ نراسائي ڏسي، ويتر مانجهي مردن جون يادون وڌيڪ پريشان ڪري وجهن ٿيون. دل بي اختيار چئي ٿي تہ:

اڄ پڻ اکڙين، سڄڻ پنهنجا سارِيا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون، بوندون بس نہ ڪن،
سَندي سِڪ پرين، لوڪ ڏٺي نہ لهي.

(شاهہ)

ڊاڪٽر افغان صاحب جهڙي عظيم انسان کي ياد ڪندي، سندس مسلسل جدوجهد واري زندگيءَ جو هڪ هڪ پل اکين آڏو ڦِري اچي ٿو. پاڻ هڪ مڪمل انسان ۽ ڪامل استاد جي روپ ۾ نکري نروار ٿي ظاهر ٿئي ٿو. سندس نجي زندگي هڪ اعليٰ اداري سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ تدريسي خدمات، ان اداري جي انتظامي معاملات: ان اداري جي شاگردن، ننڍين ملازمن، اعليٰ تعليم يافتہ استادن جي مڪمل رهنمائي ڪرڻ: ان اداري جي مان مٿانهين ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻ: اداري سان وابستگي ختم ٿيڻ بعد بہ ان اداري سان تاحيات تعلق رکي، هر ممڪن مدد ڪرڻ جو اعليٰ مثال ـ ڊاڪٽر افغان صاحب جي گذاريل گهڙين جي ڪڙين کي ملائي معلوم ڪري سگهجي ٿو. ڊاڪٽر افغان صاحب جي پنهنجي مسلسل جدوجهد واري زندگي اسان سڀني لاءِ درسِ عبرت آهي.

سندس شروعاتي عملي زندگي جو آغازُ جلد ئي ٻاهرين ملڪن ۾ سالن جا سال هڪ ڪامياب انجنيئر ۽ منتظم وارو دؤرُ اسان سڀني لاءِ ايترو متاثر ڪندڙ نہ بہ هجي، پر 1965ع جي آخر ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج سان وابستہ رهي، 1973ع تائين سندس ڪيل خدمات، بعد ۾ 1973ع کان 1983ع تائين مختلف عهدن تي رهي، سڄي ملڪ لاءِ ڪيل ڪم ۽ 1983ع کان آخري گهڙي، يعني: 9 اپريل 1991ع تائين سخت تڪليف ۽ پيڙا واري وقت ۾ بہ هرهڪ لاءِ بي لوث خدمت، پنهنجي ديس ۽ ديس واسين لاءِ سڄي ملڪ جي ڪنڊِ ڪڙڇ ۾ حق ۽ سچ لاءِ ويڙهاند ۽ انسان ذات لاءِ زندگي وقف ڪرڻ جا بي بها مثال اسان جي آڏو آهن.

ڊاڪٽر افغان صاحب کي خراج تحسين پيش ڪندي، پنهنجيءَ معلومات آهر سندس زندگيءَ جي هرهڪ پهلو کي اُجاگر ڪري، اڄ ڪلهہ جي آقائن لاءِ اهو واضح ڪرڻ مراد آهي تہ جيڪي پين لاءِ جيئن ٿا، جيڪي پنهنجي زندگي سچائيءَ جي راهہ تي هلندي حق ۽ سچ جي ڳالهہ ڪن ٿا، جيڪي پنهنجي وطن واسين ۽ پنهنجو پاڻ سان وفادار آهن، جن لاءِ انسان ذات

جي خدمت اُتم آهي، جيڪي پنهنجي اصولن جي پاسداري ڪندي ڪنهن به اثر هيٺ نه ٿا اچن، اهي ساري زندگي پاڻ تڪليف ۾ رهن ٿا، پر ٻين لاءِ سُک ۽ سلامتيءَ جون راهون مُيسر ڪن ٿا. اهڙا مانجهي مرد پنهنجي تواريخ جوڙي، هميشه لاءِ امر ٿي وڃن ٿا. اهڙن بيباڪ بهادر انسانن کي صدين تائين ياد رکيو وڃي ٿو. سندن نقشِ قدم تي هلڻ لاءِ هر دؤر ۾ ڪو نه ڪو انسانُ اڳتي وڌي انسانيت جو پرچارڪ بڻجي ٿو.
ڊاڪٽر افغان صاحب پنهنجي مهربانن ۽ محسنن جي صلاح تي پنهنجي ڌرتي ماتا جو قرض چڪائڻ لاءِ ۽ ديس وارن جي سچي جذبي سان خدمت ڪرڻ لاءِ 1965ع جي آخري مهينن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي نئين قائم ڪيل سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پروفيسر ٿي آيو. اچڻ سان پنهنجي تجربي ۽ چاهه مطابق، ڏينهن رات هڪ ڪري، پنهنجي محسن پرنسپال، حاجي محمّد سليمان لاڙڪ صاحب جو ٻانهن ٻيلي ٿي، پنهنجي اداري جي شروعاتي ڪمن سان لڳو. بنا ڪنهن سهولت جي، اداري کي پنهنجو تصور ڪندي، هڪ ننڍڙي آفيس ۾ صبح جو سوير ايندو هو. تمام سٺي ۽ سهڻي انداز ۾ پڙهائي وارا ڪلاس پورا ڪري، انتظامي معاملات سلجهائڻ لاءِ لڪپڙهه، ميٽنگ ۽ ٻين ڪمن سان رات جو دير تائين مصروف رهندو هو. جلد ئي داخلا پاليسي ڪوٽا سسٽم مطابق ٺاهي، سنڊيڪيٽ مان پاس ڪرائي، ان تي عمل شروع ڪرايائين. داخلا ڏيڻ واري ڪٺن ڪم ۾ ذاتي طرح دلچسپي وٺڻ لڳو. شروع کان ئي شاگردن جي پڙهائي، انهن جي رهائش، جلد کان جلد ڪاليج جي بلڊنگ، لائبريري، ليبارٽرين ۽ ورڪشاپ ٺهرائڻ واري ڪم ۾ تيزي آڻڻ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. شاگردن جي ذهني نشونما لاءِ نصابي سرگرمين سان گڏ ڊبيٽس، راندين ۽ چٽاپيٽيءَ وارن مقابلن ۾ سٺن ۽ ذهين شاگردن جي دلجوئي ڪندو هو. سڀ کان وڌيڪ غريب شاگردن لاءِ ڪتاب مهيا ڪرڻ، هاسٽلن اندر ميس سسٽم قائم ڪرائي، سَستي ۽ سُٺي کاڌي جو بندوبست ڪري پاڻ ان جي نگراني ڪرڻ، غريب شاگردن لاءِ وڌ ۾ وڌ فري شپ مهيا ڪرڻ، ذهين شاگردن لاءِ ميرٽ ۽ اسڪالرشپون منظور ڪرائڻ لاءِ ڏاڍا جتن ڪيائين. مطلب ته، شاگردن کي منظم نموني ۾ سٺيون سهولتون ڏئي، سخت محنت ڪري اعليٰ صلاحيتن جي مظاهري لاءِ عملي طرح مُعاون ۽ مددگار بڻيو. ننڍن ملازمن لاءِ سُٺيون پگهارون، رهائش لاءِ ڪالونيءَ ۾ وڌ ۾ وڌ گنجائش، استادن لاءِ پگهارن جا سٺا اسڪيل ۽ وڌ ۾ وڌ اسڪالرشپون منظور ڪرائي، کين ٻاهرين ملڪن ۾ موڪلي، ننڍيءَ عمر ۾ وڏي ۾ وڏي ڊگري Ph.D ڪرڻ لاءِ هر سطح تي ڪوشان رهيو. ٻاهرين ملڪن جي يونيورسٽين ۾ شاگردن کي پاڻ داخلائون وٺرائي، سيني لاءِ سهولت مهيا ڪندو هو.
ائين ڪٺي چئجي ته پنهنجي پرنسپال جي مڪمل سهڪار سان پنهنجي اداري لاءِ ڪٺن مرحلا طئي ڪري، بنيادي طرح هرهڪ محاذ تي عملي جدوجهد سان ڪامياب و ڪامران بڻجي، منزل طرف وڏين گامن سان قدم کڻندو وڌندو رهي ٿو.

جلد ئي 1966ع ۾ لاڙڪ صاحب جي رٽائر ٿيڻ بعد، پاڻ پرنسپال مقرر ٿيو. اهڙيءَ طرح، مٿس ذميواريون وڌڻ لڳيون. وڏي حوصلي ۽ همت سان پنهنجي اصولن تي قائم هوندي ڪم ۾ جنبجي ويو ٿو. سندس ساٿي حاجي محمود ميمڻ صاحب، اي. ايف. عباسي صاحب، ايس. ايم.

قريشي صاحب اعليٰ تعليم لاءِ ٻاهر ويندا هئا. ڪيترائي نوجوان استادن وٽ اسٽوڊنٽ طور ڪم ڪري رهيا هئا. مثال طور، عطا محمد جوڻيجو، عبدالحي ٻالاڻي ۽ ٻيا، جيڪي پنهنجو ڪم جاري رکي اڳتي وڌيا.

1967ع ۾ هن ئي ڪاليج جي پهرين گريجوئيٽ بيچ ٻاهر نڪري ۽ هو پنهنجي پاڪستان جي ادارن ۾ ڪم ڪرڻ لڳا. ڪيترا ئي شاگرد ليڪچرار ٿيا. ڊاڪٽر صاحب سان گڏ ڪلهي ڪلهي ۾ ملائي پڙهائڻ جي ڪم ۾ لڳي ويا هئا. جن ۾ مجيب پيرزادو ۽ عبدالمجيد بروهيءَ جا نالا ياد اچن ٿا.

هن دوران ڪوٽا سسٽم تي ڪاميابيءَ سان عمل ڪرڻ جي نتيجي ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان غريب هاري ناري، استادن ۽ ٻي پهچ ماڻهن جو اولاد پنهنجو حق پلئه پائي، هر سال داخلا وٺن ٿا. ٻئي طرف وڏن ماڻهن جو اولاد، وڏن شهرن ۾ اعليٰ درسگاهن مان وڏي شان ۽ مان واري تعليم هوندي به داخلا وٺي نه ٿا سگهن ۽ سندن هر سفارش ناڪام وڃي ٿي. سياسي اثر رسوخ، وڏن آفيسر جون چالاڪيون، ايستائين جو اعليٰ کان اعليٰ منصب وارو ماڻهو به ڊاڪٽر صاحب جي اداري ۾ داخلا وٺي نه ٿو سگهي. نتيجي ۾، ڊاڪٽر صاحب هر سطح تي مخالفت پلئه پائي ٿو. ڪوبه آفيسر ۽ اعليٰ عملدار ڪيس نه ٿو چاهي، ايستائين جو مسرور ڪمشنر جهڙو ماڻهو به سندس دشمن بڻجي ٿو. سنڌ ۾ سڀ سياستدان، جيڪي سائين افغان لاءِ عزت ته رکن پيا، پر پنهنجن ٻالڪن جي داخلا نه ڪرائي سگهڻ جي ڪري ڪانئس بيزار ٿي وڃن ٿا. ٻئي طرف غريب، ٻي پهچ ۽ ٻي يار و مددگار ماڻهن جو اولاد داخلا ملڻ کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب لاءِ دعائن جو ثمر ته بڻجي ويو، پر ڏکئي وقت ۾ ڪجهه به نه ٿي ڪري سگهيو.

جلد ئي 1968ع بيچ جا هونهار انجنيئر ٿي ميدان ۾ آيا، جن پڻ هر اداري ۾ پنهنجي چاڻ جي مڃتا جي طور وڏ ۾ وڏ نوڪريون حاصل ڪيون. ان ئي سال ۾ عبدالاحد ابڙو، عبدالقدير راجپوت، علي اڪبر ميمڻ، قاضي خضر حيات، جلال الدين ابڙو، جان محمد ڪيريو ليڪچرار ٿين ٿا. اڳتي هلي، رفيق صفي جهڙا هونهار به ليڪچرار ٿين ٿا.

ڊاڪٽر افغان پنهنجي مشن ۾ مگن ۽ پنهنجي درسگاهه جي اعليٰ تعليمي معيار کي وڌائڻ ۾ مشغول رهي ٿو. پر، نوجوان باصلاحيت شاگردن کي ليڪچرار ڪرائي، جلد ٻاهر اعليٰ تعليم لاءِ موڪليندو رهي ٿو.

ٻهراڙيءَ جي غريب شاگردن لاءِ وڏ ۾ وڏ سهولتون پيدا ڪري، تعليم پرائڻ لاءِ راهه هموار ڪري ٿو. ڪاليج به ڏينهون ڏينهن ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندو رهي ٿو. بلڪل ان رفتار سان ڊاڪٽر افغان صاحب اعليٰ اقتدار ۾ هر سطح تي مخالفت پرائيندو رهي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جا اصول، باهمت ۽ باضمير فيصلا، ٻي لچڪ ۽ اٽل ارادا هرهڪ لاءِ ڏکيائي پيدا ڪن ٿا. سنڌ يونيورسٽيءَ جا اعليٰ عملدار به پنهنجي ئي هڪ اداري جي سربراهه آڏو پاڻ کي مجبور سمجهي، هڪ پيلي ۾ به شينهن سمجهندي، نادانسته طور ڊاڪٽر صاحب جا مخالف بنجن ٿا.

ان دوران حاجي محمود صاحب ڊاڪٽر بنجي، افغان صاحب جو نائب معاون ۽ مددگار ٿي، درس تدريس ڪي سهارو ڏئي ٿو. پر، ڊاڪٽر صاحب خلاف سازشون وڌنديون رهن ٿيون. ڊاڪٽر صاحب بي خوف و خطر اڳتي وڌندو، ڪاميابيون ماڻيندو رهي ٿو. پر، سندس دشمن به وڏا ڪٽر هئا. ايستائين جو 1970ع ۾ ڊاڪٽر صاحب جهڙو پاڪ ۽ صاف انسان زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي مشڪلات ۾ اچي وڃي ٿو. پهرئين جولاءِ 1970ع تي هڪ طرف سنڌڙيءَ جو ون يونٽ وارو طوق لعنت ٽُٽي ٿو، ته ساڳئي ڏينهن ڊاڪٽر افغان صاحب جي گرفتاريءَ جو وارنٽ لاهور ۾ صحيح ٿئي ٿو. اهوئي ماڻهو سندس وارنٽ ڪڍي ٿو، جنهن لاءِ ڊاڪٽر صاحب حيدرآباد جي ڪمشنريءَ دوران هڪ به نه ٿو ٻڌي. ڊاڪٽر صاحب ٿي مهينا جيل ياترا ماڻي ٿو. سندس جيل وڃڻ سان سڄي ملڪ ۾ ترٿلو مچي وڃي ٿو. خاص ڪري، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ شاگرد احتجاج ڪندي جيل ڀرين ٿا، جن ۾ نه صرف سنڌي، پر مهاجر، بلوچ، پنجابي ۽ ٻاهرين ملڪن جا تعليم وٺندڙ عرب، ايران ۽ جارڊن جا شاگرد به احتجاج ڪن ٿا. سڄي ڪاليج جا شاگرد سراپا احتجاج بنجي پون ٿا. سڀ استاد گڏيل استعيفي ڏين ٿا. سڄيءَ سنڌ جا شهري پريس معرفت شديد احتجاج ۾ شامل ٿين ٿا. سڀ سياستدان پنيرائي ڪن ٿا. پر، ان وقت جو عظيم مدبر، مخالفت ڪندڙ وڏو ليڊر، ذوالفقار علي ڀٽو صاحب به نه صرف مخصوص پريس ڪانفرنس ڪندي ڊاڪٽر صاحب جي رهائيءَ لاءِ مطالبو ڪري ٿو، پر وقت جي حاڪم سان ملي، سندس آزاد ٿيڻ لاءِ راهه هموار ڪري ٿو. جلد ئي، ڊاڪٽر صاحب سياسي شڪنجي مان آزاد ٿي، وري اچي پرنسپال تي ڪم ڪري ٿو.

آهستي آهستي، ڊاڪٽر صاحب هر سطح تي ڪامياب و ڪامران ٿي، اڳتي وڌندو رهي ٿو. سندس ساٿي اي. ايف. عباسي ۽ ايس. ايم. قريشي صاحب جهڙا ماڻهو ڊاڪٽر بڻجي اچن ٿا. ڪاليج هر سطح تي اڳتي وڌندو رهي ٿو. پاڻ ڪاليج جي اندروني ماحول کان مطمئن ۽ بي خوف ٿي، ٻاهرين محاذن تي مقابلي لاءِ وڙهندو رهي ٿو. پنهنجي ڪاليج مان پاس ٿي نڪرندڙ شاگردن کي مختلف ادارن ۾ نوڪرين ڏيارڻ جي سلسلي ۾ سرڪاري ادارن کان علاوه پرائيويٽ ادارن تي پڻ دٻاءُ وجهن ٿا. هر هنڌ سنڌ جي ڪوٽا مطابق نوڪرين جي تلاش ۾ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجو آواز بلند ڪن ٿا.

انتظامي سخت مزاجي ڪري، وقت جي ڦيرقار ۽ زماني جي گردش کان بي نياز، هرهڪ ملازم خواه استاد سان ساڳي روش اختيار ڪن ٿا، جيڪا آهستي آهستي هرهڪ کي ڏکي لڳي ٿي. ملڪ اندر عوامي دؤر واري حڪومتي سرپرستي سبب انتظامي معاملات ۾ بيجا مداخلت کي مناسب نه سمجهي، هرهڪ سان اڳي وانگر ٽڪر کائن ٿا. پراون حاڪمن ۽ سياست جي ساندن کان پنهنجا حڪمران ۽ سياستدان به ڊاڪٽر صاحب جي اصولن ۽ سچائيءَ وارن فيصلن کي پنهنجي لاءِ انا جو مسئلو بنائي، ذاتي مخالفت ڪن ٿا.

شاگردن جي سطح تي ڪوٽا سسٽم جي ڪري، ڏينهون ڏينهن گهٽ معيار جا شاگرد، پڙهائيءَ جي معاملي ۾ سُست ۽ ڪاهل ثابت ٿي، محنت کان مُنهن موڙي، رڳو نعرا هڻڻ لڳن ٿا. انسان جي وجود کان انڪاري ۽ اصل سازشي عناصر غنيمت جو موقعو سمجهي، ڊاڪٽر افغان

صاحب کان آجو ٿيڻ جو سوچي، ظاهري همدرد بنجي، اندروني خلفشار کي هٿ ڏئي، مخالفت جو ٻج ڇٽن ٿا. ڊاڪٽر صاحب جي انڌي اعتماد ۽ ٻين تي ڀروسي ڪرڻ جي ڪري ڪٽي ڪٽي سندس ئي همدردن جي ڪيل ذاتي ڪوتاهين کي ڏانهس منسوب ڪري، ڊاڪٽر صاحب لاءِ ڪڏون کوٽن ٿا.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي پهرين مقصد ماڻڻ ۽ وڌ ۾ وڌ پنهنجي ماڻهن جي خدمت واري شوق ۽ فرض جي پورائي سان گهٽي ۾ گهڻا پنهنجا سنڌي داخل ڪرڻ سان گڏ، انهن جي تعليم جي گهٽ معيار ڪري، ڪاليج جي سٺي معيار کي برقرار رکڻ جي مشڪلات ۾ ڦاسي پوي ٿو. ڊاڪٽر صاحب پڙهائيءَ جي معيار کي اوچي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ شاگردن طرفان گهٽ موٽ ملڻ تي مُنجهي پوي ٿو. شاگردن کي ساليانی امتحان ۾ فيل ٿيڻ تي سخت رويو اختيار ڪري ٿو. شاگرد احتجاج ڪن ٿا. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي صلاحڪارن جي چار ۾ ڦاسي، هڪ دفعو گريس مارڪن ڏيڻ لاءِ راضي ٿي، اڳتي لاءِ مشڪلات جي راهه کي هموار ڪرڻ جي غلطي ڪري ويهي ٿو. ٻئي سال، وري ساڳيءَ طرح فيل ٿيندڙ شاگردَ هڪ دفعي ڏنل رعايت کي پنهنجو حق سمجهندي، احتجاج ۽ بک هڙتال ڪن ٿا.

ڊاڪٽر صاحب اڻٽل ارادي سان مخالفت ڪري ٿو. سندس اصولي مخالفت، هر محاذ تي ڊاڪٽر صاحب لاءِ مخالفت جي راهه هموار ڪري ٿي. هرهڪ سامهون همدرديءَ جو آلاپ ڪري، ڊاڪٽر صاحب کي سخت گير روپ ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو. ٻيجا عوامي ۽ سياسي مداخلت شاگردن جو مٿو خراب ڪري، پنهنجي من ماني ڪرڻ لاءِ همٿائي ٿي. ڊاڪٽر صاحب جي هڪ نه ٿي هلي. سندس دستِ راست ڀهروپ اختيار ڪري، هڪ طرف وقت جي آقائن کي افغان صاحب جي جائز اصولن کي سندن لاءِ مخالفت ٻڌائن ٿا. ٻئي طرف، شاگردن سان همدردي ڪندي، ڊاڪٽر صاحب خلاف زهر اوڳاڇڻ شروع ڪري، اصولي فيصلي کي ڊاڪٽر صاحب طرفان ضد ۽ انا جو روپ ڏين ٿا. ساڳيءَ طرح، ڪاليج سان وابسته هرهڪ فرد کي ڊاڪٽر صاحب جي اصولن کي آڏو آڻيندي ڪانئس جان ڇڏائڻ لاءِ ذهني طرح تيار ڪيو وڃي ٿو. ”سنڌ جي جان ـ ڊاڪٽر افغان“ سيني لاءِ عظيم انسان بجاءِ سخت گير ۽ اصولن تي سودو نه ڪرڻ وارو ضدي ۽ اڙو انسان بنائي، ڪنهن سولي ۽ سودي باز جي تلاش ۾ هيري جهڙي انسان کان بيزار بنائي ٿو.

1973ع جي آخر ۾ وقت پنهنجو رنگ مٽائي ٿو. ڊاڪٽر صاحب کان جان ڇڏائڻ واري فيصلي تي عمل ڪيو وڃي ٿو. بلڪل سوچي سمجهي، خاص پلاننگ سان هڪ پراڻي استعيفيٰ کي منظور ڪندي، ڊاڪٽر صاحب کي ڪاليج کان بيدخل ڪيو وڃي ٿو. هرهڪ ملازم هڪو ٻڪو رهجي وڃي ٿو. هرهڪ شاگرد بي حس ۽ بُتُ بنجي ڪجهه نه ٿو ڪُڇي. ان وقت جي شاگرد يونين کي خريد ڪري، بيزاريءَ جا بيان ڏياريا وڃن ٿا. اخبارن تي سخت پهرا ويهاري، ڊاڪٽر صاحب جي موافقت ۾ هڪ به ڳالهه اخبار ۾ شايع نه ٿي ٿئي. ياد اٿم ته پراڻن شاگردن ۽ والدين جي ڪيل پريس ڪانفرنس جو هڪ به لفظ اخبار ۾ نه ٿو ڇپجي. مطلب ته، ان وقت جي ڪارروائي مڪمل ۽ منظم اڳواٽ تيار ڪيل منصوبي تحت، وقت جي وڏيري ۽

چالباز سياستدان جي سهڪار ڊچڻي حاڪم جي صلاح ۽ ان وقت جي لالچي استادن ۽ مقصد ماڻ وارن اڻ پڙهيل شاگردن جي گڏيل سازش جو ڪامياب وارُ هئو، جيڪو خالي نہ ويو.

ڊاڪٽر صاحب کي ڪاليج کان الڳ ڪيو ويو. پر ڊاڪٽر صاحب جو ڪاليج کي اڳتي يونيورسٽي بنائڻ وارو منصوبو ۽ وڏ ۾ وڏ ترقيءَ لاءِ تيار ڪيل تخمينا، وقت سر وڏندا ۽ ويجهندا رهيا، جيڪي اڄ تائين جاري آهن. پوءِ اهي اڌورا يا اڻپورا ـ تعليم جو معيار اهو يا اڄ وارو، مطلب تہ وقت پيو گذري.

ڊاڪٽر صاحب کي نہ صرف ڪاليج کان ڌار ڪيو ويو، پر کيس اڳتي روزگار ڏيڻ لاءِ بہ ماحول سازگار نہ هيو. سندس اصولن واري پوک پوکيل هجڻ ڪري، ملڪ جا ڪرتا ڌرتا ذاتي رنجشن سبب کانئس مُنهن موڙيندا هئا. سندس بي لچڪ ۽ اصولي طبيعت جي ڪري، ڪوبہ پنهنجو حڪمران نہ پيو چاهي، تہ وري ڪو ڊاڪٽر صاحب اچي ڪٽي حق ۽ انصاف لاءِ ميدان ماري. ڪنهن بہ حاڪم اهو نہ پئي چاهيو، تہ ڪو ڊاڪٽر صاحب وري اچي پنهنجي قابليت سبب ٻين کي مات ڏئي. يلا ڊاڪٽر صاحب پنهنجي وقت ۾ ڪا سياست جي راند کيڏي هجي، تہ ڪم اچي ها. ڪنهن صاحب وقت جي ناجائز خواهش پوري ڪئي هجي ها، تہ اڳتي وڌي ها. ڪنهن سرمائيدار جي من ماني مڃي هجي ها، تہ هن ڏکئي وقت ۾ ڪم اچي ها. بس، پاڻ اڪيلو، پنهنجي اڏول ارادن ۽ اٽل اصولن سان هڪ ارڏو انسانُ، تن تنها ميدان ۾ جنگ جاري رکڻ لاءِ وار ڪندو رهيو.

ڪجھ مهينن کان پوءِ، ڪنهن کي سندس ڪيل خدمتن جو قدر هئو، اُن حاڪمِ وقت تائين صورتحال بيان ڪئي، جيڪو اڳ ۾ ئي ڊاڪٽر صاحب جي قيمت جو پارکو هئو، پر سياسي مصلحت ڪري خاموش هو، ان سندس مدد ڪئي. هڪ دفعو ڊاڪٽر صاحب اسلام آباد پهتو. O.S.D ٿيو، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو ڊپٽي سيڪريٽري، پوءِ سيڪريٽري. پر ٽن سالن بعد وري ساڳيا مسيحا سياسي مصلحت ڪري ناراض ٿيا. کيس واپس ڪراچيءَ اُماڻيو ويو. سال بہ ڪنهن عهدي جي انتظار ۾ گذاريائين، تان جو انتظار ڪرائڻ وارا پاڻ ئي نہ رهيا. 1977 ع ۾ ملڪ جا ڪرتا ڌرتا اصل حاڪم ميدان ۾ اچي ويا. انهن وري بہ ٻہ سال کن انتظار ڪرايو. هڪ دفعو وري ڊاڪٽر صاحب کي سروس ٽربيونل ۾ هڪ ميمبر طور جج جا فرائض انجام ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. تقريباً ٽي سال منصف مزاج بنجي جيترا بہ فيصلا ڪيائين، اهي دنيا وارن مثالي قرار ڏنا ۽ سندس همت ۽ اصول کي سلام پيش ڪيو. سندس ڪيل ڪيترن فيصلن وقت جي صاحبن کي ناراض ڪري ڇڏيو. هرڪو کانئس ڊڄڻ ۽ ڪنبڻ لڳو. ايستائين جو سڀ سِرُ جوڙي ويٺا، تہ ڪهڙيءَ طرح هن مان جان ڇڏائجي. اهڙو ڪو داءُ کيڏجي، جو ڊاڪٽر صاحب مان ايندڙ حاڪم بہ آزاد ٿي وڃن. اهڙيءَ طرح، 1983 ع ۾ ڊاڪٽر صاحب کي بنا ڪنهن اُجوري، پينشن يا معاوضي جي رٽائر ڪيو ويو. ان فيصلي کي ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ويو. جيڪو ڪورٽ منظور تہ ڪيو، پر سالن جا سال اهو اتي ئي رهيو. صاحبِ وقت پاڻ مثالي نموني منتشر ٿي، ختم ٿي ويو. ٻيا پنهنجا حڪمران وري وري ايندا رهيا. حڪومتون بدلجنديون رهيون. ڊاڪٽر صاحب پورا اٺ سال اسلام آباد ۾ ان

اوسيئڙي ۾ رهيو، ته من ڪو هن ملڪ ڪي اهڙو حاڪم ملي، جيڪو انسانيت جي ناتي حق ۽ انصاف ڪري. پر، هن دورنگي دنيا ۾ ڪجهه به نه ٿيڻو آ ۽ نه وري ٿيندو. آخر، پاڻ بنا هار مڃڻ جي هليو ويو.

ڊاڪٽر صاحب هن سڄي ساري وقت ۾ به پنهنجي اعليٰ اصولن ۽ انساني خدمت، خاص ڪري سنڌ واسين لاءِ هر محاذ تي مقابلو ڪري، حق وٺڻ لاءِ هميشه ڪوشان رهيو. نوڪري ۾ هئو يا لٽل، پر سنڌس حشمت ۽ دٻدٻو اسلام آباد جي ايوانن، سيڪريٽريٽ جي آفيس، خواهه سنڌ جي شهر ڪراچيءَ جي هرهڪ اداري ۾ هميشه جاري رهيو. جتي به ويو، سنڌين لاءِ نوڪريءَ جو بندوبست ڪيائين. سنڌين جي حقن جي ڳالهه ڪيائين. هرهڪ آفيس ۾ فائيل ڪولائي، مقامي ماڻهن جي مدد ڪندو رهيو. ٻين صوبن ۾ به اتان جي مقامي ماڻهن جو حق مڃيندي، اتان جي رهواسين لاءِ انهن جو هر طرح مددگار ۽ مُعاون رهيو.
جتي به ويندو هو، بيروزگار ۽ نوجوان ساڻس گڏ هوندا هئا. بنا سُڃاڻ جي، هرهڪ وٽ ويندو، حق ۽ سچ جا ڪلما ٻُڌائي، همت ڪري فيصلي ڪرائڻ جي واٽ ڏسي، ڪنهن بي پهچ جي لاءِ روزگار حاصل ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي رعب تاب سان ماڻهن کي دٻائي به ڪم وٺندو هو. مطلب ته بي مُهتو نه موٽندو.
خاص ڪري، سنڌين ۽ پنهنجي پراڻي اداري، اڄ جي مهراڻ يونيورسٽيءَ جي گريجوئيٽ انجنيئرن لاءِ ڏاڍو پاڻ پتوڙيائين. ڀرپور طرح، زندگيءَ جي آخري ايامن تائين انهن جي مدد ڪندو رهيو. ڪڏهن به ڪنهن کي مايوس نه ڪيائين. ڪچهرين ذريعي درس ڏيندو هو. خدمت، ايمانداري، محنت ۽ حق جي جستجو ۽ مسلسل جدوجهد ڪرڻ کي انسان جي عظمت قرار ڏيندو هو. جتي به ملندو هو، مسڪرائيندي ڀليڪار ڪندو هو. اسان کي سُکي ڏسي، چڻ پاڻ کي خوش ڀائيندو هو.

تعليم سان دلچسپي هجڻ ڪري هر هنڌ سٺي ۽ سهل تعليم ڏيڻ لاءِ عملي قدم کنيائين. اعليٰ تعليم ڏيارڻ، جوانيءَ ۾ وڏ ۾ وڏ تعليم حاصل ڪرڻ، غريبن کي قابليت پيدا ڪرڻ لاءِ موقعا فراهم ڪرائڻ ۾ ڪابہ ڪوتاهي نه ڪيائين.
سنڌس نرم دل هرهڪ لاءِ پئي ڳڙهندي هئي. شل نه ڪو بي پهچ وٽس پهچي. مڪمل مهمان نوازي ڪندي، ان جي دلجوئي ڪندو هو ۽ پوءِ پڇ ڊُڪ ڪري، هن جي مسئلي جي حل لاءِ ڪو نه ڪو بندوبست ڪندو هو. جائز ڪم لاءِ سفارشي خط ڏيڻ ۾ دير نه ڪندو هو، پل اڳلو نه سڃاڻي. سنڌس نالو اهڙو وَڄڻو، جو اڳلو پيو سنڌس نالي ڪان ڊڄندو ۽ ان ڏيڄڙي ۾ ضرور مدد ڪندو هو.
بحث مباحثي ۾ ڀرپور چاڻ، وسيع تجزيي، بي ريا اظهار راءِ، صاف گوئيءَ ۽ سچائيءَ سان حصو وٺندو هو ۽ گهڻي ڀاڱي هرهڪ کي پنهنجي راءِ سان متفق ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويندو هو. ٻين جي راءِ ٻڌندو ضرور هو، پر پنهنجي فيصلي کي مڪمل ۽ صحيح سمجهندو هو. تجربي ثابت ڪيو، ته سنڌس فيصلا گهڻي ڀاڱي وزنائتا هوندا هئا. مطلب ته پاڻ هڪ مڪمل انسان ۽ انسانن جو دوست هيو. ٻين جي خدمت سنڌس شرير ۾ چوٽان چوٽ ڀريل هئي. پاڻ پنهنجي ذاتي

تڪليف جو ڪڏهن به ذڪر نہ ڪندو هو. عام طرح ملڪي حالتن ۾ خاص ڪري سنڌ جي ڏتڙيل عوام جا مسئلا ٻُڌي ڏکوئبو هئو. سندس دل جي تمنا هوندي هئي تہ ملڪ ۾ ديس ۾ هر غريب تعليم يافتہ هجي، پنهنجي پيرن تي بيهي ۽ ان جو ذريعہ معاش ڪشادو هجي.

# استقامت وارو دلير انسان

ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان هڪ سنڌي استاد قادر داد خان جي گهر ۾ لکيءَ لڳ ”قاضي واهڻ“ ڳوٺ ۾ اک کولي. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ پرائي، مئٽرڪ شڪارپور مان پاس ڪري، 1951ع ۾ NED انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي. اِي. (سول) پاس ڪري، اعليٰ تعليم پي ايڇ. ڊي. امپيريل ڪاليج لنڊن مان 1958ع ۾ پاس ڪيائون.

ابتدائي طور ٻه دفعا سنڌ PWD روڊس ۾ انجنيئر ٿيا، پر اسان جي ملڪ ۾ انجنيئري وارا مزا نه وٺين ۽ ديارِ غير لنڊن ۾ وڃي 1958ع کان 1962ع تائين انجنيئر ٿي پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪيائون. ان بعد 1966ع تائين عراق گورنمينٽ ۾ انجنيئرنگ ائڊوائيزر ٿي رهيا. ان وقت، اسان جي سنڌ گورنمينٽ ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج جو بنياد پئجي چڪو هيو، جتي ڪيس سنڌ جي انهيءَ درسگاهه کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ لاءِ، هڏڏوڪي انسانن، خاص ڪري ان وقت جي پرنسپال حاجي محمد سليمان لاڙڪ صاحب سندس اعليٰ صلاحيتن کي چاٺنديٖ، پنهنجي اداري ۽ سنڌي نوجوانن لاءِ علم جي آبياري ڪرڻ جي نيند ڏني. ڊاڪٽر افغان صاحب پنهنجي والد بزرگوار جي حڪم تي پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ جي خدمت ڪرڻ ۽ حق ادا ڪرڻ لاءِ بنا لالچ جي هليو آيو.

هڪ نئون ۽ اُڀرندڙ ٽيڪنيڪل ادارو ۽ ان جي جوڙجڪ، سنڌ جي پٺتي پيل ڪچي پيڙهه جي شاگردن کي تعليم جي معيار تي آڻڻ، اداري لاءِ سٺا استاد هٿ ڪرڻ، ان عظيم درسگاهه جي عمارتن، ورڪشاپن ۽ هاسٽل جي اڏاوت لاءِ نه صرف فنڊ هٿ ڪرڻ، پر هر موڙ تي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ڪمربسته ٿي، وڏي ويڙهاند ڪئي.

سڀ کان اول اُن وقت جي سنڌ يونيورسٽيءَ جي مهان وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان، پنهنجي پرنسپال حاجي محمد سليمان لاڙڪ، سيد غلام مصطفيٰ شاهه، ڊائريڪٽر تعليم ڪاتو، رجسٽرار محمد حسين ترڪ، غلام رضا پتو صاحب ڊپٽي ڊائريڪٽر تعليم ۽ ٽريزرر رضا محمد پتو صاحب جي رهنمائيءَ، اڳواٽيءَ ۽ هر قدم تي سندس دلجوئي ڪنديٖ، داخلا پاليسيءَ کي منظور ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي. اِهي سڀئي صاحب، ڊاڪٽر صاحب جي هر نيڪ ارادي ۽ انجنيئرنگ جي اداري کي عالمي سطح جي درسگاهه بنائڻ ۾ سندس معاون ۽ مددگار ٿي رهيا.

جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج پنهنجي وک وک وڌائيندو ڪاميابيون ماڻيندو اڳتي وڌندو رهيو. ڊاڪٽر صاحب جلدئي 1967ع ۾ پرنسپال ٿيو. سندس نئين اڳواڻ سيد غلام مصطفيٰ شاهه ٻه ساڳيءَ طرح اداري کي ڪامياب و ڪامران ڪرڻ ۾ وڏي جفاڪشيءَ سان سندس رهنمائي ڪئي. ملڪي سياسي وايو منڊل کان بي خبر، ڊاڪٽر افغان صاحب شاگردن جي داخلا وقت ڪنهن به اثر کان آجو ٿي، حق ۽ انصاف ۾ غريب هاري ناري، مسڪين ماروئڙن، ماسترن جي اولاد کي پنهنجو حَق پلئه ۾ وجهي،

اڳتي وڌڻ جو موقعو ڏنو. سنڌن مالي سهائتا لاءِ ميرٽ اسڪالرشپ، برسري، فري شپ، ايستائين جو هاسٽل اندر ڪاڌ خوراڪ جو خيال رکندي، ميسن ذريعي سٺو ۽ سستو کاڌو مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ به ڪوشان رهيو. پڙهائيءَ خاطر ڪتاب حاصل ڪرڻ، انهن جون سستيون ڪاپيون ڪرائي مڪمل ڪورس جا ڪتاب مهيا ڪرڻ، ڪلاسن جو باقائده هلڻ تي پنهنجي ساٿي استادن جي مدد سان ڪاميابيون ماڻيائون.

تعليمي ميدان ۾ مڪمل پروگرام تحت باصلاحيت هونهار شاگردن کي ليڪچرار مقرر ڪري، جلد ئي انهن کي پروگرام تحت ٻاهر Ph.D ڪرڻ لاءِ ٻاهر موڪليندو هو. سينيئر استاد جلدئي Ph.D پاس ڪري اچي سنڌس ٻانهن ٻيلي ٿيندا هئا.

يونيورسٽيءَ مان پهرين بئچ 1967ع ۾، ٻي 1968ع ۾، ٽئين 1969ع ۾ ۽ چوٿين 1970ع ۾ ميدانِ عمل ۾ اچي، سڄي ملڪ ۾ پنهنجي تعليمي صلاحيتن طفيل نوڪرين ۾ ايندا رهيا. انهيءَ محاذ تي به ڊاڪٽر افغان صاحب پنهنجو فرض نڀائيندي، پنهنجي اداري سان گڏ ٻين انجنيئرنگ جي ادارن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي، پنهنجي شاگردن کي نوڪري وٺرائي ڏيڻ ۾ معاون ثابت ٿيو.

اهي سڀ ڳالهيون آهستي آهستي ڌارين کي ڏکيون محسوس ٿيڻ لڳيون، جو ته هُو ڊاڪٽر افغان صاحب هوندي ان اداري ۾ پنهنجي مذموم سازش تحت فائدو وٺڻ کان قاصر ٿي رهيا. ان ڪري، هنن سياسي چال هلائي، ڊاڪٽر افغان صاحب جي خودداريءَ کي غلط انداز ۾ پيش ڪري، حاڪمِ وقت کي غلط فهميون پيدا ڪري، هڪ مخالفت جو چار وچايو. شاگردن کي تعليمي ميدان ۾ سختيءَ ۽ گهٽ صلاحيتن کي وڌائڻ بجاءِ ٻين طريقن سان امتحاني رزلٽ تي اثر انداز ٿيڻ لاءِ گريس مارڪن ذريعي اڳتي وڌڻ جو گس وٺڻ تي اُتساهيو ويو، جنهن جي ڊاڪٽر صاحب مخالفت ڪئي. ملڪي پاليسيءَ، اثر رسوخ، سفارش جي سختيءَ سان مخالفت ڪرڻ تي ڊاڪٽر صاحب کي ڏاڍي تڪليف آئي. پاڻ ڪنهن به سياسي پارٽي، سازش، يا ڏي وٺ واري طريقي کان بنهه وانجها هئا. ايستائين جو ڪنهن به سرڪاري پارٽيءَ يا محفل ۾ به نه ويندا هئا. تان جو سنڌس اصول آڙي اچي ويا، جنهن ڪري کين ظاهري شڪست آئي. پراوَن کان وڌيڪ پنهنجا جڏهن مخالف ٿي بيهن، اهي جڏهن حق ۽ سچ جي مخالفت ڪندي ڪنهن کي جائز مدد نه ڪن، ته پوءِ ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پون ٿا.

اهڙي عظيم انسان کي وقتي آزمائش ۾ نه صرف نوڪري ڇڏائي وئي، پر ڪوڙي الزام ۾ مارشل لا تحت 1970ع ۾ جيل ياترا ڪرڻي پئي. ڪيڏي نه ستم ظريفي ڇئي، جو پنهنجي حڪومت، پنهنجا وزير ۽ پنهنجو گورنر. پوءِ به ڪو ٻُڌڻ لاءِ تيار نه هجي. بهرحال، سڄي سنڌ سراپا احتجاج بڻجي ويئي. شاگردن جيل ڀريو تحريڪ هلائي. نتيجتاً پوريءَ سنڌ ۾ پهريون دفعو استاد جي عظمت جو جهنڊو بلند ڪري، ڪيس جيل مان آزاد ڪرائي، واپس پرنسپال جي ڪرسيءَ تي آندو ويو. پر هن انسان جي دل ٽُٽي پوي ٿي. سنڌ ۽ سنڌين لاءِ حق ۽ سچ لاءِ هڪ طرف کان رستي روڪ ٿئي ٿي. پاڻ اکيون بند ڪري، اڳي کان اڳرو، اداري کي ڪاليج مان يونيورسٽي بنائڻ ۽ تعليم جو نالو روشن ڪرڻ لاءِ سنڌ جي جهرجهنگ ۽ جهوپن جي ٻارن کي

انجنيئر بڻائي، هڪ انقلاب آڻي ڇڏي ٿو. موٽ ۾ ڪيس اڄ به "سنڌ جي جان ـ ڊاڪٽر افغان" جي نعري سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

ڊاڪٽر صاحب تي جلد ئي ٻيو وار ڪري، سندس ڪوڙي استعيفا منظور ڪري. 1972ع ۾ فارغ ڪيو وڃي ٿو. هڪ شاگردن جي جٿي ۽ پريس ذريعي سندس خلاف مهم هلائي وڃي ٿي.

انهيءَ تڪليف دوران وري به سندس شاگرد مجيب پيرزادو، حفيظ پيرزادي معرفت محترم ذوالفقار علي ڀٽي صاحب تائين حقيقت حال پيش ڪري ٿو. جلد ئي ڪيس O.S.D ڪرائن ٿا، جتان پوءِ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو سيڪريٽري ٿئي ٿو. اتي به سندس پاليسي ڪيس سڪ جو ساهه ڪڻڻ نه ٿي ڏئي. هي هرهنڌ بي انصافي ۽ زيادتيءَ کي برداشت نه ڪندي، سنڌين جي حقن لاءِ لڙي ٿو. سڄي اسلام آباد ۾ نوڪرين وٺي ڏيڻ جي الزام هيٺ عتاب هيٺ اچي ٿو ۽ جلدئي نوڪري وڃائي ويهي ٿو. وري سنڌ گورنمينٽ ۾ واپس اچي ٿو. اهي به ڪيس آرڊر جي آسري ۾ رهائن ٿا. تان جو انهن صاحبن جي حڪومت هلي وڃي ٿي ۽ ٻيا اصل مالڪ مارشل لا جي روپ ۾ اچن ٿا.

ڪجھ مهينن کان پوءِ، حقيقت حال معلوم ٿيڻ تي انصاف جو بول بالا ڪندي، ڊاڪٽر افغان صاحب کي سروس ٽربيونل جو سينيئر ميمبر ڪن ٿا. ڪيس رهيل پگهارون ملن ٿيون ۽ ڪجھ ڏينهن وري سائين ساهه پٽي ٿو.

عجيب اتفاق آهي ته هر حڪومت پنهنجي مرضي چاهيندي آهي ۽ پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجا ڪم ڪرائيندي آهي. انهيءَ آزمائش ۾ ڊاڪٽر صاحب کي جج بنائي، غلط فيصلا وٺڻ لاءِ چيو ويو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مرضيءَ سان، پنهنجي ساٿي ميمبرن جي صلاح سان، حق ۽ سچ جو بول بالا ڪيو. سڄي دنيا جي ماڻهن افغان صاحب جي فيصلن کي ساراهيو. اجان به وڏيڪ حسنِ اتفاق اهو ٿيو، جو سنڌ جي مظلوم سنڌي آفيسرن کي هن صاحب جي هٿان انصاف مليو ۽ انهن جون نوڪريون بحال ٿيون.

حاڪمِ وقت اميرالمؤمنين ذاتي طرح ناراض ٿيو. هڪ ڌڪ سان ڊاڪٽر صاحب جي نوڪريءَ کي ختم ڪيو ويو. ڪيس پيشن وغيره جو ڪوبه اجورو نه مليو. ان وقت جي سپريم ڪورٽ ۾ ڊاڪٽر افغان صاحب جي اپيل داخل ٿي، پر اُن جو فيصلو نه ٿيو.

ڊاڪٽر افغان صاحب پنهنجي پوري زندگيءَ دوران همت ۽ جُرئت سان هر واٽ تي وڙهيو انصاف لاءِ ٻين جي ڀلائي لاءِ. پويان سال زنده رهندي به ڀڳت ڪنور رام وانگر، سنڌين جا ٽولا سندس چوڌرد پاڪستان ڀر پيچو ڪندا رهندا هئا ۽ پاڻ هرهنڌ آفيس ۾ وڃي سنڌن حق لاءِ وڪالت ڪري، ڪجھ نه ڪجھ پلئه پائيندو هو.

ظاهري طرح، هُو پنهنجو مشن پوري ڪري ويو. سندس ڏؤر جا شاگرد سڄي ملڪ تي راڄ پيا ڪن. اڄ جا وائيس چانسلر، قابل وڪيل، ايگزيڪيوٽو انجنيئر، چيف انجنيئر ۽ سيڪريٽري سندس شاگرد آهن، جيڪو سائينءَ لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي.



# پاڳو ٿيون
# منظوم پيتا

## ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان جي نانءِ! (نظم)

مقصود گل

سونهن، سچ، سرهاڻ جو سينگار تي جيڪي جيئن،
پيار ۽ پاپوهہ جو پرچار تي جيڪي جيئن،
وقت ۽ تاريخ جو ڳل هار تي جيڪي جيئن،
جوت، جلوا، جرڪڻو، جنسار تي جيڪي جيئن،
همتن جو هر گهڙي هتيار تي جيڪي جيئن،
سنڌڙيءَ جو ساهہ ۽ سينگار تي جيڪي جيئن،
ديس ۽ ڌرتيءَ سندا دلدار بڻجي ٿا وڃن،
سي امر تاريخ جا ڪردار بڻجي ٿا وڃن،
ٻيءَ نہ ڪنهن جي، سي پرين، پرور پناري ٿا جيئن،
”مان“ سندي مستي مڳيءَ بي موت ماري ٿا جيئن.
ساهہ ۾ ساٿيهہ ڪي سانديي سنپاري ٿا جيئن،
ٻاڻ ۾ سي لاڪ ورني لاٽ ٻاري ٿا جيئن،
جي ڏکي انسانيت لاءِ نيڻ هاري ٿا جيئن.
ٻاڻ پنهنجي چاپنديي ئي چاڻ بڻجي ٿا وڃن.
سي امر تاريخ جا اهڃاڻ بڻجي ٿا وڃن.
جيءَ اندر جرڪي جلڻ جون جاچنائون ويا ڏئي،
سرت ساڃهہ سون ورنيون سوچنائون ويا ڏئي،
سوڀ جا سورج اُياري ساڀيائون ويا ڏئي،
انس، الفت، آگهي ورثو وڇائون ويا ڏئي،
سر سهي سؤ سؤ جفائون پر وفائون ويا ڏئي،
گُل ڪٽي ورچي وطن کي واسنائون ويا ڏئي،
آتما اجري ڪري ’افغان‘ بڻجي ٿا وڃن،
سي امر تاريخ جا انسان بڻجي ٿا وڃن.

*

## تاريخ ساز شخصيت (نظم)

مقصود گل

پنهنجي وطن جو شان، شرافت جو تاجدار
سنڌي زبان جي سونهن، نظر نينهن جو نکار
ڌرتيءَ جو شانُ مانُ، عروج اوج افتخار
هن قوم جو نصيب ۽ قدرت جو شاهڪار
’عبدالقدير‘ نانءُ نرالو نصيب هو،
ماڻهن ۾ باڪمال هُو اعليٰ عجيب هو.
ظاهر علوم، فڪر، فهم جو فهيم هو،
بيشڪ جديد سوچ ۾ سالم سليم هو،
تحقيق ۾ تمام سو ماهر مُهيم هو،
هُو علم، خُلق، اُنس ۾ اعليٰ عظيم هو،
ظاهر ۾ هو اَمير، پر دل جو فقير هو،
سوچي ڏسو ته سنڌ ۾ سِڪ جو سفير هو.
جهوليون پري هو علم جون وِرچيون ڏئي ويو،
خوشبوءِ گل ۽ واس جون مُڪڙيون ڏئي ويو،
هن سنڌڙيءَ کي عشق سو ارپيون ڏئي ويو،
هو سوپيا، سماج کي سوچيون ڏئي ويو،
انجنيئر کوڙ علمَ اڪابر ڏئي ويو،
پنهنجي فڪر ۽ فن جا ماهر ڏئي ويو.
تعليم، علم، عقل، مهارت جا گل کڻي،
اخلاص، عمل، خلق، امانت جا گل کڻي،
الفت، اکير، پيار، محبت جا گل کڻي،
انسانيت، اپار ۽ عظمت جا گل کڻي،
قادر جي داد قرب سان گلدان ويو جڙي،
تاريخ ساز شخصيت ’افغان‘ ويو جڙي.

*

## هڪڙو ماڻهو مرد مهان....

قاضي منظر حيات

ڪي ڪي ماڻهو مردَ ـ مهانُ،
جوڙن ٿا هِي جڳُ جهانُ.
سچ سيوا ۽ فرض شناسي،
سبق پڙهائي، ڄاڻ وڌائي،
شوق شعور جي لاٽَ دُکائي،
دانائيءَ جا درسَ ورهائي،
انساني اوصاف اُجاري،
علم عقل جا ڏيئا ٻاري،
ڏاهپ، ڏانءَ جا گل ڪِندائي،
يونءِ ٻڻائن سي بُستان.
امن جا اڇا جهنڊا کوڙي،
محنت سان هُو رندا روڙي،
سک ـ سُڪونَ جا ڳولائو ٿي،
پيار پريت پکيڙي چاڻن،
ماءُ مٽيءَ جي تِج ملهائن.
تن ڏاهن ۾ هڪڙو سائين،
رهندو سڀ کي ياد سدائين.
مانجهي، اَرڏو مرد ـ مهان،
جِهل سان جيڪو لڙندو آيو،
علمي جڳمڳ نورُ پکيڙيو.
عظمت وارو سو انسانُ!
سنڌ جو آهي شانُ ۽ مانُ:
ڊاڪٽر اي. ڪيو. ڪي. افغان!
*

## مانجهي مرد مهان

قاضي منظر حيات

اي. ڪيو. ڪي. افغان،
سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لئہ،
مانجهي مرد مهان.

آدرشي انسان،
سالن بعد سنڌ ۾،
ڄمندو ڪو افغان.

پوکي علمي ٻج
محنت سان افغان اُپاريو،
سنڌ ۾ ساڃاهہ سج.

جاڳرتا جاکوڙ
انجنيئري علم لئہ،
عملي پاڻ پتوڙ.

هونءَ تہ هرڪو آ مرڻو
ماءُ جي ٿڃ ملهائي جو،
جڳ جڳ ۾ سو جيئڻو.

## موتيو، ماڪي مرد مهان

قاضي منظر حيات

عام طرح سان
ڪيئي ماڻهو
موت پڄاڻان،
پنهنجن ڪان پِي وِسريل آهن،
ڪوبہ نہ ٻاري ڏيئُ انهن تي
وقت جي چار ۾ ڦاٿل آهن.
پر ڪي ڏاها،
ذات ـ ڏيا سان، ٻين لئہ جيئندڙ
پاڻ پتوڙي،
ظاهر وچڙي،
ڪيڏا نقش امر ڇڏن ٿا
ساروڻين ۾ زنده رهندي،
موهُہ ۽ مجتا سي ماڻن ٿا.
تن ۾ هڪ مضبوط حوالو.
سنڌ ڌرتيءَ لئہ جوت جيالو،
ڄاڻ ۽ علم جون ڏياٽيون ٻاري
وستيون ـ واهڻ نورُ پکيڙي
قربَ ـ ڪرمَ جا ڪيئي ڪرتا
پونءِ ڦهلائي
ٻين جا ٻچڙا پنهنجا ڀانئي
تن لئہ سُهڻا خواب سجائي
سپنن جي ساڀيائن خاطر.
آدرشي احساسن خاطر،
ڏادِ سان اٿڪيو.
ارڏو اهڙو.
ذاتي سُک سين لئہ گهوري،
سنڌ ـ امڙ جي تِج ملهائي
وَڏ ـ ماڻهائپ پَت اجلائي
ڪيڏِي هُن جاکوڙ ڪئي هئي
عالمُ ۽ استاد پلارو
شاگردن جو سائين پيارو

ڪئمپس ۾ گونجيل
ماضيءَ ـ نعرو
اڄ به ڪنن منجهه ٻُري پيو:
”سچ پچ سنڌ جي هُو هو جان
ڊاڪٽر عبدالقدير افغان“.
موتيو، ماڪي، مرد، مُهان،
شدت سان تو ياد اچي پيو.

*

اورچ، نيڪ عمل سان ڪي ڪي،
تاريخن جو حصو بڻجن!
عملي سنڌ جي سيوا خاطر،
اي. ڪيو. ڪي. افغان ٿا گهرجن!
خوبُ سَماجي خدمت سببان،
موت پڇاڻان جيئرا سڏجن!
ٿج مَلهائن جيجل جِي، جي
تن جا ڪهڙا ڪَتبا لِکجن!
*

## موج پريو مهراڻ

وسيم سومرو

هُو سونهن بہ هو سُرهاڻ بہ هو،
سڄ اُڀرڻ جو اُهڃاڻ بہ هو.
هُو ويچ بہ هو ۽ واٽ بہ هو،
ڪا لال ڏيئي جي لاٽ بہ هو،
هُو مڪڙين ڪارڻ ماٽ بہ هو،
۽ اکڙين جي آلاڻ بہ هو.
هُو ڪير ڪٺوريو پنڌ بہ هو،
هُو ماڪي هو ۽ منڊ بہ هو،
ڪنهن ڪوپي جهڙو ڪنڊ بہ هو،
ويچار بہ هو، واڪاڻ بہ هو.
هُو علم جي اُجري آس بہ هو،
هُو سُرها سُرها واس بہ هو،
اي ڌرتي! تنهنجي تاس بہ هو،
۽ موج پريو مهراڻ بہ هو.
هُو تات بہ هو تہ تنوار بہ هو
ڪنهن پرهہ ڦٽيءَ جو پار بہ هو،
هُو سڀ جي ذهن سَنوار بہ هو،
ڪا سوچ بہ هو ڪا چاڻ بہ هو.
هُو ٻي پهچڻ جو وس بہ هو،
اڻ سُنهن جي لئہ ڳس بہ هو،
هُو ڏاهہ پريو ڪو ڏس بہ هو،
۽ يَرتُ پريل پهراڻ بہ هو.
هُو مڙس مها افغان بہ هو،
ڪو آديسي انسان هو،
ڪجهہ ورهہ هتي مهمان هو
ساراهہ بہ هو، ڳڻ ڳاڻ بہ هو
هُو سونهن بہ هو سُرهاڻ بہ هو.
سڄ اُڀرڻ جو اهڃاڻ بہ هو.

## ڪاش آيل جي اهڙا ڇٽين ها پر ٽي!

مُنور ابڙو

ڪاش!
جي وس پڇي،
موت کي ڏئي گهتو.
۽ گُهتي مارجي...!
ڏس ته ڪيڏا نه پيارا ماڻهو کسي
نيڻ آلا ڪري هانو جهوري ڇڏي.
ڪو ڏسي ڇا ڪجي؟
مور ماڻهو ويا ڪين موٽيا وري،
ڳالهه نڪتي اڪين لڙڪ آيا تري،
تن کي ڳولي پئي ديد لڙڪن پري.
ڏک ويا جي ڏئي
ڪاش! موٽي اچن سي سپاجها پرين...!
هاءِ پهچن ته پوءِ ڏک ڇا جا پرين؟!
هونءَ ته ماڻهو هزارين ڇٽيا سنڌ پر،
هڪڙو ماڻهو ڇٽيين،
جيڪو بيباڪ هو،
شڪارپور ويجهڙو،
ڪنهن ننڍي ڳوٺڙي ۾،
ڇٽيو سنڌ (سر) اي. ڪيو. ڪي. افغان ڪي،
ڪاش!
آيل جي اهڙا ڇٽين ها پر ٽي....!!
ته اڄ ڏک ههڙا ڏسين ها نه تون،
پنهنجا سنڌي ڏسي ۽ روئين ها نه تون
هيءُ تو ڇا ڪيو؟
بس هڪڙو ڇٽيئي،
پر سو پي ويو موت زوريءَ کسي،
ڪاش! جي وس پڇي،
موت کي ڏئي گُهتو
۽ گُهتي مارجي.
ڏس ته ڪيڏا نه پيارا تو ماڻهو کسي
نيڻ آلا ڪري هانو جهوري ڇڏي...!

ڪو ڏسي ڇا ڪجي؟
ڪو ڏسي....!!؟

## سچو انسان

"امين" زرداري

هڪڙو سچو انسان! ڇمڙو ناهي ۽ ڪين ڇمندو.

جنهن جي ڪنهن جي ڏک ۾ ساٿي، درد ڀريو انسان،
ڇمڙو ناهي ۽ ڪين ڇمندو.
جهانگيرڙن جو آنت هو، مسڪينن جو مانُ،
ڇمڙو ناهي ۽ ڪين ڇمندو.
فڪر ورهائي فردن ۾ تيو، جيون جو درمان،
ڇمڙو ناهي ۽ ڪين ڇمندو.
ڪين وساري سگهندو تنهن کي، اڄڪلهه جو انسان،
ڇمڙو ناهي ۽ ڪين ڇمندو.
هاءِ اسان کان وڇڙي ويڙو، ڪن پل جو مهمان،
ڇمڙو ناهي ۽ ڪين ڇمندو.
جنهن جو نرمل نانءُ آ پيارو، اي. ڪيو. ڪي. افغان،
ڇمڙو ناهي ۽ ڪين ڇمندو.

## ديوانو ماڻهو

وحيده خضر

هڪڙو پيارو پيارو ماڻهو،
ڪيڏو سو موچارو ماڻهو.
ڪونہ ڏٺو مون ڪڏهن تنهن کي،
پوءِ بہ چوان آ منهنجو ماڻهو.
علم، ادب جو درس ڏنو جنهن،
علمي دنيا وارو ماڻهو.
شاگردن کي اولاد چيو جنهن،
پدري شفقت وارو ماڻهو.
آدرش! جنهن جا املهہ آهن،
خزانو ارپڻ وارو ماڻهو.
سڀ جنهن کي پنهنجي جان چون ٿا،
افغان ڪتنب جو سو راڄو ماڻهو.
علمي دنيا جنهن جو مسڪن،
ڪيڏو سو ديوانو ماڻهو.

## پيارو سائين، سائين افغان! (نظم)

پريتم قاضي

پيار محبت ڏيندو هو،
سُکُ امن ورڇيندو هو،
ڏک سمورا ڏوڙ ڪري،
بادل بڻجي وسندو هو.
اتم آهي تنهنجو شان،
انسان جي روپ ۾ هو ڀڳوان،
پيارو سائين ـ سائين افغان.
مان ڪيئن چوان هُو ويو ڇڏي،
پويان سڏڪن جو ڏيهه ڇڏي،
اڄ هر هر تو ياد اچي،
ڪير ڪُڇي ۽ ڪير چوي.
اتم آهي ـ تنهنجو شان،
انسان جي روپ ۾ هو ڀڳوان،
پيارو سائين ـ سائين افغان.
اکين ۾ ڪاوڙ پر دل جو نرم،
حق لاءِ سدائين اونچو علم،
غريبن اپوجهن جو ساٿي هيو،
غربت سندو هو دل ۾ پرم.
اتم آهي ـ تنهنجو شان،
انسان جي روپ ۾ هو ڀڳوان،
پيارو سائين ـ سائين افغان.
سنڌ سان هن کي چاهه هيو،
سنڌ ۾ هن جو ساهه هيو،
”پريتم“ سائين ته دلبر هو،
سخي پرور ڪو شاهه هيو.
اتم آهي تنهنجو شان،
انسان جي روپ ۾ هو ڀڳوان،
پيارو سائين ـ سائين افغان.

پريتم قاضي

هڪڙو مانجهي مڙس مهان
جهڙو نہ ٻيو انسان
هاءِ! وڇڙيو سائين افغان....!
هاءِ! وڇڙيو سائين افغان....!
اڄ هو ٿيو آ ڏور اسان کان،
هو تنهنجي ۽ منهنجي جان.
هاءِ! وڇڙيو سائين افغان....!
هاءِ! وڇڙيو سائين افغان....!
هُن هو پتوڙيو قوم جي خاطر،
قوم جو ٿيو وڏو نقصان.
هاءِ! وڇڙيو سائين افغان....!
هاءِ! وڇڙيو سائين افغان....!
شينهن شير هيو هو هڪڙو،
هن سان هو سنڌڙيءَ جو مانُ.
هاءِ! وڇڙيو سائين افغان....!
هاءِ! وڇڙيو سائين افغان....!
موڪلايو هُن پلاري مهيني ۾،
جنهن ۾ نازل ٿيو قرآن.
هاءِ! وڇڙيو سائين افغان....!
هاءِ! وڇڙيو سائين افغان....!
روئي روئي ٿي ساري سنڌڙي،
”پريتم“ هُو هو فرشتو ۽ انسان.
هاءِ! وڇڙيو سائين افغان....!
هاءِ! وڇڙيو سائين افغان....!

# SINDH JEE JAN:

## DR. A. Q. K. AFGHAN

(Life & Works)

Compiled by

Khizir Hayat A. Qazi

Sikandar Art Gallery

NAWABSHAH

2013

(Published on 22nd Anniversory of Dr. A. Q. K. Afghan)

# SINDH JEE JAN: DR. A. Q. K. AFGHAN

**(Life & Works)**

Compiled by: Khizir Hayat A. Qazi
1st Edition: April, 2013
Composed by: Rano Khan Meghwar,
Souraj Printers, Hyderabad, Sindh
Price: Rs. 175/-

Can be had
Sikander Art Gallery,
13-A, Nawabshah Co-operative Housing Society Ltd.
Nawabshah, Sindh
Cell: 03003225288

# CONTENTS


Letters & Messages: Engr. M.A. Larik 5
Dr. S.M. Qureshi 7
M. H. Panhwar 8
Dr. A.A Junejo 9
Sayed Muzafar Ali Shah 10
Arbab Muhammad Arif 11
Prof. Dr. Sadaruddin Shaikh 12
Prof. Dr. Azam Hussain Yousfani 13
Dr. Sameena Afghan 14
Engr. Qamaruddin Qazi 15
Engr. Muhammad Ali Memon 16
Mazharul Haq Siddiqui 17
Prof. Dr. Asadullah Kazi 18
Dr. A. A. Junejo 20
Prof. Dr. Saddaruddin Saikh 22
Khalid Mehmood Soomro 23
Engr. Sayed Muzafar Ali Shah24
Dr. Allah Wadhayo Baloch 26
Tajal Bewas 27
Engr. Moula Bux Qureshi 28
Shamsuddin Abro 29

Genealogy of Dr. A. K. Q. Afghan 31

Biodata of Dr. A. K. Q Afghan Khizir Hayat A. Qazi 32

Historical En-block Resignation of Teachers of Sindh University – Engineering College, Jamshoro 34

A Letter to Members of Assembly regarding vote for
Technocrate in Senate Dr. A. K. Q. Afghan 35

Dr. Afghan: Pioneer of Engineers in Sidh
Dr. Safiullah Afghan 36

In the Honour of Dr. A.Q.K. Afghan
Dr. Kamar K. Afghan 40

In Loving Memory of my brother: Dr. A.Q.K. Afghan
Badar K. Afghan 43

He was too young to die like Keats
Dr. Prof. K.M. Larik 46

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

**REGISTERED**

From: Dr. S.M. Qureshi,
Secretary,
Tel:814821

Tel : "CASDIV"

NO.F.1-1/90-Secy.
GOVERNMENT OF PAKISTAN
YOUTH AFFAIRS DIVISION
ISLAMABAD

June 9, 1991

My dear Khizir,

It is very difficult to write about Dr. Sahib. I can't compose myself for the sentiments and emotions attached. I can, however, be present on any seminar and say a few words there.

With lots of affections.

Yours sincerely,

(Dr. S. M. Qureshi)

Mr. K. H. A. Qazi,
Sikandar Art Gallery,
13/A Society,
Nawabshah.

**MUHAMMAD HUSSAIN PANHWAR (Sitara-e-Imtiaz)**
*B.E. (Mech & Elec); M. Sc. (Agr. Eng - U. S. A.)*

EX. SUPERTENDING ENGINEER. AGR. ENG. T. JAM.
EX. HON. ENGINEERING ADVISOR SIND UNIVERSITY.
EX. HON. VISITING PRF. MEHRAN UNIVERSITY.
PRESIDENT RESEARCH & DEVELOPMENT ENGINEERS, KARACHI.
MEMB. ROYAL GEOG SOC. - U. K.
MEMB. INST. AGRI. ENG. SILSOE-U. K.
MEMB. INTL SOC. HORT. SC.
MEMB. AMR. SOC. AGR. ENG
MEMB. AMR. SOC. HORT. SC.
MEMB. AMR. SOC. VIT & ONONOLOGY
MEMB. AMR. POMOLOGICAL SO.
MEMB. JOJOBA GROWERS ASS.
MEMB. FLO. HORT. SOC.

54-D, Block-9, Clifton, Karachi-75600, Pakistan.
Tele: (9221) - 5830816, 5830826
Fax No. (9221) - 5830826, 572231

137-B-Unit, No.3, Latifabad,
Hyderabad Sindh, Pakistan.
Tel: (92221) - 867107

157-C. Unit No. 2, Latifabad, Hyderabad-Sindh, Pakistan
Tele: Res: (92221) - 862570, 860410. Fax: 860410

DATED 6th Sep., 2002.

Mr. Khizir Hayat Qazi
Sikandar Art & Educational Society,
13/A Nawabshah Co-op. Housing Society Ltd.
Nawabshah (sindh).

My Dear Qazi sahib,

Thanks for your letter of 9th April 2001 inviting me to be Chief Guest on 10th Anniversary of Mr. A. Q. K. Afghan. I could not attend as I had already communicated to you. I have written a book, An Illustrated Historical Atlas of Soomra Dynasty, with some illustration of glazed tiles, pottery and decoration stuff. I have deliberately written on various glazes in use, colours, temperatures of furnace, use of slip before glazing etc and this information can be used by any one in glazing business.

The book would come out in October. It has 72 maps, more than 600 illustrations, 33 chapters and 260 pages on A-4 size sheet.

It may be useful to you. All illustration are in black and white as is the standard practice for archaeological objects.

I thank you again for your invitation.

With thanks and regards,

Very Sincerely Yours,

M.H. PANHWAR

**QUAID-E-AWAM UNIVERSITY OF ENGINEERING, SCIENCE & TECHNOLOGY**
**NAWABSHAH – 67480 SINDH PAKISTAN**
**Telephone Office (0241) 62405-61068 Fax: (0241) 60523**
**E-Mail: anwarjunejo@hotmail.com**

**VICE - CHANCELLOR**

**Dated 28th March 2001.**

# MESSSAGE

It is matter of pleasure and privilege for me to have been asked to prepare a message on the 10th anniversary of the best engineering educationists Sindh has produced, Dr Abdul Qadeer Kadirdad Afghan.

Dr Afghan worked ceaselessly for more than ten years to establish Sindh University Engineering College, the Principal engineering institution to serve the people of interior of sindh and while doing so, he had to undergo many hardships and daunting obstacles. Yet, his contributions towards the engineering education in sindh are tremendous and unforgetable. Thanks to his efforts, the Sindh University Engineering College has now evolved into two full-fledged Engineering & Technology Universities. These Universities include well-qualified staff and are serving the people of sindh amicably.

A very valuable habit of Dr. Afghan was his helpfulness towards his former students and colleagues. He helped many people in getting jobs, scholarships and awards, when he was working at Islamabad or even when not working at all.

I would like to pay my heartfelt tributes to Dr A. Q. K. Afghan for his contribution and hard work for the sake of engineering education in Sindh.

**(Dr. A. A Junejo)**

# SAYED MUZAFAR ALI SHAH

**April 2001**

Let me begin in the name of Almighty Allah the most magnificent and the most merciful dispenser of Grace.

The Sikandar Art and Educational Society Nawabshah and Qazi Khizir Hayat deserve our praise and appreciation for organizing seminar year after year for last ten years on the life and works of Dr. Abdul Qadeer K. Afghan and publishing a souvenir to document the proceedings of the last seminars and the cherished memories of Dr. Afghan.

Writing and expressing any thing on Dr. Afghan is like showing lamp to the Sun. Dr. Afghan was not an individual - he was an institution by itself- a Teacher, a Researcher and a Reformer, above all a human par excellence.

Dr.Afghan shall continue to live in our hearts and minds. He ruled over the hearts of his pride of being the head of this extended family.

He considered his girl and boy students as his own sons and daughters and enjoyed the pride of being the head of this extended family.

Please join me in prayer to almighty Allah to grant his pious soul a place in the eternal peace of the heavens and his family sabar-e-jameel to bear this irreparable loss with courage and fortitude.

**Sayed Muzafar Ali Shah**
**Former VC Mehran University**
**and a fan of Dr. Afghan.**

# MESSSAGE

It gives me great pleasure to write down a few lines on the occasion of the 10th anniversary of Dr. Abdul Qadeer Kadirdad Afghan. His selfless services in the field of education are indeed a beacon of light for the province of sindh as well as our beloved country.

We should not forget our benefactors. Dr. Abdul Qadeer is one such personality. To commemorate and eulogize his services is a befitting tribute to that great man.

Mr. Khizir Hayat Qazi Founder of the Sikandar Art and Education Society deserves all my appreciation for this.

Arbab Muhammad Arif
Deputy Commissioner
NAWABSHAH.

**QUAID-E-AWAM UNIVERSITY OF ENGINEERING, SCIENCE & TECHNOLOGY,**
**NAWABSHAH – 67480 SINDH PAKISTAN**
**Telephone Office (0241) 64205 Fax: (0241) 60523**

**DEAN**
**FACULTY OF ENGINEERING**

*Date:* 6th April, 2001

# MESSSAGE

It is a great pleasure for me to write few words of comments as requested by the organizers of 10th anniversary / seminar of the legend Prof Dr. Engr Abdul Qadeer Khan Afghan.

Dr. Afghan, as popularly known to all of us had been a source of inspiration and an icon of a brave and dedicated person. He was a teacher, a Civil engineer and a nationalist. He stood firm for all the right deeds and nobility.

He believed in humanity and love.

Dr. Afghan is no more among us. But he lives among us and shall live for ever for the cause of devotion and commitment with the people and the land, where he lived and has been laid to rest, the mother SINDH.

May almighty Allah bless his soul, Aamin!

(Prof. Dr. Sadaruddin Shaikh)

# MESSSAGE

It gives me great pleasure to be guest of Honour on the occasion of 10th Anniversary of Dr. A. Q. K. Afghan.

Dr. A. Q. K. Afghan was 2nd Principal Sindh University Engineering College in 1965-1974.

Dr. A. Q. K. Afghan served in various departments of Pakistan as well as abroad. Dr. Sahib remain at London 1958 to 1962, and Engineering Advisor of Iraq Government 1962 to 1965. On return from Iraq, Dr. Sahib joined Sindh University Engineering College Jamshoro as Professor & Secretary in Science & technology and then Secretary. Afterwards he became senior member in service tribunal.

His mission in life was to serve humanity, through education and to serve country and to change the destiny of country, social justice. He spent simple life and did not made any fortune for himself.

I pray for his soul and know he will never be forgot.

**(PROF. AZAM HUSSAIN YOUSIFANI)**
F.R.S(M)F.A.C.S, F.I.C.S,D.L.O,M.C.P.S.
**PRINCIPAL**
PEOPLES MEDICAL COLLEGE FOR GIRLS
NAWABSHAH

**Government of Pakistan**
**Ministry of Polulation Welfare**
**Directorate of Clinical Training**
**14-P, Markaz-F-8, Islamabad**
**Tel/Fax. 9260211**
*******

Islamabad, the 7th April, 2001

In respect of
Khizir Hayat A. Qazi
Sikandar Art & Education Society
Nawabshah

**10TH ANNIVERSARY OF DR. A. Q. K. AFGHAN**
**(9TH APRIL, 2001)**

Respected Sir,

